
# محبت جي راهه تي



ع.ق. شيخ

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

# محبت جي راهہ تي

مصنف

ع. ق. شيخ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو - سنڌ
١٩٩٨ع

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا ليکڪ جي وارثن وٽ محفوظ آهن

پاران : ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

تعداد : هڪ هزار

سال : آگسٽ ١٩٩٨ع

ڇاپو: پهريون

قيمت: اَسي روپيا

**ملڻ جو هنڌ:**

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد ، سنڌ.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءُ ڪتاب سيد سڪندر علي شاهه، مئنيجر سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ڇپيو ۽ مسٽر غلام رباني آگري، اعزازي سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، شايع ڪيو.

# ناشر جو نوٽ

ع. ق. شيخ، عام طرح، آرٽسٽ جي حوالي سان مشهور آهي. سندس ناهيل کي شاهڪار تصويرون سنڌي ادبي بورڊ جي "مهراڻ" رسالي ۾ ڇپيل آهن ۽ انهيءَ ڳالهه جي نشاني آهن، ته پاڻ ڪيڏو نه وڏو مصور هو.

پر، سنڌي ادب ۾ به سندس دلچسپي، مصوريءَ کان گهٽ ڪانه هئي. پاڻ سٺو نثر نويس هو. خاص ڪري فِڪشن سٺو لکندو هو. ورهاڱي وقت سنڌ ۾ جيڪي چار ڇگا فڪشن لکندڙ پيدا ٿيا، هو انهن مان هو. سندس به ٽي ڪتاب "ڪهه ۽ ڪٽوري"، "تاريخ اسلام"، ۽ "داستان اندلس" مشهور آهن.

ع. ق. شيخُ، پليءَ پٽ ڄاڻندو هو. تہ سنڌ ۽ڏيرن جو ملڪ آهي. جن جا شوَنقَ ۽ شُغُلَ، رڇَ تي ڪتن جي ٻَجَ، ۽ ڪُڪَڙَنِ جي ويڙهه آهن. يا وري ڪچريءَ جو ڳانو. اهڙي معاشري ۾ ڪنهن به ننڍي يا وڏي مصوّر جو جيڪو قدر ٿيندو، سو، هرڪو سمجهي سگهي ٿو. تنهنڪري ع. ق. شيخ، ڏگهي نظر ڪري، پنهنجي پيٽ گذر لاءِ، سرڪاري نوڪريءَ جو سهارو ورتو. عمر جو چڱو عرصو ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد سان وابستہ رهيو.

ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فارمين، سنڌ جي قديم تعليمي درسگاهہ آهي. انگريزن جي قائم ڪيل آهي. سنڌ ۾ ٿورڙين تاريخي درسگاهن جو مرتبو ان جيڏو آهي. سنڌ جا وڏا وڏا عالمَ ان جا پرنسيپال ٿي رهيا آهن. ڪنهن زماني ۾، سائين محمد ابراهيم جويو صاحب ۽ مولانا گرامي صاحب بہ ٽريننگ ڪاليج فارمين سان، بطور استاد، وابستہ هوندا هئا. ع. ق. شيخُ، سنڌ جي روشن خيال اديبن جي حلقي سان سائين محمد ابراهيم جويي جي معرفت ئي متعارف ٿيو.

ٽريننگ ڪاليج ۾ ملازمت واري زماني ۾ ڪيس وڌيڪ سکيا لاءِ سرڪاري طرح ولايت وڃڻ جو موقعو مليو. غريب ماڻهوءَ لاءِ ولايت جو چڪَرُ ڄڻ تہ خواب آهي! سو، شيخ صاحب جڏهن ولايت مان ٽريننگ پوري ڪري موٽي آيو، تڏهن ڪو زمانو تہ پنهنجن يارن دوستن کي اتان جا احوال، مزا وني، ٻڌائيندو هو. هڪ

دفعي، مون کي خاص دعوت ڏني، گهر سڏيائين، ۽ ولايت واريءَ رهائش جي زماني جي ڊائري پڙهي ٻڌايائين، جا چڱو موچارو ڪتاب هئي. هن ڪتاب ۾، "هڪ رات" عنوان هيٺ لکيل احوال، شيخ صاحب جي انهيءَ ئي ولايت جي دوري جو هڪ داستان آهي.

ع. ق. شيخ طبيعت جو مانيٺو، ۽ يار ويس ماڻهو هو. سنڌي محاوري موجب، سفيد پوش ۽ نِجُ اشراف ماڻهو هو، جنهن جي نيڪي هرڪو ڪندو، نندا ڪير ڪونه ڪندو. هن هڪ باشعور انسان وانگر، پنهنجي اولاد جي تعليم ۽ تربيت ڏانهن توجهه ڏنو. هي ڪتاب سندس نياڻيءَ محترمه نجمه شيخ جي ڪوشش سان ئي شايع ٿي رهيو آهي، ۽ ان ڳالهه جي ثابتي آهي، ته جيڪي والدين، پنهنجي اولاد جي صحيح تعليم ۽ تربيت ڪن ٿا، تن جو اولاد وڏو ٿي، نه فقط پنهنجن پيرن تي بيهي ٿو. پر، پنهنجن نيڪ عملن جي ڪري، والدين لاءِ عزت ۽ آبروءَ جو باعث ٿئي ٿو.

ع. ق. شيخ جي هن ڪتاب ۾ دلچسپ خاڪا، ڪهاڻيون، يادگيريون، تاثرات -- سڀ ڪجهه موجود آهي. ٻه سو پندرهن صفحن جو هي ڪتابُ، ايڏو ته سهڻو لکيل آهي، جو ائين ڪٿي چئجي، ته انگريزي محاوري موجب This book is worth its weight in gold: هي ڪتاب سچ پچ سون ۾ تورڻ لائق آهي.

ع. ق. شيخ پورهيت ڪلاس ۾ پيدا ٿيو هو. اهڙا ٻارَ ٻينگهي مان پٽ تي لهي پنڌ ڪرڻ سکندا آهن، ته هلڪو سلڪو ڪم ڪرڻ لڳندا آهن. غريب جو ٿيا. سو، ع. ق. شيخ به سڄي عمر، هڪ پورهيت وانگر گذاري. پر، سندس اندر ۾ جيڪو آرٽسٽ ۽ اديب هو، اهو سڄي عمر خواب ڏسندو رهيو. هونئن ته هر انسانُ اڌ عمر ننڊ ۾ ۽ اڌ جاڳ ۾ گذاريندو آهي. پر، آرٽسٽ ۽ اديبَ، نه سڄي عمر، پنهنجا پنهنجا خواب اکڙين ۾ ڪٽي، گذاريندا آهن. نه رڳو ايترو، پر، هو ڏکن جا ڏينهن ۽ سورن جون راتيون، انهن ئي خوابن جي سهاري گذاريندا آهن. پائيندا آهن

تہ ڪڏهن تہ سندن خواب سچا ٿيندا. ڪڏهن تہ آسمان ۾ پورا پورا ڪَڪَرَ وسڻ جا ويسَ ڪري ايندا.

هن ڪتاب کي بين السطور (IN BETWEEN THE LINES) پڙهبو، تہ منجهس ورق، ورق تي، ع. ق. شيخ جا خواب، انگورن جي ولين ۾ رَسُ ڀَريَلَ، ساون ۽ ناسي رنگ جي ڇڳن وانگر ڀري کان نظر ايندا. شيخ صاحب وڏو آرٽسٽ هو. ڪيس خبر هئي تہ جڏهن انگورن جا ڇڳا رسبا آهن، ۽ پڇندا آهن، تہ انهن جا رنگ ڪڏهن ۽ ڪيئن مٽبا آهن. سو، هن پنهنجي قلم کان ڪمال ڪاميابيءَ سان آرٽسٽ جي برش وارو ڪم ورتو آهي.

ع. ق. شيخ جا سڀ خواب سچا ٿيا، يا ڪوبہ ڪونہ ٿيو، سو ڪيس ئي معلوم هوندو. شيڪسپيئر دنيا جي بي ثباتيءَ جو ذڪر ڪندي چيو هو تہ، "اسان فاني انسانن جي زندگي ڪنهن اهڙي خمير مان جڙيل آهي، جيڪو خواب وانگر آهي."

تاهم، ع. ق. شيخ جي ذِهنَ، هن ڪتاب ۾ جن ڪردارن جا نقش چٽيا آهن، سي، خيالي ڪونہ آهن. نہ وري اسان جي آسپاس گهمندڙ ڦرندڙ انسانن کان مختلف آهن، بلڪ هوبهو انهن جا عڪس آهن. فرشتو، ڦلتو صاحب، ۽ گلو بادشاهہ، انهن جا جيئرا جاڳندا مثال آهن.

ع. ق. شيخ جي لکڻيءَ ۾ هڪ قسم جي فطري سادگي ۽ رواني آهي. سو، سندس هر تحرير، پڙهندڙ جي ذهن تي نقش وانگر چٽجي وڃي ٿي. ان لحاظ کان ڏسبو، تہ هي ڪتابُ، سنڌي ادب ۾ بلاشبہ هڪ قابل قدر اضافو تسليم ٿيندو.

سنڌي ادبي بورڊ،
حيدرآباد.
٢٠-٨-١٩٩٨ع

-غلام رباني آگرو

# ع. ق. شيخ جي باري ۾ تاثرات

ع. ق. شيخ صاحب جن ٺٽ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ گدڙي ۾ ٨ مارچ ١٩١٤ع ۾ ڄاوا. سندن والد، عبدالقادر شيخ صاحب جن، متقي، پرهيزگار، استاد، عالم، فاضل ۽ حڪيم هئا. اُنهن جي صحبتن جي نظر فيض اثر هيٺ پاڻ ديني ۽ دنياوي تعليم حاصل ڪيائون. ڪجهہ مدت ٽنڊي سومري ۾ ۽ پوءِ ٽنڊي الهيار ۾ بہ سندن تعليم ۽ تربيت ٿي. ننڍي هوندي کان وٺي سندن لاڙو فن ۽ ادب سان گهڻو هو. پهريائين پهريائين ڪيئي ڪتاب پنهنجي والد صاحب جن جا پڙهيائون، ۽ پوءِ سنڌيءَ توڙي انگريزيءَ ۾ اڻنيون سٽيون ليڪون ڪڍڻ ۽ رنگن سان چِٽ چِٽڻ، سندن ننڍپڻ جو ذوق هو. شيخ صاحب جي هِن ذوقَ سندن زندگيءَ ۾ هٿي وچي هنڌ ڪيو. ۽ ڪين مصوريءَ جي دنيا ۾ هڪ اعليٰ مقام مليو.

آرٽ کي سکڻ ۽ آرٽ کي پرکڻ هرڪو نٿوڪري سگهي. هِن ميدان ۾، فنڪار تڏهن اعليٰ مقام حاصل ڪري سگهي ٿو، جڏهن ليڪن مان اوري ڪوري پنهنجي اندر جي اُڌمن، احساسن ۽ جذبن کي، مختلف رنگن جي چِٽن سان، تخليق جي صورت ۾، دنيا آڏو پيش ٿو ڪري، ۽ پوءِ ئي هو وچي پاڻ کي صحيح معنيٰ وارو ۽ صحيح مقام وارو فنڪار سڏائڻ جهڙو ٿئي ٿو.

ع. ق. شيخ صاحب جن فن جي دنيا ۾ اهڙي ئي درجي ۽ اوچائيءَ تي رسيل ۽ سرفراز ٿيل هئا.

ع. ق. شيخ اديب آهي ۽ مصور بہ. هو افسانن جو خالق آهي. سندس سنڌي افسانن ۾ حقيقت نگاريءَ کان ڪم ورتل آهي.

ع. ق. شيخ جن کي ساڳئي وقت ڊزائين ۾ مهارت حاصل هئي. سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۽ ٻين ڪيترن ادارن جي ڪتابن ۾، ۽ خاص طرح مهراڻ رسالي ۾ پيش ٿيل ڊزائينون، ع.ق.شيخ جي فني ڪاريگريءَ جو ثبوت آهن.

هن "کهہ ڪٿوري"، "نازو"، "تاريخ اسلام"، "داستان اندلس" جهڙا

نایاب ڪتاب پڻ لکيا. زيرنظر سندن ڪتاب "محبت جي راھ تي" سندن مختصر افسانن جو مجموعو آھي.

ع. ق. شيخ ڪي بحيثيت استاد جي ھڪ آئيڊيل استاد جي روپ ۾ بہ ڏسي سگھجي ٿو. پاڻ فن جي تعليم ۾ وڏي مھارت رکندا ھئا. فن متعلق شاگردن کي سمجھائي انگريزيءَ ۾ توڙي فارسيءَ ۽ سنڌيءَ ۾، واضح طور ڏيئي سگھندا ھئا. ۽ اِن دائري ۾ وڏيءَ شخصيت جا مالڪ استاد بہ سندن برابري نہ ڪري سگھندا ھئا.

جيڪڏھن ڪنھن شاگرد کي شوق نہ ھوندو ھو، تہ پاڻ انھيءَ کي شفقت، پيار ۽ محبت سان ڪم ڪرڻ تي ھمٿائيندا ھئا. ڪين پڙھڻ جون نصيحتون ڪندا ھئا، صلاحون ڏيندا ھئا، ۽ اڳتي وک وڌائڻ جي تلقين ڪندا ھئا.

ع.ق. شيخ جي اعليٰ شخصيت ۽ بلند ڪردار تي جيترو لکجي اوترو گھٽ آھي. ھو يارن جو يار، ٻارن جو ٻار، جوانن سان جوان ۽ پوڙھن دوستن جا پڳ مٽ يار ھئا.

بحيثيت پيءُ پاڻ محبت جا پندار ھئا. سندن پگھار گھٽ ھو، پاڻ اُن گھٽ پگھار مان اولاد کي پاليائون، پائتين، پاٿيجن ۽ پنھنجن مٽن مائٽن ۽ پنھنجين نياڻين کي خوب پڙھايائون ۽ اعليٰ مقام تي پھچايائون. انھن مان ڪي پروفيسر، ڪي ڊاڪٽرياڻيون، ڪي ماستر تہ ڪي ماسترياڻيون ٿيون. ۽ انھن کي پڙھائيندي، نصيحتن جا گفتا ٻڌائيندا ھئا، جي دل ناريندڙ ھئا. پاڻ اڪثر پنھنجين نياڻين کان صلاحون وٺندا ھئا. ۽ ائين سيني نياڻين ۽ پٽن کي پيرن تي بيھڻ سيکاريائون ۽ انھن منجھ خوداعتمادي پيدا ڪيائون. پاڻ وسيع نظر رکندا ھئا. پاڻ ھميشہ سچ ڳالھائڻ، محنت ڪرڻ ۽ پڙھڻ جي تلقين ڪندا ھئا، ۽ ھمشيہ چوندا ھئا تہ "پڙھو ۽ لکو، نہ تہ توھين ھڪ ڪني پاڻي جي ڍُبي وانگر ٿي ويندا". پاڻ تمام حساس، نازڪ طبع، نفاست پسند، ۽ وڏي جگر ۽ دل وارا ھوندا ھئا.

گھر ۾ ڪي بہ مھمان ايندا ھئا تہ ڪڏھن منھن ڪونہ گھنجائيندا ھئا. افسوس آھي، جو سندس نایاب ڪتابن جي وري اشاعت نہ ٿي آھي، جھڙوڪ "تاريخ اسلام"، "داستان اندلس"، "نازو" ۽ "کھ ڪتوري" وغيره صد افسوس تہ سندن دوستن تہ اِن ڏِس ۾ ڪجھ نہ ڪيو، پر سندن شاگردن بہ ڪين وساري ڇڏيو.

۱۹- آگسٽ، ۱۹۹۸ع

- نسيم شيخ

# سـنـاءُ


| | |
|---|---|
| ١- حيدرآباد - ڊسمبر ١٩٤٧ع | ١ |
| ٢- نازو | ۴ |
| ٣- هڪ شام - هڪ رات | ٨ |
| ۴- ريل ۾ زندگي | ١٦ |
| ٥- مهمانن جا بهانا | ٢٠ |
| ٦- پريشان انسان | ٢٥ |
| ٧- لکيل جواب | ٣١ |
| ٨- ڳجهارت | ۴٢ |
| ٩- سوال | ٥٠ |
| ١٠- محبت جي راهه تي | ٥۴ |
| ١١- آسرو | ٧١ |
| ١٢- ڦلتو صاحب | ٧٦ |
| ١٣- فرشتو | ٨١ |
| ١۴- حسرتن جو ڦيرو | ٨٩ |
| ١٥- هڪ رات | ٩٧ |
| ١٦- موکي ۽ متارا | ١٠٢ |
| ١٧- گلو بادشاهه | ١٢٣ |
| ١٨- برپٽ ۾ بهشت | ١٢٩ |
| ١٩- ايڏو عظيم! | ١٣٣ |

| | |
|---|---|
| ٢٠- ابابيل | ١٣٦ |
| ٢١- ڦلتو صاحب جي واپسي | ١٤٠ |
| ٢٢- وڏو صاحب | ١٤٥ |
| ٢٣- عورت | ١٤٩ |
| ٢٤- طوفانِ محبت | ١٥٨ |
| ٢٥- گهر يا بنگلو؟ | ١٦٠ |
| ٢٦- انجام شڪني | ١٦٤ |
| ٢٧- بهار | ١٧٦ |
| ٢٨- چورايل خط | ١٧٨ |
| ٢٩- اسين ٻيئي | ١٨١ |
| ٣٠- رڪشا وارو | ١٩٥ |
| ٣١- اها رات | ١٩٦ |
| ٣٢- تون وساري ڇڏ | ١٩٨ |
| ٣٣- لاش | ٢٠٠ |
| ٣٤- قرباني پيتا | ٢٠٩ |


●

# حيدرآباد - ڊسمبر ١٩٤٧ع

"حيدرآباد، حيدرآباد ڪٿي آهي، يار؟ مارواڙ آهي مارواڙ!"

شاهي بازار ونيو پئي ويس تہ مٿيون پڙلاءُ منهنجي ڪنن تي پيو. پڙاڏي وانگر اهو آواز دل ۽ دماغ تي اوٽ موٽ ڪرڻ لڳو. نامعلوم خوف لامارا ڏيڻ لڳو، جهڙو ڪجهہ ٿيڻ وارو هجي. بي آرامي وڌندي رهي. خيال پکڙبا ويا، ارادا ۽ جذبا هستيءَ جا، جوانيءَ جا، معصوم محبت جي جنت جا، تصور جي دنيا مان ڦيرا پائيندي حقيقت جو روپ وٺڻ لڳا، پاٺي ئي پاٺي چپ چُريا ۽ ازخود زبان مان اکر نڪتا: "حيدرآباد، حيدرآباد ڪٿي آهي يار!"

اڳيان هڪ ڪاري شيرواني ۽ جناح ٽوپيءَ سان ماڻهو وڃي رهيو هو. سامهون برقعن سان، منهن ڪليل عورتن جو ٽولو اچي رهيو هو، پاسي کان "هلو سائين هلو!" جي ٻي ٻوليءَ ۽ پرائيءَ رڙ واڪو ڪيو، چار ٽڪل پناهگير ڪپٽ ڪٽي وڃي رهيا هئا.

"هلو سائين هلو" سنڌي ٻوليءَ جا اکر آهن، پنهنجي ٻوليءَ جا اکر ٻڌي، ڪير رنج ٿيندو؟ پر منهنجي سيني تي اهي اکر ائين ڪريا، جيئن زمين تي آسمان ڏانهن اڇلايل پٿر واپس ڪرندو آهي. پاسن کان ماڻهو وڃي رهيا هئا، ڪلها ڪلهي سان هڻندا. هيءُ اجميري آهي، هو ڪانياواڙي آهي، هي گجراتي آهي ۽ هو جوڌپوري --ٽڪل، بيمار، ضعيف، ڏٻرا، بي رونق، گدلا ۽ بي روح، سڀيئي جهڙا سڪل ڪرڙ جا لنا ڙيل ڍنگر. شاهي بازار، رستو ساڳيو ئي هو، گنڀير، بردبار، رازدان، پرخاموش.

ها، تہ هينئر وري هڪ پلنگ وڃي رهيو هو. پلنگ نہ هو، جهڙو ڪنهن جو تابوت، جنهن سان هزارين ارمان ۽ ڪروڙين حسرتون بہ گڏ واويلا ڪري رهيون هيون، سي بہ لڪل ۽ اڪيليون، بي سرو سامانيون، مجبوريون ۽ مايوسيون- اُهو وياڪل منظر پيش ڪري رهيون هيون، جهڙي طرح سرءُ ۾ گلشن جي آبادي، جوانيءَ جو خمار، اوجاڳي جون راتيون، آسمان جي هيرن جَڙيل چادر هيٺان الفت جون آکاڻيون، شوق جون شرنائيون، ارواحن جون شادمانيون، عيش عشرت جو

تخت، ڪنھن پري چهري جو بخت، ائين تڙجي رهيو هو. جيئن ڪنھن شاهوڪار جي درنان ڪتو يا بڪايل فقير.

اهي عورتون، وائڙن وانگر وڏنديون آيون، سندن برقعا اهڙا هئا جهڙيون چاڪين جون چوڙيل چادرون، لهساتيل، ڦڪا ڦڪا منهن، پراڻي ڦاٽل رليءَ جهڙا وات. ڪَتي ۽ چُوني جا ساڙيل چپ، ڪتيل ۽ ڪاراتيل ڏند. لڙڪيل سينا، هڏن جا پڃرا، جهڙا ڪنهن قبرستان جا اوڳاريل مردا ڪفن مٿي تي ڪٿي نڪتا هجن. پاسي کان هڪڙو اهڙو ماڻهو نڪتو، جو چئي نٿو سگهجي تہ ڪٿي جو هو. مارواڙي پٽڪو. پنجابڪي گوڏ، صاحبلوڪي واسڪوٽ ۽ هڪڙي ڪن ۾ والي‍ءَ جهڙو ايرنگ لٽڪي رهيو هوس. ويجهو بلڪل آواز آيو، "مڃلي ڪاشامي ڪباب، پيسہ پيسہ" جان ڪٽي ڏسان تہ هڪ پيرسن اوڪڙو ٿيو، ڪنڌ گوڏن ۾ هنيو، هوڪو بہ پيو ڏئي ۽ اڳيان تڙ جهڙين ٻانهن سان رکيل ٿالهہ تان مکيون بہ پيو هڪلي. هن مٿي نهاريوئي ڪونہ ٿي، سندس ميري پٽلون ۽ گري ٽوپي‍ءَ تي مکين آرام پئي ورتو. ٿالهہ ۾ مرچن کان ڳاڙهي ٿيل تيل ۾ ڪبابَ. گتر ۾ گڏ ٿيل گند وانگر نظر اچي رهيا هئا.

مٿان بورڊ پئي لٽڪيو، جنهن تي 'بسم الله هوٽل' لکيل هو، سامهون پيو بورڊ هو، جنهن تي وري "سبحان الله هوٽل" جا اکر لکيل هئا. سمجهيم تہ اُهي ڪي نئين نموني جون اسلامي هوٽلون کليون آهن، جن ۾ 'لاالله الا الله' جو ذڪر اذڪار ٿيندو هوندو، چنانچ ڪٽي ڏسان تہ هٽ تہ ڪوپ. ساسر جي ڪڙڪڙ ۽ سگريٽ جي دونهين جون لاٽون لامارا ڏيئي رهيون هيون... باقي خير صلاح.

پاسي کان، 'پاڪستاني اسٽور' وٽ / بهراڙيءَ جا ڪارن ڪپڙن سان ماڻهو، باڦتي جو ڪپڙو ڏسي رهيا هئا. منهنجو روح بہ نہ رهيو، اڳتي وڌي مون بہ ڪپڙي کي هٿ لاتو ۽ اگهہ پڇيو. چي، "صرف تين روپيہ گز" ناڪئي کي اٿلائي ڪٽي ڏسان تہ احمد آباد جي ڪارخاني جو نمبو نظر آيو ۽ مال هلندڙ مهيني جوئي نڪتل هو، وري عجب تہ اهو، جو ان جي ريزڪي وڪري جواگهہ ڏهہ آنا وال هو.

بينلس مان هڪڙي جٽي چيو، "شڪر آهي ڪپڙو ملي تہ ٿو، سهانگو يا مهانگو، نہ تہ ڪنٽرول جي زماني ۾ تہ ڪپڙو ڪيڏانهن گم ٿي ويو هو." وري ٻئي ڦتل ڦتل اردوءَ ۾ چيو، "دو روپيہ ونيںگا؟" اهي اکر ٻڌندي دڪاندار جي چهري جو رنگ بدلجي ويو، ڳوناٽن کي هيٺ مٿي نهاري، چرئي وانگر رڙ ڪري چوڻ لڳو: "جائو جائو، بڙي آئي ليني والي، دو روپئي مين تو ٽاٽ کي بوري بهي نهين

ملتي، ...جا، جا! تمهاري باپ دادا ني بهي ڪپڙا پهنا تها." هن جو آواز هن جي چهري وانگر ڦري ذري گهٽ جانور جهڙو ٿي پيو.

هو ويچارا هڪا ٻڪا ٿي، دڪان ڇڏي، پاڻ ۾ گڏجي ٻاهر ٿي بيٺا، جهڙيءَ طرح ڪارا ٽندڻ نندين ٻارن جي ستائڻ تي چرڙ هٽي دت ڪندا آهن.

ڪي لانگهائو وري پاڻ ۾ چوندا ويا: "وه ديکو ڪالي شلوار والي سنڌي هين!" ٻئي چيو، "سب سنڌي ڪالي شلوار پهنتي هين." نه ڄاڻان ڇو، منهنجو دماغ پينگهہ وانگر لوڏا کائڻ لڳو. اکين اڳيان ٻنهہ ڪاري ڪاري اوندهہ اچي ويئي. اها اوندهہ، اها ڪاراڻ، وڌندي، وڌي ٿيندي رهي. بازار جي رونق، نظارو، هل ٻکيڙو الائجي ڪيڏانهن ڪا گهڙي گم ٿي ويا. ايسين تائين، جو منهنجي ڪنن هڪ منو منو آواز ٻڌو. چوڌاري ساڳي دنيا جاڳي اٿي، ساڳيا رستا، ساڳيون محلاتن جهڙيون جايون هيون، پر اهي ماڻهو جن سان اها رونق هوندي هئي، سي ڪيڏانهن ويا؟ منهنجي پرسان ڪي ڪارن برقعن سان ۽ ڪي منهن اگهاڙيون عورتون ڪلنديون، ٺهڪ ڏينديون، ٻڙڪو ڏيئي هليون ويون ۽ اهي ڪارن ڪپڙن وارا سنڌي، هيڏانهن هوڏانهن ڏٺم، پر نظر نه آيا.

*

# نازو - (۱۹۴۸ع)

نيرو ۽ نفيس ريشمي ڪپڙو، تنهن تي وري اڇا اڇا ٽبڪا، جهڙو آسمان ۽ ان ۾ ٽمڪندڙ ستارا. اڄ هوءَ اها گهاگهري پائي، ائين پئي گهمي، جهڙو رنگ برنگي پوپٽ. معصوم، ڀولي ڀالي، پورا پورا وار. سندس عمر ئي ڇا هئي، بس اهي پنج ڇهه سال. ڳورو رنگ، چمڪندڙ اکيون ۽ توتلي زبان. جنهن وقت هوءَ پنهنجي پيءُ جي هنج ۾ ويهي، ڪيس ڳچيءَ ۾ ٻاڪر وجهي، "بابا" "بابا" ڪندي هئي ته جانو خوشيءَ جي لهرين ۾ لڙهي ويندو هو. خوشيءَ جون اهي لهريون ٿلڪنديون ٿلڪنديون ڪيس گذريل زماني ڏانهن ٿيلهينديون هيون ۽ اڪثر ڪلندي مشڪندي هو ڪنهن ڳوڙهي خيال جي دنيا ۾ غرق ٿي ويندو هو. هو ڪجهه سوچيندو ته هو، پر الائي ڇا؟

اڄ نازو تمام خوش هئي. نينگ ٽپا ڏيندي، اچي جانوءَ جي هنج وسايائين ۽ چوڻ لڳي، "بابا، ڏس هيءَ گهاگهري، ڪهڙي نه سٺي آهي! مون کي ته ڏاڍي ٿي وڻي."

"تون ته ڏاهي ٿي پئي آهين نازو، سچ ته توکي اها گهاگهري ڏاڍي ٿي سهڻي لڳي. چڱو، هاڻي وڃي راند ڪر."

هن جي چهري تي خوشي نه ظاهر ٿي، پر پوءِ جلد ئي هو ڪنهن وڏي ويچار ۾ پئجي ويو. نازو هن جي هنج ۾ ويني رهي. هن نيري ڪپڙي تان هٿ گهمائيندي چيو، "آهي ته جهڙو نئون ڪپڙو. ڪنهن سبي آهي؟"

"بابا، پڦان سبي آهي. ڏسو ڪهڙي نه سٺي ناهي اٿس. بازار مان هڪڙي رپئي ۾ وني آئي آهي."

پڦان جانوءَ جي ڀيڻ هئي- نازوءَ جي پڦي. پر هوءَ نازوءَ لاءِ پڦي نه پر پڦان هئي.

هن جو نالو زيبو هو. هوءَ ڪنهن انگريزي اسڪول ۾ پڙهندي هئي. جانو هڪ معمولي ملازم هو. سندس گهر ۾ هڪڙو ٻيو ڀاتي به هو، اها هئي هن جي پوڙهي ماءُ. نازوءَ زور سان سڏ ڪيو، "پڦان، او پڦان! هيڏانهن اچ." زيبو هٿن ۾

نيري ڪپڙي جي ليڙ وٺيندي آئي.

"پڦان، تو ڪيئن هيءَ گهاگهري سبي آهي؟"

"پر هي روپيو تو ڪٿان آندو؟"

جانوءَ پڇا ڪيس. "فيءَ مان بچيو هوم، اوهان پنجن روپين وارو نوٽ ڪين ڏنو هو. اسڪول مان موٽندي، نيلهي تي هڪڙي ماٺهوءَ پراڻيون گهاگهريون پئي وڪيون، ڏاڍيون سنيون ۽ سستون هيون. ادا، نازوءَ جي اڳين گهاگهري بہ تہ ڦاٽڻ تي هئي."

جانو خاموش ٿي چوڻ لڳو، "ڏاڍي سمجهو آهين، زيبو! ها، هن کي وٺي وڃي راند ڪراءِ."

پر نازوءَ چلولي ٿي چيو. "بابا، اها چابيءَ واري موٽر تہ وٺي ڏيو."

"چڱو چڱو، پگهار ملندو تہ وٺنداسون."

"نازو ڏس، اجايو ضد نہ ڪر، اچ تہ توکي ننيڙو رومال سبي ڏيان، ڪپڙي مان اجا ٽڪر بچيو پيو آهي."

زيبوءَ جانوءَ جي مدد ڪئي. نازو رومال جي آسري تي اٿي هن سان گڏ ي وئي ۽ زيبو، ليڙ اُتي ڦٽي ڪري، ڪيس پاڻ سان وٺي وڃي پاسي تي ويٺي.

جانوءَ نوڙي اها نيري ڪپڙي واري ليڙ کنئي ۽ ان کي آڱرين ۾ مهٽيندي، ڦيرائندي، ان جي نرم نازڪ ڌاڳن ۾ گم ٿي ويو. ڪنهن ڳالهہ ۾ گم ٿيڻ جڻ هن جي عادت ٿي وئي هئي. آفيس ۾ گم، دفتر ۾ گم، گهر جي خرچ پکي ۽ سامان سڙي جي چڪر ۾ گم. پر هو هينئر نازو واريءَ گهاگهريءَ جي نرم نرم ڪپڙي ۾ گم هو. هو سوچڻ لڳو، 'هڪ رپئي واري گهاگهري، پراڻي ۽ لٿل ئي سهي، پر جهڙي نئين. اها اصل ڪنهن جي هوندي؟ اِهي ولايت جي ميمُن جون هونديون. انهن ميمن ۽ مندمن کي ڇو اهڙن ڪپڙن جي پرواهہ ئي ڪانهي؟ وٽن شايد گهٽا ڪپڙا آهن. اهڙا نفيس ڪپڙا ضرور هو پئسن سان وٺنديون هونديون. ايترا پئسا هنن وٽ ڪٿان ٿا اچن؟ هنن جا مرد ماڻهو ڪمائيندا هوندا.' پر هو پاڻ بہ تہ سڄو ڏينهن ڪم ڪندو هو. صبح کان شام ۽ شام کان صبح ڪندو هو. هن جا ابا ڏاڏا بہ ائين ئي ڪيپي ڪاڇي ويا هئا، پر هنن کي تہ اهڙو نرم ڪپڙو ڪڏهن بہ ڪونہ نصيب ٿيو هو. جانوءَ جي سوچ ايئن چُرندي رهي.

صاحب کي ڪلهہ بوسڪيءَ جي قميص پيل هئي، صاحب کي وڏو پگهار ٿو ملي، ڪيس ڪم بہ وڏو ڪرڻو ٿو پوي، ڏاڍو وڏو ڪم ٿو ڪري. زير دستن کي ڇڙٻون ڏيڻ، ڪاغذن تي صحيحون ڪرڻ ۽ موٽر ۾ سير ڪرڻ بہ ڪو وڏو ڪم آهي!

نيري ڪپڙي وارو ٽڪرو سندس آڱرين ۾ منتبو رهيو. هن جو خيال وري وڏن ڪمن ڏانهن ڇڪجي ويو- 'وڏا ڪم ڪهڙا ٿيندا آهن، اهي وڏا ڪم ڪير ڪندا آهن. سيٺ، واپاري، آفيسر ۽ زميندار سڀ وڏا ماڻهو آهن. اهي ضرور وڏا ڪم ڪندا هوندا. پر هو تہ بليڪ مارڪيٽ، چور بازاري، ناجائز نفعي، سستيءَ ۽ بيڪاريءَ جي معرفت ٻين جي محنت تي پنهنجا پيٽ وڏا ٿا ڪن. ڇا، اهي سڀ وڏا ڪم آهن. پر هت تہ سچو سچو ڏينهن ڪم ڪندڙ بک پيا مرن، ويلا پيا ڪٽين ۽ انگ اگهاڙا پيا گهمن- محنت مزدوري ڪرڻ وارا، شايد ڪوبہ وڏو ڪم ڪونہ ٿا ڪن. انهيءَ ڪري ئي اهي سڀ ننڍا ماڻهو آهن!' هن جي دماغ جو چڪر ائين سوچيندي سوچيندي، بيهجي رهيو. ڪيس خبر ڪانہ پئي. هو اڻجاڻائيءَ جي حالت ۾ ٽنگون لوڏي لوڏي، سامهون پٽ ۾ نهارڻ لڳو. هو پنهنجو دماغ ڪيڏيءَ مهل ننڍو، بلڪل ننڍو ۽ ڪيڏيءَ مهل وڏو بلڪل وڏو، محسوس ڪرڻ لڳو ۽ اهڙيءَ ريت، هو پاڻ کي ننڍ وڏائيءَ جي فرق ۾ وساري ويهي رهيو.

نازو، رومال کڻي، "بابا، بابا" ڪندي، اچي ڪيس خيالن جي غوطن مان ٻاهر ڪڍيو. زيبوءَ نہ فقط ڪيس رومال ناهي ڏنو هو، پر هڪ پٽي بہ ناهي وارن تي ٻڌڻ وانگر ڳنڍ ڏني هئائينس. جانو ڪيس ڏسي مشڪڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو، "نازو، راڳ تہ ٻڌاءِ." "ڪهڙو راڳ؟" "تو ميرا چاند..." نازوءَ ڳائڻ شروع ڪيو- "تو ميرا چاند مئين تيري چاندني." هن هڪڙو هٿ ڇيلهہ تي رکيو ۽ ٻيو پيشانيءَ تي. ساڳيءَ سٽ کي ورائي ورائي چوندي، نچندي ۽ ڦيريون ڏيندي ڏوڙ اچي جانوءَ جي هنج ۾ ڪري- "بابا! بابا! چاٻيءَ واري موٽر، موٽر وٺي ڏيو. ٻلا اوهان کي پگهار ڪڏهن ملندو؟ ٻين ٻارن وٽ الاهي الاهي رانديڪا آهن."

"پٽ، انهن جا ماءُ پيءُ وڏا ماڻهو آهن، انهن وٽ پئسا آهن."

جانوءَ ڪان اهي جملا ٻنان سوچ ويچار جي منهن مان نڪري ويا.

"بابا، اوهين مون ڪان تہ وڏا آهيو، پئسا تہ اوهان وٽ بہ آهن."

"هائو پٽ، آءٌ وڏو تہ آهيان پر نلهو نالي جو. پئسا بہ برابر اٿم، پر اهي تہ رڳو سبڌي سامان ۾ ئي پورا ٿيو وڃن." هو انهيءَ ڪان وڌيڪ پنهنجي ننڍڙيءَ نازوءَ کي ٻڌائي نہ سگهيو ۽ نہ سمجهائي سگهيو.

نازوءَ وري چيو، "بابا، ٻلا اوهين پگهار واري ڏينهن تي تہ وڏا ماڻهو ٿيندا نہ! ڏسو، آءٌ بہ وڏي ٿي ٿيان." ائين چئي، نازو کٽ تي چڙهي، هٿ مٿي ڪري چوڻ لڳي، "آءٌ مٿي نون هيٺ، آءٌ وڏي تون ننڍو." هن تاڙيون وڄائڻ شـروع ڪيون.

هوءَ تاڙيون وڄائيندي، ٽپ ڏيندي، ڇوندي رهي، "آءٌ مٿي تون هيٺ، آءٌ وڏي تون ننڍو." جانوءَ جي دل بہ نازوءَ سان گڏ نچڻ ۽ ٽپڻ لڳي. ٽپا ڏيندي ڏيندي، نازو بي خياليءَ کان ڏوُ اڇي پٽ تي ڪري. جانوءَ جي دل بہ هن سان گڏ زمين تي اڇلجي پئي.

جانوءَ هوش سنڀاليو، زيبو ۽ ماڻس کي سڏن مٿي سڏ ڪيائين. پوڙهي ۽ زيبو سهڪنديون آيون. ڇوڪريءَ کي ڪٽي، وري ساڳيءَ کٽ تي ليٽايائون پوڙهي مٿانئس رلي وجهي، ويهي ڪلما پڙهڻ لڳي.

جانو سراپجي پند-پهڻ ٿي ٻيهي رهيو. نازو جون اکيون بند هيون. ڪيس کو ڏاڍو ڏک آيو هو. هن جي مٿي، وات ۽ نڪ مان رت وهي رهيو هو. پوڙهي ڇوڻ لڳي، "جيڏيءَ مهل کان اها نياڳي گهاگهري پاتي هئائين، نازوءَ کي الائجي ڇا ٿي ويو هو، زمين تي پير ڪونہ هوس. مون کي تہ پڪ آهي تہ ڪيس 'نظر' نهوڙي نيو آهي."

جانوءَ جو هوش جنبش ۾ آيو، هن جي جسم جا وار ڪاندارجي ويا، هن جي دماغ ۾ 'گهاگهري' ۽ 'نظر' جا اکر زوزات ڪري ڦرڻ لڳا! هن جون اکيون ڳاڙهيون لال ٿي ويون. اوچتو هن جي زبان چُرپر ۾ آئي، هو هڪ گنڀير آواز ۾ چوڻ لڳو، "امان، تون ڇا پئي چوين، هزارين هوند وارا روز روز نوان ڪپڙا پيا پائين، انهن کي تہ ڪجهہ ٿئي ئي ڪونہ ٿو- جيڪي هر لحظي ٻين کي ڦرين ٿا، جيڪي هر وقت ڪليو ڪلايو نڳيون پيا ڪن، انهن جو تہ وار بہ ونگو ڪونہ ٿو ٿئي. باقي هن ننڍڙيءَ نازوءَ نيلامي گهاگهري پاتي تہ ڪهڙي اربع خطا ٿي پئي؟ هن معصوم نياڻيءَ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟ هن ڪنهن جي چوري ڪئي آهي؟ هي ڇا جي سزا آهي. هي ڪهڙو بغداد آهي، هيءَ ڪهڙو انڌير آهي؟

"نازو! نازو!، منهنجي ٻچڙي، تون ڪيڏانهن ٿي وڃين! نہ وڃ! موٽي اچ! اها گهاگهري آءٌ انهن پاپين کي موٽائي ڏيندس. نہ نہ، آءٌ توتان اهڙيون هڪ نہ، پر هزارين نيون گهاگهريون گهوري، اڇلائي ڇڏيندس." هن جون مُٺيون ڀيڙجي ويون. هن جو آواز ڳرو ٿي ويو ۽ هن جون اکيون لڙڪن سان ڀرجي آيون ۽ ٻوءِ هو کٽ تي پيل خاموش نازوءَ ڏانهن نهاريندو رهيو.

•

# هڪ شام- هڪ رات

(١٩٤٨)

"بابا! بابا! ڊاڪٽر چوي ٿو ته ڪڪيءَ کي نمونيا ٿي پئي آهي." نجمه ڪڪيءَ کي واپس آڻيندي پيءُ کي ٻڌايو. "بابا! ڊاڪٽر اهو به چيو آهي ته جيئن دير ٿيندي، تيئن ڪڪيءَ جي حالت خراب ٿي ويندي. تنهنڪري هن کي هڪدم سُئي هڻايو."

رشيد وچولي طبقي جو هڪ ٻچڙيوال ۽ معمولي سرڪاري ملازم هو، معمولي پگهار مان چڪي تاڻي مهينو گذاريندو هو. ڌيءَ جي اها ڳالهه ٻڌي، رشيد جي منهن جو پنوئي لهي ويو. هن پهرين سمجهيو هو ته ڪڪيءَ کي معمولي بخار آهي. پر نمونيا جو ٻڌي، هو فڪر ۾ پئجي ويو، ۽ ڪجهه سوچي، هو پاڻ ڪڪيءَ کي کڻي ڊاڪٽر وٽ ويو. ڊاڪٽر شرافت سان مليس ۽ صلاح ڏنائينس ته "ڪڪيءَ کي هڪدم سئي هڻايو!" البت اهو به چيائين ته "اها سئي پينسلين جي آهي، جيڪا اڄڪلهه بليڪ تي ملندي."

رشيد دل ئي دل ۾ پنهنجي کيسي جو اندازو ڪندي، سوچيو ته 'انهيءَ جي مون ۾ توفيق به آهي يا نه. ڌن، دولت ۽ پئسا، جن جي هٿن ۾ آهن، اُهي ته مزي سان وينا اسان جو تماشو ڏسن. اسان جي زندگي هنن جي کيسن ۾ پيل نوٽن جي ٿهن ۾ قانون جي جادوگريءَ واريءَ ڪاريگريءَ سان سسندي ۽ سوڙهي ٿيندي رهندي آهي. مردو سرڳ وڃي يا نرڳ، تنهن سان هنن جو ڇا واسطو! جنهن شيءِ تي ڪنٽرول پوي، جنهن شيءِ کي زندگيءَ لاءِ ضروري سمجهيو وڃي، اها حڪم نڪرندي ئي ڪافور ٿيو وڃي. پر ساڳئي وقت چوڻا پنجوڻا پئسا ڏجن ته ترڙيءَ تي بهشت، جيڪي کپي سو حاضر، اسان جهڙن سفيد پوش ماڻهن کي ته انهيءَ ڪان به جواب. چي، "مسٽر، معاف ڪجو! اها دوا اسان وٽ ڪانهي. انتظار ڪريو، ٻن ڏينهن کان پوءِ مال ايندو! ايستائين ڊاڪٽر سان صلاح ڪري ڪنهن ٻيءَ دوا مان پورت سورت ڪريو."

وري ٻي دوا تجويز ٿي، ۽ ان لاءِ ڀڄا شروع ٿي. دڪان واري جو نڳ ڀڳ

جواب اهو ساڳيو: "سائين! انهيءَ دوا رکڻ لاءِ اجا تائين ليسن ڪونہ مليو آهي، درخواست ڏيندي سڄا سارا ڇهہ مهينا ٿي ويا آهن. نہ آهي پڌڻ وارو نہ سُڻڻ وارو. ڇئو تہ اها دوا ڪنهن ٻئي دڪان تان گهرائي ڏيانوَ. هميشہ جاگراهڪ آهيو، پر دڪاندار ٻٽي پئسا وڌيڪ وٺندو. پاڻ کي تہ پائي بہ حرام آهي، ملي تہ غنيمت جاڻجو. پنهنجي غرض جي پورائيءَ لاءِ ٻٽي پئسا وڌيڪ ڏنوَ تہ اهم ڪونهي. تازو انهيءَ دوا لاءِ هٽ هٽ ڪري ڳولا ڪئي هيم، تہ بہ ڪٿي ڪانہ ملي."

رشيد موٽي ڊاڪٽر وٽ آيو، جنهن سندس پريشانيءَ کي محسوس ڪندي چيو: "اوهين فڪر نہ ڪريو. آءٌ پنهنجو ماڻهو ميڊيڪل اسٽور تي موڪليان ٿو نہ سئي وٺي اچي. اڌ ڪلاڪ کن ترسڻو پوندو. ڇئو تہ گهرايان. هونئن بہ تہ ڪڪيءَ جي حالت نازڪ آهي ۽ سئي ضرور لڳندي."

رشيد کان وڌيڪ ڪجهہ بہ سوچيو نہ ٿيو ۽ هو رڳو ايترو چئي سگهيو، "ڊاڪٽر صاحب! پل گهرايو، آءٌ ترسان ٿو." هن کي پنهنجي ٻيءَ ڌيءَ جي بيماري ياد آئي، جڏهن ڊاڪٽر جي پرمٽ ۽ ايڪيهہ روپين جي موڙيءَ تان هٽ ڪٽڻ کان پوءِ بہ هن کي ٽائيفائيڊ جون نيون گوريون نہ ملي سگهيون هيون، ۽ سندس معصوم نياڻي پورا چاليهہ ڏينهن تپ ۾ ڳمندي ڳمندي ڪندا ٿي ويئي هئي. اهو سوچي هن نجمہ کي چيو تہ "گهران ڏهہ روپيا وٺي اچ!"

نجمہ موٽي آئي، ۽ چيائين تہ "اوهان جا دوست نعيم، ڪريم، سليم ٻاهر ويٺا آهن."

"ويٺا آهن تہ آءٌ ڇا ڪريان؟" هن ورائيو ۽ دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳو تہ "هو دوست آهن يا دشمن. مون وٽ آيا آهن، ٻيو نہ تہ ايرانيءَ جي هوٽل تي چانهہ ۽ سگريٽ تہ هنن بہ لهڻا: چار اسپيشل چانهيون ۽ چار ڪئپسٽن جا سگريٽ. اهي دوست پير مرشد کان گهٽ تہ ناهن، دوستيءَ جي نالي ۾ اهو خرچ مري بہ ڪرڻو آهي. ڪڏ ۾ پوي اهڙي دوستي، اڄ مون کي پنهنجي ڌيءَ کي سُئي هڻائڻي آهي، هڪ طرف هڪ معصوم جي زندگيءَ ۽ موت جو سوال ۽ ٻئي طرف هي دوست! ڀلا مون سڄي وٽ ڇو آيا آهن؟ مون کي دوست نہ گهرجن. آءٌ هنن جون خوشامدون ڇو ڪريان ۽ ڇا لاءِ هيءَ روز روز جي ڪيسي ڦُر سهان. بنپهرن جو مليا هئا. جواب مليو هُئن تہ اسين ڪونہ هونداسين. اوهين نہ اچجو. پوءِ هينئر ڇو اچي ٻرگهت ٿيا آهن؟ ڀلي تہ ويٺا رهن، آءٌ بہ اڄ هنن سان نہ ملندس. هتي اسپتال ۾ ئي ويٺو رهندس. خبر بہ اٿن تہ ڪڪي بيمار آهي، انهيءَ هوندي بہ پٺ نہ ٿا ڇڏين. اڄ

انسان ڇو اهڙو سنگدل ٿي پيا آهن؟ مروان موت ملوڪان شڪار!'

رشيدَ اسپتال جا سينگاريل ڪمرا ۽ فرنيچر ڏسي، سوچيو تہ هيءُ سمورو ناٽ ناٽڪر مون جهڙن ڪنگالن جي پگهر مان ٿي نهيو هوندو. ڪمائين هڪڙا ۽ عيش عشرت ڪن ٻيا.

"ڊاڪٽر صاحب! گهٽا پئسا؟" هڪڙي بيمار جي آواز هن جي خيالن جو سلسلو ٽوڙي ڇڏيو.

"پنج روپيا سئيءَ جا ۽ ٻہ روپيا دوا جا." ڊاڪٽر وراڻيو.

"ڊاڪٽر صاحب! ڪجهہ مروت ڪريو، آءُ غريب آهيان."

"تڏهن تہ توڪان واجبي پئسا ونان ٿو. ايم بي بي ايس آهيان- پنجن روپين کان گهٽ سئي هڻائي نہ وٺندس. ٽپاس مفت، انهيءَ ڪري جو تون غريب آهين، باقي ٻن ڏينهن جي دوا جا ٻہ روپيا، اها دوا جي اصلي قيمت آهي. مون وٽ سرڪاري اسپتالن وانگر شيشن ۾ سالت جو پاڻي ڪونهي. جلدي ڪر، جلدي ڪڍ ست روپيا تہ ٻين مريضن کي اڪلايان." ڊاڪٽر بيزار ٿيندي چيو.

رشيد وري سوچ ۾ پئجي ويو، 'ڊاڪٽر آهي يا ڦورو! ايم بي بي ايس جي ڊگريءَ جو رعب ڏيئي، غريبن جو رت پيو چوسي. پر مريض بہ پاڻهي اچي ٿا پاڻُ ڦرائين. هيڏانهن ڊاڪٽرن جو بہ اهوئي ڌنڌو آهي، مفت ۾ علاج ڪن تہ پوءِ ڪائين ڪٿان؟ خدا جو خوف، انساني همدردي، غريبن تي رحم، اهي سيئي ٺلها لفظ آهن. عام جي صحت لاءِ تہ حڪومت کي جوابدار هجڻ گهرجي. پر جتي حُاڪم پاڻ ئي چور ۽ چورن مٿان مور هجن تہ فرياد ڪير ٻڌندو؟ الله سائينءَ کي گهٽو ٿا ستايون، پر هو بہ ڏسيو وائسيو مان ڪيو وينو آهي. آخر ڪيڏانهن وڃجي!'

رشيد جي خيالن اتي پهچي پلٽو کاڌو. سندس پرسان ڪڪي سهڪي رهي هئي ۽ هو هن کي ٿي گهوريندو رهيو. ٻن مهينن جو ٻار ۽ نمونيا جي بيماري!

اينتري ۾ هڪ حسين نوجوان عورت ريشمي چادريءَ ۾ منهن اگهاڙي اندر لنگهي آئي. ڊاڪٽر هن کي ڏسي اندرئين ڪمري ۾ وڃڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻ بہ ٽڪڙو ٽڪڙو هن جي پنيان وڃڻ لڳو. پردو ڇريو ۽ دروازو چيچاٽ ڪري چپ ٿي ويو. اندران ڪجهہ سُس پس ۽ چوڙين جي ڇڻ ڇڻ جا آواز ايندا رهيا، ۽ ٿوريءَ دير ڪانپوءِ ڊاڪٽر مرڪندو ٻاهر نڪتو ۽ وري ٻئي ڪمري ۾ گهڙي ويو.

رشيد جي دماغ ۾ وري ڊاڪٽر ۽ هن اڪيلي عورت اچي واسو ڪيو، ڇا هوءَ بيمار آهي؟ اها سس پس ڇاجي هئي؟ چوڙين جو آواز ڇا لاءِ هو؟' اجان هو

انهن سوالن تي سوچڻ لڳو تہ ڊاڪٽر ٻئي ڪمري مان چيس، "اوهان جي سئي اچي ويئي آهي، اجهو تيار ڪري جلد اچان ٿو."

رشيد کي ڏاڍا خار لڳا، هن جي خيالن جوئي سلسلو ٽٽي پيو هو. ايتري ۾ ڊاڪٽر بہ سئي کڻي آيو ۽ اچي ڪڪيءَ کي هنيائين، جنهن روئڻ شروع ڪري ڏنو. نجمہ ڪڪيءَ کي کڻي گهر ڏانهن رخ رکيو. ڊاڪٽر چار گوريون پني ۾ ويڙهي رشيد ڏانهن اُڇلايون ۽ چوڻ لڳس، "هرهڪ گوريءَ جا چار حصا: هر هڪ حصو ٽن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ. سڀاڻي وري هڪ سئي صبح جو ۽ هڪ شام جو."

"اجا بہ سيون ٻيون بہ لڳنديون ڇا؟" رشيد ڊاڪٽر کان پڇيو ۽ خودبخود هن جي دماغَ، علاج لاءِ حساب ڪتاب شروع ڪري ڏنو- "پنج روپيا سئيءَ جا ۽ هڪ روپيو دوا جو! مار، ڇهہ روپيا! ۽ تون تہ روز پنج روپيا بہ ڪونہ ڪمائين، ڪمبخت! توکي ڪهڙيءَ ڪتيءَ ڪنيو، جو ههڙي ڊاڪٽر وٽ آئين، بيوقوف! انهن ارڙهن روپين مان راشن واريءَ ڪٽڪ جو هڪ مڻ، بناسپتيءَ جا ٻہ سير ۽ اڌمڻ سڳداسي چانور اچي ٿي سگهيا؛ نجمہ جو سادو سودو وڳو نهي ٿي سگهيو، ڇوڪري جو گرم ڪوٽ وٺي سگهجي ها. پر هاڻي تہ ارڙهن روپيا ويا ڊاڪٽر جي کيسي ۾؛ ڇاجي ڪٽڪ، ڇا جو گيهہ، ڇا جا سڳداسي چانور؟ نکو نجمہ جو وڳو نهندو ۽ نہ وري ڇوڪري جو ڪوٽ ئي خريد ڪري سگهبو!

"ڊاڪٽر صاحب! ماري ڇڏيئي! سڄا سارا ڇهہ روپيا! ڪجهہ مروت ڪريو!" "هن ڊاڪٽر کي ليلائيندي چيو.

"ميان! توکان تہ بلڪل واجبي پئسا ورتا اٿم. ايم بي بي ايس آهيان. اهي پئسا دوا ۽ سئي تہ نهيو. پر فقط تپاساراٽيءَ جا بہ پورا نہ آهن، خير، وڌيڪ ديگهہ نہ ڪر، پئسا ڪڍي ڪر ٻاهر! ڏسٽا وائسٽا. ڪپڙا تہ اَڇا پائي آيو آهين."

"تڏهن چئبو تہ اوهان اڇن ڪپڙن کي ڏسي في مقرر ڪئي آهي؟" رشيد ڪاوڙ وچان پڇيو.

"ڇڏ انهيءَ بحث کي، مون کي هينئر هڪ نازڪ ڪيس لاءِ ٻاهر وڃڻو آهي- هيءُ ڇا!" ڊاڪٽر حيرت وچان پڇيو، "پٽ ٻنجي ٻيهي رهيو آهين، فقير تہ ڪونہ آهين؟"

ڊاڪٽر حد اورانگهي ويو هو. هن رشيد تي ناجائز حملو ڪيو هو. پر ۾ چيڻيءَ جو فلٽر پيو هو ۽ هن جي دل ۾ آيو تہ کڻي ڊاڪٽر جي کوپريءَ تي هڻان تہ دماغ جاءِ تي اچيس. پر پوءِ ڪجهہ سوچي، مانڙي ڪري، کيسي مان ڇهہ روپيا

ڪڍي هن ڊاڪٽر ڏانهن وڌايا. جنهن جهٽ ڏيئي پئسا ورتا ۽ ڪرسيءَ تان اٿي زناني ڪمري ڏانهن هليو ويو. رشيد بہ ڪاوڙ وچان ور وڪڙ کائيندو اسپتال مان ٻاهر نڪتو ۽ سوچيندو رهيو تہ فقير ڪير هو ۽ چور ڪير؟

رشيد اسپتال کان ٻاهر نڪتو تہ پوسٽ آفيس وٽ منير بيٺي سندس انتظار ڪيو. منير هن جو دوست هو، سادو سودو ۽ سلجهيل. هن ڪلندي خيرعافيت لاءِ هٿ وڌايو. هو ساڻس هٿ ملائيندي، رشيد جو خيال ڦيرو کائي، ڇهن روپين تي وڃي پهتو. دل ۾ آيس تہ منير کي ڇمات هٿي ڪيڍي، ڀلا هن وقت اچڻ ۽ ڪِلڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي! پر هو سندس دل گهريو دوست هو. هو روز روز اچڻ وارو نہ هو. انهيءَ کان سواءِ، رشيد سوچيو، هن کي ڪهڙي خبر تہ مون سان ڪهڙي ويڌن آهي. اهو سوچي هو اڳتي وڌيو ۽ مرڪي منير کي هٿ ڏنائين. اجا هنن هڪٻئي کان حال احوال بہ نہ ورتو هو، تہ نعيم، ڪريم ۽ سليم بہ اچي پرگهٽ ٿيا.

"هلو، هلو، هوٽل تي چانهہ پيئنداسون"، هنن سڀني چيو، ۽ رشيد ۽ منير کي پاڻ سان وٺي هوٽل ڏانهن روانا ٿيا.

'هي سڀ دوست تہ مون وٽ آيا آهن.' رشيد سوچيو. 'هوٽل جو بل بہ مون کي ئي ڏيڻو پوندو. خانوئي خراب! اڄڪلهہ جا دوست بہ دشمن چئبا. ڪيڏانهن وڃجي. مون کي اهڙا دوست نہ گهرجن. وري هن کي پاڻ تي حيرت بہ ٿي تہ اڄ هن کي ڇا ٿي ويو هو. شايد اُٿهوند هن جا حوصلا خطا ڪري ڇڏيا هئا.' پر هن فيصلو ڪيو تہ ڇا بہ ٿي پوي، اڄ هو اڳرائي ڪري بل جا پئسا نہ ڏيندو.

سڀئي دوست هوٽل ۾ پهچي، ڪرسين تي ٿي ويٺا. نعيم، ڪريم ۽ سليم ۾ سُس پس شروع ٿي. هوٽل جو بيرو آيو تہ منير پڇيو تہ ڇا پيئبو؟ ڪريم، نعيم ۽ سليم اٿي کڙا ٿيا. "اسين تہ وڃون ٿا. تمام ضروري ڪم آهي،" نعيم چيو.

رشيد جي دل تان ڪا ڇپ ڪچي ويئي. هن دل ئي دل ۾ چيو تہ 'وڏي مهرباني اوهان جي.' پر ٻاهرئين ڀرم رکڻ لاءِ چوڻ لڳو، "ڪجهہ ٻي تہ وڃو."

"نہ، نہ، اوهين پيو. اڄ اسين ڏاڍا ڍاوا پيا آهيون. ڏاڍو ڪاڌو پيتو آهي. اسان،" ائين چئي، هو هليا ويا.

هنن جي وڃڻ کان پوءِ رشيد چانهہ جو آرڊر ڏنو.

"اڄڪلهہ ڪهڙا ڪتاب پيا پڙهو؟" منيرَ رشيد کان پڇيو.

"ڪوبہ نہ- وقت ئي ڪونهي." رشيد وراڻيو.

"تازي اخبار ڏٺي اٿوَ؟" منير وري سوال ڪيو.

"نہ"، رشيد مختصر جواب ڏنو.

"آمريڪا جي امدادي ڪڻڪ جو ٻيو جهاز پاڪستان پهچي ويو آهي. پهرئين جهاز واري ڪڻڪ حيدرآباد پهچي ويئي آهي. ايران ۾ بغاوت شروع ٿي ويئي آهي ۽ ايران جو بادشاهہ دورو پورو ڪري واپس ايران پهچي ويو آهي. راشديءَ استعيفا ڏني آهي. سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هتي ئي رهيو آهي."

رشيد جواب ۾ فقط "ها، ها" ڪندو رهيو ۽ دل ئي دل ۾ چوندو رهيو تہ 'آمريڪا مان آيل ڪڻڪ وري بہ دولتمندن جا پيٽ ڀريندي، ايران جي شاهہ جي واپسي ٿلهي نہ هوندي، پاڻ سان گڏ سوين ٽئنڪون ۽ بم ايراني عوام جي چِلهڻ لاءِ بہ آندا هوندائين؛ سنڌ جي گادي ڪراچي هجي يا حيدرآباد، واڳون تہ وري بہ وڏن جي هٿن ۾ هونديون؛ راشديءَ استعيفا ڏني تہ ڇا ٿيو، سياڻي انهيءَ ڪرسيءَ تي سندس ڪو ٻيو شاطر ساٿي اچي قبضو ڪندو. اوچتو هن جو خيال وري پنهنجي حالت ڏانهن ڇڪجي ويو. 'ٻيگهار پورو ٿئو ٿئي ۽ گهر مان بيماري نٿي وڃي. اجا تہ مهيني جو پهريون هفتو پورو ٿيو آهي، باقي پهاڙ جيڏا ٽيويهہ ڏينهن ڪيئن گذرندا؟'

اوچتو هو ٽيئي دوست نمڪ ڏيندا واپس آيا.

"ڏٺئي! اڄ رحيم ڪهڙو نہ دوکو ڏنو"، نعيم ويهندي چيو.

"پورو چار سؤ ويهہ آهي"، ڪريم وراڻيس.

سليم وري ناراض ٿيندي چيو، "هي حرامي سمجهي ڇا ٿو! صبح کان ڏٽن تي هلايو اٿس. پئسا بہ تہ اڳوات ڦري ويو. وري چوري ڪهڙي حور پري آهي؟"

"نہ، نہ، ائين نہ چئو"، ڪريم وچ ۾ ڳالهايو، "هن ويچاري جو ڪوبہ ڏوهہ ڪونهي."

"چوين ڇا ٿو. آءٌ هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان. هو ڳهاڳهہ پيشوَر آهي. هو ننڍيءَ توڙي وڏيءَ آساميءَ کي ڇيڇ سان ٻڌي هلندو آهي ۽ جنان چار ڏوڪڙ وڌيڪ نظر ايندا اٿس تہ چوري انهيءَ جي هنج ۾ هوندي آهي. شايد اڄ بہ ائين ئي هجي." نعيم پنهنجو رايو ڏنو.

ٻہ منٽ خاموشي ڇانئجي وئي. آخر سليم خاموشيءَ کي ٽوڙيندي سوال ڪيو، "پوءِ پلا هاڻي ڪهڙو پروگرام آهي؟"

"پروگرام وري ڪهڙو؟" ڪريم وراڻي ڏنيس، "اڄوڪي رات پالهي ڪانہ ڇڏبي. هلون ٿا شمي جان وٽ."

"چگو، منظور آهي. اوهين بہ چا ياد ڪندا تہ ڪو دوست مليو هو، جنهن اوهان سان هر حال ۾ ساٿ ڏنو" . نعيم جواب ڏنو، ۽ ٽئي دوست پڙڪو ڏئي اتان اٿي هليا ويا.

رشيد ۽ منير هڪبئي ڏانهن اهڙيءَ طرح ڏسڻ لڳا، ڄڻ تہ ڪو وڏو حادثو ٿي پيو هو.

'حادثي کي وري ڪي سگ ٿيندا آهن ڇا.' رشيد سوچيو. 'ٽيئي نوجوان دوست پنهنجي زندگي، پنهنجو وقت، پنهنجي جواني، پنهنجا پئسا ۽ پنهنجو سڀڪجهہ پيا تباهہ ۽ برباد ڪن ۽ اسين هنن جي حالت تي دل ئي دل ۾ پيا ماتم ڪريون.

"ڏٺوَ پنهنجن دوستن جا حالَ؟" منير نفرت وچان چيو.

"حال تہ چڱا اٿن." رشيد جواب ڏنو، "باقي چال، سا بہ نوڪرون ڪائيندا تہ سڌري ويندين."

"سڌرندا وري ڏوڙ" ، منير حجت ڪئي ۽ دليل ڏيندي چيائين، "آءٌ هنن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو. منهنجا پاڙيسري آهن ۽ پورا ڇتيهہ لکڻا آهن."

"تون سچ چوين ٿو. هٽ-ڪنگڻ کي آرسيءَ جي ڪهڙي ضرورت!" رشيد چيو. "پر سوال آهي تہ هو اهڙا ڇو ٿيا آهن؟ اهڙي ڪهڙي مجبوري آهي، جو هو اهڙا رولاڪ ٿي پيا آهن؟ اسان جي ڄوڏاري هنن جهڙا ڪيترائي نوجوان آهن، جيڪي هنن کان بہ وڌيڪ ڏکائتي حياتي پيا ڪاٽين. ڇا، هن مرض جو علاج آهي ئي ڪونہ؟ هر بيماريءَ جي دوا ٿي سگهي ٿي. پر جڏهن تہ اسين جاهل آهيون، بي سمجهہ آهيون، تڏهن شفايابيءَ جي اميد رکڻ فضول آهي. سليم کي ڏس. سندس مائٽن ننڍي هوندي ئي پنهنجيءَ مرضيءَ تي هن جي شادي ڪرائي ڇڏي. اڄڪلهہ شادي اولاد نہ پر مائٽ ڪن ٿا، ۽ ڪريم تہ رهي ئي بهراڙيءَ ۾ ٿو، جتي سُڃ پئي واڪا ڪري، نعيم ويچارو بيروزگار آهي. زندگي آسودگي، نوجوانيءَ جون معصوم تمنائون ۽ تنهايون..... جهالت، جي اونداهين ۾ قيد ٿي وڃي، تہ اتي تهذيب ۽ اخلاق جي تقاضا ڪرڻ بيڪار آهي."

"اها ڳالهہ غلط آهي، آءٌ نہ مڃيندس." منير ڳالهہ جي وڌيڪ تشريح ڪندي چيو، "انهيءَ جي معنيٰ تہ ڇوڪري جو ڪو رستو ئي ڪونهي. مرض جو علاج تہ تڏهن ٿيندو، جڏهن انهيءَ جو احساس ٿئي. پر اهو احساس ڪيئن پيدا ٿئي؟"

"ڏنئي، هينئر آيو آهين پوري پير تي" ، رشيد جواب ڏنو. "اهو سوال پاڻ کان پڇ. اميد تہ تنهنجي دل ۽ دماغ تنهنجي رهبري ڪندا. چڱو، هاڻي اٿ تہ هلون."

رشيد اڳتي وڌي ڪائونٽر تي چانهہ ۽ سگريٽ جا پئسا ڏنا، ۽ دل ئي دل ۾ هنن ٽنهي دوستن کي دعا ڪرڻ لڳو جن هن کي اڄ وڌيڪ خرچ ڪرڻ کان بچائي ڇڏيو هو.

هوٽل کان ٻاهر نڪتا تہ هنن کي فقير ڦري آيا. "معاف ڪر، معاف ڪر"، رشيد هنن کان جان آزاد ڪرائيندي اڳتي وڌي ويو. ٿورو اڳيان هو ٽيئي دوست بيٺا هئا. نعيم چوڻ لڳو، "ڏاڍي دير ڪيوَ! اسين رڳو اوهان کي ٻڌائڻ لاءِ بيٺا هئاسون."

"اڄهو هينئر رحيم ۽ سندس ڇوري ۽ سامهين اسپتال وارو ڊاڪٽر وڏيءَ گاڏيءَ ۾ چڙهي، شهر ڏانهن روانا ٿي ويا." سليم ٻڌايو.

"متان نہ مڃو!" نعيم هڪدم چيو، "ڪيئن منهنجو خيال نيڪ نڪتو! ٿيو منهنجا مريد ۽ وڌايو پنهنجي چڳ. ڪيو پئسا تہ مٿائي گھرايون، پر نهيو اوهان کي سڀ ڪجھہ معاف. اوهين بہ ڇا ياد ڪندؤ."

ڪريم ۽ سليم مرڪڻ لڳا ۽ ٽيئي دوست ڪلندا، سلام عليڪم چوندا هليا ويا. هنن جي وڃڻ کان پوءِ منير بہ موڪلايو ۽ رشيد بہ گھر ڏانهن موٽي ويو.

'تہ ڇا اها ڇوڪري ۽ سندس پيءُ رحيم انهيءَ ساڳئي ڊاڪٽر سان گڏ هئا!' رشيد سوچڻ لڳو- 'هئا تہ پوءِ ڇا. وڃي پون کڏ ۾. ڪُنجي وڃي ڪٿا ٿين.' هن جي پرسان ڪڪي ڪنجهي رهي هئي. بخار شايد وري مٿس حملو ڪيو هو. گھر ۾ بيماري، ڊاڪٽر جي عجيب منورتي، دوائن تي ڪنٽرول، دوستن جي آواره مزاجي، منير وارو بحث، رحيم ۽ سندس ڇوڪري، هوٽل ۾ چانهہ. اهي سڀئي خيال ساري رات رشيد جي ذهن کي اٿلائيندا پٿلائيندا رهيا.

•

# ربل..... ۽ زندگي

اٽڪل سادا ڏهه ٿيا هئا. ٽڪيٽ وٺي اچي گاڏيءَ ۾ ويٺس. گرمي ڪافي هئي. گاڏي به وري ڪا ٻارهين بجي ڇُٽڻي هئي، سو ڪتاب کولي پڙهڻ لڳس. آخر سيٽي وڳي ۽ گاڏي آهستي آهستي ڇُري. چوڌاري ڏٺم؛ ڪافي مسافر هئا، پر ايتري سوڙهه ڪانه هئي. ڪي ڪاروباري ماڻهو پئي ڏٺا، ڪي وڏيرا ۽ زميندار هئا، ڪجھ جيترا مهاجر ٻڻ هئا. واندا مسافر پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳا. انهن جا آواز آمهون سامهون ازخود پڙاڏي وانگر هڪٻئي سان ٽڪرجي، اڌ گابرا ٻاٽهي ٻاٽهي منهنجي ڪنن تائين پهچڻ لڳا--

"هاڻي ته فرحت آهي. ايتري گرمي ڪانهي. اڄ لوءِ ضرور لڳندي. ڳوٺ ڳوٺ ۾ پناهگير اچي ويا آهن. ڪپهه وارو ڪارخانو ڪانياواڙي ميمڻ ورتو آهي. ڪٽڪ جو اگهه چوٽ چڙهي ويو آهي. ولائتي ڪپڙي جا جهاز پرجي آيا آهن. ٻهراڙين ۾ اجکلهه سلامتي ڪانهي. پوليس ڪجهه به ڪانه ٿي ڪري. وڏيرا، وزير ۽ آفيسر ڇا ٿا ڪن! ڪشمير جو معاملو جهڙو منجهيل سُٽ جي ڦوري. رپئي جي قيمت نه گهٽائڻ ڪري چون ٿا ته پاڪستان کي فائدو پيو آهي. وڏو وزير روس ڪين ويندو. ڪپڙي تان ڪنٽرول صفا لهي ويو آهي. ڪنڌ ڪيوبا ڪان اچي رهي آهي. قاسم رضويءَ کي ڪين ڇڏيندا. جهونا ڳڙهه ۽ حيدرآباد دکن هضم ٿي ويا. آمريڪا دنيا جي ملڪن کي مالي مدد ڏيئي رهي آهي. روس وٽ به ائٽم بم آهي. واپاري جاوا ڪري رهيا آهن. زميناري ۽ جاگيرداري ختم ٿي ويندي. هندستان ۾ گڙٻڙ متي پئي آهي. گانڌيءَ جهڙي ماڻهوءَ مان ڪين ڳُتا، جواهر لعل کي به ضرور ڪونه ڪو ماريندو."

ريل جو گاڏو ڦري سياسي بحث مباحثي جو هڪ اکاڙو ٿي پيو هو. هر هڪ مسافر ڄڻ ته ڪو سياسي اڳواڻ هو. جنهن کي جيڪي ٿي منهن ۾ آيو، تنهن سان وارُ پئي ڪيائين. گاڏي ڊري ٿي، هڪ اسٽيشن تي اچي بيٺي. ڪي مسافر لٿا، ڪي چڙهيا. گاڏي هلڻ لڳي. گفتگو وري شروع ٿي وئي. هن دفعي ڪتاب پڙهڻ ۾ اهڙو محو ٿي ويس، جو ايترو ٻڌي نه سگهيس. تڏهن به ڪن، جي ڪليل هئا تن ڪجهه نه ڪجهه ضرور جهٽيو.

"هيترا پناهگير اچن ڪٿان ٿا! جتي ڏسو اتي پناهگير! ويچارن تي ڏاڍا ظلم ٿيل ٿا ڏسجن. هر ڪنهن کي ساڻن همدردي ڪرڻ گهرجي- مسلمان ڀائر آهن."

"پنهنجو پنهنجو ڪري ڦاٽي ٿا مرو؛ سڀئي خود غرض آهن. ڪير آهي ڪنهن جو. ڏاڍي آبادي ٿي پئي! غريب ۽ مسڪين ته ساڳئي گهاٽي ۾ پيا پيڙجن! اهو ڏينهن خالي ڪونهي، جو چوريون ۽ ڌاڙا نٿا لڳن. اُهي ئي لچايون، اُهي ئي بدمعاشيون. زميندارن، شاهوڪارن ۽ واپارين جون پنج ئي آڱريون گيهہ ۾ آهن."

"پلا پناهگيرن بہ رڳو ڪٿي سنڌ ڏانهن رخ رکيو آهي. اِنهن جو چيهہ ڪڏهن ٿيندو؟" "پناهگير نہ چئو. مهاجر چئو، مهاجر!"

گاڏي وري اچي، ٻيءَ اسٽيشن تي بيٺي. هن ڀيري نہ ڪو گاڏيءَ مان لٿو، نڪو وري ڪو چڙهيو. اسٽيشن ڇگيري هئي. اسان وارو گاڏو بلڪل اسٽيشن جي سامهون اچي بيٺو. ٽي چار ٽولا رنگ برنگي برقعن سان اسٽيشن کان ٻاهر نڪري رهيا هئا. سڀني عورتن جا منهن کليل هئا. اسان جي گاڏي مان اڪثر مسافرن جون اکيون منجهن کمل هيون. ڪنهن وڏي وات ڳالهائڻ شروع ڪيو. گفتگوءَ جي مجلس وري چالو ٿي ويئي. انجڻ سيٽي هنئي ۽ گاڏي اسٽيشن تان هلڻ لڳي.

"برقعا آهن يا مسخري، جهڙا ٽنبو! برقعا نہ ٿيا، نمائش ٿي. شرم ناهي پيو سپ ڪجهہ آهي. نانگ ويو نڪري باقي ليڪو پيو ڪُٽجي. اهڙن برقعن پائڻ مان ڪهڙو فائدو؟"

"فئشن جو آهي." "اهڙي فئشن کان سُچ ڀلي آهي." "ٽنڊ نہ ٿيندي، اهو نفعو گهٽ آهي؟" "انهيءَ کان تہ غرارو سنو آهي."

"غرارو يا گرارڙو؟ سمجهو ڪٿي گهاگهرو- اهڙو ڪجهہ ٿيندو آهي. غرارا ڏسٽا هجنوَ تہ ڪراچيءَ وڃو. توهان جون هيرآباد واريون عاملاڻيون انهن جي اڳيان ڪجهہ بہ ڪونهن." "پلا هي مرض تہ اڳي سنڌ ۾ ڪونہ هو. سچ پچو تہ اسان جون سنڌي زالون بہ انهن کي ڏسي وهرجي پيون آهن." "وقت وقت کي سلام آهي. اسان جي وڏن ماڻهن ۽ ڏسٽن وائسٽن جون بيگمون، جي ائين ڪنديون وتنديون تہ پوءِ ٻين جو ڪهڙو گناهہ. "پر پردي ۾ رکيو بہ ڇا آهي؟" اسٽيشن تي سڀني اکيون ڦاڙي پئي ڏٺو، "پردو تہ الله رکي باقي بندي کي ڪهڙي مجال آهي، پر قانون کي مڃو ها تہ پوءِ پڪ آهي تہ اوهين اهڙي گفتگو بہ نہ ڪري سگهو ها. انسان جي اهڙو ساڌ هجي ها تہ قانون جي ضرورت ئي نہ ٿئي ها. پر ڪونہ ڪو

قانون تہ ضروري آهي. اهو قانوني حڪم هلائي بہ ڪير؟ هت تہ سڀئي هڪڙي ڍڳي جا چور آهن. اسين جيڪڏهن سنئين رستي تي پورا هجون ها، تہ هھڙا حال نہ ٿين ها. اڳي تہ انگريز بهادر هئا، جن اسان جي قلبن کي ڪارو ڪري ڇڏيو هو. هينئر ڪير آهي، جو اسان کي جهلي ۽ روڪي ٿو تہ چڱا نہ ٿيو." "جڏهين ڏوهہ ۽ گناهہ رڳو اسان جو آهي تہ پوءِ پوڳيون بہ اسين پيا. جي اسين سبق نہ سکياسين تہ تباهہ ٿي ويندا سين." "اسين هوند سڌري پئون، جي اسان جا اڳواڻ سڌري پون. حڪومت جيڪڏهن چاهي تہ ڇا نہ ٿي ڪري سگهي؟ انهن وڏن ماڻهن کي ڪهڙي خبر، هو تہ هوائي جهازن تي چڙهي اچي هت نازل ٿيا هئا. صدقي جون بڪريون ڪير ٿيا؟ اُهي ويچارا مسڪين ۽ مفلس ۽ سفيد پوش ٿي هئا، جيڪي دربدر ٿيا. ديس هوندي پرديسي ٿيا. ملڪيتون ڇڏي فقير ٿيا. نوڪرون ڪاڏائون، معصوم ڪُمارائي، عزتون وڃائي، لڄون لٽائي، ڪين نصيب ڇا ٿيو! اڳي يا آئينده وري ڪين ڇا ملندو." "نااميدي وڏو گناهہ آهي. توهان جي، منهنجي نہ، پر سڀني جي گڏيل ڪوشش اهڙيءَ بدانتظاميءَ جو طلسم ٽوڙي سگهي ٿي."

برقعن وارو بحث الائجي ڪٿان جو ڪٿان وڃي نڪتو. ڪتاب منهنجي هٿ ۾ ائين ئي پوريل رهجي ويو. گرمي ڪافي تيز ٿي چڪي هئي. لُوءَ پئي لڳي، پر ۾ وينل نوجوان سگريٽ دکائي سوٽا هڻڻ لڳو، سرڪاري ملازم ٿي ڏنو. سوٽ بوٽ، جو چڙهيل هوس! گاڏي ڍري ٿيڻ لڳي. مون دريءَ کان ٻاهر ڏنو. ڪا ننڍڙي ويران اسٽيشن هئي.

پاسي واري گاڏي مان هڪ ڳوناٺو اُڀرو ٿي جهڙو لٿو، تهڙو منهن پر وڃي ڪريو. هو تڪڙو اُٿي کڙو ٿيو. هن جي سنئن جا وَر اهڙيءَ طرح ڪنجيل هئا، جهڙو ڪنهن ملاڪڙي جو ملهہ. هو پٽڪو ڪٽي ٻڌڻ لڳو. گاڏي اجان مس بيني ڪين تہ هڪ پوليس وارو ڪيس ڦري آيو. هو ڪيس ٽفڙون هٽندو گهليندو، اڳتي وڌڻ لڳو. هُنَ جو پٽڪو ڪجهہ هن جي هٿن ۾ هو، ڪجهہ پنيان لٽڪندو، گهلبو پئي ويو. گاڏي مان مسافرن جو ڳچ جيترو ولر هيٺ لٿو. سڀئي ڀراڙيءَ جا پئي ڏنا. زالون ۽ ٻار مڙيئي گهٽا هئا. ڪيترن جا پير اگهاڙا هئا. زالن ۾ بس پٽڪو پئجي ويو.

"ٻَڙي، هي ڪهڙو بغداد؟ مڙس کي پوليس وارو ونيو پيو وڃي! ڪرڻ، ڪندا! وارو ڪيو. گهوڙا ڦرجي وياسين! ڪهڙو ناحق ٿيو! مٿو ڪارو ٿئيو، ڊوڙو ننا! هو پوليس وارو گاڏي ۾ ٿو چاڙهيس. مُنيس آءٌ نيٺي ڪيڏانهن وڃان؟ هھڙو انڌير! هاءِ منهنجا الله!" هڪ پوڙهيءَ ٻاڪاريو.

ٻارڙا بہ ريهون ڪرڻ لڳا. ڪرڙ ۾ ڪندو متي تان هڙون اُڇلائي وڃي پوليس واري وٽ پهتا. جانا، گيسيون، ايلاز ڪيو هٿ پيا جوڙينس، نوڙيو پيرين پيا پونس، ڪيسي ۾ هٿ وجهي شايد پئسا بہ پئي آڇيائونس. پر پوليس واري بار بار ڪنڌ پئي سيٽيو.

سڄي ساري گاڏي مان انهيءَ واقعي ڪان پوءِ ڪوبہ ڪونہ لٿو. آءٌ خود عجب ۾ هوس تہ معاملو ڪهڙو آهي. ٻاهر هو زالون ۽ ٻار اُس ۾ سڙي ۾ لُڪَ ۾ لولڙات ڪري رهيا هئا. هي اڪ ڇنڀ ۾ ڇا ٿي ويو! چوري ڪئي اٿس؛ ڌاڙو هنيو اٿس يا خون ڪري ڀڳو آهي! ’نہ، نہ هلندي گاڏي مان ٽپو ڏيئي ڏوهہ جو ڪم ڪيو اٿس.‘ بيوقوف مري پوي ها تہ؟ ويچاري وٽ ٽڪيٽ ڪانہ هوندي، ٽڪيٽ نہ هجيس ها تہ اسٽيشن تي اچي اجايو ٽپو ڪونہ ڏئي ها. هيترن ماڻهن، زالن ۽ ٻارن سان گڏ آهي؛ ٽڪيٽ ضرور ورتي هوندائين. منهنجي ڀر وارو ويٺل نوجوان سگريٽ اُڇلائي اُٿيو ۽ لهي وڃڻ لڳو- "شير شاهہ جو شڪرو گهر جا ڪڪڙ ماري. هڙا ابوجهہ تہ پوليس وارن کي شل هٿ چڙهن!" گاڏي سيٽي هڻي. نوجوان ڊوڙي وڃي پوليس واري وٽ پهتو. گهڻي ردبدل ۾ ڌانڌل ڪان پوءِ هن ويچاري جي جند ڇُٽي.

هُنَ کي پنهنجي اُبهرائيءَ جو عيوضو ملي چڪو هو. ڏکو ڪائيندي نرڙ ۾ گوڏا رهڙجي پياهئس، ويتر جو پوليس واري مرامت ڪئي هيس، تنهن تہ سندس رت ئي سڪائي ڇڏيو هو. هو نڪي خوش ٿي ڏنو ۽ نڪي رنج ٿي نظر آيو. زالن روئڻ بند ڪيو ۽ ٻارڙا بہ چپ ٿي ويا. هو پنهنجو پٽڪو ٻڌڻ لڳو. گاڏي هلڻ لڳي. زال وري رڙ ڪئي، "اَبول..... منهنجي هڙ تہ آهي ئي ڪانہ. ڪرڙ ڪندا.... وارو ڪيو گاڏي تہ ڇتي ويئي. هاءِ منهنجا نوان ڪپڙا، نئين جُتي، وڪر وڙا سڀ اُنهي ۾ آهن." پر هنن مان گاڏي ڏي ڪنهن بہ ڪين سنڌيو. هنن کي گاڏيءَ تي چڙهڻ جو عيوضو ۽ سبڪت ملي چڪي هئي. پر هيءَ ڇا، گاڏي وري ڇو بيهي رهي. ڇا ڊرائيور کي قياس پيو هو. هن دفعي پوليس وارو الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويو هو. اسان جي گاڏي مان اهو نوجوان وري لٿو ۽ لٿل مسافرن جي گاڏي ۾ چڙهي هن هڪڙي اجرڪ ٻڌل هڙ هيٺ ڪيرائي. ڪانئين واريون پريون چڙهي چڪيون هيون. پوليس وارو غائب هو. گارڊ جهنڊي ڏيکاري، انجڻ هڪ وڏي ڪُوڪ لڳائي ڪڪو ڪو، ڇُو ڇُو، ڇڪ ڇڪ‘ گاڏي وري هلڻ لڳي. مون کان ڪتاب پڙهڻ تہ وسري ويو هو. منهنجي اکين اڳيان زندگيءَ جي ڪتاب جو هڪ اهڙو ورق وري ويو هو، جنهن کي آءٌ ڪڏهين بہ وساري ڪين سگهندس.

•

# مهمانن جا بهانا

مهمانن جو اچڻ ۽ تڪڻ اڳين ڏينهن ۾ خوش قسمتي سمجهي ويندي هئي. الاجي ڇو؟ پر اڄڪلهه جا مهمان، جهڙي ڪا مصيبت ۽ آفت! خاص ڪري وڏن شهرن ۾ ماڻهو گهرن کي هڪڙو مهمانخانو يا هوٽل ناهيو ڇڏين. هڪڙو اڌ ڪو ٿڙي ٿاٻڙجي، پلجي پتڪي، اچي ته هوند نهيو، پر هتي ته روز روز اڻ ڪونيا، بي دعوتيا، ڏسٽا وائسٽا، سمجهو ۽ هوند وارا، هليو اچيو بين کي آزار ۾ وجهن. ڇي، "مهمان پنهنجي قسمت پاڻ سان کنيو اچي." ڪهڙو نه بيهودو عقيدو! "ادا، داڻي داڻي تي مهر لڳل آهي." ڪيتري نه ديدهه دليري! مون ته اڄ ڏينهن تائين ڪنهن اهڙي هڪڙي مهمان کي به ڪونه ڏٺو، جيڪو پاڻ سان پنهنجي قسمت ۽ داڻو کڻي آيو هجي. باقي ٻئي جي هڙان ڪيڻ ۽ تڪليف پهچائڻ لاءِ بهانا ناهڻ ته ڄڻائن ڪو سکي.

بهانو پهريون:- "ادا ڇڱو ٿيو جو ملي وئين، آءٌ پاڻ تو ڏانهن پئي آيس. ڪيترو عرصو ٿي ويو آهي، جو توکي ڪونه ڏٺو هوم. ڏاڍو ياد ڪندو آهيان توکي. گهر ته ساڳيو اٿئي نه! ڇڱو، بازار مان ٿورو ڪم لاهي ٿو اچان. پنيان دروازي کان ايندس!"

بهانو ٻيو:- "ياءُ هونءَ ته هميشه هوٽل تي وڃي رهندو آهيان. دوستن کي ڪهڙي تڪليف ڏجي. پر هي هوٽل وارا به قهر ٿا ڪن. ماني ڪاءُ ته ڪا لذت ڪانه، بوڙ ۾ وجهن تيل ۽ چربي. ڪائي ڪٽي پاڻي پيءُ ته ڪنگهه ۽ ٿوئنڪار، جنسي مرض ٿو خريد ڪجي. مون کي هونئن ته ڪو خيال ڪونهي. روز روز اهي تڪر ڪائي هري ويا آهيون، پر ڪجهه عرصي کان بيمار ٿو گذاريان. هن وقت ڪريءَ ۾ آهيان. لاچار اٿم، تنهنڪري اڄ ضرور تنهنجي ماني ڪائيندس."

بهانو ٽيون:- "ڪيئن، وينا ته خوش آهيو نه؟ ٻار ٻچا، ننڍا وڏا، سڀ ڇڱا ڀلا آهن؟ پر دوست گهر جهلي ڇڏجانءِ، مٿان ڪتي اجائي تڪليف ڪن. آءٌ ڳونان ماني ڪائي پيو اچان. پيٽ ڀريو پيو اٿم. فقط راتوڪي رات ٽڪندس. باقي بستري جو خيال ڪجو. صبح جو چانهه پياريو نه واهه، نه ته نهيو."

بهانو چوٿون:- "واهه، يار واهه! اتي وينو آهين، سو به لڏي سان؛ ڪڏهن

خط بہ ڪونہ لکين. مون کي تہ وات تي ولي محمد کان تنهنجي خبر پيئي، ڏاڍيون پيو تنهنجون واڪائيون ڪري! بس، اسٽيشن تان لهي سڌو تو وٽ پيو اچان. جيم جڏهن اوهين انتي گهر ڪيو ويٺا آهيو تہ چو نہ اوهان وٽ ٽڪي، بہ چار گهڙيون آرام ڪيان. خبر ناهي حياتيءَ تي ڪهڙو ڀروسو."

بهانو پنجون:- "او.... هو...! مون کي تہ خبر ئي ڪانہ پئي! ڳالهين ڪندي آڌي رات ٿي وئي آهي. هڪ لڳي ويو آهي. هاڻي ننڊ، ڪٿي وڃي بين ڏرن جا ڪڙا ڪڙڪايان، ڪٿي اچ بسترو، تو وٽ ئي سمهي ٿو رهان. توکان ڪا جدائي آهي. پر وساريئن متان، صبح جو آءٌ دير سان اُٿندو آهيان، نيرن توتي آهي."

بهانو ڇهون:- "چا! صاحب اندر ڪونهي؟ ڪيڏانهن ويو آهي؟ ڪيڏيءَ مهل ايندو؟ توکي تہ ضرور ٻڌائي ويو هوندو، نہ تہ بہ گهر وارن کي ڪانہ ڪا خبر هوندي. سچ پچ، توکي ڪابہ خبر ڪانهي، چڱو، نهيو. هيءُ ڏس هيٺ ٽانگو بيٺو آهي. ان مان منهنجو سامان لاهي ڪٽي اچ. هنڌ ڪولي وڇائي ڇڏجانءِ. آءٌ اجهو چڪر لڳائي موٽي ٿو اچان. ها، صاحب اچي تہ کيس ٻڌائجانءِ تہ اڳيون حاڪي ڪپڙن وارو مهمان وري موٽي آيو آهي."

بهانو ستون:- "بس يائو، ڪهڙا ٿو حال پڇين، وري ٿو اچي ملانءِ. ٿڪڙو آهيان، متان آفيسون بند نہ ٿي وڃن. ضروري ڪم اٿم. جي ڪلاڪ اڌ ۾ ڪم پورو نہ ٿيو تہ سومر تائين رهڻو پوندو. چڱو، رات جو يڪي رهاڻ ڪنداسون."

بهانو انون:- "بنهہ پوري وقت تي آبو آهيان. چا جو بوڙ آهي؟ نہ نہ.... پلاهہ آهي. مون کي ڏينهن جو چانور وڻندا نہ ڪونہ آهن پر توسان گڏ، زهر هجي تہ بہ هوند انڪار نہ ڪيان."

بهانو نائون:- "ٻيلي، آءٌ توتي اجايو بار ڪونہ ٿيندس. منهنجي لاءِ خاص تڪليف نہ ڪج. رکو سکو، جيڪي تيار هجي سو ڪٽي اچ. مڙيئي آهي پيٽ جو دوزخ پرڻو. ڳوٺ ڪهڙا مال کائيندا آهيون. پنهنجن کان ڪو حجاب آهي!"

بهانو ڏهون:- "بس، ٻيو ڪو خاص ڪم ڪونهي. آءٌ سڀاڻي شام ڌاري تو وٽ پهچي ويندس. سمجهي وڃو. اوهان جو مهمان ٿيندس. پوءِ رات پنهنجي تات. وڌيڪ احوال روبرو ڏبا وٺبا، ماني تہ اُتين ئي کائبي."

بهانو يارهون:- "مون کي خبر آهي، شهر ۾ ڪنهن کي تڪليف ڪانہ ڏبي آهي، پر ننڍپڻ جا ڏينهن ياد ڪري اوهان وٽ لنگهي آيو آهيان. بہ چار ڏينهن ترسندس. ماني وغيرہ جي ڳڻتي نہ ڪجو. ڏينهن جو سڄو وقت ڪم ڪار سان

باهر رهندس. رڳو رات جا چار پهر اچي ٽڪندس. وجي تہ ڪا هوٽل وسايان ها، پر اتي منگهن ۽ مڇرن جو آزار آهي."

ٻهانو ٻارهون:- "ڏاڍي ٻڌايُو. ماڳهين مون کي سڄاڻو بہ ڪونہ ٿا! ماٺهين ڪان پڇي ڏس، تنهنجي جهنڊ ڪنهن لاٿي هئي. چار درجا انگريزي پڙهي گٽ مٽ سکئين تہ ڇا ٿي پيو؟ اڪيون ڇو ڦُوريون اٿئي. مرشد کان منڪر ٿي آخرت نہ وڃاءِ. خدا ۽ خدا جي رسول کي سڃاڻ. پٽهين مرهيات تہ مهينن جا مهينا ٽڪائيندو هو ۽ ڏن تنهن کان سواءِ ڏيندو هو. چوڏهين صدي آهي، چوڏهين صدي! مرن بہ پناهہ ڪَهري آهي. خير، وجي ماٺهين کان ماني کٽي اچ. مٺان ڪٽي ڏورايو ڏئي تہ مرشد در تي اچي، خالي هٿين موٽي ويو."

ٻهانو ٽيرهون:- "توهين ۽ آءٌ ننڍا هئاسون، شايد اوهان کي ياد هجي. اوهان جي والد ۽ منهنجي پيءُ جي دوستي هئي. مرهيات هڪبئي وٽ ايندا ويندا هئا. توهان تہ صفا وساري ڇڏيو آهي. ويچارن وڏڙن جو ناتو ائين ٽٽن نہ گهرجي. هڪبني وٽ پير پري نہ وجبو، تہ ڪا ڳالهہ نهي ٿي! هي ٻير ۽ آيُون گهران ڏنا اٿن، اندر ڪٽي وڃ."

ٻهانو چوڏهون:- "عرصي کان بيمار ٿو رهان، ڏس ڳري ڪندا ٿي ويو آهيان. هتي شهرن ۾ تہ وڏا وڏا ڊاڪٽر ٿا رهن. توهان جو ضرور ڪونہ ڪو واقف هوندو. مون تي احسان ڪيو. جيسين جيئرو هوندس، اوهان کي دعائون پيو ڪندس. دوست اهو ئي آهي جيڪو آنيءَ ويل ڪم اچي. سو لنگهي آيو آهيان اوهان وٽ. اميد تہ مهيني اندر چاڪ ٿي ويندس. ٻيو مڙئي خير. ٻچن مان لڪ ٿيندءِ!"

ٻهانو پندرهون:- "هائو. برابر- اوهان مون کي ڪونہ سڃاڻو. گهر ۾ چيائون تہ توهان جي گهر وارن اچ ڪير دعوت ڏني آهي تہ اڀي گهمي ۽ ماني کائي وڃجو. دل چيو، گهر ۾ اڪيلو ڪهڙا ڪُنا گهڙبا. سو آءٌ بہ لنگهي آيس توهان وٽ. گهمڻ ۾ گهمڻ واقفيت تہ ٿيندي."

ٻهانو سورهون:- "توهان کي صاحب جي گشت جو پروگرام تہ مليو هوندو. خير، اسين پهچي ويا آهيون. صاحب بہ پهچي ويو آهي. ڪٽون، ڪرسيون، بني ۽ ميز وغيره ڪونيءَ ۾ وجهائي، صفائي ڪرائي، سامان رکائي ڇڏجو. آءٌ صاحب ڏي ڪاغذ ڪٽي ٿو وڃان. ضروري لکپڙهن جو نيڪال ڪرڻو آهي. خبر ناهي ڪيتري دير لڳي، ڪيڏيءَ مهل موٽان. پنيوالي جي بہ ماني ڪرائجو."

ڀهانو سترهون:- ادا، حال احوال مڙيئي خير جا آهن. آيو هوس شهر ۾ ڪجهہ سودي سلف لاءِ، اسٽيشن تي ٻلتي ڪدائيندي گاڏي ڇٽي وئي. چيم تہ ڇو نہ ڳوٺائيءَ وٽ چار پهر گهاريان. ڏٺي بہ گهٽا ڏينهن گذري ويا هئا، سو توهان سان ملياسون. ٻيو سارو خير، اوهين پنهنجا حال احوال ڏيندا."

ڀهانو ارڙهون:- "نہ...... نہ.... آءٌ، چانهہ ڪونہ پيئندس. خبر ناهي ماٺهو اهو ڪوسو پاڻي ڪيئن ٿا پيئن. اوهين جي هرون ڀرون ناراض ٿا ٿيو تہ ڪٽي ماني گهرايو. ڇوڪرا- بيرا- دو روٽي ايڪ پليٽ مرغي لائو."

ڀهانو اڻويهون:- "ست پيڙهائنو سادات آهيان، شهر ۾ اوهان جي ناموس ٻڌي هليو آيس. پنجن تنن جي ڇانوَ هجيئي! علي ڪندو اهي گنج ڀريا ڀرپور هونديءَ. مسڪين آهيان. بہ چار ڏينهن تڪايئي تہ ڪٽي ڪونہ پونديئن. زياده آءٌ بہ ڪونہ رهندس. جوڳي رمتا ڀلا- اڄ هِت سڀاڻ هُت."

ڀهانو ويهون:- "خانو خراب ٿئي هنن شنوايُن جو، بہ سال ٿيا آهن. نڪو ٿو ڪيس هلي نڪا ٿي جند ڇٽي! رڳو ڀيئون تاريخون ملن. انصاف آهي يا بغداد- اڄ هو ڪونهي، سياڻي فلاڻو غائب. سيڻي تي اڄان سمن ئي تعميل نہ ٿيا آهن. ڀيري ڀيري سان اڄو، تہ وڪيل هڪڙي پاسي تہ منشي ٻئي پاسي، تيان وري شاهد، سيڻي وات ڦاڙيو وينا آهن. ڀلو ٿئي ڪورٽن جو، هيڪر جند ڇٽي سهي - 'ول نہ ڏيلهي ڪائسون.' وري بہ شڪر آهي، جو اوهين اسان جا ڀرجهلا ٿيا وينا آهيو، نہ تہ هوٽلن جا خرچ اُرائي ڪدي ڇڏين ها."

ڀهانو ايڪيهون:- چاڪ تہ آهين؟ ڇو ڳالهائين ڪين ٿو؟ ڪهڙين ڳڻتين ورايو اٿئي؟ ماني تہ کاڌي اٿئون. اُٿ. ڪپڙا مٽائي اڄ- اڄا وينو آهين! اڳئين ڀيري بہ نٽائي ويو هئين. اڄ توکي مون سان گڏجي هلڻو پوندو. سئنيما ضرور ڏسبي. چون ٿا تہ ڪيل ڏاڍو سنو آهي."

ڀهانو ٻاويهون:- "ماني تہ کائي وينا هوندا؟ اوپرو آيو آهيان. نہ- اڄا کانہ کاڌي اٿوَ. اڄ تہ الله سائينءَ کان جيڪي گهران ها سو ملي ها. قسمت وارو آهيان. سياڻن سچ چيو آهي. 'داڻي داڻي تي مهر لڳل آهي. مون سمجهيو ٿي تہ بک مرندس. ڀلا ڇا چاڙهيو اٿو؟ ڪوفتا! اوهين شهرن وارا بيشڪ کائي ڄاڻو. اسان کي تہ ڳنڍڻ بہ نصيب ڪونہ ٿو ٿئي."

ڀهانو ٽيويهون:-هيءَ ٻرزو آڻيندڙ، منهنجو دل گهريو دوست آهي. ايڏانهن ڀهريون ئي دفعو اچي رهيو آهي. اتي ڪو ڀنهنجو ڪم اٿس. واقفيت ڪانهيس.

اوهين شهر ۾ رهو ٿا، ڪيس هڙان ۽ وڙان مدد ڪجو. ٽِڪندو اوهان وٽ. ڪاڏي پيتي جي پارت اٿوَ."

ٻهانو ڇوويهون:- "اوهين صلاح ڪيو يا نہ- 'اَشهَدَ اَنَ' ڪي ڪير ٿو پڙهي ڏٺي! قسم سان صبح کان نيرانو آهيان. الائجي ڪنهن ڪم بخت جو منهن ڏٺو هوم- هٿ ڏٺان چا؛ نهيو شينهن جا هٿ ڏونا پيا آهن: جهجهن سان جهجهي برڪت، وبجهو اچ- چڱو- بسم الله."

ٻهانو پنجويهون:- "ادا، هي اٿوَ ساڳيو ياءُ، جنهن لاءِ چيو هوم تہ سانجهيءَ تقرير ڪندو. آءٌ تہ وڃان ٿو ڊاڪٽر کان دوا وٺڻ، گهر ۾ چاڪائي ڪانهي. چڱو ادا، آءٌ هلان ٿو منان ڊاڪٽر اُٿي وڃي. دير ٿي ويندي. توهين ٻئي ماني کائي، جلسي تي ضرور اچجو، باقي ڳالهيون اتي ٿينديون."

ٻهانو ڇويهون:- "آيو تہ دير سان آهيان، ضرور ڪائي پي وينا هوندا. لنگهڻ ئي ڪري ڪاٿيان ها، پر سچ پچ نہ راتوڪيءِ مانيءَ تي آهيان. گهر ۾ ٽڪر پور رهندو ئي رهندو آهي. پهرين وجي ڪجهہ ڪٽي اچو، اول طعام بعد ڪلام، پوءِ يڪا ويهي ٿا رهاڻ ڪيون."

ٻهانو ستاويهون:- "هيڏانهن نہ ڪر اِهو ٻوڙ وارو وٽو- ڏس ليمون آندو اٿم. ڪپ ڪٽي آهي. هان- هائي، ڪائي ڏس! نہ نہ، چڱو- چڱو- ناراض نہ ٿي، آءٌ بہ شروع ٿو ڪريان. جٺو بسم الله!"

مٿين مهمانن کان سواءِ هڪڙو قسم اهڙن مهمانن جو بہ هوندو آهي،-جن جي اچڻ ڪري سچ پچ خوشي ٿيندي آهي. دل پئي چوندي آهي تہ شل اهي هميشہ وينا هجن. پر افسوس اهو آهي تہ اهڙا مهمان وري ياڻ ڇڏائڻ لاءِ ٻهانا گهڙيندا آهن. بهرحال ٻهانا ۽ مهمان، لازم ملزوم حقيقتون آهن، ۽ مهمان نوازيءَ جون رسمون وري انهن کان بہ نراليون: هٿ ڌئاريو، صابڻ گهرايو، توال ڏيو، پاڻي پياريو، وهنجاريو ۽ گڏجي کائو. جلد بس نہ ڪيو. اگ ۾ نہ اُٿو. آهستي آهستي کائو. ڪڪ نہ ٿيو. ڳٽيون نہ ڪيو. کلو ڳالهايو. چانهن، پان، ٻيڙي جي آچ ڪريو. پنهنجا ڪم ڪاريون ڪڏ ۾ وجهي، ٻتاڪون هڻو. ڏيڪاءَ ۽ ڏوڪي کان ڪم وٺو. پاڻ ڀلي دال کائو، پر مهمانن لاءِ مرغي ۽ برياني ضرور تيار ڪريو. قيمتي وقت ۽ پئسو وڃايو. خوشامد ۽ چاپلوسيءَ جو ڊؤنگ رچايو. پرايو پيٽ پريو، پوءِ اوڌر ڪيو، چوري ڪيو، يا ڀلي بک مرو. پر دنيا جي فريبي رسمن کي چيچڙ ٿي چهٽي پئو، ۽ مهمانن جي وڏي دل ڪري مهماني ڪندا رهو.

# پريشان انسان

مٿي ۾ سور، دل جي ڌڪ ڌڪ، بدن ۾ هلڪو هلڪو بخار، چيلهہ تہ ڄڻ ڪنهن چيچري ڇڏي هجي. پنين ۾ سور، ۽ خيال پريشان. گھر ۾ سيڌو سامان ڪٽل. مهيني جي اوڻٽيهين اونداهي. پگھار جو ڪڏهوڪو ڏيوالو نڪري ويل. اها ڪوڙي ڪانهي، جو شام جو نلهو چانهن جو ڪوسو پاٽي ڪٽي نڙيءَ ۾ اوتجي. ٻہ ٻار دائمي بيمار ۽ دوائون بليڪ مارڪيٽ مان بہ ملڻ محال! پوءِ اهڙي ماحول ۾ ارمان، ارادا، امنگ ۽ آسرا، مستقبل جا روشن خيال! زنده دلي، خوش مزاجيءَ ۽ راحت جون سڀئي حسرتون ڪهڙي ڪم جون! هيءَ جيئڻ جو جنجال، قيامت ڪان اڳ ۾ ئي قيامت. اجا ٻيون ڪهڙيون عقوبتون اُتي ٿينديون! باقي پنيان بچيو بہ ڇا آهي؟

انور جي تڪليفن جي انتها ٿي چڪي هئي. ڪٽ تي ليٽندي، اَنيڪ خيال ۽ اوسيئڙا هن جي دماغ کي وڪوڙي ويا. جهڙيءَ طرح ڏينيين جو وَلر ڪنهن جي جسم کي چهٽي، چنبڙي، اُڏامي، وري اچي چهٽي. اها ڳالهہ ڪا هن لاءِ نئين ۽ نرالي ڪانہ هئي.

هو ننڍي هوندي کان ئي، زندگيءَ جي حسين لحظن لاءِ واجهائيندي ۽ سڀني مشڪلاتن کي منهن ڏيندي بہ ڪڏهين سک جي ساعت ڪانہ سنڀريو هو. زماني ۽ ان جي گردش هن تي ڪافي زور آزمايون ڪيون هيون. ڇا لڳي هن جي چاليهہ ورهيہ جمار ۽ ڇا لڳن هن جي مٿي جا هرڪ جهڙا اچا وار! منهن ميرانجهڙو، ماس تہ سندس جسم تان ڄڻ ڪنهن روڙي ورتو هو. بت ۾ باقي هڏا هئس، جي فقط چمڙيءَ سان ڍڪيل هئا. زندگيءَ جي ڪابہ چمڪ هن جي چهري ۾ ڪانہ هئي. هن جون اکيون ڏرا ڏيئي ويون هيون. پڙهيو تہ ٿورو سورو هو، پر زماني جي تتل ديگ ۾ "ڪڙهيو" سو ڪافي هو. مائٽن ننڍي هوندي ئي پرڻائي ڇڏيو هوس. چار پنج ٻار پيدا ڪيا هئائين. سرڪار جو معمولي ملازم ۽ پگھاردار هو. ڪو وقت هو، جو هو پنج ئي وقت نماز پڙهي، وظيفا ڪڍي، الله سائينءَ جي حضور ۾ آزيون ۽ نيزاريون ڪري، مٿي کي اهڙو تہ زور سان سجدي ۾ گسائيندو هو، جو سندس نيازمندانہ پيشانيءَ تي هڪ ڪارو داغ بہ ٿي پيو هو. پر خبر ناهي تہ الله سائين

مٿس ڏمريل هو يا شيطان جي ساٿس سنگت هئي. بهرحال، هن جي قسمت ۾ ڦيرو نہ اچڻو هو سو نہ آيو.

پنجن ڇهن سالن جي لاڳيتي رياضت ۽ نمازن کان پوءِ، هن جي طبيعت ۾ ڪو اهڙو اُبتو ڦيرو آيو، جو هُن ڏاڙهي ڪوڙائي، نماز کي طلاق ڏيئي ڇڏي. انهيءَ جي عيوض، هن ۾ هڪ ٻي عادت- سوچڻ، ويچارڻ ۽ وچهلڻ جيَ گهر ڪري ويئي. خاص ڪري جيڏيءَ مهل رات جو هو کٽ تي اچي دهندو هو، تہ ڪيئي خيال ۽ سوال هن جي دماغ ڏانهن ولرن جا ولر ڪندا، دوڙندا ايندا هئا. ۽ ائين هر رات، خيالن جي چار ۾ ڦاسي، ڦٿڪي ڦٿڪي، پاسا ورائي ورائي، اوٻاسيون ڏيئي، سمهي رهندو هو. صبح جو سج ايرئي کان پوءِ اُٿي، مشين وانگر، نوڪريءَ جي ڪارخاني ۾ ٺڪ ٺڪ ڪري، ڏينهن ڪاٽي ڇڏيندو هو. اهڙيءَ ريت 'رات ساڳي نات' اُهوئي ڳن، اهوئي رنبو: پور پچائيندي پچائيندي، بي آراميءَ ۾ وچي آرامي ٿيندو هو.

هو اڄ بہ دستور موجب کٽ تي اچي ليٽيو هو، تہ هن محسوس ڪيو، 'هاٿي ڪافي ڪمزور ٿي ويو آهيان. منهنجي جسم ڏيئي وٺي اچي دنگ ڪيو آهي.' عين اُنهيءَ وقت هن جي ذهن ۾ هڪ سوال تري آيو. 'جيڪڏهن اڄ رات جو مري وڃان تہ هوند ڇا ٿئي؟....ٿيندو وري ڇا؟ جڻ ڪو ڪتو مري ويو.... نہ نہ، آءٌ مري ويندس تہ ڏاڍو نقصان ٿيندو. سڄي آکهہ تڪليف هيٺ اچي ويندي. لاش کي بہ ڪفن نصيب ٿئي يا نہ! گهر ۾ سڄ پئي واڪا ڪري، ڪفن ۽ قبر لاءِ تہ پئسا گهرجن. گهر واريءَ ۽ ٻارڙن جي روج راڙي تي ڪو پاڙيسري لڙي ايندو الائي نہ! ڪنهن کي من قياس بہ اچي! چندي چيريءَ مان ئي من منهنجي پڄاڙي سُرهي ٿي وڃي.... جي نہ، تہ پوءِ بہ پلا ڇا؟ مئي کان پوءِ سڄ اُپري نہ اُپري: مرڻ کان پوءِ مون کي ڪهڙي پرواهہ: پوين جا پاڳ پوين سان. ٻارڙا هٺ پير هڻي پاڻهي جوان ٿي ويندا.... پر، ڪين نيٺ ڪير ڪارائيندو، ڪير پيارپندو: هنن بيمار ٻارڙن کي دوا درمل ڪير وٺي ڏيندو. ڊاڪٽرن جي في ڪير ڀريندو، ڪين دوا نہ ملندي تہ ڇاق وري ڪيئن ٿيندا. هو پڪ ڄُڙي ڄُڙي مري ويندا.... باقي بيا بہ ٻار؟ من اُهي ئي سڌري پون: چار اکر پڙهي من مون وانگر، جهڙي تهڙي نوڪري ڪري سگهن.... پر انهن کي بہ سنڀاليندو ڪير؟ مون کان ئي هنن جي پرگهور نٿي ٿئي: رڳو وڻ کي ئي جي پاڻي نہ ملي تہ اهو بہ سڪي سڙي ٿو وڃي. ڪنهن کي گتي پيئي آهي، جو منهنجو هيءُ گهنگهر گهلي پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهندو. پوءِ هو پڪ پنن شروع ڪري

ڏيندا، فقير ٿي پوندا؛ پوءِ ھو رستن، گھٽين ۽ گھرن جي درن تي صدائون ھڻندا، ليلائيندا، ھر ھڪ جي اڳيان ھٿ ٽنگيندا. ھي مسواڙ وارو گھر بہ نيٺ خالي ڪري اُٿڻو پوندن ۽ سھنجي گھر واري وجي منھنجي پاءُ وٽ رھندي.... پر ھنن جو گھر بہ تہ سوڙھو آھي. خير، دل وڏي ھجي، باقي گھر سوڙھو ھوندو تہ ڇا ڪندو! منھنجي پاجائي، ٻچي شل! سھي مون ڪي ئي ڪانہ، سو ٿي منھنجي زال ڪي پنھنجي گھر ۾ ترسائي. ھيڏيءَ ساريءَ دنيا ۾، ھن آسمان جي ھيٺان، ھنن ڪي ڪٿي مٿي لڪائڻ جي جاءِ بہ ملندي الائي نہ؟ من ڪٿي مٿي جي ڇانوَ ڪري ٻارن جي ماءُ وجي ويھي رھي.... پر ھن پوڙھي ۽ پراڻي ڪوڪي ڪي پڇندو ڪير؟ ڇڪلو بہ تہ پوريءَ ريت ڪين وسائي سگھندي. منھنجي زال ۽ ڇڪلو! "ٿُو ٿُو! ھي ڇا، ائين ڪو پنھنجيءَ زال لاءِ سوچي بہ سگھندو! حيف ھجي منھنجي زندگيءَ تي، جو مرڻ کان پوءِ بہ اھڙا ڪلور ٿين! پر ڪي ماڻھو تہ جيئري ئي ائين ڪري رھيا آھن. ڇڪلي ۾ جي وينيون آھن، تن سيني جا مڙس ٿورو ئي مري ويا آھن. اُنھن کي بہ تہ پيءُ ماءُ، ڀينر ۽ ڀائر آھن. اھي بہ تہ اسان وانگر ئي انسان آھن؛ پوءِ اِھي ڇو اھڙي زندگي گذاري رھيون آھن. ھنن جا گھر نھرائڻ وارا، ھنن جا گماشتا ۽ دلال بہ تہ ھن ئي دنيا جا ماڻھو آھن. پر ھٿ جون پنج ئي آڱريون ھڪجھڙيون نہ آھن، ۽ سيئي انسان ھڪجھڙا ناھن. آءٌ ھرگز اِئين ٿيڻ ڪين ڏيندس. آءٌ مقابلو ڪندس، دنيا جي ذري ذري سان لڙندس، وڙھندس؛ پنھنجي اولاد لاءِ، پنھنجي گھر واريءَ لاءِ ڪجھہ نہ ڪجھہ ڪري، پوءِ ئي مرندس؛ تنھن وچ ۾ موت ايندو، تہ موت کي بہ منھن ڏيندس، سندرو ٻڌي ڪيس ٻڪ وجھندس، آڻ ڪين مڃيندس. آءٌ خود ملڪ الموت کي بہ موٽائي ڇڏيندس.... موت، اڙي موت! آءٌ توکي نپوڙي، گھٽي گھٽي ماريندس: وڃ، ٽري وڃ منھنجي اکين کان! آءٌ اھڙي سٽري ذر نہ آھيان؛ اڃا آءٌ جوان آھيان ۽ جوان ئي رھندس.

ھن جي ذھن مان موت وارو خيال پُڇ پائي وني ڀڳو، ۽ اھڙو ڀڳو جو گم ٿي ويو. ھن وٽ جذبا، جوش ۽ ھمت ڊوڙندا آيا. جن ھن کي سينگاري ناھي، ھٿ کان جھليندي، زندگيءَ جي بنھہ محلات ۾ وجي ويھاريو- نوڪر چاڪر، ڌن دولت، ۽ مان مرتبو، ھن جي اڳيان ڦيريون پائي اچ وڃ ڪرڻ لڳا. ھن جي زال، راڻي ٿي، ھن جي اڳيان آئي. ھن جا ٻار شھزادن جي پوشاڪ ڀھري آيا. تندرستي نچڻ لڳي، ۽ خوشيءَ ٻِتا ٻِتا ٺھڪ ڏنا. حُسن ۽ جوانيءَ حيا کان ڪٽي ڪنڌ ھيٺ جھڪايو. شرميلي نگاھن چوريءَ چوريءَ ھن کي گھورڻ شروع ڪيو. ھڪ رنگين تصوير

نماڻائيءَ سان مٿي نهاريو. سڀاجهي آسمان ۾ سدا چمڪندڙ ستارا جهرمر لاڻيو بيٺا هئا. هن ڪَرَ موڙيا. آهستي آهستي اکيون پوري، تارن جي مٺي ۽ من موهيندڙ روشني پنهنجي اکين جي ماٺڪين ۾ بند ڪئي. هن سمجهيو تہ هن جي تڪل تنل جسم تي، ڪن ريشمي آڱرين، نازڪ گلن جي نفيس پنکڙين جي ورڪا ڪرڻ شروع ڪري ڏني آهي. سون ۽ چانديءَ جي ڪا دز هئي، جا هن جي مٿان آهستي آهستي جڻ ڇنڪارجي رهي هئي. اُنهيءَ نوراني دز مان، اوچتي هڪ اُمازي زوُن زات ڪري نڪتي؛ دور اولهہ ڏانهن هڪ تارو ڪڙيو ۽ ڪن ۾ غائب ٿي ويو. هن جي ذهن تي ائين ڪجهہ اچلجي اچي لڳو، جڻ دکندڙ ڪوئلن تي پيٽرول هارجي پيو. باهہ جو پنبيٽ پڙڪو ڏيئي هن جي چوڌاري ڦهلجڻ لڳو، ۽ هو وري انهيءَ جيپيءَ جي لپيٽ ۾ لوساڻجي ڪامڻ ۽ سڙڻ لڳو. بيتاب ٿي هن وري پاسو اُٿلايو.

هو اکيون کولي آسمان کي بي معنيٰ نگاهن سان تڪڻ لڳو. هن جي خيالن جو گهوڙو چؤپير زمين ڪان مٿي اڏامڻ لڳو، جڻ تہ هن کي زمين تي پير هٽڻو ئي ڪونہ هو. زمين تي جڻ ڪنهن تاندا پٽاري ڇڏيا هئا. هوا جي واچوڙي وانگر هو پري پري آسمان ڏانهن اڏامڻ لڳو. هو سيئي حدون اورانگهي، گستاخي ڪري وڃي الله جي حضور ۾ پهتو. هو بي حيا ۽ بي ادب ٿي چوڻ لڳو: "الله سائين، تون اتي اينترو پري، ستين آسمان ڪان بہ مٿي، ويٺو آهين. زمين وارن جون آهون دانهون تو تائين ڪيئن پهچنديون! پر اڄ تہ آءٌ تنهنجي اڳيان، تنهنجي ويجهو، بنهہ آمهون سامهون آيو آهيان. بڌ، تون تہ رحم ڪندڙ آهين. آءٌ ڪٿان ۽ ڪيترو پنڌ ڪري تو تائين پهتو آهيان! توکي بڌڻو ئي پوندو. مون کي اجازت ڏي تہ آءٌ پنهنجي زبان کوليان. هيءَ دنيا توئي تہ ناهي آهي. هيءَ زمين ۽ آسمان توئي تہ جوڙيا آهن. آدم کي بہ تہ توئي خلقيو آهي. اي منهنجا مولا، توکان ٿو اڄ آءٌ پڇان، آخر هي سمورو مانداڻ تو ڇا لاءِ منديو آهي؟ آدم کي سزا ڏيئي تو هرون پرون زمين تي ڇو لاٿو؟ تنهنجيءَ دنيا کي تہ هنن اڳ ۾ ئي دوزخ بنائي ڇڏيو آهي! ڪن تہ پاڻ لاءِ وري هتي ئي بهشت بنائي ڇڏيا آهن! پوءِ تنهنجو دوزخ ۽ تنهنجو بهشت آخر ڪهڙي ڪم ايندا؟ انسان تہ توکان سنڀاليو ئي ڪونہ ٿو ٿئي! ڪي تہ توکان تنهنجي خدائي بہ ڦريو، هتي خود خدا بنيا پيا گهمن! دنيا دارن تہ تنهنجي هيءَ دنيا توکان کسي، وڃي پنهنجي قبضي ڪئي آهي، ۽ جيئن ٿو ڪين وڻي تيئن ٿا پيا پنهنجيءَ دنيا کي هاڪي هلائين چلائين! تو وٽ هنن باقي ڇڏيو بہ ڇا آهي؟ تنهنجي دنيا ۾، تنهنجا

هي رقيب، هي غاصب اينرو ظلم ڪن، اينرو انڌير مچائي ويهن، ۽ تون اتي محشر جو توراڙو هٿ ۾ جهليو، ويٺو تماشو ڏسين! ڇا هن دنيا جا هي ننڍڙا خدا بہ تو خلقيا آهن؟ ۽ ڏس هو مفلس، ڪنگال، غريب، بکيا، اگهاڙا ۽ بيمار، اهي بہ تہ توئي اُپايا آهن. ايڏي اَمير پروري آخر ڇو؟ هڪڙن جا پيٽ خالي، تہ ٻين جا ڪتا بہ ڪاٻو پيو پيا اُلولبون ڪن! مون اياڻي کي جواب تہ ڏي، اي جاڻٺهار! آءٌ هيتري بکواس ڪري ويو آهيان. مون کي روڪ تہ سهي. ڳالهائين ڇو نہ ٿو؟ ڇا مون جاهل کي پنهنجي عظيم مان سان ئي آڻ مچائيتي اٿيئي؟ تنهنجا راز آءٌ برابر ڪين ٿو ڄاڻان. تڏهن تہ مون سچ، چنڊ، هوا، باهہ، پاڻي، وڻن ٽڻن، نانگن بلائن، ديون ڏيگن، فرشتن، ديوتائن ۽ پيغمبرن کي پوڄي پوڄي باقي اڃي هاڻي تو هڪڙي جي عبادت جو سهارو جهليو آهي! ۽ منهنجي انهن سڀني قربانين، تپسيائن ۽ بندگين جو عيوضو؟ منهنجي صبر ۽ آزمائش جي بہ ڪا انتها آهي! هاڻي ڏس هي هنان جي دنيادارن جو اَئٽم بم، هئڊروجن بم، بلو بم، راڪيٽ ۽ ميزائيل! هاڻي، جاڻ تہ هيءَ دنيا توکان بہ ويئي ۽ هنن کان بہ! آءٌ نہ رهيس، تہ تون نہ رهئين. ان مان مون کي ڇا حاصل، ۽ مون مان توکي ڇا حاصل؟"

انور خيالي دنيا ۾ ڪنان جو ڪنٽي وڃي پهتو هو. هن جون اکيون تاندن وانگر ٻري رهيون هيون. هن جي پيشاني تپي لال ٿي ويئي هئي. هن جي دل تي ڪو زور زور سان منرڪا هنئي رهيو هو. هن جو جسم گرم گرم سيخن سان ڏنيجي رهيو هو. هو لڇڻ لڳو. هو ڦٿڪڻ لڳو. جن تہ باهہ جو وڏو مچ ٻريل هو، جنهن تي هو ڪباب وانگر سيڪجي رهيو هو. هن جو جسم سڙڻ ۽ ڪامڻ لڳو. هن پاسو ورايو. ٻري ٻري ڪان، بنهہ ٻڙاڏي طور هن جي ڪاڙين چڙهيل ڪنن ۾ هڪ غير مانوس آواز پڌڻ ۾ آيو. صاف طرح ڪو چئي رهيو هو: "بس ڪر بيهودا، پاڳل! ڪهڙي بڪ بڪ پيو ڪرين. تنهنجي زبان ڪاٽي ويندي. تون ڇريو ٿي ويو آهين. تون هاڻي بنهہ وحشي حيوان ٿي پيو آهين."

آواز هيبتناڪ هو. انور جي دماغ تي دهشت ڇانئجي ويئي. هن جو بدن، هن جا هٿ ۽ پير سڪرات جي آخري وقت وانگر، ڏکي ڏکي سيٽجڻ لڳا، ۽ سيٽجي سيٽجي ساڻا ٿي ويا. هن جي اکين جا تارا مٿي اکين جي کوپن ۾ لڪي ويا. هن جا چپ آهستي آهستي ڦرڪڻ لڳا. هن شايد ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو. هو وقلڻ لڳو، ضعيف زبان مان "توبهہ، توبهہ!" جا اکر نڪتا، ۽ عين انهيءَ مهل هن جو ڪنڌ ڍرڪي ۽ لڙي پيو. هن جي وات مان ٿوري گگ وهي اچي وهاڻي کي لڳي. شايد، شايد، هن کي ننڊ اچي ويئي هئي!

# لڪيل جواب

"پرواھ ناهي، تو اڄ مون کي ڌمڪايو..
نفرت ڀريءَ نگاھ سان نهاريو،
شوخيءَ ۽ ڪاوڙ ۾ سُوڪجي...
منهن ۾ گهنڊ وجهي،
تو مون سان ڳالهايو.

"تون سمجهين ٿو،
آءٌ نوڪر آهيان،
مون کي پگهار ملي ٿو-
اِهي چند سڪا
جيڪي مون کي ملن ٿا،
تنهنجي عجيب صحيح سان ۽
تنهنجي معرفت،
سرڪار جُي خزاني مان-
جنهن مان، نصيب ٿئي ٿو
مون کي منهنجي مانيءَ جو ٽڪرو،
جن تي پلجان ٿو آءٌ!
۽ منهنجا ٻار ٻچا-
...اسان جي قسمت آهي
تنهنجي قلم جي نوڪ تي!

"هائو، برابر، بيشڪ:
زيردستن جي محنت جو اُجورو،
پورهئي ۽ پگهر جو عيوضو:
-- جينوٽيڪ، جنهن مان
پورو بہ نٿو ٿئي
هڪڙي مهيني جو پيٽو ۽ ڪپڙو-
انهيءَ ڪري تہ آءٌ خاموش
ٻڌندو رهيس،
ٻنهي ڪنن سان،
تنهنجا طعنا ۽ ٽنڪا،
نؤد وانگر،
جنهن مان سوئو تنبي تنبي،
وري ڪڍي ونجي،
تہ بہ اُهڙي جو اُهڙو!
.....سو کهڙو اثر ڪندي،
مون جهڙي نؤد تي،
اها تنهنجي گرما گرم گفتار!

"آءٌ تہ برابر نوڪر آهيان،
سرڪار جو،
--۽ هو جو سرڪار جو
بنھ بالا آفيسر اڇٽو هو،
جنهن سان آڌيءَ رات تائين،
تو رچائي هئي محفل:
'کانا ۽ پينا....
دؤر هليا هئا جتي
پيالن جا،

ءِ تو ٻڌا هئا عمدا گانا،
ءِ تو ڏٺا هئا دلفريب ناچ،
جن جا نظارا...آهن اسان جي
خوابن جي دنيا کان دور
ءِ پري:
چو نہ پري ٿيندا،
اهي اسان کان!
توهين آهيو آفيسر
ءِ هو آهن
اوهان کان بہ وڏا آفيسر!
کهڙو نہ عمدو نيشانُ
جهرمر جهلڪي ٿو
اوهان جِن پيشانين تي!
جنهن مان نڪرن ٿا
نوراني ڪِرڻا،
ءِ سجاڳ جي روشنائي:
جنهن جي وسيلي
اوهين هڪٻئي کي
ڄاڻي، سڃاڻي، ءِ ڪيڪاري
ويهو ٿا ويجهو:
ءِ رمزن واريون ٿين ٿيون
رهاڻيون، مجلسون ءِ محفلون
دنيا جي جهيڙن جهٽن
ڪرڪسن کان محفوظ:
اوهين بي خبر ءِ بي خوف
اُڏايو ٿا عيش زندگيءَ جا،
ماڻيو ٿا مزا جوانين جا،
راتين جي پردي ۾
کيو ٿا جذهن رانديون
ڪنهن 'پتي' سان،
ٿين ٿيون– 'ست ڪٽ' جون بازيون،
...تہ اسين ڊهون ٿا
غمن جي بستري تي:
پٽڪندا رهون ٿا
اسان جا خيال،
ءِ ڪسڪندا رهون ٿا.
اسان جا خواب،
– هن حقيقت جي دنيا ۾:
اڄ پورو ڏؤ ڪري
بہ نہ ڪاڏو اٿم،
هي ميرا سيرا ڪپڙا
سياٽي تي ويندا
ليڙون ليڙون.
ءِ موديءَ کان
ونٿو ٿم سيڌو.
تنهن کان سواءِ،
سپاٽي وري ڪرٽي اٿم
سرڪاري نوڪريءَ سان گڏ
اوهان جي چاڪري.
سچو ڏينهن،
–هوندي وٺ پڪڙ
اوهان جي حڪمن جي.
انهن حڪمن سان
گڏيل هوندا
اوهان جي
فرمائش جا فرمان،
تيز، تکڙا ءِ تز
ناراضگيءَ جا فقرا...

'اڙي هي ڇا ڪيئي؟
'زيان ڪري وڌئي!
'هيترو وقت!
'هئين ڪٿي؟
'وات تي ننڊون ڪري آيو آهين؟
'ڪميٽا ۽ ڪم ڪوس!
'حرام ڪري ٿو کائين!
'نوڪري ڪرڻي اٿئي يا نہ؟
'نوتي قياس ٿو اچيم،
جهونو جو آهين،
'نہ تہ هوند گهر اُماڻي ڇڏيانءِ،
'ماڻهن جي ڪا ڪمي؟
'روزگار لاءِ ماڻهو
'ڏڪا پيا کائين،
'حرام تي هري ويو آهين!
'نوڪريءَ کان جواب ڏيندو سانءِ!
'خبر پئجي ويندئي تہ
'گهڻين ويهين سؤ آهي؟
'بيهر ڪندين وري اهڙن غلطي؟
'وڃ، تر،
'اکين کان پري ٿي!
'وري متان اهڙي
'بيوقوفي ڪئي اٿئي!'
'اُٿندي، ويهندي،
اوهان جي بس اهائي ڪِل ڪِل:
۽ اهائي مهرباني!

''انهيءَ طريقي تي هري مري،
پڪيون ۽ پختيون

تي ويون آهن
منهنجون، اسان جون،
۽ توهان جون عادتون،
جيڪي مجبور ڪن ٿيون،
بهانن ناهڻ لاءِ
تہ هردم ائين چوندا رهون:
'معاف ڪجو،
'حاضر سائين،
'سچ ٿا چئو،
'غلطي ٿي ويئي،
'آئيندي ائين ڪونہ ٿيندو،
'وري دير نہ ٿيندي،
'هي پيرو ڪريو درگذر،
'توهان کان سواءِ
'بيو ڪهڙو اوهي واهي؟
'بيو ڪهڙو اجهو آسرو؟
'مون تي قياس ڪيو،
'منهنجي ٻچڙن تي رحم ڪريو!
'آءٌ دربدر ٿي ويندس،
'اوهان کي ڇڏي
'آءٌ ڪنهن جي در تي وڃان!
'ڪاوڙ نہ ڪيو،
'انسان خطا جو گهر آهي،
'اوهين صاحب آهيو،
'اوهين مائٽ آهيو؛
'آءٌ اوهان جو جهونو
'نوڪر آهيان،
'آءٌ اوهان جو
'خادم آهيان،

"آءُ خدمتگار آهيان،
برابر آءُ خدمتگار آهيان-
'سرڪار جو.
'انهيءَ سرڪار نامدار جو،
'جنهن جي هٿ ۾ آهن
'اوهان جهڙا آفيسر، عهديدار ۽ عملدار
'جيڪي آهن
'وڏا ماڻهو،
'ايماندار،
'اشراف،
'دل ۾ درد رکندڙ،
'قوم جا خادم،
'ملڪ جو ڀلو ڪندڙ،
'مهربان ۽ مخدوم!
'آءُ برابر آهيان
انهن حاڪمن جو نوڪر،
'نوڪرن جو نوڪر،
'۽ چاڪرن جو بہ چوڪر؛
'جنهن کان وٺندا رهو ٿا
'اوهين نوڪري،
'۽ اٿاريندا ويهاريندا
'رهو ٿا، جنهن جي اشارن تي،

"'اڙي! ڪيڏانهن؟
'هيڏانهن، هيڏانهن!
'بوٽ ڪٿي اچ
جوراب ڪٿي پاراءِ،
'پالش جو ڪانہ ڪئي اٿئي؟
'ڏس،
'بوٽ ڪٿي ٿو چمڪي؟
'ها،
'اهي صحيحن وارا
'ڪاغذ ڪٿي آهن؟
'مٿي ۾ سور اٿم،
'بہ ٽي زور تہ ڏينم!
'ڪلارڪ کي بنگلي تي موڪل،
'تون ٻاهر در وٽ ويھہ،
'ڪو اچي
'تہ ڪيس چئج:
خان صاحب
واندو ڪونهي،
اندر ماڻهو ويٺا آهن،
سپاٽي اچجو-.
ڊرائيور کي ٻڌاءِ
موٽر تيار ڪري،
اسين گهمڻ ڦرڻ ويندا سين؛
'تون تہ جلدي موٽ،
'توکي مون سان
'گڏ هلڻو پوندو.
'ڪو بداخلاق ٿو ڏسجين،
'جهنگلي
'آفيسر سان ڪو گڏ هلبو آهي؟
'پنهنجا ڪپڙا، صاف رک
'۽ مون کان ڏہ قدم
'پرتي هل!'

"شام جو ٻارڙا
'گهر ۾ گوڙ ٿا ڪن.

'ڪين باغ ۾ گھمائيندو ڪر.
'سمجھين ٿو، ڪوڻ ٿو سمجھين؟
'تون منھنجو نائڪ آهين؛
'مون کي جلدئي وڏو عھدو ملندو،
'آءٌ، توکي بہ پاڻ سان
'وٺي ويندس.
'سپاٽي وڏي صاحب وٽ
'ميوي جو ٽوڪرو
'کڻي وڃج،
'۽ وڏي ادب سان جھڪي،
'سلام ڪجائينس.
'پر هو وڏيرو!
'اڄ جو واعدو ڪري ويو هو؛
'راڄ جو پريو مڙس آهي،
'آيو تہ ڪونہ هو؟
'۽ فلاڻو سيٺ
'مس مس تہ ڦاٿو آهي،
'ڏس!
'ڪيئن نہ اچي ٿو ڪنڌ جھڪائي؟
'۽ هُن ٺيڪيدار
'اڄا ڪميشن ڪانہ پھچائي آهي
'رڳو سوني ڏيئي هليو ويو آهي گھر!
'بس سمجھي چا ٿو؟
'ڏهن هزارن جو بل اٿس!
'خرچ؟
'چا ڪيو هوندائين-
'بس اهي ٽي چار هزار!
'باقي هيترا هزار سب فائدو!
'حصو نہ ڏيندو
'تہ ڪيڏانھن ويندو-
خير وقت تي سپيئي
'اچي سلام ڪندا:
'اَنَ جو منهن جنڊ ڏانھن،

''پر اڄڪلهہ
'زمانو اهو نہ رهيو آهي،
'جو اڳ ۾ هو.
'هينئر وقت آهي اسان جو،
'موقعا آهن هزارين:
'حڪومت...
'تہ اسان جي آهي پنھنجي،
'پر خبرداريءَ سان هلڻو آهي.
'اسين نہ هجون
'تہ هوند هي سڄو
'ڏينگو ئي ڏيري ٿي پوي!
'اسان کي
'هڏ ڏوکي، محنتي ۽
'ايماندار ماڻھو ڪپن،
'جي پنھنجي فرض ادائي
'رات ڏينھن،
'انئي پھر، پوري ڪندا رهن.
'رعيت جي هرهڪ انسان تي
'فرض آهي
'تہ هو پنھنجي ملڪ
مٿان سڀڪجھہ قربان ڪري،
'خدمت ۽ خدمت ڪندو رهي،
'محنت....
'يقين، پروسي ۽ سچائيءَ

'سان چا چا نہ ٿي سگهندو؟'

"اسان جي رهبرن، ليڊرن
'۽آقائن
'اسان کي، توهان کي،
'هڪڙي امانت ڏني آهي.
'سيني جو فرض آهي
'تہ انهن فرمانن ۽ فرمودن تي
'مانُ ميٺ مر
'عمل ڪندا رهون.
'آزادي ڏياريندڙ انسان،
'هزار ها سالن کان پوءِ
'پيدا ٿيندا آهن:
'اسين تہ بختن وارا آهيون!'

"پر هي ٿورڙا ماڻهو!
'پنهنجن جي
'گلا غيبت
'چو ٿا ڪن؟
'حڪومت!
'حڪومت وٺڻ، ناهڻ ۽ هلائڻ
'ڪو چرچو آهي؟
-وقت جي نزاڪت ۽ ضرورت!
-اسان جو صوبو،
'-نيادي حقوق!
-۽ شهري آزاديون!-
'ڪيڏي نہ ناداني!
-۽ ڪيڏي نہ بيوقوفي آهي؟
'اسان جو پهريون فرض ۽

'اسان جي پهرين جوابداري آهي
'ق و م ي ح ف ا ظ ت:
' وطن جي خاطر
'خسيس ۽ رواجي ڳالهين
'ڏانهن اسان جو ڌيان
'چو وڃڻ گهرجي؟'

"اهڙين اُبتين ڳالهين ڪرڻ وارا
'دشمن آهن.
'اهي سس ڦس ڪرڻ وارا
'غدار آهن؛
'جيڪي رڳو ڳولي ڳولي
'گلائون ڪندا وتن ٿا؛
' ۽ نوسي نوسي
'پنيلائيندا رهن ٿا
'بي سمجهہ، ابوجهہ ۽ جاهلن کي
'تہ سرڪار غريبن
لاءِ ڪجهہ ڪين ٿي ڪري؟!
'امن امان ۽ زنده رهڻ لاءِ
'ضروري شيون؟
'اگ مر ئي موجود آهن.
'ڪاڏو، ڪپڙو ۽ اجهو؟
'سيني وٽ آهي.
'وڏيڪ گهرڻ وارا
'باغي آهن،
'جي رڳو هر وقت
'لهندا رهن ٿا خواب
'تہ ملڪ مر ٻڙڪائي ڇڏجي
'بغاوت جي باهہ!

هيءَ اسان جي آزاد
۽ جمهوري حڪومت
ڪيئن برداشت ڪندي،
اهڙن ناپاڪ ذليل
ماڻهن جو وجود؟
هي برابريءَ ۽ هڪجهڙائيءَ جو دليل!
اميريءَ ۽ غريبيءَ جو ويڇو
ڪيئن ويندو؟
-ناممڪن ۽ غلط ڳالهيون.
قدرتَ
طاقتور ۽ هيڻا
ازل کان پيدا ڪري ڇڏيا آهن؛
اهو فرق
مٽجڻ جو ڪونهي.
اهو سنڌو
ننڍ وڏائيءَ جو
وڃڻ وارو ڪونهي.
"-ائين اڪثر،

اوهان کي ڳالهين
ڪندي ٻڌو اٿم.
پاڻ ۾ پاڻيهي،
ڀلي اوهين
دل خوش
ڪندا رهو،
ڀل اوهين
ظلم ۽ ستم ڪندا رهو،
ڀلي اوهين
پنهنجن ڪرتوتن تي
ڪڪ ڪانا
وجهندا رهو،
منهنجا آفيسر ۽ صاحبَ!
جڏهن اوهين
پاڻ ۾ ويهي ڪريو ٿا رهاڻ،
نہ ڦريو گهريو،
اهي ئي مسئلا
ڇيڙيندا ٿا رهو.
۽ سمجهو ٿا پاڻ کي
ستين آسمان جا فرشتا!
۽ ڀانيو ٿا نہ اوهان کي
ڪير ڏسڻ ۽ سمجهڻ وارو
نڪو ڄائو آهي نڪو ڄاپندو!
پر حقيقت، فريب سان،
ڪيترو لڪي سگهندي!
سچ، ڪوڙ سان ڪيترو ڍڪبو؟
پوءِ هيءَ اوهان جي من ماني؟
ڇا سچ ترِيءَ هيٺ
لڪائي سگهبو؟
چوري ۽ سينہ زوري!
نڳي ۽ گوٺ ناٿي...!

"مون هي وار
اُس ۾ اڇا
ڪين ڪيا آهن.
سرڪار نامدار
جي ڪئي اٿم نوڪري.
تو جهڙا صاحب!
هت آفيسن ۾

اچن ۽ وڃن پيا.
سيني کي سجاڳان ٿو.
اهي سيٺيئي، جيڪي هزارها
روپين جا
پگهار ۽ پاڙا پنا
اوڳرائيءَ کان سواءِ
هضم ڪيو ڇڏين.
۽ اوهان جا صاحبَ،
۽ انهن صاحبن
جا صاحبَ!
نہ رڳو اهي،
پر اُنهن جا
نڪ، پچ ۽ پاڇولا.
-انهن جا جِي حضوري
۽ خوشامد ٽٽُو
ڪيئن ٿا پکيڙين
پنهنجي پنهنجي ڄار.
ڪيئن ٿا ويهي
بنگلن ۾
هو هلائين حڪم!
ڪيئن ٿيون ٿين،
انهن جي اچڻ ۽ وڃڻ
تي
دعوتون، مجلسون،
محفلون ۽ پارٽيون!
پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي قوم
جا هي بدخواه دشمنَ
ڪير آهن؟
عيش پرست، سست،
ڪاهل ۽ ڪم چور
ڪير آهن؟
ڏينهن ڏٺي جو
هرڪنهن جي اکين ۾
ڌوڙ اڇلائڻ وارا
ڪير آهن؟
ٻين جي محنتن
۽ پورهين تي پلجڻ وارا
ڪير آهن؟
عام ماڻهن ۽ زير دستن مٿان،
فرعوني مزاج،
آزمائڻ وارا،
ڪير آهن؟
اوهين ڇا ٿا ڪيو؟
اوهين، ڪهڙي ڪوڏر ٿا هڻو!
اهي لکپڙهون، ڪاغذ،
اهي منصوبا،
۽ اهي درخواستون،
۽ انهن جي ٿهن جا ٿها،
فائيلن ۽ دستين
جا ڳاڌا ۽ گدام!
ڪير ٿا اٿلائين پٿلائين،
پڙهن ۽ نيڪال ڪن؟
توهان جا
هي هيڏا ڪاروبار،
ڪاتا ۽ محڪما،
ڪير ٿا هلائين چلائين؟
توهان جي هوندي،
هي هيڏو انڌ ڌنڌ!

جني، جيڏانهن
۽ جنهن کان پڇو،
سورن ۾ ٿي آهي!
هي مصيبتون ۽ مشڪلاتون!
واه جو آهي انتظام!
ڪنهن کي خبر ناهي؟
منهنجي وطن جا وسوڙل انسان
هاڻي ٿيندا وڃن ٿا واقف،
۽ حقيقت هوريان هوريان،
ٿيندي وڃي پيئي واشگاف،
راڻي جهليون آهن،
ناتر جون چوٽيون.
۽ انهيءَ رنگ محل جو طلسم،
ٽي ويو آهي چڪناچور.
منهنجي محبوب وطن جا
سڀ شهر واسي
آزاديءَ جا بهادر شهزادا-
هڪڙي مومل هاڻي ويندي ڪيڏانهن؟
سو اهو سچ
سڀڪنهن کي
معلوم ٿيندو پيو وڃي.
پوءِ اهڙيءَ حالت ۾،
اوهين ڪيئن ۽ ڪٿي
لڪائيندا پاڻ کي؟
ڦاڙهو جتي ڪائيندو،
اُتي اوس اوجهہ ڏيندو!'
پر جيڪڏهن
بنيءَ جي مالڪ،
ڦاڙهي کي زبان ڪندي،
اگر ۾
ڏسيچ ورتو تہ؟
تہ پوءِ،
ان جو نتيجو،
ڪهڙو نڪرندو؟

"ڪلهہ جو تو مون کي
ڏمڪايو:
جيڪي منهن ۾ آيئي
سوچئي وئين؛
بنهہ بالاعملدارُ،
جو اچٽو هو!
ڪنهن کي بہ خبر
تہ ڪانہ هئي:
هن جي اچڻ جو
ڪو پروگرام تہ ڪونہ هو:
مون تہ ڪو
خواب ڪونہ لڌو هو
تہ اوهين هلي ملهي
وڃي ڪيس منٿ
ڪري ايندا-
پيرن گهمائڻ لاءِ؛
پر هُنن
بالاآفيسرن جي اچڻ ڪري،
اوهان جو دماغ،
چو......
سرت ۽ ساڃهہ
مان نڪريو ٿو وڃي؟
اينري

ناجائز ۽ لنڊي خوشامد
چو ٿا ڪريو؟
ڇا جي لاءِ ڪريو ٿا؟
شايد، اهي صاحب
اهڙائي آهن
جي 'خالي چند ڦوڪ،
۽ سائين، سائين،
جيءُ حضور' !
تي آڪڙ جيو
۽ آڦرجيو وڃن ٿا!
بناوٽي ۽ ملاوٽي،
ٽيپ ٽاپ تي،
راضي ٿيو وڃن!
پوءِ ڇونه اوهين
اهي اَٽڪلون
۽ سٽڪلون هلايو!
اهو هار سينگار،
اها ملمعي سازي،
اوهان ڪي
'واهه! واهه!
۽ شاباش!'
جي لقبن سان
ضرور نوازيندي...
ڪبر ۾ جيئري
ڪنڊ وڃهبي اوتروئي منو ٿيندو!

"اج جو آءٌ،
توکي ٻڌي سٽي،
خاموش ٿي ويس،
توکي جيڪي چوڻو هو،
سو اکيون پوري
چئي ڏنئي،
تنهنجي ڪاوڙ ۾ قهر
جو پارو
چوٽ چڙهي ويو؛
آءٌ توکي ٻڌندو،
۽ آءٌ توکي تڪيندو،
رهجي ويس:
دراصل آءٌ
سوچي، ويچاري،
خيال ڪري رهيو هوس
ته اوهان ڪي واقعي
ناراض ٿيڻ جو
آخر ڪهڙو سبب هو؟
صبح جو،
دستور موجب،
حاضر ٿيس-
منهنجي خطا؟
۽ منهنجو ڏوهه؟
آخر ته اسان ڪي به
اوهان جهڙو ساهه آهي.
نيٺ اسين به آهيون،
ڪي انسان!
اسين به نوڪر آهيون،
سرڪار جا،
نوڪري ڏيندا رهون ٿا،
توهان جي ۽ سرڪار جي؛
۽ آهيون ٻئي،

پگھاردار نوڪر:
۽ اهي بالاعملدار صاحب!
ڇا اهي ڪين آهن ڇا،
سرڪار جا ملازم،
ملڪ ۽ ماڻهن
جا خادم؟
پوءِ هيءُ هيڏو
سارو ويڇو!
اهو تہ اسان جي
خاموشيءَ ۽ اڻ ڇاڻائيءَ
پيدا ڪيو آهي.

"انهي ڪري،
واجب سمجهيم
تہ توکي لکيل جواب ڏيان،
بنهہ توکي لکي ٻڌايان،
ٻين کي بہ ٻڌايان،
۽ ائين انهيءَ،
بيداد جي تڙيءَ تي
ننهن ڏيئي،
اُن کي
هميشہ هميشہ لاءِ،
نيست نابود
ڪري ڇڏيان!"

•

# ڳجهارت

اڄ جڏهن خليل صاحب سان مليس، تہ هو ڏاڍو خوش هو. ايراني هوٽل تان اسپيشل چانهن، 'ڪريون اي' سگريٽ ۽ پان گهرائي، هن مون کي خيال ۾ وجهي ڇڏيو. آءُ ويچارڻ لڳس تہ اڄ ڪو خاص معاملو ضرور آهي. مون کي خبر هئي تہ خليل ويچارو ٻچڙيوال ۽ سرڪار جو معمولي ملازم آهي، ڇڪي تاڻي پيو پنهنجيءَ مان پنهنجو ڪندو آهي. هو حد کان وڌيڪ ايماندار هو، ۽ پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڍلجي ڪا ڪوتاهي ڪانہ ڪئي هئائين. آفيس ۽ گهر- انهن ٻنهي جاين کان سواءِ هن جو ڪو ٻيو ٺڪاڻو ڪونہ هو.

ننڍو نماڻو وري اهڙو هو، جو سڄي سِاريءَ آفيس ۾ هُوئي هڪ اڪيلو ملازم هو، جو پنهنجي ڪم سان گڏوگڏ ٻين سست ۽ نڪاريندڙ ملازمن، هيڊ ڪلارڪ، اڪائونٽنٽ ۽ پنهنجن آفيسرن جو بہ ڪم ڪندو رهندو هو. سچ پچ تہ هو اڪيلي سر سڄيءَ آفيس کي ڪنيو بيٺو هو. انهيءَ ڪري هو اڪثر هڪ نہ ٻيءَ ڳالهہ ۾ هميشہ مصروف ۽ رُڌل رهندو هو. هن جا ٻيا دوست وقت کان اڳ ۾ ئي آفيس کان کسڪي ويندا هئا، پر هو هميشہ پڇاڙي ڪري پوءِ اٿندو هو. اٿندو تہ ڪونہ هو، پر اٿاريو ويندو هو. نائڪ اچي ڪيس چوندو هو، "خليل صاحب، هاڻ اٿو. سڄي مخلوق اٿي ويئي آهي، اوهان جي ڪري مون کي دير ٿي ويندي. صاحب کي ڪاغذ پهچائڻا آهن، مهرباني ڪري هاڻي هلو." خليل صاحب لاچار اٿي، پنو پنو ڪٺي، دسٽي ناهي، ڪڇ ۾ وجهي، گهر ڏانهن رخ رکندو هو. اهڙيءَ ريت صبح جو وري پنهنجي دستور موجب آفيس جي ڪرسيءَ تي موجود هوندو هو.

هن چانهن ناهي، ڪوپ مون ڏانهن وڌايو. چانهن جو ڍڪ پِري، مون هن کان پڇيو، "خليل صاحب، ڏيو خبر، ڪهڙا حال آهن؟"

"حال وري ڪهڙا. مڙيئي پيا ڏينهن ڪاٽيون. پر چانهن پي هڪ منا ٿيو تہ هڪ خوشخبري ٻڌايانوَ."

"تڏهن چانهن پوي کڏ ۾،" مون ڪوپ رکندي هن کي چيو. "پهرين اها خوشخبري ٻڌاءِ، تہ پوءِ چانهن پيان."

"نہ زوراور، چانھن نري ويندي." ھن بھانو ناھي جواب ڏنو. "تڪڙا نہ ڪونہ آھيو. چڱو، چانھن پيو. اڄ اوھان سان ڪي رازداريءَ جون ڳالھيون ڪرڻيون آھن."

مون نھاريو تہ واقعي ھن جي چھري تي ڪا رازداري جھلڪا ڏيئي رھي ھئي.

آءٌ جلدي جلدي چانھن پي پوري ڪري، سوالي نگاھن سان ھن ڏانھن نھارڻ لڳس. ھن جلدئي پُڙي کولي، پان ڪڍي مون کي ڏنو. پان ورتم تہ سگريٽ پيش ڪيائين. پان وات ۾ وجھي، سگريٽ دکائي، آءٌ وري ھن کي ڏسڻ لڳس تہ ھن اگرائي ڪري وري چيو، "پلي سگريٽ پي پوري ڪريو، آءٌ ڪيڏانھن ڀڄي ڪونہ ٿو وڃان."

سگريٽ، پان، چانھن- آخر ڪھڙيون رازداريءَ جون ڳالھيون آھن، جن لاءِ خليل صاحب ڪٽي ايڏي ڊيگھہ ڪئي آھي. آءٌ سگريٽ ڇڪيندي سوچڻ لڳس. خليل صاحب جي گھر ۾ اميدواري ھئي. چار بار اڳيئي ھئي. اجڪلھہ سفيد پوش ماڻھوءَ جي لاءِ ڪھڙي رازداريءَ جي ڳالھہ ٿي سگھي ٿي. شايد ھن کي ڪو عھدو مليو آھي. شايد ھن کي پنھنجي وڏي ڇوڪريءَ جي شادي ڪرڻي آھي، يا ھن کي ڪنھن نئينءَ لکپڙھہ ۽ اسڪيم جو نقل ڏيکارڻو آھي، يا ھن جي گھر واري بيمار آھي. ھن جا مائٽ تہ ھن کان ڪونہ رسي ويا آھن؟ ھن کي پئسن جي گھرج تہ ڪانھي؟ راشن، گيھہ ۽ کنڊ جي ضرورت تہ ڪانہ اٿس، وغيره، وغيره. پر اھي مسئلا ۽ ڳالھيون تہ ھن مون کان ڪڏھن بہ ڳجھيون ڪين رکيون ھيون. ھو مون سان ڪافي گھرو ھو. ھن جي سادگيءَ ۽ شرافت ڪيترائي ڀيرا مون کي ھن جي مدد ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ھو.

ھن کي مون ڪيترائي دفعا صلاح ڏني ھئي تہ ھروڀرو ڇو ٿا پاڻ کي آفيس جي ڪم ۾ ماريو. آمدنيءَ لاءِ بي ڪوشش ڇو نٿا ڪريو. وڏيڪ امتحان ڏيو. ڇو نٿا ڇوڪريءَ کي ڪٿي ڪا نوڪري وٺي ڏيو. رات جو ڪنھن کي ٽيوشن ڏيئي، ڇو نٿا پنھنجي آمدني وڌايو. ڪٿي ڪنھن سان گڏجي واپار ڇو نٿا ڪريو. پر ھو مون کي ھميشہ "زوراور، ڪجھہ گذري ويو آھي، باقي گذري ويندو." چئي چئي، چپ ڪرائي ڇڏيندو ھو. آءٌ ھن جي صداقت تي ۽ اڻپورين ضرورتن تي ارمان ڪندو، خاموش ٿي ويندو ھوس.

تڪڙا سوٽا ھڻي، مون ذري گھٽ سگريٽ کي ساڙي ڇڏيو ھو، تہ خليل

صاحب پنهنجي خاموشي ٽوڙيندي چيو. "زوراور تنهنجي روز روز جي نصيحت نيٺ هٿي وجي هنڌ ڪيو. هاڻ مون کي ڪابہ ڳڻتي ڪانہ آهي. پورا نوي هزار رپيا مون کي ملندا! منهنجي دل ائين ٿي چوي تہ هاڻ منهنجون سموريون پريشانيون دور ٿي وينديون. ڏکيا ڏينهن گذري ويندا ۽ سکن جون ساعتون اچي رهيون آهن. پئسو آهي تہ دنيا ۾ سڀڪجهہ آهي. دولت آهي تہ مانُ، مرتبو ۽ عزت بہ آهي. بکئي کي کير ٿو پچي! مون خواب لڌو آهي. منهنجا خواب هميشہ سچا نڪرندا آهن."

"ڀلا ڪهڙو خواب ڏٺو اٿو؟ مون کي بہ تہ ٻڌايو."

"هائي ٻڌو، چيا ٿو ڏسان: هڪ وڏي شهر ۾ آهيان. شهر جون جايون ۽ عمارتون سڀ وڏيون، جن تہ آسمان سان چوٽيون ٿي ڳنڍن. منجهن دريون ۽ دروازا بلڪل گهٽا هئا. سڀني درن ۽ درين مان روشني ڏسڻ ۾ پئي آئي. شهر جي بازار جا دڪان، ڪند، ڪڪڪ ۽ گيهہ سان ڀريل ۽ ڀرپور هئا. عجيب عجيب شين جا انبار لڳا پيا هئا. موٽرون بي انداز هيون، جي هلي رهيون هيون. مٿي آسمان ۾ هوائي جهاز بہ لامارا ڏيئي رهيا هئا. ڏاڍو گوڙ ۽ گهمسان هو. پر عجب جي ڳالهہ اها هئي تہ ڪوبہ ماڻهو نظر ڪونہ ٿي آيو! موٽرون خودبخود هلي رهيون هيون. دڪان خالي، رستن ۽ گهٽين ۾ ڪوبہ انسان ڪونہ هو. آءٌ سڀ ڪجهہ ڏسندو ۽ هلندو پئي ويس تہ سامهون هڪ وڏي محلات جهڙي جاءِ نظر آئي. سامهون ان جو وڏو دروازو کليل هو. اوچتو آواز ٻڌم.... ڪو مون کي سڏي رهيو هو: 'هيڏانهن اچو، هيڏانهن اچو!' آءٌ بيهي رهيس، ۽ جاچڻ لڳس، تہ وري آواز آيو، 'اندر لنگهي اچو، اوهان جو انتظار ٿي رهيو آهي. مون ڪنڌ ورائي آسپاس نظر ڦيرائي تہ سڄو سارو شهر الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويو هو. اوچتو محسوس ڪيم تہ ڪا ازغيبي طاقت مون کي دروازي ڏانهن ڇڪي رهي آهي، ۽ آءٌ پاڻيهي پاڻيهي ڇڪبو ۽ گهلبو ان محلات جي دروازي ڏانهن پيو وڃان. اندر دروازي وٽ پهتس ئي ڪونہ، تہ دروازو ڇيچاٽ ڪري بند ٿي ويو....."

"نهايت نرالو خواب هو، خليل صاحب!"

"تڏهن تہ مون کي بہ ڀروسو ٿي ويو آهي. بس، نوي هزار جان تہ مليا. باقي ٿورن ڏينهن جو مدو آهي!" "معاف ڪجو، خليل صاحب، ڀلا انهيءَ رات ڇا کاڌو هُئوَ."

"ان رات دال کاڌي هيم." "تہ پوءِ ڳالهہ بلڪل صاف پئي آهي. هيءَ سڀ

انهيءَ دال جي ڪرامت آهي، جا پيٽ ۾ اُپامي، دماغ تائين وڃي پهتي هئي!" مون چرچو ڪيو.

خليل سواءِ ڪنهن شڪ شبهي جي چيو ته "چا، خوابن جي ڪابہ حقيقت ڪانهي؟ موجوده دور ۾ علم نفس جي ماهرن جي تحقيق مان جيڪي نتيجا نڪتا آهن، انهن کان ڪوبہ پڙهيل ماڻهو انڪار نٿو ڪري سگهي."

خليل صاحب جي عقيدي ۽ بحث کي ٽارڻ لاءِ، لاچار، چانهن، پان ۽ سگريٽ جي رشوت کان پوءِ، نفسياتي اصول کي سامهون رکندي، هن کي راضي رکڻ لاءِ، مون کي اهو سچو خواب ضرور ٻڌڻو ئي هو، نہ تہ هو ناراض ٿي وڃي ها. مون کي پنهنجي دوست کي رنج ڪرڻو ڪونہ هو، تنهنڪري چيو مانس، "معاف ڪجو، خليل صاحب، اوهين بلڪل نيڪ ٿا چئو. چڱو، ٻڌايو تہ اڳتي ڇا ٿيو؟"

خليل صاحب چوڻ لڳو، "هائو، پوءِ اندر ڇا ٿو ڏسان تہ وڏو باغ لڳو پيو آهي، جتي هزارين قسم جا رنگارنگي پنن وارا ٻوٽا هئا. انهن ٻوٽن جي چوٽين تي نهايت نفيس ۽ نازڪ اندلِٺ جهڙا شفاف گل موجود هئا، جن مان نهايت وڻندڙ قسم جي خوشبوءِ نڪري رهي هئي. سيڪنڊ سيڪنڊ کان پوءِ خوشبوءِ بدلبي ٿي رهي. هوا ۾ شراب جو هلڪو هلڪو خمار هو. آءٌ مست ۽ مخمور ٿي ويس تہ سامهون هڪ وڏو حوض ڏٺم، جنهن ۾ ڳاٽيتي کان ٻاهر ڦوهارا هئا. هر هڪ ڦوهاري مان چمڪندڙ پاڻي آسمان تائين اُڇلجي رهيو هو. اهو پاڻي هيٺ ڪرڻ شرط هيرن جواهرن ۾ تبديل ٿي پئي ويو. پر حوض ۾ ڪرندي ڪرندي، اهي هيرا ۽ جواهر حوض جي تري ۾ هڪٻئي مٿان سٽبا پئي ويا. انهن جي ڪرڻ ڪري هڪ قسم جو آواز پيدا ٿي ٿيو. اهو آواز جڻ تہ ڪو السٽي ساز هو- جڻ تہ ڪو ستار جو ماهر پنهنجي فن جي ڪمال جو انتهائي مظاهرو ڪري رهيو هجي.... اڳتي وک وڌايم تہ پاڻ کي تمام هلڪو محسوس ڪرڻ لڳس. اينري ۾ ڇا ٿو ڏسان تہ آءٌ آسمان ۾ اُڏامان پيو. اُڏامندي اُڏامندي، هيٺ ڌرتيءَ ڏانهن ڪٿي نهاريان تہ نهايت حسين ۽ نوجوان عورتون ٽولن جا ٽولا ڪريو بيٺيون آهن. هر هڪ عورت وٽ ستار جهڙو ساز هو. هو اهي ساز وڄائي ڳائي، نچي نچي، مون کي هيٺ اچڻ لاءِ اشارا ڪري رهيون هيون. انهن جو حسن ۽ رنگ روپ، هار ۽ سينگار، راڳ ۽ سندن ساز جا نغما، بس جادو هئا جادو- بيان ڪرڻ کان ٻاهر! اهڙي طلسم کي ويجهو ڏسڻ لاءِ ڪنهن جي دل نہ چاهيندي. آءٌ هڪدم هيٺ لهي آيس تہ منهنجا پير هڪ سخت شيءِ سان وڃي لڳا..... ڇا ٿو ڏسان تہ هڪ شيشي جو گنبذ آهي. ٽپ

ڏيئي هيٺ لٿس. شيشي جو گنبذ بلڪل بند هو. منجهس ساون نوٽن جا بنڊل هئا، حن سان اهو سڄو سارو ڏٺيل هو. آءُ ان جي چوڌاري هلڻ لڳس ته من ڪٿان ڪو منجهس دروازو هجي. تون اعتبار ڪونہ ڪندين ته اتي توکي ۽ سائين حاجن شاهہ کي ڏٺم. هن جي هٿ ۾ هڪ وڏي آدم قد ڪنجي ڏٺيم. توهان اشارا ڪيا. جيئن آءُ ويجهو ٿيس، تيئن آواز ٻڌم ته 'ٻيڙائي پار!' پر اوڏيءَ مهل سائين حاجن شاهہ جي ٻدران اها ڪنجي تنهنجي هٿ ۾ هئي..... تو چيو، "خليل صاحب، آءُ تنهنجي ڳولا ۾ هوس. هان، هيءَ پنهنجي امانت وٺ. ڏس، هي هنان دروازو اٿئي. سائين حاجن شاهہ جو سنهن، وڃ، جيڪي وٺئي سو ڪڻ." مون توکان ڪنجي ورتي، ۽ گنبذ جو دروازو کولي، اندر وڃي اهي بنڊل ڪڻڻ لڳس. اهي ڪافي ڳرا هئا، تنهنڪري رڳو هڪڙوئي بنڊل کڻي سگهيس. ٻاهر نڪتس، ته جيئن توکي سڏ ڪري تنهنجي مدد سان ٻيو بہ بنڊل کڻان، تہ تون غائب ٿي وئين. وري پوئتي ڏٺم تہ اهو گنبذ، اهو محل، اهو باغ، اهو طلسم، سڀڪجهہ گم ٿي ويا."

"۽ اهو نوٽن وارو بنڊل؟" مون پڇيو.

"اهو، اهو تہ مون وٽ هو. مون نوٽن کي ڳڻڻ شروع ڪيو. ڳڻيندي ڳڻيندي پلجيو وڃان. جيئن تيئن ڪري، ڪافي وقت کان پوءِ، اهي نوٽ ڳڻي پورا ڪيم. اهي پورا نوي هزار هئا! خواب تہ اجان وڏو آهي، پر جاڳڻ کان پوءِ جيڪي هينئر توکي ٻڌايو اٿم، سو چڱيءَ طرح دل تي نقش ٿي ويو اٿم، باقي ٻيو سڀ وسري ويو اٿم."

"خليل صاحب، پوءِ منهنجو حصو ڪيتي آهي؟ ڪنجي تہ مون ئي اوهان کي ڏني هئي!"

"زوراور آهين، نوي هزار ملندا تہ اڌواڌ ڪنداسين. خدا ڪري، خواب سچو نڪري! 'دولت' رسالي جي آڌ اکري ڳجهارت حل ڪري رکي اٿم. فقط توسان صلاح ڪري، پوءِ اهو حل موڪلڻو اٿم. نوي هزار رپيا آهن. منهنجي دل ٿي چوي تہ پهريون انعام ضرور مون کي ئي ملندو. منهنجي زال بہ ائين ٿي چوي. خواب بہ لڌو اٿم. منهنجو خواب ڪڏهن بہ ڪوڙو ڪونہ نڪرندو آهي."

خليل صاحب توهين تہ ڪي پورڙا آهيو. اها آڌ اکري ڳجهارت تہ جُوا آهي، ٺڳي آهي. ترقي يافتہ زماني جو ترقي يافتہ فريب آهي. اوهان جهڙو سمجهو ماڻهو توهين ڪيئن هن ڪوڙڪيءَ ۾ اچي ڦاٿا آهيو؟" مون کي هن تي رحم اچي ويو. دل ئي دل ۾ فيصلو ڪيم تہ اهو وهم وارو اُن هن جي مٿي مان ضرور ڪڍڻ کپي.

ٻہ منٽ خاموش ٿي، هو وري چوڻ لڳو: "قسمت سان ڪنهن جي بہ ريس ڪانهي. بخت ڏئي پيڙو تہ دال مان سيرو. چاليهين نمبر واري آڌ اڪريءَ ڳجهارت جا پورا اسي هزار..... ها، توهين بہ تہ ڪيس سڃاڻو. منهنجي پاڙيسري پناهہ محمد کي مليا آهن. اها ڳالهہ ڪا لڪل ڪانہ آهي. جي انعام پناهہ محمد کي ملي سگهي ٿو، تہ خليل ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي! مون کي يقين آهي، مون کي خاطري آهي، تہ اهو هيلوڪو انعام مون کي ئي ملندو."

"خليل صاحب، تو وارو عقل ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهي؟ هت قسمت جو تہ ڪو سوال ئي ڪونهي. انهن ڳجهارتن وارا انعام ڪيترو ئي ورهائين، ۽ پاڻ وڃني وڃني ڪيترو ئي ڪمائين. ان ڪان سواءِ، ڪهڙي خاطري آهي تہ هرو ڀرو اهو انعام توکي ئي ملندو. انهيءَ ڳجهارت جي پڇڻ ۽ حل ڪرڻ وارا تو جهڙا هزارين ابوجهہ ٻيا بہ آهن، جي انهيءَ جار ۾ ڦاسيو، هر هر هرڪيو پيا شامل ٿين. تنهن ڪان سواءِ، جي اهي پئسا هر هڪ کي ملن تہ هوند ڳجهارتن هلائڻ وارن جو ڏيوالو نہ نڪري وڃي!"

"اينرو تہ آءُ بہ سمجهان ٿو. پر هيءَ لاٽري يا سُورتي ڪانهي. هت تہ سمجهہ ۽ عقل جي ڪيڏ آهي، جنهن جا جوڙيل جوابي لفظ نيڪ هوندا، ان کي اهو انعام تہ ضرور ملندو. لاٽريءَ ۽ ڳجهارت ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.... پر جي اهو فرق بہ نہ هجي، تہ بہ ڇاهي، موٽن خواب ڏٺو آهي. سائين حاجن شاهہ 'ٻيڙائي پار' جا اکر چيا آهن، ۽ ڪنجي پڻ ملي اٿم! اعتبار ڪريو، انهيءَ ڳجهارت جا لفظ مون ڪافي محنت ۽ تڪليف ڪان پوءِ سڄا ڪيا آهن. اوهين ڏسجو وينا، پوري پندرهينءَ تاريخ انهيءَ انعام جي تار رسنني مون کي خبر پوندي. پهريون انعام، نوي هزار، پڪ مون کي ئي ملندو. منهنجي دل چوي ٿي! تنهن ڪان سواءِ، مون کي ضرورت آهي، مون کي گهرج آهي. الله سائينءَ کي ڏيندي ڪا ويرم آهي؟ سائين حاجن شاهہ تہ ٻڌل ٻيڙا تاريا هئا."

خوش فهميءَ ۽ انڌي عقيدت جي هيءَ حسرتناڪ حالت، وهم جو سوداءُ ۽ چريائي! مون محسوس ڪيو تہ خليل ڪان اهي خيال اينرو جلد جدا ٿيڻ وارا نہ هئا، تنهنڪري بحث کي نامڪمل ڇڏي، آءُ هن کي ڏسڻ لڳس. هو هڪ اميد، هڪ خواهش نظر اچي رهيو هو. هن جي اکين ۾ غير معمولي چمڪ جهلڪا ڏيئي رهي هئي. آءُ هن کي ڏسي مشڪڻ لڳس. "خليل صاحب، اوهان جي ايمان تي رشڪ ٿو اچيم. ڀلا انهن ۽ اينرن روپين کي اوهين ڪندا ڪيڏانهن؟" مون ائين ئي هن کان بي تڪو سوال ڪيو.

هن جو چهرو معصوم مکڙيءَ وانگر ٽڙي پيو. هن ڪلندي چيو، "زوراور، هت سارو پروگرام تيار آهي. انعام ايندو چيڪ جي رستي. ايترا پئسا متائي جوکم ڪونہ ڪٽندس. چوري ٿي وڃن، ڪو ڦري وڃيم، تنهنڪري بئنڪ ۾ ڪجهہ پئسا جمع ڪرائي، پنهنجي نالي تي حساب ڪتاب کولرايو اٿم. جيئن چيڪ ايندو، تيئن اهي پئسا اتي جمع ٿي ويندا. پهرين ۽ منهنجي فوري ضرورت آهي ڪپڙا ۽ اسان جي سمهڻ جا بسترا. سچ پڇو تہ انهن کان گذهہ جا آٿر بہ سنا آهن. ڪتون ۽ پيئنيون بہ نيون ونٺيون پونديون. اها فضول خرچي هرگز نہ آهي..... منهنجي زال چوي ٿي تہ مون کي رڳو هڪ هلڪو سلڪو هار، ايرنگ، چوڙيون ۽ بہ-ٽي سادا سودا وڳا نهرائي ڏجانءِ. ساري زندگي سڄ تي گذاري اٿس، هن جي هيءَ مختصر مرضي ضرور پوري ڪرڻي پوندي. تنهن کان پوءِ، هڪ ريڊئي ونڻ جو پڻ خيال اٿم. ريڊئي مان ڪيترا نہ فائدا آهن! سائنس جي دنيا ۾ رهندي بہ دنيا کان ڪيترو نہ پرانهون پيا آهيون. ريڊيو هوندو تہ ساريءَ دنيا جون خبرون چارون، راڳ، ناٽڪ وغيره گهر ويٺي ٻڌي سگهبا.... منهنجيءَ زال جو پوڙهو پيءُ ۽ ماءُ، جيڪي نهايت مسڪينيءَ ۾ پنهنجا ڏينهن پورا ڪري رهيا آهن، تن کي وٺي اچي پاڻ وٽ رهائيندس. ان کان پوءِ، نَج گيهہ ۽ ڪير جيڪو اسان ورهين کان ڪونہ ڏٺو آهي، تنهن جو بندوبست ڪندس. انسان جو جسم هڪ مشين مثال آهي. مشين لاءِ جهڙو تيل ضروري آهي، اهڙو انسان لاءِ سنو کاڌو. هينئر تہ اسين الاجي ڇا پيا کائون! گيهہ جي عيوض بناسپتي، ڪڪڙن جو تيل، ڪريم نڪتل پاڻيءَ جهڙو کير، ۽ بوسي جهڙو اٽو کائي کائي اسان جي گهر جو هر هڪ ڀاتي هڏن جو پڃرو ٿي ويو آهي. کاڌو سڙيو تہ هر ڪو پاڻيهي خنڪيءَ ۾ اچي ويندو..... سچ پڇو تہ پنج-ڇهہ سال اهڙا گذريا آهن، جو بيماري هڪڙي ڀاتيءَ کي ڇڏي وري ٻئي کي ٿي وٺي. سرڪاري اسپتالن مان ملي رڳو پاڻيءَ جهڙي دوا، ۽ خانگي ڊاڪٽر تہ مورڳو مريضن کان الهو تلهو ڦريو وٺن!"

"خليل صاحب، پئسن خرچڻ جو پروگرام تہ اهڙو ناهيو اٿو، جو پنج ساليءَ رٿا وانگر اسان مان هر هڪ کي ان تي عمل ڪرڻ گهرجي. ڀلا باقي پئسا ڪيڏانهن ويندا؟"

"ادا ڀاءُ، اتي جو ڀاءُ سيڪو ٿو کائي، ڇگي ۽ مني جي هر ڪنهن کي پروڙ آهي. ڀگهار ايترو ٿو مليم، جو نڪي اورو نڪي پورو.... انعام مليم تہ سائين حاجن شاهہ جي مزار تي ريشمي ٻڙ چاڙهيندس، ۽ جوڙو ديگين جو لاهيندس."

"بس، سائين حاجن شاهہ کي اينتري ۾ خوش ڪري ڇڏيندين."

"ڀائو، سائينءَ کي ٿوري پرواهہ آهي. هو تہ ولايت جو مالڪ آهي. باس باسي اٿم، سا مڙيئي پوري ڪندس."

"پوءِ؟"

"پوءِ ڇا؟" مون اوباسي ڏيندي ڪانئس پڇيو. سچ پچ تہ آءٌ ان مهل ٿڪجي پيو ھوس.

هن چيو، "ادا، پوءِ ڏهن ٻارهن هزارن مان پنهنجي لاءِ هڪ جهڙو تهڙو گهر بہ نهرائيندس. نوڪريءَ جي سانگي اباڻا جهڳا بہ ڇڏي شهر ۾ آياسين. سڄا سارا پنجويهہ سال نوڪري ڪئي اٿم، پر پنهنجو گهر بہ اڏي ڪونہ سگهيو آهيان. پنهنجو گهر هوندو تہ باقي ڏينهن بي فڪر ٿي گذاربا. پنهنجي گهر کان سواءِ اونداهہ آهي اونداهہ!"

"پر دوست، مون کي تہ تو صفا وساري ڇڏيو. مون کي ڇا ڏيندين؟"

"زورآور، توسان ڪي ليکا آهن، جيڪي چوندين سو ڏيندوسانءِ."

آءٌ اٺي ڪڙو ٿيس تہ هو بہ خوشيءَ سان اٿي هلڻ لڳو، ۽ اڳتي هلي هن مون کان موڪلائيندي چيو، "زورآور سڀاڻي اهي حلَ رجسٽر ڪري موڪليندس. ايندڙ مهيني جي پندرهينءَ تاريخ وري ڦيرو ڪجانءِ. سائين حاجن شاهہ جو سنهن، ڀيڙائي پار!"

خيرن سان مهينو گذري ويو، پندرهينءَ تاريخ حو ڏينهن آيو، ۽ گذري ويو. اهڙيءَ طرح ڪيترا مهينا ۽ ڪيتريون پندرهيون تاريخون گذرنديون رهيون، پر خليل صاحب کي انعام نہ ملڻو هو، سو نہ مليو، ڪڏهن چار چڪون تہ ڪڏهن اٺ. هڪ دفعي ڪيس تي رپيا پنج آنا مليا، تہ ٻئي ڀيري بہ روپيا ٻارنهن آنا. پر شاباس آهي هن جي ايمان کي، جو هو پوءِ بہ برابر پنجن سالن کان ڳجهارتن جا حل باقاعدي موڪليندو رهي ٿو. سائين حاجن شاهہ جي مزار تي برابر اگربتيون ٻاريندو آهي، ۽ مون کي بہ ڳولي ڦولهي، حل ٺيل ڳجهارتون ضرور ڏيکاريندو آهي- ۽ ساڳئي وقت، ڇانهن جو ڊڪ بہ پياري ڇڏيندو آهي.

•

# سوال؟

زينو: (سس کي مخاطب ٿيندي) امان ڏسين ٿي، اڄ بہ پٽهين اڃا ڪين موٽيو آهي. سج ڪاپار تي چڙهي آيو آهي. اڃا ٿي ٻپهري لڙي.

ساران: هائو، چوين تہ سچ ٿي. ماني بہ تہ ڪائي ڪين ويو آهي. مٿان جهولو ۽ گرمي. چيائين پئي تہ بس اڄهو ٿو موٽي اچان. ڪلاڪ ڏيڍ جو ڪم آهي، سيٺ اڄ ٽيٽان ماٿهو ڪم تي گهرايا آهن.

زينو: مون سان پاڻ ساڳي ڳالهہ ڪئي هئائين. هميشہ کان جمعي جي ڇوٽي ڪندا آهن. مزدوريءَ جي لالچ ۽ نماز کان اڳ ۾ موڪل جي آسري تي هليو ويو.

ساران: سيٺ جي نماز واري جاءِ، خبر ناهي ڪهڙي وٽ ونان اچي لڳي اٿس، سڄو سڄو ڏينهن پاڻ پيرن ۾ بيٺو آهي.

زينو: پاڻ بيٺو آهي، تڏهين تہ ٻن مهينن ۾ جاءِ جڙي راس ٿيڻ تي آهي. باقي رڳو هڪڙيءَ ڇت جون درزون رهيل آهن، ائين پئي چيائين!

ساران: سٽون ڏينهن ٿيو اٿس تہ جو جهڙيءَ مانيءَ واري ڳنڍ هنان ٻڌيو ڪٽيو وڃي، اُهڙي شام جو ورايو واپس ڪنيو اچي! پيٽ خالي، ڪم ڪيئن ٿو اُجهيس؟ تو الاجي ڇا ڪيو اٿس، چي "ڪنوار سان گڏجي ماني نٿو کان تہ وٽي ئي نٿي."

زينو: (ٿورو شرمائجي) الا! مون کي ڪهڙي خبر! پٽ تہ تنهنجو ئي آهي، تونئي تہ ڪيس اهڙي پٽي پڙهائي هوندي!

ساران: هائو رمضو آهي تہ منهنجو پٽ، پر توسان پرڻائي توکي جو ڏيئي ڇڏيو اٿم. دل تي هٿ رکي ڏس، هاڻي تہ ماءُ ٿي آهين، پنهنجو پٽڙو ٿيو اٿئي، جو سڄو ڏينهن ڇاتيءَ سان لڳائي ويٺي آهينس!

زينو: ڇاتيءَ سان نہ لڳايانس تہ اڃلائي ڇڏيانس. چاليهہ ڏينهن تہ مس گذريا آهن....

ساران: هاڻي پاڻهي خبر پونديئہ- منهنجو رمضو آهي تہ چاليهن سالن جو، پر آءٌ پانيان ٿي تہ ڪالهوڻي ڪالهہ جڻيو اٿم.

زينو: خدا ڏينهن ڏنيس، ويٺي ڏسجانءِ. منهنجو پٽ جوان ٿيندو، مُڇن جي

ساوڪ اينديس تہ ميندي لڳائي، وني ڏيئي تولي چڙهيندي سانس، تولي! تو وانگر آرو ڪين ڪنديسانس. هيڏي عمر آندي اٿئي، مٿو اچو ٿي ويو اٿئي، تہ بہ اويل سويل پيئي نهارينس.

(زينوءَ جو ننڍڙو روئي ٿو، ۽ هوءَ چولو مٿي ڪري ٿڃ ڏارائيس ٿي.)

ساران: ڪتو، ڪتو، ڏس تہ سهي ماريو نهي جڙي پلنگي ماري اچي وينو آهي- نڪر باهر نپتا! هتي اندر اچي وينو آهي سهڪڻ ۽ جيب ڪڍي لڙڪائڻ! اما زينو هٽينس اها پر واري سؤنتي، مئو جاءِ ٿو خراب ڪري.

زينو: پر اما، هي پاڻ وارو موتي تہ آهي، باهر گرميءَ ۽ جهولي تنگ ڪيو اٿس، تڏهن لنگهي آيو آهي اندر (زينو جو ڇوڪرو هنج ۾ روئي ٿو. هوءَ نراڙ تي پگهر اگهندي، چوي ٿي.) اڄ تہ جنسي دوزخ ٿي پيو آهي، جهڙي ڪا ٻني پئي ٻري. ننڍڙي کي وهنجاري ٿي اچان.

ساران: (پنهنجي سر) پنهنجي آندي جي ڪيئن نہ چڪي آئي اٿس: هلي آهي ڪيس وهنجارڻ. منهنجو ٻچڙو اُس ۾ پيو ڳهي ۽ مزوري ڪري- دستگير جي ڪا وٽ پئين! جمعي جو ڏينهن، ههڙي گرمي، ههڙو جهولو، پوءِ بہ ڪم! جانورن تي بہ ڪهل ڪبي آهي! هي سينيون، شل قيامت ڪاري ٿئين.

زينو: (ٻري ڪان پٽ کي وهنجاريندي) اما هي باهرئين مٽ وارو پاڻي تہ ڪوسو ٿي ويو آهي، اتان اندران دلي مان نہ گلاس ڀري اچين!

(ساران اندران گلاس ڀري وجي ٿي ٻارڙي جي مٿان آهستي آهستي ڪري پاڻي هاري.)

زينو: دل ۾ نہ ڪرين، هڪڙو ٻيو ڪم چوانءِ!

ساران: آءٌ ڪا ٿورو ئي تنهنجي نوڪرياڻي آهيان. مون کي تہ ڪابہ ڳالهہ ڪانہ ٿي اُڇي. بس اهائي ڳڻتي اٿم تہ پٽم ڪيڏيءَ مهل ٿو اچي ماني کائي.

زينو: (پٽ کي گنديءَ ۾ ويڙهيندي) پوءِ پلا ڪيس چو نٿي وني اچين.

ساران: تون بہ ڳڏجي هل نہ، ڇوڪري کي چولڙو پاراءِ تہ ڳڏجي هلون.

زينو: ڳالهہ تہ واهہ جي ٿي ڪرين، بس ٻيڪڙي اڄ در کي. (ڪُتي کي) موتي! نڪر باهر!

(سس ۽ نُنهن ڳالهيون ڪنديون، سيٽ واريءَ جاءِ ڏانهن هلن ٿيون.)

زينو: پلا پتهين پاڻ تي ڪاوڙبو تہ ڪين؟

ساران: آءٌ جو توسان گڏ آهيان، مزال آهي، جو ٻڙڪ باهر ڪڍي. جي گوڙ

ڪيائين تہ هي ڏسين ٿي ٿڦڙ، وهائي ڪڍندي مانس.

زينو: امي، ائين تہ نہ چئو، ننڍڙو تہ ڪونهي.

ساران: وڏو هوندو تہ ٻين جي لاءِ، پورا ڏهہ مهينا پيٽ ۾ سانڍيو اٿمانس. ماءُ سان ٿوروئي منهن ڏيندو.

زينو: اهو تہ آءُ بہ مڃان ٿي، پر وات مان وائي تہ چڱي ڪڍجي.

ساران: ڪير ٻي چئيو اٿمانس، ڏسجئين وينئي، پاڻ ڪي پري ڪان ڏسي سهي.....

زينو: بس بس، گهٽو نہ پڏائينس.

ساران: اما، اجا گهٽو پنڌ آهي، منهنجا تہ پير ٿا پچرن مٺو ٿو سڙي.

زينو: هاٺي اچي پهتا آهيون، جهولي بہ هانيون ڪري چڏيون آهن.

ساران: ننڍڙي ڪي تہ چڱيءَ طرح ويڙهہ، منان ڪٿي لهس نہ اچي وڃيس.

زينو: هو ڏس! او، اها، سامهين جاءِ! پٺمين مٺي، او....اهو....ڏائيءَ ڪنڌ وٺان، بنهہ چوٽيءَ تي، تغاري پيو لاهي.

ساران: مون پوڙهيءَ ڪي تہ ڏسڻ ۾ ڪجهہ ڪين ٿو اچي. بچي شل: گهوري وڃانس!

زينو: موتي، موتي، دوڙ پنهنجي ڏٽيءَ وٽ، توڪي ڏسي من هيڏانهن لؤٽو هٽي.

(زينو ننڍڙي چوڪري کي ٿورو مٿي ڪري، نوڙي پٺر ڪٽي جاءِ واري پاسي اچلائي ٿي، ڪنو پچ لوڏي اوڏانهن لُوهہ ٿو ڪري.)

ساران: چري، هي وري ڇا ٿي ڪرين! مڙسهين ڇا سمجهندو، پاڻ بہ تہ ايڏانهن هلون پيئون.

زينو: بس پهچي تہ ويون آهيون.

ساران: هائو، هائو، هاٺي تہ آءُ ڏسان پئي، اهو چوٽيءَ تي بيٺو آهي نہ- ابول! منهنجو تہ مٺي نهاريندي مٺو ٿو ڦري. (ڪنو پؤڪندو موتي ٿو اچي.)

زينو: هينرا سارا مزورا مار، امان پٺمين پاڻ کي ڏنو آهي.

ساران: هيڏانهن نهاري تہ پيو.

زينو: هو ڏس! هٿ سان اشارو ڪري رهيو آهي.

ساران: ڇا ٿو چوي؟

زينو: چوي ٿو اتي ترسو، اجهو ٿو اچان.

ساران: ڀلا تون ٻہ تہ سڏ ڪرينس.

زينو: هائو، هائو.

ساران: اڃا لهي تہ ڪونہ ٿو.

زينو: ڀلا وچ ۾ ڪم ڇڏي ڪيئن ايندو. هو ڀريان سيٺ جو ٻينو آهي.

ساران: سيٺ هوندو پنهنجي لاءِ، منهنجو تہ هاٿي گرميءَ کان هاڻ ئي ٿو ماندو ٿئي. ننڍڙو مون کي ڏي. آءٌ ٿي ويجهو وڃانس.

زينو: هان وٺ، پر ڏاڪڻ کان ڀري ٿي. ٻيهجانءِ- اُس کان تہ ڍڪينس...

رمضو: (مٿان ڪاوڙ مان رڙ ڪري ٿو) امان! امان! هي ڇا ٿي ڪرين، ننڍڙي کي اُس لڳندي...ڀري ٿي...ڍڪينس...ڀاڇولي ۾ ٻيهہ، هتي وچ، ڀري ٿي!

ساران: (ڏاڪڻ جي ڀرسان اچي) نہ تہ، ڀلي تہ گرمي لڳيس، توکي گرمي ڪانہ ٿي لڳي- لهي هيٺ اچ، هيٺ لهي آ.

رمضو: امان، امان! الله جي نالي، اُستاد، استاد آءٌ لهان ٿو. آءٌ وڃان ٿو.

(تڪڙ ۾ رمضوءَ جو پير ترڪي ٿو ۽ تماڙ تان ڪلتي ڪائي اچي پٽ تي ڪري ٿو.)

ساران: آءٌ مري ويس، گهوڙا!

(ساران اوراڃي ڪري پئي، ٻارڙو ڏڪ لڳڻ سان ڪيهون ڪرڻ لڳو، زينو ڊوڙي اڳتي اچي ٿي ۽ پنهنجي ڇوڪري کي کڻي ٿي، مڙس کي ڏسي اکيون ڦاٽي ٿيون وڃنس، سيٺ اچي ٿو ۽ رمضوءَ جي ڦاٽل اجرڪ سان رمضو کي ڍڪيندي چئي ٿو.)

سيٺ: اِهي رنون هتي جو رلي رهيون آهن. ڀري ٿيو ڀري ٿيو! شيءِ وچي ڏٿين کي رسي.

•

# محبت جي راهہ تي

اج سواءِ ڪنهن انتظار جي تنهنجو خط مليو. مهرباني! دراصل تنهنجي خط جو نہ، پر توسان ملڻ جو انتظار هو. هن ڪان اڳ تہ ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيو آهي، جو تون سواءِ ٻڌائڻ جي هليو وڃين ۽ ميار لاهڻ لاءِ بہ چار سٽون لکي، صفائي پيش ڪرين، پوءِ معافيءَ جي تقاضا ڪرين. تنهنجي غير حاضري جينوئيڪ حيرت جو سبب هئي، پر پوءِ بہ مون سوچيو تہ شام جو وڃي تنهنجي گهران خبر چار وٺندس. ائين ڪريان ئي ڪريان، تنهن ڪان اڳ تنهنجو خط مليو. تو دوستيءَ ۾ وري بہ پنهنجو ئي پاسو ڳرو ڪيو- شاباس اٿئي، جو اينرو وقت ملڻ ۽ دوستن کي ياد ڪري سگهيو آهين. تو تہ هن چوڻيءَ کي بہ غلط ثابت ڪري ڏيکاريو تہ 'عشق ۽ جنگ ۾ سڀ ڪجهہ روا آهي!

شڪر آهي، جو تون جنگ جي ميدان ڏانهن ڪونہ ويو آهين: البت ڪنهن خاص ڪشش جي ڪري ڇڪجي، ٻئي ڪنهن هنڌ وڃي نڪتو آهين- اهڙي هنڌ، جتي جي دلڪشي دوستن ڪان وڌيڪ ۽ سرس پئي پائنجي. محبت، سڀني معاملن ڪان بي نياز ڪيو ڇڏي. پر، اج جو انسان جنهن جي سامهون صدين جا سوين انساني تجربا ۽ نتيجا اکين اڳيان آهن، اُهو جنگ جي ڀيانڪ نتيجن ڪان پوريءَ طرح آگاهہ آهي. هو سوچي سمجهي، جنگبازن جي حيواني خواهشن ۽ بد ارادن کي هر ممڪن طريقي سان روڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ساڳيءَ ريت عشق ۽ محبت جي سلسلي ۾ ٻڻ سمجهدار ماڻهو، ڏسي وائسي، اکيون ٻوٽي پنهنجو پاڻ اوڙاهہ ۾ ڪئين اڇلائيندو؟

تون نوجوان آهين. توکي شايد ڪل نہ هجي تہ جواني ۽ محبت جڏهن پاڻ ۾ گڏبيون آهن، تڏهن هڪ معصوم ۽ ناتجربيڪار جي دنيا ئي بدلجي ويندي آهي. پوءِ دنيا جي ڪابہ مخالفت سندن نگاهہ ۾ ئي نہ هوندي آهي- ڀلا ڪنهن کي نگاهہ ۾ آڻين بہ ڪيئن؟ جڏهن تارن جي جهرمر، چنڊ جي روشنائي، گلن جي خوشبوءِ، شمع ۽ پروانو ۽ ٻن سڪايل دلين جي چاهنا، ڪائنات جي سرجڻ ڪان وٺي اٿل رهيا آهن- فطرت جا هي لازوال پيوند ڪير توڙي سگهيو آهي؟ مذهب، سماج،

رشتا ناتا، قاعدا قانون ۽ وقت جون انڌيون جابر قوتون- هِنن هميشہ ساڻن ٽڪرجي، پنهنجا مٿا پئي ڀڃايا آهن.

تُنهنجو ڪهڙو قصور! اها حقيقت جيڪا منهنجي سامهون زبان تي آڻي نہ سگهئين، اهو راز جيڪو تنهنجي دل ۾ تہ هو، پر چپن تائين پهچي نٿي سگهيو، سو آخر ڪيترو وقت 'راز' رهي سگهي ٿو! هن خط ۾ بہ تنهنجي اهائي بيوسي ۽ لاچاري ليئا پائي رهي آهي. لڪائيندي ۽ نہ لڪندي ۽ نہ ٻڌائيندي بہ مون لاءِ اها هڪ ڪليل حقيقت بنجي پئي آهي. آءٌ توکي ڪوبہ ڏوهہ ڏيئي نٿو سگهان. ڪافر آهن اُهي انسان، جن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن سان بہ پيار ڪين ڪيو آهي. آءٌ هن مسئلي ۾ ڪيئن تنگ نظر ٿيان؟ عشق ۽ محبت جا پانڌيئڙا پنهنجا پير اوري ڪر نہ آءٌ انهن جي هينان پنهنجون اکيون پَٿاري ڇڏيان!

ٻئي جي دل جي ڪنهن کي ڪل! ڊائي کي بکئي جو ڪهڙو خيال؟ هر هڪ کي پنهنجا مطلب آهن. توکي ڪهڙي فڪر اڄي ورايو آهي: اهي وسوسا، وساري ڇڏ.

اڄ تنهنجي مختصر خط منهنجي ماضيءَ جا ڳچ وسريل داستان ياد ڏياري ڇڏيا آهن. اڄ تہ انهن مان هڪ ڪهاڻي توکي بہ ٻڌايان- اها اکين سان ڏٺل روئداد، جيڪا سالن کان منهنجي يادگيرين جي نگارخاني ۾ سٽي پئي هئي: اجهو هينئر ڪر موڙي پاسا ورائي رهي آهي- توسان ۽ هن سان ڪيترو نہ نهڪي ڦهڪي ٿي اچي. گويا اها، شايد اها، ساڳي سون ورني ڪهاڻي آهي، جا تو مان ئي، نئين سر نئون پساهہ کڻي، سجاڳ ٿي، سورنهن سينگار ڪري ويهي رهي آهي.

* * *

۱۹۴۴ع وارو زمانو هو. باک ڦٽي هئي، بمبئي جي بندرگاهہ تي هڪ سانت واري فضا ڇانيل هئي. هوا ماني هئي. البت ڪيڏيءَ ڪيڏيءَ مهل ڪناري تي بيٺل ٻيڙيون، رکي رکي، آهستي آهستي هڪٻئي سان ٽڪرجي، جدا ٿي، وري ٽڪرجي رهيون هيون. ٿورڙو ڌنڌ هو. مهاڻن جون ٻيڙيون جيڪي واپس پئي وريون، سي ڪناري ڏانهن وڌندي نظر ٿي آيون. ڪٿي ڪٿي ايڪڙ ٻيڪڙ جل ديوتا جا پوڄاري، سيس نمائي، پوڄا ۾ مگن هئا، ۽ آسپاس ۾ ڪي ٿورڙا ماڻهو هوا خوري ڪري رهيا هئا.

سج ڪني ڪڍي، ڌنڌ ۽ غبار غائب ٿي ويو. سمنڊ ۽ بندر جڻ ننڊ جي ڳهر مان سجاڳ ٿي اٿي ويٺا هئا. بندر جي اوير پاسي نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا

ٽولا اچڻ لڳا- ٿيلها، ٽفن باڪس، ٻُڙا، نوٽبڪ، پنا ۽ رنگ- هر ڪنهن جي هٿن ۾ هئا. هي سڀ آرٽ ڪاليج جا شاگرد هئا. هر ڪنهن جي منهن تي سرهائي هئي ۽ هڪٻئي سان کل مذاق ۾ مصروف هئا. وقت پنهنجي رفتار سان گذرندو ٿي ويو، تہ شاگردن جا ٽولا آهستي آهستي هلندا هڪ هنڌ اچي ڪنا ٿيا. ٽهڪڙن ۽ هوڪرن جو آواز وڌندو رهيو. ڀرپاسي ۾ شهر جا ڪي ٻيا ماڻهو بہ ڏسجي رهيا هئا.

جهاز سيٽي هڻي تہ سڀئي شاگرد ٻڪرين وانگر ٽپ ڏيندا، جهاز ۾ سوار ٿيندا ويا. شاگردن جو گوڙ جيئن پوءِ تيئن وڌندو ٿي ويو. جهاز هاڪاريو تہ شاگرد جتي آين اتي ويهي رهيا. گوڙ ازخود گهٽجڻ لڳو. ڪي شاگرد پنهنجن ٿيلهن ۽ ٽفن باڪسن کي کولي کاڌي جون شيون- ڪيڪ، بسڪيٽ، ڪيلي جون ڦريون ۽ چَڪُو وغيره- هڪٻئي کي ڏيڻ لڳا. سڀني جا وات چرڻ لڳا. ڪنارو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو ۽ جهاز پنهنجيءَ منزل ڏانهن جيئن پوءِ تيز رفتار سان وڌندو ٿي ويو. آرٽ ڪاليج جا شاگرد 'ايلفنٽا' جا غار ڏسڻ ۽ اتي ڪم ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا هئا. هي تفريحي جهاز آخري جهاز هو: ڇاڪاڻ تہ ڏينهن اڏ ۾ چؤماسي جي موسم اچڻ واري هئي. چؤماسي ۾ سمنڊ جي گهري هئڻ ڪري هن طرف سير سفر بلڪل بند رهندو هو.

رکي رکي ڪٿان ٽهڪڙن تہ ڪنهن مهل مانيءَ گفتگو جو آواز ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. جهاز، جو پنهنجيءَ رفتار سان پئي هليو، سو نيٺ منزل تي اچي رسيو. ڪنارو ايڏو اونهو ڪونہ هو، جنهنڪري جهاز پري ٿي بيهي رهيو. ڪناري کان بہ ٻيڙيون مسافرن کي کڻڻ لاءِ جهاز ڏانهن وڌيون. سمورا شاگرد ڪناري تي پهچي، ٽولين جي صورت ۾ هڪ ورن وڪڙن واري پيچري تان هلڻ لڳا. ڇوڪريون پنهنجو سامان ڇوڪرن کان کڻائي اڳتي هليون. جنهن بہ ڇوڪري کي اهڙو موقعو مليو، تنهن پاڻ کي جڻ وڏو خوش نصيب تصور ٿي ڪيو.

ميل ڏيڍ جي مفاصلي تي 'ايلفنٽا' جا غار هئا. انهن غارن ۾، جيڪي جبل کي کوٽي اندر ناهيا ويا هئا، سي دراصل 'شو ديوتا' جو مندر هو. شو جي پوڄارين ۽ شوَ جي فنڪارن وڏيءَ شرڌا ۽ جفاڪشيءَ سان جبل کي اندران ئي اندران ٽُڪي، گهڙي، شوَ ديوتا جي تاريخ کي ابدي حياتي بخشي هئي. شوَ مهراج جا مڙيئي روپ، پٿر جي ديوارين تي ايندڙ نسلن لاءِ ماضيءَ جي تاريخ جا عبرت انگيز داستان هئا، جن آرٽ ڪاليج جي شاگردن کي ڪشش ڪري پاڻ وٽ گهرايو

هو– مرد ۽ عورتون، ڇوڪر ۽ ڇوڪريون، شايد پنهنجو پراڻو روپ ڏسڻ آيا هئا.

شِو ۽ پاربتي، آدم ۽ حوا: انسان ذات جو اهو تصور: جڻ هڪ فطري جذبي ۽ ازلي رشتي هر ڪنهن کي گهلي هٿي آندو هو. يا ائين ڄڻجي ته ماضيءَ جي فنڪارن اڄوڪي دؤر جي فنڪارن کي، پنهنجي فن جي مشاهدي جي ڇڪ ڪري مظاهري جي دعوت ڏني هئي. شاگردن جا مختلف ٽولا مورتين اڳيان پنهنجي پنهنجي نگاهہ ۽ ذوق مطابق حيرت جي دنيا ۾ هئا: ڪي پنڊپهڻ ٿيو بيٺا هئا، ڪي سيس نمائي پنهنجي شرڌا سان سجدا ڪري رهيا هئا، ڪي وري نوٽبڪ کولي اسڪيچ ڪري رهيا هئا. ته ڪن وري رنگن جون پيتيون کولي، برش کڻي، پينٽنگ شروع ڪري ڏني هئي.

ايلفنٽا جي غارن ۽ شِوَ جي هن مندر ۾، جيڪو بمبئي جي ساحل کان دور ۽ ويران پيو هو، تنهن ۾ اڄ هڪ نئين قسم جي هلچل ۽ رونق نظر اچي رهي هئي. جيئرا جاڳندا انسان صدين جي هن پراڻي مندر ۾ ساڳئي خلوص ۽ محبت سان، گنڀير مورتين جي پروقار ماحول ۾، ذري ذري جو جائزو وٺي رهيا هئا. دروازي وٽ ٻہ نوٽيس بورڊ هئا هڪڙي تي لکيل هو: 'مندر جي مٿان ماکيءَ جي مکين جا مانارا آهن، انهن سان هٿ چراند نہ ڪريو!' ۽ ٻئي بورڊ تي لکيل هو تہ 'مهرباني ڪري مندر ۾ گهڙڻ کان اڳ داخلا جي ٽڪيٽ ضرور وٺو. ٻئي بورڊ کي پڙهي، هڪ نوجوان وراڻيو، "مندر ۽ داخلا جي ٽڪيٽ! مها مکي چوس بمبئي سرڪار!" ٻئي وراڻيو، "شِوَ جي ديوتا جي ارداس آهي، ارداس!" هڪ ٻئي جٽي چيو، "اهو تہ پوڄاريءَ جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي. جيڪي وٺيس سان پيٽا ڏئي." ٽئين جٽي ٽوڪ ڪندي چيو، "مندر ۾ وڃڻ جي قيمت ٻہ آنا! جن وٽ آنا نہ هجن، اهي ٻاهر ڪکڙِ وانگر آرو ڪري ويهي رهن." چوٿين جٽي رڙ ڪئي، "مانارا، مانارا..... ماکي.... ماکي!"

مندر جي وچ ۾ هڪ ننڍي چئن دروازن واري ڪوٺي هئي. ان جي وچ ۾ چڱو موچارو، سنئون سڌو، گول ۽ لسو پٿر کڙو ڪيل هو، ڪي شاگرد اسان کان اڳ هن ڪوٺيءَ ۾ پهچي چڪا هئا. هو پاڻ ۾ مندر متعلق ڳالهيون ڪري رهيا هئا: "اهو شِوَ لنگ آهي. جيڪو هٿي سچيءَ دل سان اچي دعا گهرندو، اها مقبول ٿيندي. رڳو شِوُ شِوُ! پلا، پاربتيءَ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟"

"پاربتي نہ هجي ها، تہ هوند هيءَ دنيا ئي نہ هجي ها! آءٌ تہ پاربتيءَ جو پوڄاري آهيان جئي جئي پاربتي! جئي جئي شِو!" ائين چئي، هن وراڻيو، "اوهان

ڪي ڪا خوشبوءِ اچي ٿي؟" ٿولي مان ڪن شاگردن وراڻيو، "نڪو.... نہ نہ.... ها ها. ڪا بدبوءِ آهي.... ها. اها هن ڪونيءَ جي خاص خصوصيت آهي... اها بانس اهڙي آهي، جهڙي شينهن جي رهڻ واريءَ جاءِ ۾ هوندي آهي. اها بانس صدين کان موجود آهي- صدين تائين هتي قائم رهندي.... ڪاريگرن ۽ فنڪارن.... اسان جي ديس جي ڪلاڪارن سان ڪير سينو ساهيندو.... ڪلا هميشہ امر رهندي..... چون ٿا تہ جنهن وقت اها بوءِ بند ٿي ويندي، تہ هيءَ سارو مندر پرزا پرزا ٿي ڪري پوندو."

مندر جي پُراسرار فضا ۾ مڪمل خاموشي ڇانئجي ويئي. خاموش پٿر جي ديوارين، اندر آيل انسانن کي پاڻ جهڙو بي جان ۽ بي حس بنائي ڇڏيو هو. هر ڪو پنهنجي ڪم ۾ رڌل ۽ غرق هو. هن سائنٽيڪي ماحول ۾ جيڪڏهن اکيون کٽي پورجن تہ هوند ڪنن سان ڪجهہ بہ ٻڌي ڪين سگهجي- زندهہ انسانن هتي پهچي جڻ تہ ساهہ کڻڻ ئي ڇڏي ڏنو هو. غارن ۽ غارن جي پٿرائين ديوارين تي هِتي هُتي ديو-قد پٿر جا مجسما ۽ انهن جي پر ۾ ڪاليج جا شاگرد بلڪل بي سرت، دنيا مافيها کان بي نياز، وقت ۽ مڪان کان بي پرواهہ. گويا غارن جو ئي هڪ حصو بڻجي چڪا هئا- هوئن بہ فن ۽ فنڪار جو تعلق اهڙو آهي، جنهن کي هڪٻئي کان الڳ ڪري نٿو سگهجي.

ڪافي وقت کان پوءِ، اوچتو مندر جي خاموش ماحول ۾ گوڙ پيدا ٿيو. آواز اچڻ لڳا ۽ جيئن پوءِ شور وڌندو ويو- جوالا مکي ڦاٽي پيو هو يا ڪو زلزلو زمين جو سينو چيري ڦاڙي رهيو هو. شاگرد خوف و هراس وچان مندر جي مرڪز وٽ ڳاهٽ ٿيندا ويا. شولنگ واري بوءِ ڦهلجي رهي هئي، شايد مندر چڪنا چور ٿيڻ وارو هو. خبر نٿي پيئي تہ هي ڀيانڪ وايومنڊل ڇا جي ڪري پيدا ٿيو آهي.

شاگردن جي ميڙ ۾، هڪ شاگرد مردي جيان بي حس پيو هو. هن جي ٻانهن، پيرن ۽ منهن تي بي شمار ماکيءَ جون مکيون چهٽيون پيون هيون. پاسن کان بيٺل شاگردن جا ميڙ.... پراڻي مندر ۾ هڪ نئين غار جو اضافو ٿي چڪو هو.

نيم مردهہ شاگرد جي جسم ۾ اڃا ٿورو گهڻو ساهہ هو. اوڏيءَ مهل، هڪ مرهٽي ڇوڪري قد جي پوري پني، ڪڻڪ رنگي، مرگهہ نيني، جنهن جون واسينگ جهڙيون چوٽيون، پنين تائين پيئي لٽڪيون- هوءَ هڪدم، "هٽو هٽو! پري ٿيو، جاءِ ڏيو!" چوندي، ديوانن وانگر انهيءَ بي هوش شاگرد جي ويجهو آئي. هن جي چهري تي آنند مانڊ هئي ۽ هن جي اکين مان ڪنوڻ جا چمڪاٽ لامارا ڏيئي رهيا هئا.

چوڪريءَ جو نالو مدگائوڪر هو. هن پنهنجي ساڙهيءَ جي ڪلهي واري پلؤ کي چيلهہ سان ويڙهيو، پٽ تي پيل شاگرد وٽ پهچي، مشين وانگر تيزيءَ سان هن جي بدن تان ماکيءَ جون مکيون لاهڻ ۽ ڏنگ ڪڍڻ لڳي. رکي، رکي، هوءَ پنهنجي ڪوئل جهڙي ڪومل آواز سان چئي رهي هئي، "مهرباني ڪري پري هٽو، تازي هوا اچڻ ڏيو! مهرباني ڪريو! هٽو.... مهرباني!" جلد ئي حامد جو سارو جسم مکين کان آزاد ٿيو ۽ هن جي جسم ۾ جان آئي. مدگائوڪر هاٿي سندس جسم تي مالش شروع ڪئي، هن ڪافي وقت کان پوءِ اکيون کوليون: موت جي چنبن مان نڪري جيئرو جاڳندو هن دنيا ۾ پنهنجي ساٿين وٽ ٻيهر موٽي آيو. هو اٿي ويٺو ۽ حيرت مان پنهنجي پير ۾ وينل مدگائڪر ۽ ٻين کي ڏسڻ لڳو. جلدئي هن جي چپن تي مسڪراهٽ آئي. ٻينل شاگرد اطمينان سان ٽڙي پکڙي ويا، ۽ باقي هو ٻہ ڄڻا وجي رهيا. هُن اٿڻ جي ڪئي، پر مدگائوڪر هٿ جي اشاري سان منع ڪندي پاڻ هن جي پرسان سرڪي ويهي رهي. هو پاڻ ۾ هوريان هوريان ڳالهائڻ لڳا. منڊر ۾ وري سانت ٿي ويئي. البت، ڪن شاگردن هن جوڙي کي ڏسي، پاڻ ۾ حيرت ۽ حسرت ڀري ڀڻ ڀڻ ضرور ڪئي ٿي.

هو احمدآباد جو وينل هو. هن جي منهن مهاندي، شڪل صورت، بت، ۽ قد ڪاٺيءَ ۾ ڪا خاص جذبيت ڪانہ هئي. ڪن تہ بنهہ ٻيڊولا هئس، باقي اکين ۾ سندس البت سادي مرداني سونهن ضرور سمايل ٿي نظر آئي. هو پينٽنگ سيڪشن جو شاگرد هو. ويرم ڪانہ گذري تہ ڪيترا شاگرد هن جوڙي ڏانهن ٻہ ٻہ- ٽي ٽي، ٿي اچڻ لڳا- چاڪليٽ، ڪنمنڙا، بسڪيٽ، ڪيڪ، سئنڊوچز، اوباريل آنا، کير، ڪيلا، صوف، چانهہ، ڪافي- جنهن وٽ جيڪي ڪجهہ موجود هو سو حامد وٽ پاڻ کڻي آيو. هو مشڪندو، سڀني کان اهي شيون وٺندو، مدگائوڪر جي اڳيان رکندو ويو.

پر شاگرد ۽ شرارت کي ڌار ڪري سگهجن ٿيون! گهڙيءَ پل جي سانتيڪائي ۽ ڌيرج کان پوءِ، هنن حامد ۽ مدگائوڪر تي فقري بازي شروع ڪري ڏني. "حامد، قسمت وارو آهين! ڪاش، اهي ماکيءَ جون مکيون اسان کي، ڏنگ هڻن ها!" . "مدگائوڪر بهترين سوشل ورڪر، سرڳ جي اپسرا، جنت جي حور، رحمت جي ديوي!.... آبِ حيات! حامد، زنده باد! مدگائوڪر شادباد!"

حامد ۽ مدگائوڪر، مشڪندا ۽ شرمائيندا رهيا. آخر، شاگرد پنهنجي بازي هارائي، مات کائي، مات ڪري، هٽندا ويا. مدگائوڪر حامد کي ڪاٺڻ لاءِ زور ڀرڻ

لڳي تہ هن نيزاري ڪندي چيو، "مون کي مجبور نہ ڪر، ڪاڏي لاءِ دل نٿي چوي."

"پاڻ کي ڏس تہ ڪيترو نہ لھساتجي ويو آهين. ڪجھہ ڪاءُ تہ طاقت اچيئي." ائين چوندي مدگائوڪر منهن ۾ گهنڊ وجهي هڪ ڪيلي جي کل لاهي، حامد جي وات ڏانهن ويجهو آندو. "مد، مدي...تنهنجو قسم.... تنهنجو حڪم... ۽ آءُ پر... توکي خبر نہ آهي.... مون کي روزو آهي، ۽ رمضان شريف جو پهريون روزو."

"پاڳل.... پاڳل، هن ۽ هھڙيءَ حالت ۾ بہ مذهب جا بندڻ، لاچاري ۽ عقيدت. عجيب حماقت. ڏاڍو بهادر آهين...... واھہ تنهنجي بهادري! ماڪيءَ جي مکڻ توکي ڪيرائي وڌو...... مغرور، هنيلا، ڀلا ماڪيءَ جي مکين ٻين تي حملو ڇو نہ ڪيو؟ توکي هيٺ مندر ۾ ڪير ڪٽي آيو؟،

حامد خاموش نگاهن سان ڏسندي ٿي رهيو. "منهنجي سوالن جا جواب ڏي، حامد! ڇا تو ڳالهائڻ جو بہ روزو رکيو آهي؟" حامد ڪنڌ لوڏيندي ورندي ڏني، "نہ نہ، مدي، 'سين استاد سان گڏجي مندر جي مٿان نظارو ڏسڻ ويا هئاسين- 'هتي جبل ۽ سمنڊ جو نظارو نهايت دلڪش آهي. آءُ انهيءَ نظاري کي ڏسندو رهيس، ۽ ٻين کان ٿورو پٺتي هوس، اوچتو ماڪيءَ جي مکين جو حملو ٿيو، يلغار هئي. پوءِ خبر ناهي ڇا ٿيو- تون بہ تہ مٿي هئينءَ؟"

"هائو، مون کي خبر آهي." مردانو آواز آيو.

حامد ۽ مدگائوڪر آواز طرف منهن ڦيرايو. ڪاليج جو هڪ شاگرد ڳالهائي رهيو هو. هن چيو، "حامد تون مٿي مئو پيو هئين....." ۽ پوءِ مدگائوڪر ڏانهن اشارو ڪندي چوڻ لڳو، ".......آسمان مان پرين جي راڻي هيٺ لٿي، جنهن توکي پنهنجن پرن ۾ ويڙهي، مندر ۾ ڪٽي ليٽايو، ماڪيءَ جي مکين توتي انهيءَ ڪري حملو ڪيو، جو تون خود ماڪيءَ کان وڌيڪ منو آهين. تون قسمت وارو آهين، جو مدگائوڪر جهڙيءَ پارينيءَ توکي نئين سر، نئين جوڻ ڏني آهي." ائين چئي، هو دوڙ پائي پٺي هليو ويو.

ڏينهن جو چوٿون پهر لڙي چڪو هو. سڀئي شاگرد واپس ٻيڙين ۾ چڙهي، جهاز تي سوار ٿيا. جهاز تيزيءَ سان هلڻ لڳو. سج اولهہ طرف اڻڌ ۾ غائب ٿيندو ٿي ويو ۽ آسمان تي ڪڪرن جي ڪاري چادر ڇائنجڻ لڳي. ٿوري وقت کان پوءِ ڪافي زور ۽ شور سان وڏڦڙو وسڻ لڳو. حامد، اڪيلو ئي اڪيلو هڪ ڪنڊ ۾، ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ غرق هو. مينهن وسي رهيو هو، تہ جهاز اچي بندر تي

لنگر هنيو. ڪن وٽ چتيون هيون، ته ڪي هئين خالي. هر ڪو جدا ر مان ُهندو، تڪڙو تڪڙو هلندو بمبئي جي گهٽين ۾ گم ٿيندو ٿي ويو. حامد مينهن ۾ پاڻ پسائيندو 'ڪرا فورڊ' مارڪيٽ واريءَ بس اسٽئنڊ تي پهتو، ته مڏگائوڪر ڪليل ڇتي ڪٽي اچي حامد جي مٿان جهلي. مٿان بجليءَ جو بلب ٻري رهيو هو. مڏگائوڪر جي تيز نگاهن، حامد جي چهري جو جائزو وٺندي چيو، "تون ته ڏڪي رهيو آهين، سيءُ ٿو ٿئيئي ڇا؟ هيءَ ڇتي پاڻ سان ڪٽي وڃ. سيباٽي اسپتال ۾ ضرور وڃجانءِ- تنهنجو منهن به سُڄي ويو آهي. فڪر نه ڪر. هيءُ منهنجو ٿيلهو نه وٺ." اينري ۾ بس آئي ۽ حامد بس تي چڙهي 'سبحاني هاسٽل' ۾ اچي پهتو.

هاسٽل جي ڪونيءَ ۾ پهچي هن ڪپڙا ته بدلايا، پر سيءَ سببان سندس سارو بدن ڏڪي رهيو هو. هو هڪدم بستري ۾ ليٽي پيو، هن جو پارٽنر، جيڪو ڏانهس اجان متوجه نه ٿيو هو، تنهن جي جڏهن هن تي نظر پيئي ته هڪدم حيرت وچان پڇيائين، "حامد، خير ته آهي- هي ڇا؟ توکي ته بخار آهي! خبر ڏي، ايڪسڪرشن ڪيئن گذرندي؟" هن حامد تي سوالن جو وسڪارو لائي ڏنو.

"ڪجھ به ڪونهي، وقت سنو گذريو. معمولي بخار آهي. مٿو پيو ڦريم- مون کي بک آهي ۽ ننڊ جي ضرورت به. روزو رکيو هوم. معاف ڪج، پيتيءَ مان مفلر ڪڍي ڏي."

"وٺ هيءَ مفلر. هيءُ ٿيلهو ڪنهن جو آهي؟ اڙي، هن ۾ ته ڪي شيون آهن- چاڪليٽ، ميوو ۽ زنانو پرس! سچ ٻڌاءِ، تون اڄ بهانو ڪري ڪيڏانهن ويو هئين؟"

"پارٽنر، صبح جو خبرون ڪندس." ۽ پوءِ حامد مٿي کي مفلر ويڙهي، پنهنجي مٿان سوڙ وجهي ڇڏي. حامد ٿڪل هو. هن ننڊ جي ڪوشش ڪئي. ڪلاڪ ٻن جي لوچ پوچ کان پوءِ مس مس هن جي اکي لڳي.

صبح جو پارٽنر اجا ستو ئي پيو هو ته حامد بستري مان اٿيو. هن کي خبر ڪانه هئي. هن آرسي ڪٽي پنهنجو منهن ڏٺو. هن جو منهن وڏيڪ سڄيل هو. هن پوءِ ٿيلهي مان ڪجھ ڪڍي ڪاڏو ۽ ڪاليج وڃڻ جو خيال لاهي سمهي رهيو. پارٽنر سجاڳ ٿيندي حامد کان ڪالهوڪيءَ واردات جي پڇا ڪئي. حامد بستري ۾ ليٽندي سمورو احوال ٻڌايو.

"دوست، هيءَ ته رومانٽڪ ٽريجڊي آهي، ٽريجڊي نه پر ڪاميڊي! توکي دوا

ڪپي، اسپتال هل..... نہ نہ، توکي دوا جي ضرورت نہ آهي. ها، البت ٻاهر نہ نڪرجئين." پارٽنر هڪ ئي ساهيءَ حامد کي مٿيان جملا چئي ويو.

"آءٌ نيڪ آهيان، پارٽنر، فڪر نہ ڪر! وري ٻن پهرن جو گڏباسين." پارٽنر ڪوٺيءَ مان نڪري ٻاهر هليو ويو ۽ حامد بستري ۾ ليٽي پيو.

ساڳئي ڏينهن ٻ، پهرن جو مدگائوڪر، بمبئي سٽي اسٽيشن جي پرسان مسلم سبحاني هاسٽل ۾ پڇا ڪندي، اچي حامد جي ڪوٺيءَ تي پهتي. حامد هينئر بلڪل سرهو هو. مدگائوڪر حامد جي روم ۾ پير رکندي، اچا ڪائنس مزاج پرسي ئي ڪري رهي هئي، تہ عين موقعي تي هن جو پارٽنر اچي سهڙيو. دروازي تي بيهي، پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ هڪ ڇوڪريءَ کي وينل ڏسي، هيڪر تہ حيرت ۾ پئجي ويو، پر جڏهن حامد ڪيس چيو، "پارٽنر، هليو اچ. هيءَ اهائي تہ آهي، جنهن ڪالهہ همت ڪري منهنجي حياتي بچائي." ۽ پوءِ مدگائوڪر ڏانهن نهاري، چيائين، "مدگائوڪر، هي آهي منهنجو پارٽنر" . ڳچ رسمي ڳالهين کان پوءِ مدگائوڪر موڪلائي هلي وئي.

سامهون ميز تي رکيل ٿيلهي تي نظر پوندي، حامد سوچڻ لڳو، 'آءٌ ڪهڙو نہ احسان فراموش آهيان. هن ٿيلهي ۽ پرس ڏيڻ جو مون کي خيال ئي ڪونہ آيو.' هو اچا انهن ئي خيالن ۾ هو تہ سندس پارٽنر وراڻيو، "حامد، ڪهڙيءَ دنيا ۾ وڃي پهتو آهين- ساعت اڳ تہ جڻ هتي تنهنجو وجود ئي ڪين هو. تو تہ رڳو هن ڏانهن پئي تڪيو- واهہ جي مرهٽياڻي آهي! پنين تائين واسينگن جهڙا وار! اڙدو تہ ڪهڙي نہ صاف پئي ڳالهايائين. هن جي آواز ۾ ڪيڏو نہ ميناج آهي!" حامد جو چهرو لعل ٿي ويو ۽ هن جذباتي انداز ۾ وراڻي ڏني، "بس ڪر، پارٽنر، گهڻو ئي ڪجهہ چئي ورتئي."

"معاف ڪر حامد! دراصل آءٌ تنهنجي چونڊ جو داد ڏيئي رهيو آهيان. شال توکي نيبهہ هجي! منهنجي طرفان مبارڪ. ڇگو مون کي دير ٿي ٿئي. آءٌ هلان ٿو." ائين چوندي، پارٽنر ٻاهر نڪري هليو ويو.

حامد وڏي الجهن ۾ ڦاسي چڪو هو. هو اڪيلو هو ۽ ٻنان ڪنهن رڪاوٽ جي پنهنجي خيالات جي دنيا ۾ محو هو. هن جون پريشان نگاهون ڪوٺيءَ جي چئني ديوارن، درين ۽ دروازن کان ٻاهر، هيڏانهن هوڏانهن پنهنجي دل جي تسڪين جو ڪو سامان ڳولي رهيون هيون. هن جي دل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي ۽ پوءِ هن جا چپ آهستي آهستي چرڻ لڳا. هو خودبخود پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو.

مون کي چا ٿي ويو آهي. منهنجي دل هن ڏانهن ڇڪجي رهي آهي. هي عشق ۽ محبت جو جادو ته ڪينهي! نه نه، هيءَ..... اهو منهنجو وهم آهي. آءٌ جڏهن احمد آباد کان هيڏانهن آيس ٿي ته منهنجي ماءُ مون کي چيو هو، "پٽ، محنت ڪري ڪم ڪجئين. مون ٻڌو آهي ته بمبئيءَ جون ڇوڪريون نهايت چالاڪ آهن. تون شادي شده آهين. ڇوڪرين کان پري رهج." مون ماءُ سان واعدو ڪيو هو، مون کي ضرور سوچڻ گهرجي. مَدي نهايت شريف ۽ خوبصورت آهي. هوءَ ايلفنٽا جي جيئري جاڳندي مورتي آهي، اجنتا جي غارن جي ساهه پساهه واري تصوير آهي. هوءَ حقيقت آهي. هوءَ خدا جو روپ آهي. هن منهنجي زندگي بچائي. هوءَ نه هجي ها ته هوند آءٌ مري وڃان ها. آءٌ هن جو پوڄاري آهيان. هن جي آءٌ سدائين پوڄا ڪندو رهندس.' هن تي وري خاموشي طاري ٿي ويئي ۽ هو حيرت مان ڪوٺيءَ ۾ پيل هر چيز کي گهوريندو ۽ سوچيندو ٿي رهيو.

هفتي گذرڻ کان پوءِ به حامد جي اهائي ساڳي حالت هئي. هو الڪن ۽ ڳڻتين جي جار ۾ ڦاسي، ڇؤڪنيو جڪڙجي چڪو هو. هن جي پريشانيءَ ۽ اداسائيءَ جو وجهه وٺندي، شاگردن عجيب غريب چرچا ۽ ٽوڪبازي شروع ڪري ڏني. هو سڀڪجهه ٻڌندو ۽ برداشت ڪندو ٿي رهيو. آخر هن لاچار ٿي هاسٽل جي ڊائننگ هال ۾ ماني کائڻ ڇڏي ڏني. حامد ۽ مدگائوڪر متعلق سڄي ڪاليج ۾ عجيب غريب چميگوين جو طوفان کڙو ٿي ويو. مدگائوڪر بمبئي جي سٽريل خاندان جي هڪ سمجهو ڇوڪري هئي. هن جو پيءُ گهڻن ئي ڪارخانن جو مالڪ هو. هن جي چاچي جي شهر کان ٻاهر هڪ وڏي اسپتال هئي. چاچي ئي هن کي پاليو هو. هوءَ اڪثر چاچي وٽ رهندي هئي. هوءَ پينٽنگ سيڪشن ۾ هئي. حامد جي ته دنيا ئي بدلجي چڪي هئي. رات جو جڏهن هاسٽل جا شاگرد سمهي پوندا هئا ته چورن وانگر لڪي لڪي، پنهنجي ڪوٺيءَ جو پيڪڙيل در کولي، سمهي پوندو هو. صبح جو شاگرد اٿن ئي اٿن، سڀني کان اڳ هن جو بسترو خالي ڏسبو هو.

پورا چار مهينا گذري ويا. هاسٽل ۾ آرٽ ڪاليج جي شاگردن جون چميگويون ۽ چرچا گهڻا بند ٿي ويا. بمبئيءَ جي مصروف زندگيءَ ۾ حامد ۽ مدگائوڪر وارو حادثو هوا جي جهوٽي جيان آيو ۽ ختم ٿي ويو. پر، هيڏي ساري عرصي ۾ حامد ۽ سندس پارٽنر فقط هڪ اڌ دفعو پاڻ ۾ گڏجي سگهيا هئا. هڪ اهڙي موقعي تي حامد سان پارٽنر ڳالهائي رهيو هو ته حامد جي چهري تي

اداسائي ۽ اڪين ۾ انتهائي ويراني هئي. هن ذر جي اڳيان بيهندي، حامد کي چيو هو، "مون کي تون پنهنجو دوست ڪري نٿو سمجهين. افسوس، تو پنهنجي ڪهڙي حالت بنائي ڇڏي آهي. ڪٿي ٿو گذارين؟ نہ يار نہ دوست، نہ هاسٽل نہ ڪاليج- ڇرين کي ڪي سڳ ٿيندا آهن. سچي ڪر، ٻڌاء، نہ تہ توکي آءٌ هن ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري، تنهنجي مائٽن ڏانهن تار ڪري کين گهرائيندس- هي ڇا، ڇوڪرين وانگر ڪنڌ ڇو جهڪائي ڇڏيو اٿئي؟ گونگو آهين ڇا؟ ڇي ڇي، هي وري ڇا! عورتن وانگر روئي رهيو آهين!

"ڳالهہ ٻڌ، مدگائوڪر هتي آئي هئي. بزدل، جنهن تنهنجي جان بچائي، ان سان تو ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. هي چار ئي مهينا تو ديوانن وانگر بمبئي جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ نوڪرون ڪاڏيون آهن. نيٺ تنهنجو مطلب ڪهڙو آهي؟ ڏس، ڪنهن سان تہ دل جو دک سور اور. پنج ئي آڱريون برابر ڪينهن. مون تي اعتبار ڪر: تنهنجي اندر جي ڳالهہ، منهنجي دل جو راز رهندي- تنهنجو قسم!"

حامد پنهنجون ڳوڙهن ڀريل اکيون مٿي ڪنيون ۽ ڏڪندڙ آواز ۾ چيو، "ڪجهہ بہ ڪينهي، دوست آءٌ وڏيءَ الجهن ۾ آهيان. توکي ڇا ٻڌايان. تنهنجي سيني ۾ پٿر جي دل آهي. چڱو، چانهہ جو آرڊر ڏيئي اچ، تہ ويهي ڳالهيون ڪريون." حامد هڪ ڊگهو ساهہ کڻندي، مٿيان جملا وڏيءَ مشڪل سان ادا ڪيا. پارٽنر چانهہ ڪٺائي آيو تہ ڪوٺي خالي پيئي هئي، ۽ حامد الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويو هو.

حامد ڪوٺيءَ مان نڪري هاسٽل جي پٺ ورتي. پوليس ڪوارٽرن ۽ اسپتال جي وچان لنگهي، ڏوبي تلاءَ جي چوٌ واٽي وٽ بيهي، وائڙن وانگر نهارڻ لڳو. چوواٽي وٽ ڪافي رش هئي: ماڻهو، موٽرون، بسون، ٽرامون، سائيڪلون، سڀيئي تيز تيز پنهنجي ڪنهن نہ ڪنهن منزل ڏانهن وڃي رهيون هيون، ۽ حامد، هڪ بي منزل مسافر وانگر، هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندو، ڏوبي تلاءَ جي چوواٽي وٽ اچي پهتو. هو سواءِ ڪنهن فيصلي جي وائڙن وانگر بيهي رهيو. هن ائين ٿي محسوس ڪيو تہ هي چوڌاري وڏا وڏا محل، ماڙيون، رستا، مطلب تہ هر چيز کيس گهوري رهي هئي. حامد گهبرائجي، جلدي ڪنڌ ڪٿي هيٺ ڪيو. خيالن ئي خيالن جي دنيا ۾ هن کي ياد آيو تہ "پارٽنر چانهہ وٺي آيو هوندو. مون کي نہ ڏسي ڇا سمجهيو هوندائين. اڄ تہ هو وڏو همدرد نظر اچي رهيو هو- مطلبي، مڪار ۽ خود غرض..... آءٌ اڪيلو آهيان. مدگائوڪر روم تي ڇا جي لاءِ آئي هوندي؟ پارٽنر هن

سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون هونديون.... دل جو درد ۽ ان جو درمان ڪير ٿو ڪري! ڪير ڪنهن جو همدرد آهي! پارٽنر ڳوٺ نار ڪٽي ته ڇا ٿيندو. ماڻ سان ڪهڙو انجام ڪري آيو هوس. هتي اچي مون کي ڇا ٿي ويو آهي؟ مون کي ڪهڙيءَ ڪتيءَ ڪنيو جو ايلفنٽا ويس. مون کي مندر جي مٿان ڪير هيٺ ڪٽي آيو. مدگائوڪر جي هٿن ۾ ٺي مري وڃان ها- سڀيئي مون تي چٿرون ڪن ٿا. آءٌ چريو ٿي ويندس. آءٌ واقعي ديوانو ٿي ويو آهيان...."

فوٽ پاٿ جي پرسان موٽرون فرڙاٽ ڪندي لنگهيون، ته حامد جي خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. هو ڇوڙاٽو اکري، اولهہ طرف روانو ٿيو، جتان چرني روڊ وٺي تيزيءَ سان هلڻ لڳو. ميل کن پنڌ ڪري چرني روڊ باغ ۾ گهڙيو. اتان چرني روڊ اسٽيشن جي دروازي تي بيهي، ٽڪيٽ واريءَ دريءَ ڏانهن نهاري، پوئتي موٽيو ۽ وري ساڳيو رستو وٺي هلڻ لڳو. هلندي، اوپر پاسي ڏانهن ڏسندي، ٻئي رستي تي لڙيو، جتان اچي گرگام روڊ تي پهتو. گرگام روڊ تي ڪلهي گس هئي- هڪ طرف بسون ۽ ٽراموں ته ٻئي طرف ماڻهن جو هجوم. ٽرئفڪ ۽ ماڻهن جو مليل جليل آواز قيامت ڪان گهٽ ڪين هو. حامد بيهي بيهي هڪ بس ۾ چڙهي پيو. هو اچا وينو ئي مس ته بس ڪنڊيڪٽر اچي مٿان بيٺس: "بابو ٽڪيٽ، ڪٿي لهندا؟" حامد چرڪ پريندي ورندي ڏني، "آخري بس اسٽاپ." هن پئسن ڪڍڻ لاءِ سوٽ، قميص ۽ ڪوٽ جي مڙني کيسن ۾ هٿ وڌو. شايد هن جي ڪنهن بہ کيسي ۾ پئسا ڪونہ هئا.

حامد هڪ ڏينهن پنهنجي دستور خلاف سبحاني هاسٽل جي ڪمري ۾ وينو هو. هن جي اڳيان هڪ نامڪمل تصوير پيئي هئي. هو بيخوديءَ جي عالم ۾ رنگ ڪٽي، لڳائي، پنني هٽي، وري ويجهو اچي تصوير کي ناهڻ لڳو- سمنڊ جو ڪنارو، جهاز، ٻيڙيون، جبل، پيچرو، آسمان، ڪڪر، مرد ۽ عورتون. اينٽري ۾ هن جو پارٽنر حامد جي ڇاڻ ڪان سواءِ اندر لنگهي آيو. هن ايندي گنڀير آواز ۾ چيو، "پارٽنر، لاجواب شاهڪار! رنگن جو عجيب ۽ حسين ميلاپ. حقيقت جي بينظير پيشڪش. پر هيءُ نظارو ته ڏٺل وائٺل پيو پائنجي. ها، اهو ته سچ پچ ايلفنٽا جي غارن وارو منظر آهي." حامد جي چهري تي خوشيءَ جي لهر اڀري آئي. هن جا ڪن ڳاڙها ٿي ويا. هن جون اکيون ڏيئن وانگر ٻرڻ لڳيون. هو تصوير کي ڇڏي پارٽنر جي ويجهو آيو ۽ حسرت ڀريئي آواز ۾ چوڻ لڳو، "پارٽنر، ڏس تو مون سان

ڪهڙو واعدو ڪيو هو. انهيءَ باري ۾ ڳالهيون ڪري، منهنجن زخمن تي لوڻ نہ برڪ."

"معاف ڪر حامد، تنهنجي تصوير جو ڏوهہ آهي؛ هھڙو شهپارو ڏسي، آءٌ ان جي ساراهہ ڪان رهي نہ سگهيس. مون ڪي مهرباني ڪري معاف ڪر."

ڪونيءَ جي دروازي تي اڻ چاتل آواز آيو، "آءٌ اندر اچي سگهان ٿو؟" هو ايندي شرط تصوير جي پرسان اچي بيهي رهيو ۽ ان تصوير کي ڏسندو رهيو. حامد ۽ سندس ساٿي حيرت مان هڪٻئي ڏانهن نهاري، نگاهن ۾ هڪٻئي کان سوال ڪري رهيا هئا، هي ڪير آهي؟ تصوير جي پرسان ڇو بيٺو آهي؟ هي ڪهڙي ڪم سان آيو آهي؟'

"ساڳيو هوبهو انهيءَ ڏينهن وارو نظارو. ڪمال ڪري ڇڏيو اٿئي! ايلفنٽا وارا غار!" اجنبي ائين چئي، وڏيءَ گنڀيرتا سان تصوير ڏانهن نهارڻ ۾ گم ٿي ويو. رڪي رڪي وري چوڻ لڳو. "منهنجو نالو گوبند آهي." هنن ٻنهي ڄڻن سندس آجيان ڪئي. گوبند ويٺو تہ حامد چيو، "مهرباني ڪري پنهنجو احوال ٻڌاءِ."

"هائو، انهيءَ لاءِ تہ آيو آهيان،" گوبند ورندي ڏني.

"حامد وڏيءَ ابهرائيءَ سان پڇيو، "اوهين ڪهڙو ڌنڌو ڪندا آهيو؟"

"منهنجو ڪالباءَ ديوي روڊ تي چمڙي جو دوڪان آهي. اصل پنجاب جا آهيون، پر آءٌ ڄائو نپنو بمبئيءَ ۾ آهيان." حامد وڏيڪ حيرت ۾ پوندي، دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳو، 'آخر چمڙي جو واپاري هتي هاسٽل ۾ ڇو آيو آهي؟' گوبند وهيءَ چڙهيل ڪرڙوڏ هو، پر ڪپڙي لتي ۾ نهيل نڪيل ۽ مضبوط جسم وارو نظر اچي رهيو هو.

گوبند، حامد جي حيرانيءَ کي سمجهندي وڌيڪ ڳالهائڻ لاءِ تيار ٿيو، پر ڪا مجبوري کيس زبان کولڻ کان بيوس ڪري رهي هئي. نيٺ هن جي همت پنهنجي دل جي اظهار ڪرڻ تي آماده ٿي، ۽ چوڻ لڳو، "حامد، توکي تعجب ٿيندو آءٌ ڪا پراسرار شخصيت نہ آهيان. منهنجي زندگيءَ ۾ هڪ حادثو ٿيو...." گوبند اڃا ڳالهائڻ تي چاهيو تہ حامد جي پارٽنر هن جي سلسلي ڪلام کي ڪٽيندي، ابهرائيءَ مان چيو، "توکي چندو يا خيرات تہ ڪانہ گهرجي؟" "نہ نہ، آءٌ ڪو چندي باز يا پينو فقير ڪونہ آهيان. آءٌ پاڻ ضرورتمندن کي دان ڏيئي سگهان ٿو."

"پارٽنر، هن کي ڳالهائڻ ڏي." حامد پنهنجي ساٿيءَ کي ٽوڪيندي چيو.

"معاف ڪجو مسٽر گوبند! منهنجو دوست نهايت ابهرو آهي." "تہ پوءِ هن تي ڪا ميار نہ آهي. دوست آءٌ هڪ اهڙي حادثي جي سلسلي ۾ اوهان وٽ آيو آهيان، جنهن منهنجو هوش حواس مون کان ڦري ورتو آهي. ڇئن مهينن کان وڌيڪ عرصو ٿيو تہ آءٌ انهيءَ چڪر ۾ آهيان. حامد، توکي ياد هوندو آچر جو ڏينهن، سيپٽمبر جي ستين تاريخ، آرٽ ڪاليج جا شاگرد ايلفنٽا جي مندر ۾ هئا. اوهان جي ٽولي مٿي گهمي رهي هئي، آءٌ بہ مٿي هوس. شاگردن کي ڏسي، مون کي پنهنجو زمانو ياد آيو. آءٌ پري پري جو نظارو ڏسندي پنهنجين يادگيرين ۾ گم هوس تہ هڪ ڇوڪري کي مکين جي ماناري تي پٿر اڇلائيندي ڏٺم. مون رڙ ڪئي. هو شرير پٿر اڇلائي، ڊوڙي اڳيان ويندڙ شاگردن ۾ گڏجي ويو......"

"تڏهن تون انهيءَ ڏينهن اتي ئي هئين؟" حامد، گوبند کان حيرت مان سوال پڇيو.

"هائو، تون سيني جي پويان هئين. ماکيءَ جي مکين جي ہنڌ ٽٽي پيئي هئي. اهي مانارا ڇڏي توتي اچي ڪڙڪيون. تنهنجي ٽولي توکان بي خبر هيٺ لهي مندر ڏانهن رواني ٿي، ۽ تون بي هوش ٿي ڪري پئين. آءٌ اهو سڀڪجهہ ڏسي رهيو هوس. مون توکي بچائڻ لاءِ سوچيو ۽ هڪدم ڊوڙي جبل تان هيٺ لٿس. سوچيم تہ هيٺ اطلاع ڏيان. مندر جي دروازي وٽ چوڪيدارن کي مدد لاءِ منٿ ڪيم، پر ڪنهن کي بہ قياس ڪونہ پيو. نيٺ گهڻين منٿن کان پوءِ، هنن کان چادر وٺي، توکي ويڙهي ڪلهي تي کڻي هيٺ مندر ۾ آيس، ۽ آرٽ ڪاليج جي شاگردن کي سندن امانت حوالي ڪيم. پوءِ تہ سڀيئي حلقو ہڌي بيهي رهيا ۽ آءٌ هٽي پري ٿي بيهي رهيس. هڪ ڊگهي وارن واري مرهٽي ڇوڪري تونتان....."

"گوبند، گوبند، تڏهن منهنجي حياتيءَ بچائڻ وارو تون ئي آهين؟" ائين چئي، حامد ڊوڙ پائي گوبند کي ڇنبڙي پيو. هو ڏڪندڙ ۽ ٿورائتي آواز ۾ چوڻ لڳو، "گوبند، تو ئي مون کي زندگي ڏني آهي. تو مون تي وڏو احسان ڪيو آهي. هيترو وقت ڪٿي هئين؟ آءٌ تنهنجو احسان عمر ڀر وساري نہ سگهندس ۽ تنهنجي احسان جو عيوضو....." گوبند جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا ۽ هو بہ حامد کي ٻاڪر پائي ڇنبڙي پيو. ان وقت هو اهڙا بہ ڀائر پئي نظر آيا، جي وڇڙي وڃڻ کان پوءِ اوچتا مليا هجن. گوبند جو نڪ ۽ اکيون حامد جهڙيون ئي هيون.

گوبند رومال ڪڍي اکيون اگهيون ۽ پاڻيءَ جي گهر ڪئي. هو پاڻي پي وري شروع ٿي ويو، "هڪ چڱي انسان جو ڪم آهي نہ سواءِ ڪنهن لالچ جي سڪي

ڪري. چڱو ڪم ڪنهن بہ غرض سان ٿيو تہ اها نيڪي نہ آهي. مون توتي احسان ڪونہ ڪيو پر، آءٌ هيترو سارو عرصو جو توکي ڳڌجي نہ سگهيس سو بہ انهيءَ خيال سان تہ منان ڪٿي نيڪي بديءَ ۾ نہ تبديل ٿي وڃي؛ آءٌ اڄ فقط انهيءَ ڪري تو وٽ آيو آهيان. مون جيڪو احسان ڪيو، تنهن جو عيوضو نہ پر پنهنجي دل جو تو وٽ درد ڪتي آيو آهيان ۽ توکان ساڳيءَ نيڪيءَ جي ڀيک گهرڻ آيو آهيان" ائين چئي، گوبند ايزل تي پيل تصوير کي خاموش نگاهن سان ڏسندو رهيو.

"مون کي جلدي ٻڌاءِ! جنهن مون تي ايڏو احسان ڪيو آهي، تنهن لاءِ آءٌ ڪهڙي قرباني ڏيئي سگهان ٿو. گوبند منهنجو واعدو آهي، تون دل جي ڳالهہ ڪر. آءٌ توتان پنهنجو ساهہ بہ ڪهوري ڦٽو ڪندس" حامد ايترو ۽ اهو سڀڪجهہ جذبات ۾ چئي ويو.

"مون کي اها ئي اميد تو وٽ ڪڍلي آئي آهي" ، گوبند قدري خوش ٿيندي چيو "انهيءَ حادثي ۾ خبر ناهي ڪيئن.... اها، آءٌ پنهنجي دل ڦرائي ويٺو آهيان. آءٌ بي قرار ۽ بي چين آهيان. خبر ناهي مون کي ڇا ٿي ويو آهي....." گوبند جو آواز جيئن پوءِ ڳرو ٿيندو ويو. آخر هن گنڀير ٿيندي وراڻيو: "حامد، مون کي احساس آهي تہ اوهان ٻئي پاڻ ۾ محبت ڪريو ٿا. تون مسلمان آهين، ۽ هوءَ هندو آهي- پيار ۾ دين ڌرم ڇا جو؟ پر، هي دنيا وارا محبت ۾ هميشہ رڪاوٽون وجهندا رهيا آهن. تنهنجي مائٽن ۽ هن جي مائٽن کان اڳ، دين ۽ ڌرم جا رکوالا اهو رشتو قبول ڪين ڪندا. اوهان ٻنهي جي وچ ۾ بي انداز مجبوريون آهن- اهي ئي منهنجو سهارو آهن. مون ٻڌو آهي تہ تنهنجي شادي بہ ٿيل آهي. مون پنهنجي سر ڪافي ڪوشش ڪئي آهي- دادر ۾، هن جي چاچي جي اسپتال ۾ مريض ٿي داخل ٿيس. هن سان ويجهي ٿيڻ جي ڪوشش ڪيم، پر اتان لاعلاج ٿي تو وٽ آيو آهيان. هاڻي فقط تون ئي منهنجو مسيحا بڻجي سگهين ٿو. منهنجي احسان جو عيوضو نہ، پر پنهنجي نيڪيءَ جو عظيم مثال قائم ڪري ڏيکار." ائين چئي، گوبند نهايت خاموشيءَ سان حامد جي پيرن ڏانهن نهارڻ لڳو

حامد جي پيرن هيٺان ڄڻ تاندن جو مچ ٻرڻ لڳو. هو سخت بي چينيءَ جي حالت ۾ اتان اٿيو ۽ طوفان ۾ وڻ جي ڪمزور شاخ وانگر هيڏي هوڏي ڪونيءَ ۾ ڦرڻ لڳو. هن جي چهري تي مختلف احساس دونهين جي ڪارات جيان وڌن ۽ هٽڻ

لڳا. بي خبريءَ جي عالم ۾ هو هڻ مهڻي مهڻي چت کي تکڻ لڳو، ۽ پوءِ هڪ شعلي وانگر ڏکي ڏکي، اکيون پوري ويهي رهيو- خاموش بي جان، جهڙو رک جو ڍير. گوبند بدستور حامد جي پيرن ۾ نظرون کپايو ويٺو هو ۽ حامد جو پارٽنر بار بار حامد ۽ گوبند، جيڪي هڪ شمع تي ٻہ پروانا هئا، تن جي حسرتناڪ آئيندي تي سوچي رهيو هو. وقت گذرندو ويو. نيٺ حامد اکيون کوليون. هو ڄڻ سالن جي ڪنهن پراڻيءَ قبر مان اٿي کڙو ٿيو هو. هن وڏي همت سان گوبند کي مخاطب ٿيندي چيو، "منهنجي اندر ۾ جهاتي پاءِ. ڪاش، تون ڪجهہ ڏسي سگهين ها تہ هوند اجوڪي سزا مون کي هرگز نہ ڏين ها- پر تنهنجو ڪهڙو قصور، تون پاڻ مجبور آهين. چڱو هاڻي وڃ. ايندڙ آچر تي صبح جو سنين بجي مون وٽ اچج تہ توکي مدگائوڪر وٽ وٺي هلندس." جواب ٻڌندي گوبند سواءِ ڪنهن چون چرا جي ڪوٺيءَ مان نڪري ٻاهر هليو ويو.

ايندڙ آچر جي وچ ۾ پورا ست ڏينهن هئا. اهي ست ڏينهن حامد واسطي قيامت کان گهٽ ڪين هئا. هو ڪباب وانگر نا اميديءَ جي آڙاهہ ۾ ڪامندو، جلندو ۽ سڙندو رهيو. اڪيلي سر هو اهو سڀڪجهہ سهندو رهيو- هن جو پارٽنر ڳوٺ ويل هو، تنهنڪري هُن کي هن حالت ۾ ڪو بني بشر ڏسي ڪين سگهيو. ڇنڇر جي شام جو حامد شهر ڏانهن ويو. هن جي قدمن ۾ مضبوطي ۽ نگاهن ۾ وڏو اعتماد هو. هو ڪلاڪ کان پوءِ موٽي آيو ۽ پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ اچي سمهي رهيو. هو شايد ڪو فيصلو ڪري چڪو هو.

آچر جي ڏينهن پوري يارهين بجي دادر جي هڪ عاليشان سانتيڪي بنگلي ۾ حامد، گوبند ۽ مدگائوڪر، ٽيئي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا. اهڙيءَ ريت هر آچر تي ڳالهيون ٿينديون رهيون. چار آچر ائين ئي گذري ويا. پنجين آچر تي دستور مطابق هنن جون پاڻ ۾ محبت ۽ پيار جون ڳالهيون ٿي رهيون هيون تہ، مدگائوڪر شوخي ۽ شرارت جي نگاهن سان ٻنهي کي ڏسندي ڏسندي، پنهنجي ساڙهيءَ کي ڦاڙيو.

"ساڙهيءَ کي ڇو ٿي ڦاڙين؟" گوبند رڙ ڪئي. "ڇري، ههڙي قيمتي ساڙهي برباد نہ ڪر!" حامد هن جي هٿن کي جهليو، مدگائوڪر مرڪندي نهايت موهيندڙ آواز ۾ چيو، "اڄ اوهان ٻنهي جي دانائيءَ تي خوشيءَ مان ڇري ٿي پيئي

آهيان.“ پوءِ هن ساڙهي جي پلئو مان بہ ريڙون ڦاڙي، حامد ۽ گوبند جي ڪراين ۾ پنهنجي نفيس ۽ نازڪ هٿن سان رکڙيون ڪري ٻڌي ڇڏيون.

* * *

دوست اها ڪهاڻي اجا پوري ڪانہ ٿي آهي ۽ نڪا ٿيندي. قدرت هن دنيا ۾ قدم قدم تي حسن ۽ سونهن جا رنگ محل جوڙي ڇڏيا آهن. هر ڪنهن محل ۾ ڪانہ ڪا حسينہ، ڪا نہ ڪا شڪيلہ ۽ ڪانہ ڪا محبوبہ، ڪنهن نہ ڪنهن جو انتظار ۽ اوسيئڙو ڪري رهي آهي. پيار ۽ پريت ۾ دلين جا سودا ٿيندا ئي رهندا. پر اج جو سمجهو ۽ سياڻو سوداگر، حالات ۽ حقيقت کان منهن موڙي، بنهہ گهاٽي جو واپار ڪيئن ڪندو؟

●

# آسرو

ڊسمبر مهيني جون پويون تاريخون، ۽ سيءَ بہ چوي تہ اڄ نہ پوان تہ ڪڏهن پوان! صبح کان ئي جهڙالو هو، ۽ سرد هوا جا سوساٽ. ٻپهري لڙي تہ سيءَ ويتر وڌي ويو. شام جو علي اڪبر اچي گهر تي سڏ ڪيو. ٻاهر نڪتس تہ چيائين، "تيار ٿي اچو تہ هوٽل تي هلي چانهہ پيئنداسين، ۽ ڳالهين جا چار چونڪ بہ ڪنداسين." آءٌ تيار ٿي آيس، ۽ اسان پنهنجي هوٽل ڏانهن رخ رکيو.

ٻاهر رستي تي ماڻهو سو اينترا نہ هئا، باقي ٽانگا البت هليا پئي. اجا اڌ رستي تي پهتاسين تہ پرسان هڪ ماڻهو، ديوانن وانگر رڙيون ڪندو، اڳتي ڊوڙندو ويو. هن جي سنهن ليڙون ليڙون هئي، هو اڳيرو ٿيو ئي ڪونہ، تہ علي اڪبر چيو، "اهو اٿئي 'مڪو مست'، جو هر روز شام جو هن ئي وقت رستي تي ڊوڙندو رهندو آهي."

"مستن تي ڪهڙي ميار! هنن جي تہ دنيا ئي پنهنجي آهي. نڪا اڄ جي ڳڻتي، نڪو سڀاڻي جو فڪر: پنهنجيءَ مڙ ئي پورا آهن." مون وراڻيو.

اسان جي پرسان ٻہ-ٽي ٽانگا نڪ نڪ ڪندا نڪري ويا، ۽ هو مڪو مست، دانهون ڪندو، ڊوڙندو، واپس موٽي رهيو هو. هو بلڪل اسان جي پرسان ڊوڙندو، اڳتي وڌي ويو. هن جون ٽنگون گوڏن تائين اگهاڙيون، ڏاڙهي ڪنڊريل ۽ مٿي جا وار بيڊولا ۽ لڙاٽيل هئا. سندس اکيون ٽانڊن وانگر پئي چمڪيون. سندس بي معنيٰ رڙين جا ڪي اکر "ڪٿي آئي! ڪٿي آئي!" ۽ پوءِ ڪجهہ ٿهڪ مون ٻڌا. هو ائين ڊوڙندو ٿي ويو، جيئن هن جي پنيان ڪو ٻڪايل شينهن ڪاهي پيو هجي. هن جا پير بہ اگهاڙا هئا. مون ڪنڌ ورائي ڪيس جانچيو، تہ هو موٽي رهيو هو. اسين اڳتي وڌي وياسين.

"چا، تون هن کي سڃاڻين ٿو؟، مون پنهنجي دوست کان سوال ڪيو.

"نہ نہ، مون کي هن جي ڪابہ خبر ڪانهي، باقي شام جو هتي هميشہ ڊوڙندو نظر ايندو آهي، ۽ ماڻهو کيس مڪو مست ڪري سڏيندا آهن."

ايتري ۾ اسين هوٽل وٽ اچي پهتاسين، ۽ ڪنڊ واري پان-ٻيڙيءَ واري

دڪان تي سگريٽ وٺڻ لاءِ ترسياسين. سرد هوا جي لُري پئي لڳي. مکو مست بہ اتي اچي اسان کان ٿورو پريرو تي بيٺو. هو سمڪي رهيو هو، هن کي بنهہ پراڻو ۽ ٻانهن کان ڦاٽل ڪوٽ پيل هو. هن جي قميص بلڪل ميري ۽ ٻيڙن کان سواءِ هئي، جنهن مان سندس گهاٽن وارن سان ڀريل ڇاتي پئي ڏسي. شايد هو ٿڪجي پيو هو. پان-ٻيڙيءَ واري اسان کي سگريٽ ڏنا، ۽ هن کي سڏ ڪري چيائين، "مکو، هان هي سگريٽ وٺ." هن فقط زور سان ڪنڌ لوڏي انڪار ڪري ڇڏيو. هن جو منهن مٿي جي وارن سان ڍڪجي ويو. ٻيڙين واري وري هڪ پان مٿي ڪٽي، مکوءَ ڏانهن اشارو ڪري چيو، "يلا پان تہ کاءُ". هن ٻيري مکو مست جوش مان ويجهو ايندي، ٻئي ٻانهون مٿي ڪٽي، وري انهن کي هيٺ ڇنڊيندي رڙ ڪئي: "نہ کپي! نہ کپي!" هن پوءِ پنهنجي منهن تان وارن کي پري ڪيو. هن جو سجو منهن پگهريل هو. هو يڪٽڪ پان واري ڏانهن گهورڻ لڳو. هن جي اکين مان جڻ ڪي شعلا ٻڙڪي ٻاهر نڪري رهيا هئا. هو اچا ٿورو اڳتي پان واري ڏانهن وڌيو، ۽ مون سمجهيو تہ بس، هاڻي خير ڪونهي. پان واري ٻئي هٿ ٻڌندي چيو، "مکو بابا، معاف ڪريو! مکو بابا! معاف ڪريو!" اهي لفظ ٻڌي، مکو مست هڪ تمام وڏو ۽ ڀيانڪ ٺهڪ ڏنو. الائي، سندس جسم مان يا وات مان، هڪ بدبو جو اُٻارو آيو. هو زمين تي دڙها هڻي، خوفناڪ نموني، ٽڪڙو ٽڪڙو، "بلي بچا ڪٿي آئي، بلي بچا ڪٿي آئي" چوندو، ڪوڪرا ڪندو، رستي تي ڊوڙندو هليو ويو.

علي اڪبر پان واري کان پڇيو، "ياءُ، تون هن مست کي سڃاڻين؟"

"هائو، سائين، هتي جو هرڪو ماڻهو هن کي سڃاڻي. مون کي دڪان تي ويٺي پورا پنج سال ٿيا آهن. هو هر روز، هن ئي رستي ۽ هن ئي وقت، ڪلاڪ-ڏيڍ تائين پيو ڊوڙندو ۽ رڙيون ڪندو آهي. بس سائين، چريو آهي، مست چريو، پر آزاري ڪنهن کي ڪونہ. هونئن تہ هن کي جيڪي ملندو آهي سو وٺندو آهي، پر هن مهل تي ڪنهن کان بہ ڪجهہ ڪونہ وٺي. اڄ تي آزمايومانس. خدا الائجي ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي آهي. درويش آهي، درويش."

"هي ڪٿي رهندو آهي، ۽ ڪيئن چريو ٿيو؟" پان واري کان وري مون هيو سوال ڪيو. پان واري ٿڌو ساهہ ڀريندي چيو، "سائين، اها خبر مون کي بہ ڪانهي تہ هو ڪيئن چريو ٿيو. شل انسان جي ڪل نہ ٿڙڪي! سامهون بلڊنگ ڏسو ٿا نہ، هيءُ بہ انهيءَ ۾ ئي رهندو آهي."

اينتري ۾ مست وري موتي رهيو هو، ۽ اسين هوٽل ۾ وڃي هڪڙي پاسي واريءَ ڪنڊ ۾ ويهي رهياسين. هوٽل ۾ اندر خاموشي ۽ فرحت لڳي پيئي هئي. آءٌ سوچڻ لڳس، 'مڪو مست خبر نہ آهي تہ ڪير آهي؟ هن جا بہ ڪي مت مائٽ هوندا. هو ڇو چريو ٿيو؟ ڇا، هن جو علاج نٿو ٿي سگهي؟ هي بہ هڪ انسان آهي. هيءَ بہ ڪا زندگي آهي!'

بيري چانهہ اچي ميز تي رکي. مون واري دوست ڪٽليءَ ۾ ڪنڊ جو چمچو وجهي، وري ڏِڪ ڏنو. اسان کان ٿورو پريرو هڪ ڪرڙوَڏِ شخص وينل ڏسڻ ۾ آيو. هن جي اڳيان چانهہ جو ڪوپ رکيل هو، ۽ هن بار بار علي اڪبر ڏانهن پئي ڏٺو. "هو همراهہ هر هر توڏانهن پيو ڏسي!" مون آهستي آهستي پنهنجي دوست کي ٻڌايو. علي اڪبر هن کي ڏسندي ئي، خوشيءَ مان چيو، "چاچا حامد علي، هيڏانهن اچو نہ!" هو ڪوپ کڻي اچي اسان سان گڏجي وينو. علي اڪبر تعارف ڪرائيندي چيو، "هي آهي چاچو حامد علي، هن ئي پاڙي جو ۽ هتي جو رهاڪو آهي. هي ڪنهن وقت اسان جي آفيس ۾ ڪلارڪ هو، ۽ هاڻي تہ پينشن تي آهي." مون مشڪندي ساڻس هٿ ملايو. چاچو حامد علي، علي اڪبر کان آفيس جون نيون خبرون چارون وٺڻ لڳو. مون پاسي واريءَ دريءَ کان ٻاهر نهاريو. مڪو مست اڃا تائين ڊوڙي رهيو هو. اينتري ۾ چاچي حامد علي اوڏانهن نهاريندي چيو، "سرديءَ جي لهر ڪوئيٽا کان آئي آهي....پر اوهين ڪهڙيءَ ٽبيءَ ۾ پئجي ويا آهيو، ماڳهين ڪٿي مان ڪئي اٿو!" مون وراڻيو، "چاچا، اوهان پئي ڳالهيون ڪيون، تنهنڪري گستاخي نہ ڪيم." منهنجو جواب ٻڌي، چاچي حامد عليءَ هلڪو ٽهڪ ڏنو. اوڏيءَ مهل ٻاهران رڙيون ٿيون- مڪو مست رستي تان ڊوڙندو پئي ويو. علي اڪبر افسوس مان چيو، "ويچارو مڪو مست!" مون وراڻيو، "شل نہ انسان ويچارو ٿئي." چاچي حامد عليءَ گنڀير ٿيندي چيو، "شل ڪنهن جو دشمن بہ ويچارو نہ ٿئي. هن مست تي جيڪي ڪجهہ ٿي گذريو آهي، سو جيڪڏهن ڪنهن سياڻي سان ٿي گذري ها، تہ ان جو حال هن کان بہ بدتر هجي ها." هو ائين چئي، خاموش ٿي ويو. "چاچا!" علي اڪبر چيو، "پر هن مست جي اوهان کي تہ سچي خبر هوندي؟ اوهين تہ هن محلي ۾ ئي رهو ٿا."

"هيءَ چريو ڪيئن ٿيو؟" مون بيتاب ٿيندي ڪائنس پڇيو:

چاچو حامد علي، سگريٽ دکائي هڪ ڊگهو سوٽو هڻي، چوڻ لڳو، "آءٌ

مست کي سجاڻان. هن جو نالو مکو نہ، پر مقبول مستري آهي. هونئن بہ هر انسان جي زندگيءَ ۾ لاهيون-چاڙهيون ضرور ايندين آهن، پر مقبول رڳو ڏک ڏٺا آهن. هو چئن سالن جو هو تہ سندس ماءُ مري ويئي. ڏهن سالن جو ٿيو تہ پڻس بہ مري ويو. پڻس جو هتي لوهہ جو دڪان هو. هو هڪ چڱو خاصو سيٺ هو. پر سندس مرڻ کان پوءِ مقبول جا چاچا ۽ ماما پرائي مال تي اکيون پوري ڳجهن وانگر ڪري پيا. ويچارو مقبول، مائٽن هوندي بہ ڇورو ڇنو ٿي پيو. ڪبس ڪنهن بہ نہ سنڀاليو. نيٺ پاڙي جي دين محمد مستريءَ کي خيال ٿيو، هن کيس پنهنجي گهر ۾ رهايو ۽ پنهنجي ڪارخاني تي ملازم ڪري رکيو."

"پوءِ ڇا ٿيو؟" علي اڪبر پڇيو.

چاچي پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو، "ماڻهو چون ٿا تہ مقبول مستري رستي تي پنهنجي ملڪيت پوري هئي، ۽ پوءِ اها ڪير چورائي ڪٽي ويو. ڪي چون ٿا تہ هن کي ڪچي قلعي مان لڳت جو حساب ٿيو آهي. ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ هن کي ڪنهن پهتل شخص 'امانت' ڏني آهي. پر مون کي ذاتي خبر آهي تہ هن نڪا ڪا رستي ۾ پنهنجي دولت پوري آهي، نہ هن ۾ ڪنهن غيبات جو ڪو واسو آهي، ۽ نڪي وري ڪنهن وٽان ڪا هن کي امانت ئي مليل آهي. ڪي وري اهي ڳالهيون بہ ڪندا آهن تہ هن وٽ ڪيميا جو نسخو آهي، ۽ هي نڳ، باهريون ڏيک ڪريو پيو ماڻهن کي پنيلائي! پر اهي سڀ ڳالهيون ڪوڙيون ۽ غلط آهن."

"تہ پوءِ اصل ڳالهہ ڪهڙي آهي؟" مون پڇيو.

چاچي حامد عليءَ بيڙي دکائيندي چيو، "دين محمد مستري شاهہ ڪاريگر هو. هن مقبول کي هرڪنهن قسم جي مشين جي مرمت جو ڪم سيکاريو. مقبول اهڙو تہ سعادتمند ثابت ٿيو، جو دين محمد مستريءَ پنهنجيءَ ڌيءَ ڪٽي پرڻايس. پوءِ تہ هن جوان پنهنجي هنر ۾ گهڻو نالو ڪڍيو. اسان جي گهر جي سامهون بلڊنگ ۾، هڪ جاءِ مسواڙ تي وٺي، جدا رهڻ لڳو."

اسان ٽنهي سگريٽ ڪيا، ۽ وري چانهہ جو آرڊر ڏنوسين.

چاچو حامد علي وري شروع ٿي ويو: "مقبول جي شاديءَ کي ٻہ-ٽي سال گذري ويا، پر ڪس اولاد ڪونہ ٿيو. هن جي زال هڪ ننڍڙي اڇي ٻلي ڏاري هئي. ٻلي وڏي ٿي، ٻچا ڪيائين. تہ مقبول کي بہ انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ سهڻو پٽ ڄائو. ڳچ ڏينهن کان پوءِ، هڪڙيءَ شام جو انهيءَ بلڊنگ کي اچي باهہ لڳي. بجليءَ جون تارون هيون پراڻيون ۽ خراب، مالڪ خرچ جي بچاءَ کان مڙيوئي ٽيڪڙ

سيڪڙ ڪيو پيو ڪم هلائيندو هو. پر اُنهيءَ ڏينهن اُنهن تارن مان اچي جا باهہ لڳي، سو خبر تڏهن پيئي، جڏهن باهہ سڄيءَ بلڊنگ کي وڪوڙي ويئي. فائربرگيڊ جون سڀ موٽرون باهہ وسائڻ لاءِ آيون، پر انهن بہ پهريائين مالڪ جي رهڻ واري پاسي کان باهہ وسائڻ شروع ڪئي..."

ايتري ۾ بيرو چانهہ کڻي آيو، ۽ اسين چانهہ تيار ڪري، ڍڪ ڍڪ ڪري پيئڻ لڳاسين.

چانهہ پيئندي، علي اڪبر پڇيو، "هائو چاچا، باهہ تہ لڳي، پر پوءِ؟"

چاچو ٻڌائڻ لڳو: "اُها باهہ، باهہ تہ نہ هئي نہ! ان جا شعلا آسمان تائين ٿي ويا. هزارن جو سامان جلي رک ٿي ويو. ان رات جڻ دوزخ زمين تي هيٺ لهي آيو هو. رڳو مالڪ جي رهڻ واري جاءِ بچي. چوڌاري واويلا پئجي ويئي. هر ڪنهن کي پنهنجي سر سان هئي. بلڊنگ جو هرڪو رهاڪو حيران ۽ پريشان هو. مقبول مستريءَ پنهنجيءَ زال ۽ ٻچ کي بچائڻ لاءِ ڏاڍا حيلا ڪيا. هن جي زال ۽ ٻچ جڏهن باهر ڪڍي آندا ويا، تہ اُهي هن جي سامهون ئي لڇي لڇي مري ويا. عين انهيءَ وقت، انهن لاشن جي پرسان اُها ساڳي سندس زال واري پاليل ٻلي، خبر نہ آهي تہ ڪيئن ۽ ڪٿان پنهنجن ٻلونگڙن سميت پاڻ بچائي، 'مياڻو مياڻو' ڪري، اچي مقبول جي پيرن ۾ پيئي. مقبول مستريءَ ٻليءَ کي ڏسي ونئي هانءُ ڏاريندڙ رڙيون ڪيون، ۽ هيڏانهن-هوڏانهن چريـن وانگر ڊوڙون پائيندي چوڻ لڳو، ٻلي بچا ڪٺي آئي، ٻلي بچا ڪٺي آئي!" ۽ اُتي ئي مورڇل ٿي ڪري پيو. اُنهيءَ حادثي کي اڄ پندرهن سال ٿي چڪا آهن. ان ڏينهن کان وٺي، مقبول مستري هر روز شام جو باهہ لڳڻ واري وقت، هتي ۽ هن ئي رستي تي، ساڳيءَ مهل، سيارو هجي توڙي اونهارو، لڇندو، رڙيون ڪندو ۽ ڊوڙندو وتندو آهي!"

•

# ڦلتو صاحب

هن سان منهنجي ملاقات ۽ واقفيت هڪ دوست ڪرائي هئي. ۽ جڏهن مون هن کان سندس نالي متعلق عجب مان پڇيو ته "واقعي، توهان جو نالو ڦلتو صاحب آهي." تڏهن هن فخر سان جواب ڏنو هو. "هائو، ڦلتو صاحب منهنجوئي نالو آهي، پر نالن ۾ رکيو ڇا آهي؟ سڃاڻپ جي اها نشاني آهي ۽ بس. اها ڪٿي ڪهڙي به هجي. وڏن، سهڻن، ۽ تمام ڊگهن نالن سان جن کي توهين واقعي سٺا سمجهندا آهيو، تن ۾ دراصل ڪهڙي حڪمت ۽ ڪهڙو ڪرشمو آهي؟ اصل نالو آهي ماڻهوءَ جا پنهنجا عملي ڪم، جيڪي هو زندگيءَ ۾ ڪري. اسان جا نالا ته اسان تي مائٽ ئي رکندا آهن، پر منهنجو نالو، مون پنهنجو پاڻ تي رکيو آهي. آءُ دنيا کي ثابت ڪري ڏيکاريندس ته نالي، نالي ۾ سچ پچ ته ڪجهه به ڪونهي. ماڻهو هرون پرون خسيس ڳالهين ۾ اُلجهي پنهنجو قيمتي وقت ٿا ضايع ڪن. اجوڪا انسان ڪيڏا نه رسمن ۽ ريتن جا غلام ٿي پيا آهن."

محترم ڦلتو صاحب جي مٿين تڪڙي گفتگو اهڙي هئي، جنهن مون کي ڳالهائڻ جو موقعو ئي ڪونه ڏنو هو. "معاف ڪجو" چئي اٿيو، ۽ ويو هليو. هن جا وار اٿيا ۽ ڪپڙا ميرا هئا جن نه پن مهينن کان وهنتو ئي ڪونه هو. ڦلتو صاحب ڇا ڪندو هو؟ ڪهڙو ڌنڌو هوس، تنهن جي نه مون کي خبر ڪانه هئي. مگر ايترو سو چئبو ته هو بنهه غيرمعمولي شخصيت جو مالڪ هو، ۽ ڳالهائڻ جي بلا هو.

هڪڙي ڏينهن دوست ٻڌايم ته "ڦلتو صاحب هتي آيو آهي، توهان سان هن جي ملاقات ٿي يا نه؟" جڏهن مون هن کي جواب ڏنو ته "نه"، تڏهن هن دوست چيو هو ته "اهو ڪوڙوئي نٿو لڳي، ڦلتو صاحب جتي به ويندو آهي ته هر انهيءَ ماڻهوءَ سان ملندو آهي، جنهن سان هن جي هڪ ئي ڀيرو ڪٿي ڪا ملاقات ٿي هجي."

"پلا ڪهڙا حال هئس، تو سان نه مليو هوندو؟" دوست جواب ڏنو.

"ڇڱن حالن ۾ هو، پري کان سڏ ڪيائين، ڏاڍيءَ سڪ سان ڳالهايائين. رستي تي پورو ڪلاڪ ڪن ليڪچر ڏيندو رهيو."

آءٌ هن جي گفتگوءَ جي انداز ۽ هن جي تجويز تي پوريءَ ريت ويچاري بہ نہ سگهيو هوس، نہ هو اٿي کڙو ٿيو ۽ ويندي ويندي چوڻ لڳو، "يار هتي ڪهڙو بهترين حجام آهي؟ سنوارت نهرائڻي اٿم!"

ٻئي پيري ملاقات ٿي تہ هو بلڪل فل سوٽ ۾ هو. رسمي عليڪ سليڪ کان پوءِ، پاڻهن ۾ ٻڌل واچ ڏانهن نهاري چيائين، "جلدي ڪر، اڄ تہ فلم ڏسڻ هلون. گئلريءَ جون بہ ٽڪيٽون اٿم، جايون رزورڊ آهن، تو سان گڏ مزوئي ٻيو ٿيندو."

جڏهن ٻاهر نڪتاسين تہ هو ڪجهہ وٽ ڪائي رهيو هو. مون کان رهيو نہ ٿيو ۽ ڏانهس نهاريندي کانئس پڇي ويٺس: "محترم ڦلٽو صاحب، ڇا ٿي ويو اٿو؟"

"ڪجهہ ڪونهي، ڪجهہ ڪونهي! او ٽانگي وارا، اي، اي، رڪشا! ٻيهہ، ٻيهہ، هل هل، جلدي، واچ، واهُ ۽ ميهن. شاهڪار سئنيما هائوس!" خير، پُڳاسين، اندر وڃي ويٺاسين. فلم شروع ٿي تہ چون لڳو، "ڳالهہ ٻڌ، توسان ٻنهہ ضروري ڳالهہ ڪرڻي اٿم."

"فلم پوري ٿئي تہ ڀلي ويهي رهاڻ ڪنداسين." آءٌ بي خياليءَ کان سئنيما جي پردي کي ڏسندي چئي ويٺس.

"هتي ڏاڍي گرمي ٿي ٿئي."

"مئان تہ پنکو هلي پيو پوءِ بہ گرمي! اها نيڪٽاءِ ڍري ڪر ۽ ڪوٽ لاهي ڇڏ."

هن ائين ڪيو، يعني ڪوٽ لاهي ۽ نيڪٽاءِ ڍري ڪري ڇڏيائين، ۽ بس ڪري فلم ڏسڻ شروع ڪياتين، اڃا پنج منٽ مس گذريا هوندا تہ هو وري وٽ ڪائيندو ۽ پيٽ تي هٿ ڏيئي اٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ "ٻاهران ٿي ٿو اچان. هيءَ منهنجو ڪوٽ ۽ نيڪٽاءِ پلي منهنجي سيٽ تي پيا هجن." انٽرول پوري ٿي، فلم بہ ختم ٿي، ڦلٽو صاحب نہ موٽيو هو، سو نہ موٽيو.

ٻئي ڏينهن هو صبح جو سوير اچي سهڙيو ۽ ڪوٽ ۽ نيڪٽاءِ بابت پڇڻ کانسواءِ شروع ٿي ويو ڳالهائڻ ۾. "هان، هيءَ ڏس اخبار، ۽ پڙهہ منهنجو تنقيدي مضمون، بس پريس مان ڇپرين ڪاپي کنيو پيو اچان، پڙهہ ۽ مون کي داد ڏي. ڇا ٿا لکن، اديب ۽ نقاد ٿا سڏائين پاڻ کي." مون اچان اخبار هٿ ۾ مس کنئي تہ هن چيو، "لکي تہ پلي ڦلٽو صاحب، پيا ڇا لکندا؟ مون کي ڏي اها اخبار." ائين چئي، هن مون کان اخبار ڦري ورتي ۽ پنهنجي هٿن ۾ اخبار مروٽيندي چيائين، "آءٌ

توکي سڀ ڪجهہ زباني ٿو ٻڌايان. بين الاقوامي نظريا پيش ڪيا اٿم، ارسطوءَ کان وٺي الئيٽ تائين، هوڏانهن فارسي ۽ عربيءَ جا سڀئي مثال ڏنا اٿم، ايڏو تہ مواد آهي، منهنجي ذهن ۾! هي فقط اجان چويهين قسط آهي، ڪوزي ۾ دريا بند ڪرڻو آهي! ڇا، توهان....توهين.... اخبار، تہ ضرور ڏسندا هوندا، ڀلا ٻڌايو اڳيون ٽيويهہ قسطون تہ توهان پڙهيون هونديون."

"قلتو صاحب، خبر ناهي تہ هي ڪهڙيءَ اخبار ۾ ٿيون ڇپجن، بهرحال،ڇا بہ هجي، پر واقعي اوهين ڪمال ٿا ڪريو! اوهان جي قلم ۾ قيامت جو زور آهي."

"بس بس، اوهان جهڙا علم دوست انسان ئي قدر ڪري سگهندا." هن جو چهرو خوشيءَ وچان ٻهڪي رهيو هو. مون هن کي ڇتائي ڏنو تہ هن جي نئين نيڪٽاءِ واري ڳنڍ اُبتي لڳل هئي ۽ قميص جو پويون پاسو سوٽ کان ٻاهر هو. وري جان ڪٽي پيرن ڏانهن ڏسانس، تہ سليپر جو ساڄو پادر کٻي پير ۾ هوس تہ کٻو پادر سڄي پير ۾.

ڪافي ڏينهن هفتا بلڪہ مهينا گذري ويا، تہ قلتو صاحب وري ڪونہ مليو. نيٺ هڪ ڏينهن اوچتوئي اوچتو ائن مهينن کان پوءِ بازار ۾ آمهون سامهون گڏجي ويو. وڏو ياڪر پائي بازار جي پوري وچ ۾ ڪا مهل مون کي وٺي بيهي رهيو. آخر پاٽيهي زوريءَ پاڻ کي ڇڏائي پڇيومانس، "يار ڪٿي آهين؟ هيترو وقت ٿي ويو آهي. مون کي تہ وسوسا ٿي پيا هئا. وري بہ شڪر آهي پر تون هينئر ڪٿي؟"

"اِتيئي تنهنجي بادشاهيءَ ۾،" هن جواب ڏيندي چيو، "ڀلا ٻڌاءِ، مون هيترو وقت ڇا پئي ڪيو هوندو؟"

آءٌ سوچڻ لڳس، ڪجهان ئي ڪڇان تنهن کان اڳ ۾ هن ڦهڪائي ڪڍيو، "توکي خبر آهي آءٌ ليڊر ٿيڻ وارو آهيان. اجڪلهہ سياست جو مطالعو ڪري رهيو آهيان. سياست کان سواءِ مزيئي اوندهہ آهي. ارسطو، هيگل، ميڪاوليءِ ۽ مارڪس کان وٺي فيبئنزم ۽ ويندي نازي ازم تائين سڀئي ڪتاب ۽ سياست جا فلسفا هڪ هڪ ڪري پڙهيا ۽ پرجهيا اٿم. واهہ، ڙي هٽلر! تو جهڙو ڪو ٿيو نہ ٿيندو!" پر قلتو صاحب، هٽلر..... تہ....."

"آءٌ سمجهان ٿو تہ تون ڇا چوندين...." هن منهنجي ڳالهہ کي ڪپيندي چيو، "پر، آءٌ ٿوروئي هن جهڙيون غلطيون ڪندس. بس چوندون ٿيڻ ڏي! سڄو راڄ منهنجي پاسي آهي، ڏسجئين تہ ڇا ٿو ٿيان. اخبارن ۾ فوٽو ڇپبا- اخبارن ۾..."

مون هن ڏانهن ڇتائي ڏنو. مسٽر قلتو جو حليو فريل هو. مٿي تي

# فرشتو

انسان ڪيڏو نہ خود غرض آهي! خودغرضيءَ انسان کي ڇا ڇا نہ سيکاريو آهي؟ ڪوڙ بدوڙ، دغا دولاب، لالچ لوڀ، مڪر ۽ فريب، رڳو انهيءَ هڪڙي عيب جي ڪري پيدا ٿيا آهن. ائين تہ هر ڪو انسان خود غرض آهي، ڪو ٿورو ڪو گهڻو، پر ڪي اهڙا بہ انسان آهن، جيڪي خود غرض نٿا ٿين. اهڙا انسان تہ سچ پچ فرشتا هوندا. ڪٿي انسان، ڪٿي فرشتو؟ ٻنهي جي مناسبت، ڪوڙو ئي ڪونہ ٿو لڳي.

خانو ڪو وڏو ماڻهو ڪونہ هو. هن جو ڏاڏو هاري هو، هن جو پيءُ هاري هو، ۽ هو پاڻ بہ هاري هو. هو اڃا ڇهن سالن جو ئي هو تہ پٽس گذاري ويو. ماءُ کيس سنڀاليو. ڇهن سالن جو مس ٿيو هو تہ ماڻس کيس ڳوٺڙي جي مُلي وٽ قرآن شريف پڙهڻ ويهاريو. سال-ٻن ۾ هن قرآن شريف پڙهي پڄايو، ۽ نماز پڙهڻ بہ سکي ويو. ماڻس سمجهدار ۽ سياڻي عورت هئي. هن خانوءَ کي چڱيءَ طرح پاليو هو. ٻهراڙيءَ ۾ رهندي، خانوءَ کي ماڻس اهڙي تربيت ڏني، جو ٻارهن سالن جي عمر ۾ ماڻس ۽ خانو گڏجي زميندار وٽ ويا، ۽ کانئس پوکڻ لاءِ ٻنيءَ ٽڪرو وٺي آيا.

خانوءَ کي ورثي ۾ رهڻ لاءِ هڪ ڪچو گهر، هڪ جوڙو پلن ڏاندن جو، ۽ پنجاهي کن ٻڪريون بہ مليون هيون. خانو ۽ سندس ماءُ هڪٻئي جا بهترين ساٿي هئا. ٻنيءَ ٽڪري تي ٻئي گڏجي پورهيو ڪندا هئا، ۽ خوش گذاريندا هئا. نہ هنن جو ڪنهن سان جهڳڙو هو ۽ نہ وري هنن سان ڪنهن جي دشمني هئي. خانو باقاعدي پنج ئي وقت نماز پڙهندو هو، ۽ جمعي جمعي تي ڳوٺ جي مسجد ۾ جمعي نماز باجماعت ادا ڪندو هو.

ٿڌي گهڙي کي تہ هر ڪوئي ڇانو ۾ رکندو آهي. ٽن-چئن سالن ۾، پنهنجيءَ ماءُ جي صلاح سان، خانوءَ بہ مينهون ۽ هڪ ٻيو جوڙو ڏاندن جو پڻ خريد ڪيو. ٻڪرين وارو هڪڙو ڏن ڦري، هاڻي پنجن ڏهن جيترو ٿي ويو هو. ماءُ ۽ پٽ، ڏينهن-رات پنهنجي ئي ڪم ڪار ۾ رڌل هوندا هئا؛ نہ ڪنهن جي آئيءَ ۾، نہ

ڪنهن جي وٽيءَ ۾. سندن کو ويجهو مٽ مائٽ بہ ڪونہ هو، تہ بہ هر ڪنهن ڳوٺ واري جا همدرد هئا. هو هرڪنهن ضرورتمند جي مدد ڪندا هئا. ۽ وري پاڻ خدا کين سڀ ڪجهہ ڏنو هو، هو ڪنهن جي اڳيان هٿ ڪين ٽنگيندا هئا.

خانو جوان ٿي چڪو هو، پر ڀرپاڙيءَ جي ٻين نوجوانن وانگر هو جوانيءَ جي ارهہ زوراڻيءَ وارن ڪمن کان پري رهيو. حياءَ وري ايڏو هوندو هوس، جو پري کان جيڪڏهن ڪا زال ذات ڏسندو هو تہ ڪنڌ جهڪائي، رستو مٽائي ويندو هو. انهن لڇڻن ڪري، ڳوٺ جا پريا مڙس خانوءَ کي ڏسي مٺائيس ٻلهار پيا ويندا هئا.

خانوءَ جي ماءُ هونئن بہ وهيءَ چڙهي چڪي هئي. گهر ۾ سڀڪجهہ موجود هو، ۽ اکين اڳيان جوان پٽ، سو سوچي ويچاري، وڃي سدوريءَ جو سڱ گهريائين. سدوريءَ جهڙي سهڻي ۽ سلڇڻي ڇوڪري سڄي ڳوٺڙي ۾ ڪانہ هئي. خانوءَ جي وڏي ڌوم ڌام سان شادي ٿي. خانوءَ جي شادي ڇا ٿي، هن جي دنيا ئي بدلجي ويئي. خانوءَ جي منهن تي هميشہ هڪ مرڪ ۽ بي انتها خوشي ڇانيل هوندي هئي. هن کيڻ شايد اهڙي بي بها شيءِ ملي هئي، جا ٻين وٽ ڪانہ هئي. سدوري ۽ خانو هڪ گهڙي بہ جدا نہ گذاريندا هئا. ۽ جي اتفاق سان سدوري ڪنهن ڪم ڪار سان اورتي پرتي رهجي ويندي هئي، تہ خانوءَ جون اهي ساعتون وڏي اوسيئڙي ۽ انتظار ۾ گذرنديون هيون. ڪيس ويهڻ وهہ ٿي لڳندو هو. هو سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيندو هو، ۽ ڪيس ڪجهہ بہ ڪونہ وڻندو هو. ۽ پوءِ جيڏيءَ مهل سدوري موٽي هن جي سامهون اچي مرڪندي هئي، تہ دنيا جي ساري خوشي ۽ ساري راحت، سميٽجي، هن کي آسپاس واريءَ دنيا کان پري ۽ ٻنهہ دور ڏکيلي، هڪ عجيب سرور سان نوازيندي هئي؛ ۽ هو دل ۾ هزارن شڪايتن جي باوجود، مات ڪري، ڪيس ڏسي ڏسي، نيٺ پاڻ بہ مرڪي ڏيندو هو.

هڪ دفعي، اهڙي ئي موقعي تي، هيڏانهن هوڏانهن نهاري، جڏهن سدوريءَ کي پڪ ٿي تہ وٽن ويجهڙائيءَ ۾ ڪو ٻيو ماڻهو موجود ناهي، تڏهن هن خانوءَ کي چيو، "خانڻ، تون ائين مون ڏانهن اهڙين نگاهن سان پڪ تڪ ڇو ٿو نهارين؟ مون تي اعتبار ڪونہ ٿو اچيئي ڇا؟"

خانوءَ ٽهڪ ڏيندي ورندي ڏني هئي، "ڇري، آءٌ تہ اهو ٿو ڏسان تہ خدا توکي ڪهڙيءَ مٽيءَ مان جوڙيو آهي! آءٌ تہ خوشنصيب آهيان. پرڇا ڪريان. توکي نٿو ڏسان تہ الائجي ڇا ٿيو وڃيم."

الائجي ڇا ٿيو وڃيم!" سدوريءَ خانوءَ جا چيل لفظ وري ورجايا، ۽ خانوءَ

جي پرسان ويهي، چپن تي آڱر رکي، ڪنهن اونهي ويچار ۾ غرق ٿي ويئي.

ٻنيءَ تي ٻيهري لڙي چڪي هئي. چوڌاري چپ چپات هئي، تہ پرتي ٻيلن ٻٻريءَ مان ڳيري جي گهوگهو- گهوجو چٽو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. خانو ۽ سدوري، ٻئي خاموش، ڄڻ تہ مراقبي ۾ محو هئا. وقت ٻيهي رهيو هو. نيٺ سدوريءَ سجاڳ ٿي چيو، "خانڻ، مون سان بہ ساڳي ويڌن آهي. توکان جدا ٿي ٿيان تہ سک ڦٽيو پويم. خبر ناهي ڇو؟..... خبر ناهي ڇو؟" ائين چئي، سدوري خانوءَ ڏانهن سوالي نگاهن سان نهارڻ لڳي. هن جو چهرو عجيب الجهن ڪري پُرڪشش ٿيندو ويو. ڪنهن اڻجاتل جذبي هيٺ، هن جي اکين ۾ پاڻي اٿلڻ لڳو. ڳوڙهن کي روڪيندي، هن سوز مان چيو، "خانڻ، خدا ڪري تنهنجن هٿن ۾ ئي سرهي ٿيان!"

"ڇري، اهو وري ڇا پيئي چوين؟" هن جلدي ڪٽي سندس وات تي هٿ رکيو. پاسي کان پؤنتريو پڙڪو ڏيئي اُڏاڻو، ۽ آسمان جي بلندين ۾ غائب ٿي ويو.

ٽيهري لڙي تہ خانو ۽ سدوري، وڏيون وڏيون گاهہ جون پريون ڪٽي، راز ۽ نياز جون اڻکٽ ڳالهيون ڪندا، پنهنجي گهر ڏانهن واپس موٽڻ لڳا.

خانو ۽ سدوريءَ جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪو ڪوسو واءُ ڪونہ لڳو. ننڍڙو ڳوٺ، ننڍڙي آڪهہ، ننڍڙيون حسرتون، ٻهراڙي، ٻني ۽ مال- پنهنجيءَ ۾ ئي پورا هئا. شاديءَ کي اجا سال بہ ڪونہ گذريو هو تہ سدوريءَ کي چند جهڙو پٽڙو ڄائو. خانو تہ ڪپڙن ۾ ئي نہ پيو ماپي. زال ۽ مڙس لاءِ ڄڻ عيد اچي ويئي هئي. ٻيئي ٻار تان اور گهور پيا ٿيندا هئا. ٻي ڪا زال هجي ها تہ گهر ۾ ڪپ ڪوڙي ويهي رهي ها، پر سدوري ويم وارو عرصو ڪٽ تي گذاري اٿي کڙي ٿي، ۽ روزمرهہ وانگر پنهنجي ڪم کي لڳي ويئي. خانوءَ جي ماءُ لاءِ وڏي ونڊر ٿي پئي. سدوري ٻنيءَ تي ويندي هئي تہ پنيان پوڙهي پوٽي کي سنڀاليندي هئي.

ڏينهن گذرندا رهيا، پر خانو ۽ سدوريءَ جي محبت ۾ فرق ڪونہ آيو. ائين، ٽي سال گذري ويا، تہ سدوري وري اميدواري ٿي. هوءَ ڀڪن مهينن سان ٿي تہ خانوءَ کيس ٻنيءَ تي اچڻ کان روڪيو. سدوريءَ ٻنيءَ تي وڃڻ بند ڪيو، تہ خانو ٻنپهرن جو موٽي گهر ايندو هو. ماني کائيندو هو، پٽ کي کٽي پرسان ويهاري، سدوريءَ سان ڳالهيون ڪندو هو، ۽ وري موٽي ٻنيءَ تي هليو ويندو هو ۽ پوءِ دير سان گهر موٽندو هو.

هڪڙي ڏينهن خانوءَ کي ڏاڍي بک لڳي. هو ڪجهہ سوير پرو گهر موٽيو.

گهر اچي هن جي پهرين چلهہ ڏانهن ڏٺو، ۽ پوءِ سدوريءَ کي ڳولڻ لڳو. خانوءَ جي ماءُ پريان کٽ تي ويٺي هئي، ۽ پرسان نندڙو رلين سان ڍڪيو پيو هو. هن حيران ٿيندي پڇيو: "اما، خير تہ آهي؟"

ماٽس نندڙي ڏانهن اشارو ڪري چيو: "گهور وجانس تؤنس ٿي اٿس."

خانوءَ نندڙي کي هٿ لائي ڏٺو. هن جو بت تنور وانگر گرم هو. "ڪيڏيءَ مهل بخار آيو اٿس؟" خانوءَ اتاولو ٿي پڇا ڪئي.

"بس، ابا، تو پٺ ڏني هئي تہ پنيان سيءُ سيءُ ڪري ڪري پيو آهي."

هو مٿي تي هٿ ڏيئي، ڳڻتين ۾ پئجي ويو. وري ڪنڌ مٿي ڪري پڇيائين، "پر، امان، سدوري ڪٿي آهي؟"

"ابا، سدوري پاڙي ۾ نڪتي آهي، اجهو آئي ڪي آئي. ويئي آهي نندڙي لاءِ...."

اينتري ۾ سدوري ٻاهران آئي. خانوءَ کي الاجي ڪهڙي جوجڪي آئي، مڙس جو ٻگل ڦري ويو.... نڪا ڪيائين هم نڪا تم، يڪدم چلهہ وٽان ڪاني ڪڻي، پڻ-پڻ ڪندي، سدوريءَ کي هڻي ڪڍيائين. ۽ چرين وانگر رڙيون ڪندي چيائين: "ڇورو پيو هٽ تپ ۾ ٻڙڪي ۽ تون پئي پاڙا گهمر!"

سدوري اوچتي حملي کان پاڻ کي بچائي ڪانہ سگهي. ڪانيءَ جو ڌڪ ڪو ايڏو سخت بہ ڪونہ هو، پر جيئن ڪاني سدوريءَ کي مٿي ۾ لڳي، تيئن هوءَ اتي ئي غش کائي ڪري پيئي. خانوءَ وٽي ائين هڪو ٻو ٿي واويلا ڪئي، جيئن ڪو اوچتو ڦُريو هجي. ڳوٺڙي ۾ جيڪي انهيءَ مهل گهرن ۾ هئا، سي ڊوڙندا آيا. ماين مان ڪن سدوريءَ جون ترريون مهٽيون، تہ ڪي تيل هٿڻ لڳيون، پر سدوري سامت ۾ ڪانہ آئي. خانوءَ جي پيرن هيٺان جڻ زمين نڪري ويئي. اهو بہ هوش نہ رهيس تہ هاتي هو ڪري سو ڪري ڇا.

جيئن مچي پاتيءَ کان ٻاهر ڦتڪندي آهي، تيئن خانوءَ جي حالت بہ خراب ٿيڻ لڳي. هوڏانهن ساري ڳوٺ ۾ اها خبر باهہ وانگر پکڙجي ويئي. ڪنهن کي بہ ڳالهہ تي ويساهہ ئي نہ اچي. هر ڪنهن کي ڏنديں آڱريون اچي ويون. رات ٿي تہ ڳوٺ جا سڀئي پريا مڙس ۽ زالون خانوءَ جي گهر آيا. سڀني گڏجي، شهر مان ڊاڪٽر گهرائڻ جو فيصلو ڪري، رانو واهہ ماڻهو روانو ڪيو.

آڌيءَ آڌيءَ رات جو خانوءَ جي ڇوڪري جو بخار ٽُٽو. سدوري اڃا بيهوش هئي. اها رات خانوءَ جي لاءِ قيامت کان گهٽ ڪانہ هئي. صبح جو ڊاڪٽر آيو،

تنهن سدوريءَ کي تپاسي ڏنو. سُئي هنيائين، دوا ڏنائين، ۽ خانوءَ کي چيائين: "وڏي دل ڪر، الله کي وڏي طاقت آهي. مائيءَ کي ڏک بلڪل معمولي لڳو آهي. ڀر خيال ڪجو، بي پرواهه نه ٿجو، ٻن جيون سان آهي."

ڊاڪٽر جي همدرديءَ ۽ خاطريءَ خانوءَ جي دل ۾ اميدن جو ڏيئو ٻاري ڇڏيو. ڊاڪٽر موٽي ويو ته خانوءَ چار ٻڪريون ڪمائي خيرات ڪئي؛ مسجد ۾ نمازيون پڙهيائين ۽ دعائون گهريائين. ٻيو ڏينهن به گذري ويو، پر سدوري اجا بيهوش هئي. ٻي رات به خانوءَ سڄي رات نماز پڙهي ۽ خدا کي ٻاڏايو، ۽ وري خير خيرانون ڪيون. پر سدوري...؟ سدوريءَ جا ڏينهن کي پڄي آيا هئا. هن ٽئين ڏينهن صبح جو دم ڏنو--

خانوءَ اهو ڏسي روئڻ شروع ڪيو. هن زار زار روئي ڪجهه ساهي پٽي، ته ماڻس اچي سندس مٿي تي هٿ رکيو ۽ ڏکاري آواز ۾ چيائين: پٽ، ڌڻيءَ جي اها مرضي هئي، هر ڪنهن کي اوڏانهن هلڻو آهي. صبر ڪر، روئندين ته ميت کي عذاب ٿيندو." ماءُ جي واتان انهن سادن سودن اکرن خانوءَ جي دل تي ٿڌا ڇنڊا وڌا. هن رضا تي راضي رهي، آهستي آهستي چيو، "برابر، امان، جيڪا خدا جي مرضي."

ٿوري وير گذري هوندي ته ڳوٺڙي جي دائي، مائي منان، لنگهي اندر آئي، ۽ چوڻ لڳي، "سدوريءَ کي ته پڪا مهينا هئا. مون کي اجازت ڏيو ته آءٌ ڪيس ڏسان."

اينري ۾ گهر جي ٻاهران وڏو گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو، ۽ در تي ڪنهن زور زور سان سڏ ڪيو. ڏهن ميلن جي مفاصلي واري پوليس ٿاڻي جو جمعدار، پنهنجي اتالي سميت، ڏاڍيان ڳالهائي رهيو هو. ڳوٺڙي جا ڇڳا مڙس گڏ ڪيا ويا. ترٽلو مچي ويو. نيٺ ٻن- ٽن ڪلاڪن جي ردبدل کان پوءِ، خانوءَ کي هٿڪڙيون هٽي ۽ سدوريءَ جي لاش کي ڍڳي گاڏيءَ تي رکائي، ڳوٺڙي کان ويهه ميل پري هيڊ ڪوارٽر واريءَ اسپتال ڏانهن روانا ٿيا.

سدوريءَ جو لاش ٻئي ڏينهن تي ڊاڪٽر تپاسيو. خانوءَ کي پٽي خون جي الزام هيٺ جيل اماڻيو ويو. ڳوٺ جا ڇڳا ماڻهو، ڳهٽيءَ ڳهل کان پوءِ، سدوريءَ جو لاش ڪٽائي واپس ڳوٺ پهتا. خانوءَ جو پريو پڪليو گهر تباهه ۽ برباد ٿي ويو. خانوءَ جي ماءُ جي دل تي الاجي ڇا وهيو واپريو. هر ڪنهن ساڻس ٻه-چار ڏينهن همدردي ڪئي، پوءِ سڀڪنهن کيس وساري ڇڏيو. هوءَ پنهنجي پوٽي کي ڇاتيءَ

سان لائي، روئي روئي، خدا کي ٻاڌائيندي ۽ خانوءَ جي واپس موٽي اچڻ جي آسري تي جڏي جيءَ کي جيارينديون رهي.

هوڏانهن خانو جيلخاني ۾ رهندي رهندي، هڪ نئينءَ دنيا سان واقف ٿيو- چور، ڌاڙيل، خوني، ٺڳ، بدمعاش، عادتي ڏوهاري، جيل جا آفيسر، چوڪيدار، وغيره؛ دنيا وارن تہ انهن تي اهي ئي نالا رکيا هئا، پر هتي انهن جي برادري ٻيءَ طرح هئي. حالتن خانوءَ کي هتي آندو هو. خانو تہ هونئن بہ نيڪ نمازي هو، پر هتي جيل ۾ هن نفل ۽ تهجد بہ پڙهڻ شروع ڪري ڏنا. هتي جيل ۾ خانوءَ کي هرڪو عزت ڏيندو هو، ۽ ڪيس معصوم ۽ بيقصور سمجهيو ويندو هو. پر قانون جي نگاهہ ۾ هو وڏو گنهگار هو. هتي ئي خانوءَ کي صلاح مشورا مليا تہ هو ڪورٽ ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙو بيان ڏئي، جيئن هن کي گهٽ ۾ گهٽ سزا ملي. ظاهري طرح تہ خانو هنن جون صلاحون ڏاڍي ڌيان سان ٻڌندو هو، پر جڏهن هو هر رات سومهڻي ۽ تهجد نماز پڙهي دعا گهرندو هو، تہ پهرين سدوريءَ جو تصور ڪري، انهيءَ ڏينهن وارا سدوريءَ جا چيل اکر- "خانڻ، خدا ڪري، تنهنجن ئي هٿن ۾ سُرهي ٿيان!"- بار بار وظيفي وانگر پڙهي، ڳوڙها وهائيندي دعا گهرندو هو: "الله سائين، مون کي بہ سدوريءَ تي سُرهوڪر! تون ڏسين پيو، توکي سڄي خبر آهي، سدوريءَ کي بيقصور ماريو اٿم... آءٌ خوني آهيان! تون انصاف ڪندڙ آهين، مون کي سزا ڏي.... آءٌ قاتل آهيان! مون کي مهلت چو ڏني اٿئي! منهنجو امتحان نہ وٺ. آءٌ قبولدار آهيان، آءٌ خوني آهيان..... آءٌ خوني آهيان!" خانو اها دعا پڙهي، پوءِ معصوم ٻار جيان سمهي رهندو هو.

خانوءَ کان جڏهن بہ پڇا ٿيندي هئي تہ انهيءَ ڏيهن وارو سربستو واقعو ٻڌائي، پڇاڙيءَ ۾ ائين چوندو هو: "آءٌ برابر خوني آهيان، مون کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو!" نيٺ اهو ڏينهن بہ آيو، جو بچاءَ جي وڪيل اچي هن سان ملاقات ڪري ڳالهايو ۽ هن کان حال احوال ورتو، ۽ پوءِ ڪيس وڏي تقرير ڪري هدايتون ڪرڻ لڳو: "مون پنهنجيءَ ڄمار ۾ خون جو هڪڙو ڪيس بہ ڪونہ هارايو آهي. تون جوان آهين. خدا جي مرضي اها هئي. سدوري اتفاقي مري وئي. مون کي توسان همدردي آهي. تون بيقصور آهين. ٻڌ، ڪورٽ ۾ چئجانءِ: سدوري ڪريل هئي، مون هن کي روڪيو تہ هوءَ مڃرجي ويئي، ۽ لڳي گارگند ڪرڻ. عزت ۽ غيرت جو سوال هو. ڪني آڱر وڍي پلي.... بس، پوءِ تون چٽو آهين. اڳتي آءٌ پاڻهي منهن ڏيندس ۽ ڪيس مٿي ڪٽندس."

اوڏيءَ مهل تہ خانوءَ چيو، "حاضر سائين، جيئن اوهين ٻڌايو ٿا، ائين ئي اڪر بہ اڪر چوندس"، پر اتي جو اتي ڪجهہ ويچاري چوڻ لڳو، "پر سائين، دل ۾ نہ ڪريو تہ ٿورو عرض ڪريان؟"

"بيشڪ"، وڪيل خوش ٿيندي چيو.

"سائين"، خانوءَ نماڻائيءَ سان چيو، "سدوري مرڻ کي مري ويئي، مون کي بہ مري جهان ڇڏڻو آهي..... جيئري هجي ها تہ ٻي ڳالهہ هئي، پر هاڻي مئل ۽ معصوم تي تهمتون ڪميڻن جو ڪم ۽ ذليلن جو وڙ آهي."

وڪيل صاحب کي مرچون لڳي ويون. هن ڪاوڙجي چيس: "آءٌ تنهنجون اهي نصيحتون ۽ واعظ ٻڌڻ ڪونہ آيو آهيان. بيوقوف، مري ويلن جي پنيان مربو ڪونهي. پنهنجي پير تي پنهنجن هٿن سان ڪهاڙو نہ هڻ. مون توکي جيڪي ٻڌايو آهي، ان تي وري ويچار ڪر. مون وٽ وڌيڪ وقت ڪونهي. مون پنهنجو فرض پاريو. جج صاحب بہ تنهنجي فائدي ۾ آهي. اڳتي تنهنجي مرضي." ائين چئي، وڪيل هليو ويو.

۽ جڏهن خانو ڪورٽ ۾ پيش ٿيو، تہ سچو سربستو حال ٻڌائي، آخر ۾ چيائين: "حاڪم، سدوريءَ کي بيقصور ماريو اٿم. آءٌ برابر خوني آهيان، مون کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو!"

بچاءَ جو وڪيل، جيڪو انساني همدرديءَ وچان جوابدار جو بنهہ خيرخواهہ ٿي چڪو هو، سو هٿن مان ڊارو ڪرندو ڏسي چوڻ لڳو: "ڪورٽ سڳوريءَ کي عرض آهي تہ جوابدار گهڻي غم ۽ ڏک ڪري ذهني توازن وڃائي وينو آهي؛ انصاف جي تقاضا آهي تہ خانوءَ کي علاج لاءِ پهرين اسپتال موڪليو وڃي."

جج صاحب ڪنڌ لوڏي اتفاق ظاهر ڪيو.

وڪيل خانوءَ سان وري پنج دفعا ملاقاتون ڪيون. ٻيا ات مهينا گذري ويا. خانو ڇرين جي اسپتال مان نڪري، وري ڪورٽ ۾ پيش ٿيو. جڏهن خانوءَ جو وارو آيو، تہ "زمين جنبد، نہ جنبد گل محمد!" -- ساڳيو بيان، ۽ ساڳي التجا. جي، "حاڪم، سدوريءَ کي بيقصور ماريو اٿم. آءٌ برابر خوني آهيان، مون کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو!"

شاهدن جا بيان ۽ آڏيون پڇائون ٿيون. ڪيس جي ڪارروائي هلي پوري ٿي. جج کي فتوا ڏيڻي هئي تہ هو منجهي پيو. بہ جڻا مري ويا. ۽ ٽيو ڦاسيءَ لاءِ گهُر ڪري رهيو هو! هڪ طرف حقيقتون هيون، ٻئي پاسي ڏوهہ جو اقرار ۽ ان جي

سزا، تہ تنهن ياسي هئي هڪ عدل ۽ انصاف ڪندڙ جي جوابداري.

ٽن ڏينهن کان پوءِ فتوا لکجي تيار ٿي.

انهيءَ ڏينهن عدالت ۾ تر اچلاءِ تہ پٽ نہ پون. خانوءَ جي ماءُ، خانوءَ جو پٽ، خانوءَ جا ڳوٺائي، پوليس وارا، ۽ ٻيا بہ گهڻائي ماڻهو حاضر هئا، تہ فتوا پڙهي ويئي. فتوا جي آخر ۾ هو: "عدل ۽ انصاف کي ڌيان ۾ رکندي، خانوءَ کي ٻن خونن ڪرڻ جي الزام هيٺ ٽيپ ڏني وڃي ٿي."

خانوءَ جي ماءُ مورڇا ٿي ڪري پيئي. پر خانو، سواءِ ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي، هڪل ڪري چوڻ لڳو: "حاڪم، سدوريءَ کي بيقصور ماريو اٿم. آءٌ خوني آهيان، مون کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو!..... مون کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو!"

وڪيل وري چيو: "خانو چريو آهي!"

جج صاحب فرمايو: "خانو فرشتو آهي!"

•

# حسرتن جو ڦيرو

هي ان وقت جو ذڪر آهي، جڏهن آءٌ انگلنڊ ۾ برسٽل شهر جي مصوريءَ واري ڪاليج ۾ تعليم وٺي رهيو هوس. سامهون هڪ انگريز خاتون، ماڊل طور ويٺي هئي. جلد ئي موڪل ملڻ واري هئي ته ڪلاس جو بند ٿيل در کليو. هڪ اجنبي اندر لنگهي آيو. ڪو هوندو، منهنجو ڇا؟ آءٌ رنگن پرڻ ۾ مشغول هوس. اهو ڪاليج جو خاص ڪلاس هو. انهيءَ ڪلاس ۾ اندر اچڻ جي اجازت هر ڪنهن کي ڪانه هوندي هئي. ڪلاس ۾ ماڊل ۽ مون کان سواءِ ٽي-چار شاگرد ٻيا به هئا. هر هڪ پنهنجي ڪم ۾ مصروف هو. اهو اجنبي، هر هڪ شاگرد وٽان ٿيندو، سڌو اچي منهنجي پرسان بيٺو. ڇو؟ هو منهنجي پرسان بيهي رهيو هو؟ مون ڪو به ڌيان نه ڏنو. هن وري ٻه-چار چڪر ڪلاس ۾ لڳايا، ۽ وري اچي منهنجي ويجهو بيٺو. آءٌ بدستور، بينياز، پنهنجي ڪم ۾ رڌل هوس. هن ڪان رهيو نه ٿيو، ٿورو ڪنڌ جهڪائي، تمام ويجهو ٿي، آهستي آهستي چوڻ لڳو: "مسٽر عبدل اوهين آهيو؟"

مون صرف ڪنڌ لوڏي هائوڪار ڪئي، ۽ بدستور پنهنجي تصوير ۾ رنگ ڀريندو رهيس. هو ڪجهه گهڙي اتي بيهي رهيو. ٿورو ترسي وري چوڻ لڳو: "مسٽر عبدل، ٻه منٽ مون کي به ڏيو ۽ ٻاهر هلو." هن دفعي هن جي آواز ۾ ڏاڍي نهٺائي هئي. آءٌ قدري حيران ٿيس ۽ ڪيس ڏسندو، ڪم ڇڏي ٻاهر نڪتس. هو ٻت ۾ ڀريل، ڳاڙهو ڳٽول انگريز هو. قد پورو پنو، ۽ عمر ۾ ڪرڙوڊ پيئي لڳو، پر اکين ۾ شوخي ۽ شرارت سمايل هيس. هو بيصبر ۽ بيقرار به نظر پئي آيو. مون ڪيس اچا پوريءَ طرح ڌنو به ڪونه هو ته هو يڪدم هٿ وڌائي چوڻ لڳو: "منهنجو هٿ ڏسو، قسمت جو احوال ٻڌو. توهان جي ڏاڍي تعريف ٻڌي اٿم. آءٌ هن ڪاليج ۾ استاد آهيان. چارلس نارمن نالو اٿم. ورڪشاپ واري حصي ۾ ڪم ڪندو آهيان. گاڊفري منهنجو دوست آهي. چارلس اهي سڀئي ڳالهيون يڪساهيءَ ٻڌائي ويو.

گاڊفري منهنجي مصوريءَ واري ڪلاس جو نوجوان استاد هو. ٽي-چار ڏينهن مس گذريا هوندا ته گاڊفري ڪنهن ڪلاس جي شاگرد جي زور ڀرڻ تي مون

کي پنهنجو هٿ ڏيکاريو هو. گاڊفري کي ٻين ڳالهين سان گڏ آخر مون چيو هو: "سائين، توهان جهڙو حسين ۽ نوجوان، پر، محبت جي معاملي ۾، حيران آهيان تہ توهان جي زال توهان کي ڇڏي ڏيندي. مون کي اوهان سان دلي همدردي آهي." هو نہ نہ ڪندو، نئينءَ ڪنوار وانگر شرمائجي ويو هو، ۽ پوءِ ڇيڙي ڪري ٻاهر وڃي، پاڻ پنهنجي سر منهنجي لاءِ چانهہ ۽ ڪيڪ-پيسٽريءَ جو ٽري کڻي واپس موٽيو هو.

آءٌ نڪو نجومي آهيان، ۽ نہ وري منهنجو هٿ ڏسي قسمت ٻڌائڻ ۾ عقيدو آهي. ڏهاڪو کن ڏينهن مس گذريا هوندا، رسيس ۾ ڪلاس جي هڪ ڇوڪريءَ، مس سئوزن، هڪ انگريزي ـسالو کڻي، هر ڪنهن کان پنهنجيءَ پسند جي رنگن جا نالا پڇيا ۽ پوءِ سيڪنهن کي رسالي مان سندن طبيعت جو مختصر تفصيل پڙهي ٻڌايو. تنهن هوندي البت ڪو هڪ-بہ ڪتاب پڙهي پنهنجن هٿن جا ليڪا ضرور جانچيندو هوس. سو، جڏهن مس سوزن رسالي جي آڌار تي هر ڪنهن کي ڪتاب مان پڙهي پئي ٻڌايو، تڏهن مون بہ چرچي چرچي ۾ ڪلاس جي سڀني شاگردن جا هٿ ڏسي ڳشا هنيا هئا.

گاڊفري هونئن هو تہ نوجوان، پر هميشہ ويڳاڻو، ويران ويران ۽ وساميل پيو نظر ايندو هو. ڪپڙا لٽاڇا جا. ڏاڙهي بہ شايد هفتي-ٻن کان پوءِ ڪوڙيندو هو. انهيءَ ڪري اهو سمجهڻ آسان هو- هجي نہ هجي، همراهہ مڙيئي عشق جي چوٽ کاڌل آهي. اهي سڀئي ڳالهيون منهنجي ذهن تي تري آيون. خير، چارلس نارمن سان هٿ ملايم، ۽ سندس چهري کي ڏٺم تہ مون کي سر چارلس نيپئر، انگريز سپهہ سالار، ياد آيو. سر چارلس نيپئر، جنهن منهنجي سنڌ فتح ڪئي وئي. چارلس نارمن جا هٿ نرم ۽ نازڪ هئا. هن جون آڱريون ڊگهيون ۽ پريل هيون. سر چارلس نيپئر کي ياد ڪري نفرت ٿيم، تہ چارلس نارمن هڪ انگريز بهادر صاحب جي چهري کي ڏسي قياس آيم- ۽ آءٌ مشڪڻ لڳس. وري وا ڏانهن نهاري کيس چيم، "چارلس صاحب، شام جي موڪل ۾ باقي پنج-ست منٽ آهن. بهتر ائين ٿيندو، مون کي اجازت ڏيو تہ آءٌ پنهنجو سامان سڙو ڪلاس مان کڻي اچان تہ پوءِ ڪا ويهي ڪي ڪچهري ڪريون."

"بيشڪ، بيشڪ، مسٽر عبدل!" چارلس نڪڙ ۾ ائين چئي، مون کان باادب پري هٽي، مون کي واپس موٽي وڃڻ جي جڻ اجازت ڏيئي رهيو هو.

مون ڏٺو تہ چارلس صاحب هٿ مهٽي رهيو هو. ۽ اوڏيءَ مهل ئي مون فيصلو ڪري ورتو تہ هيءُ انگريز، ايڏو اُبهرو ۽ اينترو بيچين، ضرور ڪنهن الجهن

۾ گرفتار آهي. اهو ويچاريندي، آءٌ مرڪڻ لڳس ۽ مرڪندي ڪيس چيم: "چارلس صاحب، آءٌ اجهو ٿو اچان، ٿورو صبر ڪريو. صبر جو ڦل منو ٿيندو آهي."

"نيڪ آهي، نيڪ آهي، توهين پنهنجو سامان ڪٽي اچو. واقعي موڪل جو وقت اچي ٿيو آهي."

آءٌ موٽي پنهنجي ڪلاس ۾ آيس، ۽ جلدي جلدي تيز سهيڙي، بند ڪري، ٿيلهي ۾ وجهي، چوڌاري ڪلاس ۾ نظر ڦيرائي، دروازي ڏانهن ڏٺم. منهنجي ذهن ۽ خيال ۾ چارلس صاحب ڏانهن وڃڻ جو ارادو هو تہ مس سوزن گستاخ ٿيندي چوٽ ڪئي: "مسٽر عبدل، دي گريٽ نجومي! ذرا ڏيان سان چارلس صاحب جو هٿ ڏسجانءِ، ڏاڍو ڪنجوس اٿيئي! ڪو مڙيئي چڪر اٿس. شايد ڪنهن پڪيءَ جي پنيان آهي. في ضرور ونجانس. اسان مفت ۾ ٿورو ئي پيا تنهنجي اشتهاربازي ڪريون."

"بلي بلي! مون کي اها ڳالهہ هينئر معلوم ٿي آهي. چڱو، اوهان جي ڪميشن اڄ ڪان ئي چالو. پر اهو اوهان کي وسارڻ نہ گهرجي تہ جيڪو وڏيڪ ضرور پورهيو ڪندو، تنهن کي حصو بہ اينرو ئي ملندو. استادن جي دوستن سان ڪي ليکا ٿيندا ڇا؟ ڦاسائي اچ ڪو موٽو گراهڪ، تہ سيڪجهہ تنهنجو."

آءٌ دروازي ڏانهن وڌيس تہ مس سوزن وري چرچو ڪندي چيو: "مسٽر عبدل، ڏاڍو مغرور ۽ خود غرض ٿي ويو آهين، پنهنجن همڪلاسين کي خدا حافظ چوڻ کان سواءِ ٻاهر پيو وڃين!"

"ڏاڍي چالاڪ ٿيندي وڃين، مس سوزن! هن کان پوءِ ڪو ضروري ڪم نہ ڪونہ اٿيئي. هل، مون سان گڏ هلي چانهہ جو چڪو پيءُ."

"بس، نلهي چانهہ؟ ٿوري ۾ ٿو پنهنجي جند ڇڏائين!"

"معاف ڪجو"، مون مسخري ڪندي هٿ ٻڌا ۽ چيم، "حضور، چانهہ جو بهانو آهي...... توهين، ۽ مون سا گڏ ٻاهر نڪرو، تہ هوند آشمان مان تارا لاهي تنهنجي قدمن ۾ وڇائي ڇڏيان!"

"نهيو نهيو، وري ڇمڇيبازي شروع ٿو ڪرين سمجهي، توکي برسٽل جي هوا لڳي آهي!"

"واه واه، تنهنجي برسٽل جي موسم-- سيءُ، مينهن، اوندهہ، برفباري ۽ طوفان!"

"ڏس، منهنجي شهر جي گلا ٿو ڪرين، شرير ڇوڪرا!..... ٽاٽا! وڃ، وڃي

وڌي آئي. سلام ڪيائين ۽ ٻڌايائين تہ "ڪاليج جو وقت پورو ٿي چڪو آهي، آءٌ ٻچڻ جي تياريءَ ۾ آهيان، رڳو ڪپڙا مٽائڻا اٿم." وري چارلس سان مخاطب ٿيندي چيائين، "اڄ هن پاسي وري ڪيئن؟ اچڻا نہ وڃڻا، رستو ڀلجي تہ ڪونہ ويا آهيو؟"

"نہ نہ، مس جون، مسٽر عبدل جي ملاقات لاءِ آيو هوس."

"او... مسٽر عبدل! خبرناهي، هرڪو پيو سندس ٻچا ڪري، آءٌ بہ سندس مريد آهيان."

"مس جون، اجازت هجي تہ ڪجهہ عرض ڪريان." مون ڳالهہ کي ڦيرائڻ جي ارادي سان چيو.

"ها ها، جلدي چئو." هن وراڻي ڏني.

"مس جون، ڇا اسان کي چانهہ ملي سگهندي؟"

"ڪاليج جو ڊئريڪٽر اهڙي فرمائش ۽ هن وقت ڪري ها تہ آءٌ ڪيس ڪُتو جواب ڏيئي ڇڏيان ها. پر، مسٽر عبدل، توهان جي لاءِ.... اڇهو، ٻن-ڇئن منٽن ۾ توهان کي چانهہ ملي ويندي. ويهي پيئجو، جيترو وقت وٺيو، اوترو وقت ترسو. مون کي نهايت ضروري ڪم آهي، افسوس اٿم تہ هاڻي آءٌ وڌيڪ ترسي نٿي سگهان... چوڪيدار، بابلا، هنن جي لاءِ ڪنلي رکان ٿي،ڪين چانهہ ڏجانءِ ۽ پوءِ جڏهن هي حضرات اُٿن تہ دروازو بند ڪري ڪرف ڏيئي ڇڏجانءِ." ائين چئي، مس جون الائجي ڪيڏانهن گم ٿي ويئي.

چوڪيدار جلد ئي چانهہ آڻي سامهون رکي، ۽ پوءِ پاسيرو ٿي، اسان ٻنهي کي اڪيلو ڇڏي، پاڻ هليو ويو. چانهہ جون چسڪيون پيري، نيٺ مسٽر چارلس جا مون هٿ ڏسڻ شروع ڪيا. چارلس بظاهر تہ مون ڏانهن ڏسي رهيو هو، پر مون محسوس ڪيو تہ هن جا خيال پري پري ڪنهن اڻڄاتل فضا ۾ ڀٽڪي رهيا هئا. هو هڪڙي پير کي هيٺ مٿي ڪري لوڏي رهيو هو. مون هن جي هٿن جا ليڪا چڪاسي ڏنا. هن جي چهري کي جانچم تہ. ڪشادي پيشاني. نيريون اکيون، مٺو نڪ... بيتابيءَ جي جذبات هن جي چهري کي تامي جهڙو رنگ ڏيئي ڇڏيو هو. پوءِ هڪ ماهر دست شناس وانگر، هن کي قسمت ٻڌائڻ شروع ڪيم:

"مسٽر چارلس، قدرت توکي ڏاڍو نوازيو آهي. هڪ فنڪار واريون سڀئي خوبيون تو ۾ موجود آهن. تون اهاڻن ڪمن ۾ پئسو ڪين وڃائيندين، جو حساب رکنديں. تون اُبهرو ۽ بي صبر بہ آهين، انهيءَ ڪري جڏهن بہ تڪڙ ڪندين تہ

نقصان ۽ ڇيهو رسنديءِ. تنهنجي دل ... تنهنجي دل تمام نازڪ آهي. جيئن وقت گذرندو ويندو، تيئين تنهنجي قسمر کلندي ويندي. مستقبل تنهنجو آهي، البت توکي لاڳيتي ڪوشش ڪرڻي پوندي. بهتر آهي تہ پنهنجي فن کي ڪاروباري طريقي تي هلاءِ، توکي ان مان فائدو رسندو."

"سؤ فيصدي صحيح، مسٽر عبدل! وئڪيشن ۾ آءٌ تصويرون ناهي وڪڻندو آهيان تہ هميشہ سٺا پئسا ملي ويندا اٿم"، هن اقرار ڪيو، "پر ڇا ڪريان، اڪثر سستي وڪوڙي ويندي اٿم. مايوس بہ رهان ٿو. ۽ دل ڏاڍي حساس اٿم، ويٺي ويٺي پور پچائي پيو منصوبا ناهيندس ۽ ڊاهيندس. ٻڄڙيوال آهيان، هاڻي تہ پورت بہ ڪانہ ٿي پوي. خرچ وڏي ويو آهي..."

مون کيس وچ ۾ ڪاٽيندي چيو: "چارلس، تنهنجي بخت سان ماٺهو ريس ڪندا. تنهنجي زال وفادار آهي."

"ها، ها. بلڪل سچ! مسٽر عبدل، منهنجي زال منهنجي ڏاڍي خدمت ڪندي آهي. مون تي جنسي چري آهي. تيهن ورهين کان ساٿي ٿي رهي آهي. مرد ڇا ٿو ڪري، پر هن ڪڏهن بہ مون سان کهرو ڪين ڳالهايو آهي. نوڪري ڪري، گهر جو ڪم ڪار سنڀالي، اولاد تي ساهہ پساهہ ڇڏي- واقعي هوءِ فرشتو آهي. زال جي سلسلي ۾ آءٌ برابر خوس آهيان. خدا ڪو کيس پنهنجن هٿن سان ويهي ناهہ آهي. هيٺئر تہ ذري گهٽ پنجاهہ ورهين جي هوندي، پر جڏهن ڪپڙا پائي ۽ ميڪ-اپ ڪري ٻاهر نڪرندي آهي تہ هلندن کي بيماري ڇڏيندي آهي."

"تہ ها، مسٽر چارلس، تنهنجي هڪڙي نياڻي مري ويئي آهي؟"

انهين ٻڌائڻ سان چارلس جي چهري تي ڏک جا آثار ظاهر ٿيا، ۽ هن ٻريل آواز ۾ چيو: "منهنجي نياڻي مرحومہ پريءَ جو ٻچڙو هئي. جڏهن هن وفات ڪئي هئي تہ منهنجي زال جنسي هوش حواس وڃائي ديواني ٿي پئي هئي. اهو دؤر مون لاءِ بہ قيامت کان گهٽ ڪين هو." چارلس جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا.

مون کي ڏاڍو ارمان ٿيو. ڳالهہ کي بدلائڻ لاءِ چيم: "پر، چارلس صاحب، همت، برداشت ۽ محنت جو تون پتلو آهين. دنيا نالو ئي لاهين-چاڙهين جو آهي. گهڻا بزدل انسان مصيبتن جي چڪر ۾ ڦسجي ختم ٿي ويندا آهن. پر تون تہ نج سون آهين. سون کي جيترو ئي رجائبو، اوترو ئي چمڪندو. برابر تو زندگيءَ ۾ تڪليفون ڏٺيون آهن، پر تو حياتيءَ ۾ ڪڏهن هار ڪانہ قبولي آهي. اڄ بہ جيڪو ڪم تون هٿ ۾ ڪٽنديں، ۽ مستقل مزاج رهئين، تہ ڪامياب ۽ ڪامران ٿيندي.

تنھنجي دل نرم تہ برابر آھي، پر جي ھيڪر ضد تي چڙھئين تہ تنھنجي دل فولاد کان بہ وڌيڪ سخت ٿي ويندي. اھو ئي سبب آھي جو تون اڃ جيئرو آھين. تنھنجيءَ جاءِ تي ڪو ٻيو، اسان پارو ھجي ھا تہ آپگھات ڪري ھا يا ضرور پاڳل خاني ۾ ھجي ھا."

چارلس ڪنڌ ڌوڻي، ٺڏو شوڪارو ڀريو.

چانھہ تي ڪڏھوڪي ختم بہ ٿي ويئي. ائين، آءٌ ۽ چارلس، ھوريان ھوريان ڳالھيون ڪندا رھياسين. ڪٿنتين، جنھن ۾ ڪاليج ۽ جھان جا مسئلا ۽ تڪرار بيان ٿيندا ھئا- ڪٿنتين، جنھن ۾ ٻنپھرن جو وڏو ھل ھنگامو ٿيندو ھو- تنھن مان جڻ ڪو راڪاس پير گھمائي ويو ھو. بنھہ چپ چاپ ھئي. شام جي اوندھہ وڌي چڪي ھئي. چارلس ڪجھہ سوچي رھيو ھو، ۽ آءٌ خوش ھوس تہ جيڪي مون ڳالھيون ڪيون ھيون، تن چارلس تي ڏاڍو اثر ڪيو ھو. ھن پاڻيھي ڪيتريون پنھنجيون ڳالھيون ٻڌايون ھيون تہ ساڳئي وقت منھنجيءَ قابليت جو اقرار بہ ڪري چڪو ھو. مون پنھنجيءَ واچ ۾ وقت ڏسي چيو: "مار، شام جا ڇھہ ٻيا لڳن!" مون ملاقات کي ختم ڪرڻ جي ارادي سان چارلس کان پڇيو، "توکي ڪو سوال ڪرڻو ھجي يا اجا ڪجھہ پڇڻو ھجي تہ ٻڌاءِ." چارلس ٻڌتر ۾ پئجي، نيٺ چيو: "محبت جي باري ۾ تہ تو ٻڌايو ئي ڪونہ!"

"چارلس، توھين پنھنجو ساڄو ھٿ مون کي ڏيکاريو. ھينئر توھان جي عمر ڪيتري ھوندي؟"

"بس، اھي پنجاھہ ڪن سال ھوندا." ھن ھٿ وڌائيندي جواب ڏنو.

آءٌ ھن جي چيچ جي ھيٺان ليڪا ڏسڻ لڳس. ھو وڏي غور سان مون کي گھوري رھيو ھو. آءٌ وري شروع ٿي ويس: "چارلس صاحب، تنھنجي زال ذات تي ساعت آھي. جنھن سان بہ تون ڪلي ڳالھائيندين، اھا توکي ڪانہ وساريندي. ڏاڍو پرھيزگار آھين. شاديءَ کان اڳ ۾ تہ ميدان بنھہ صاح آھي. پھريون معاملو.. شادي ٿي؛ ۽ پوءِ...... ھاٿي..... ھاٿي سائينجن ڪنھن جي چڪر ۾ آھن!"

"آءٌ..... ھاٿي.... ۽ ڪنھن جي چڪر ۾!" ھن وني وڏو ٺھڪ ڏنو، ۽ نھايت شوخ ٿيندي، ائڪٽنگ ڪندي چيائين: "ناممڪن! ناممڪن! منھنجو پنھنجيءَ زال سان بي پناھہ پيار آھي. مون کي ٻار بہ آھن. ۽ تنھن کان سواءِ، ھيءَ ڪا وھي آھي منھنجي عشق ڪرڻ جي؟ منھنجي زال ٻڌندي تہ ڇا چوندي؟ جھيڙو ٿي پوندو..... نہ نہ، مسٽر عبدل، تو واري اھا ڳالھہ بلڪل غلط آھي!"

آءٌ ھن جي چھري کي ڏسڻ لڳس. دراصل آءٌ جائزو وني رھيو ھوس. مون

# هڪ رات

انگلنڊ جو برسٽل شهر ۽ ان ۾ مس ازبيلا سان گڏ اها رات ۽ رات جي اها ساعت، مون کي مرڻ ويلي به ڪين وسرندي. سو آءٌ جڏهن ڪئمبرج ڏانهن وڃڻ لاءِ سنبريس، تہ ازبيلا جي يادگيري ازخود منهنجي ذهن تي تري آئي. هوءَ اتي تہ پڙهندي آهي. ڪئمبرج ڪاليجن جو شهر آهي. هزارين شاگرد اتي تعليم پرائين ٿا. انهيءَ ڪري اوڏانهن وڃڻ ۽ گهمڻ جي پروگرام ۾ آءٌ بہ ٻين دوستن سان شامل ٿي ويس.

نيٺ اهو ڏينهن بہ آيو، جو آءٌ پنهنجي رفيقن سان ڪيل فيصلي موجب ڪئمبرج پهچي ويس. ڪئم ندي، ڪئمبرج شهر جي وچ مان، پيئي وهي. نديءَ جي ٻنهي ڪنڌين تي، ڪي ساوا ساوا ۽ قداور وڻ، پنهنجين جهُڪيل ۽ ڊُرڪيل لامن سان، ائين نميل ۽ نوڙيل آهن، ڄڻ اهي نديءَ جي پاڻيءَ ۾ ڪنهن کي ڏسڻ لاءِ واجهائي رهيا آهن. نديءَ جي ڪنارن سان تمام وڏا، ويڪرا ۽ ڪشادا چيبر جا ميدان..... ڄڻ ڪنهن زمردي غاليچا وڇائي ڇڏيا آهن. پاسن کان لاڳيتو، مختلف ڪاليجن جون پُر شڪوه عمارتون، جيستائين نظر پهچي ٿي، باقاعدي صفون ٻڌيو بيٺيون آهن. ڪاليجن جي آمهون سامهون، نديءَ جي ٻرئين پاسي، ڳاڙهن، پيلن، نيرن ۽ رنگ برنگي گلن جا ٻارا، ميلن ۾ پکڙيا پيا آهن..... اهڙو آهي ڪئمبرج جو شهر.

اسان جي گهمڻ ۽ ڏسڻ وائسڻ جو پروگرام اهڙو تہ رٿيل هو، جو اسين صبح کان شام تائين نہ رڳو شهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن، پر ڪئمبرج کان ٻاهر نڪري، ميلن جا ميل پري، ٻين مشهور جاين ۽ هنڌن ڏانهن پڻ نڪري ويندا هئاسون.

هڪڙي ڏينهن، دستور مطابق، شهر کان گهٽو پري هڪ امير جو محل ڏسڻ وياسين. انهيءَ محل ۾ انگلينڊ جي مشهور راڻي ميريءَ بہ هڪ رات گذاري هئي. هينئر اهو محل نمائش-گهر وانگر آمدنيءَ جو ذريعو آهي. هني اوري پري جا

ماڻهو گهمڻ ايندا آهن ۽ پئسا ڏيئي، ٽڪيٽ وٺي، اندر ويندا آهن. اتي، انهيءَ محل جي ٻاهران، هڪ عبرت جهڙو واقعو پيش آيو.

اسين واري ملڻ لاءِ محل جي ٻاهران ترسيل هئاسين. محل جي آسپاس، نظر جي نهار تائين چٻر جو ميدان ۽ ڪجهہ باغيچي جهڙي سٿا هئي. پري کان هڪ ماڻهوءَ کي ٽرئڪٽر هلائيندي ڏٺم. مون کي اُن وقت سُٿڻ، شيرواني ۽ ڪَراڪُلي ٽوپي پاتل هئي، هٿ ۾ اجرڪي رومال بہ هوم. تہ ڪنهن مهل اهو ٽرئڪٽر هلائيندڙ ماڻهو، ٽرئڪٽر تان لهي اسان ڏانهن اچڻ لڳو. مزدورن جهڙا ڪپڙا، مٽيءَ ۾ ليٿڙيل جسم، لڙاڪيل وار، وڌيل ڏاڙهي. هو سڌو اچي منهنجي سامهون بيٺو. هن وڏي ويجهو اچي وراڻيو: "السلام عليڪم، توهين سنڌي آهيو؟ آءٌ ميجر هنٽر آهيان. انگريزي فوج ۾ نوڪري ڪئي اٿم. سنڌ ۾ سالن جا سال رهيس. پر پوءِ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ ئي هتي موٽي آيس."

مون پهريون ئي دفعو هن گِٽ مِٽ واري ديس ۾ هڪ انگريز صاحب کي سنڌي ڳالهائيندي ٻڌو. ڏاڍو خوش ٿيس، ۽ تعجب وچان چيم، "ميجر صاحب، سڃاڻڻ سان توهان ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. آءٌ سچ پچ سنڌي آهيان. پر توهان مون کي ڪيئن سڃاتو؟"

"بلڪل سَولو، بلڪل آسان. توهان جي اجرڪ واري رومال ئي مون کي ٻڌايو." هن مون کي مشڪندي جواب ڏنو، ۽ فخر کان منهنجو ڪنڌ مٿي کڄي ويو.

هن جون اکيون مون ۾ هيون، پر هو شايد ٻيو ڪجهہ سوچي رهيو هو. هن وري مون کان پڇيو، "توهين ڪٿان آيا آهيو؟"

"آءٌ حيدرآباد سنڌ کان هتي پڙهڻ آيو آهيان."

"اوهہ، حيدرآباد سنڌ! حيدرآباد جا منگهہ، حيدرآباد جو پڪو قلعو ۽ اتي جون ٿڌڙيون راتيون مون کي ياد آهن. پلا قلعي ۾ هوشو شيديءَ واري قبر.... مون ٻڌو آهي تہ هن عظيم جرنل جي قبر ۽ ڪَنبو گم ٿي ويا آهن"......

آءٌ وڏيڪ حيران ٿيس تہ ساڳئي وقت پنهنجيءَ اڻڄاڻائيءَ ڪري پشيمان بہ ٿيس. ڳالهہ کي ڦيرائڻ لاءِ مون چيو، "ميجر صاحب، شاباس آهي اوهان جي يادگيريءَ کي. اوهين تہ بلڪل صاف سنڌي پيا ڳالهايو. پر اوهين هتي ٽرئڪٽر ڪيئن پيا هلايو؟"

هن نَهہ پَهہ جواب ڏنو. "ويل، مسٽر، توکي خبر هئڻ گهرجي تہ آءٌ ئي هن

محل جو هن وقت اڪيلو وارث آهيان. هن محل سان گڏ ميلن تائين پکڙيل جاگير جو مالڪ بہ آهيان. خدا جو ڏنو سڀڪي اٿم. پر واندو ماڻهو شيطان جو ڀاءُ آهي. باغباني منهنجي وندر آهي. وقت ملڻ تي هتي ئي هليو ايندو آهيان."

آءُ پنهنجي ملڪ جا جاگيردار ياد ڪرڻ لڳس, تہ اهو ميجر صاحب, "خدا حافظ" چئي, چڙيل ٽرئڪٽر ڏانهن واپس هليو ويو.

ٻئي ڏينهن تي يونيورسٽي ۽ مختلف ڪاليج ڏسڻ وياسين. جي: هي ڪاليج ١٢٨۴ع ۾ برپا ٿيو, تہ هو ڪاليج چوڏهين عيسوي سن ۾ کُليو. سينٽ جان ڪاليج ۾ هتي جي ٻن برڪ شاعرن- بائرن ۽ ورڊسورٿ- جا فوٽا بہ ڏناسين. هتي جي رهبر ٻڌايو تہ اهي عظيم شاعر هتي ئي پڙهيا هئا. هن اسان ڪي سندن رهڻ ۽ اٿڻ ويهڻ جون جايون بہ ڏيکاريون. هر هڪ ڪاليج جي پنهنجي تاريخ آهي. هر هڪ ادارو ميوزيم هو. قدامت پرستيءَ ۾ هن قوم جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. افسوس رڳو اهو پئي ٿيو تہ موڪلن هئڻ ڪري شاگردن جي گهماگهميءَ ۽ رونق ڏسڻ ڪان محروم هئاسين. سو, ڪاليجن مان ڦرندي, جڏهن هڪڙي ڇوڪرين جي ڪاليج ۾ پهتاسين, تہ مون کي ازبيلا جي يادگيري آئي. مس ازبيلا سان برسٽل شهر ۾ ملاقات ۽ اها رات...... رات تہ مون کي مرڻ وقت بہ ڪين وسرندي. يادگيري ايندي ئي, رهبر کي پاسي تي ڪري, ازبيلا جي هاسٽل واري ائڊريس ڏيکاري, اوڏانهن وٺي هلڻ لاءِ عرض ڪيم. رهبر ازبيلا جي ائڊريس ڏسي معنيٰ خيز نظرن سان مون ڏي نهاريو ۽ چيائين: "واه جو اوڏانهن هلنداسين." اها خوشخبري ٻڌي منهنجي دل ڌڙڪڻ لڳي ۽ منهنجي دماغ ۾ ازبيلا جي خيالي تصوير ابرڻ لڳي.

هاسٽل جي سپرنٽينڊنٽ ۽ واردن ٻڌايو: "مِس ازبيلا..... ها,.... هوءَ هتي ئي رهندي آهي. پر هن وقت تہ موڪلون آهن. هاسٽل ۾ هڪ بہ ڇوڪري موجود ڪانهي." منهنجي شوق ۽ ذوق جو رنگ محل تباهہ ۽ برباد ٿي ويو. آءُ بيجان پُتلي وانگر واردن کي تڪڻ لڳس ۽ دل ئي دل ۾ هن کي ڌڪارڻ لڳس. پر هن منهنجي بيقراريءَ کي شايد تاڙي ورتو هو. هن سنجيده ٿيندي چيو, "محترم, مون کي اوهان سان همدردي آهي. قسمت جي ڳالهہ آهي. ملاقات ۽ جدائيءَ ۾ سچ پچ ڪو فرق ڪونهي. اهي ٻئي هڪڙيءَ حقيقت جا بہ پاسا آهن. هر موقعي تي تحمل ذارڻ گهرجي. آءُ تنهنجي جذبي جو قدر ٿي ڪريان. پر عملي طور آءُ تنهنجي ڪهڙي مدد ڪريان. ڀلا هل تہ توکي ازبيلا جو ڪمرو ڏيکاريان."

ھن آئي مون کي ازبيلا جي ڪمري ۾ چڙيو ۽ پاڻ ٻاھر نڪري ويئي. ڪونيءَ ۾ گھڙندي ئي مون وائڙن وانگر ھيڏانھن ھوڏانھن نھاريو، ۽ پوءِ چرين وانگر ڪمري جي ھر ھڪ شيءِ کي ڪٽي منٽس ھٿ ڦيرائيندو رھيس. ڪپڙن رکڻ واري ڪٻٽ ۾ گھاگھريون، مفلر ۽ رومال وغيره ٽنگيل ھئا. ميز جي خانن ۾ ھار سينگار ۽ سينڊ سُرمي جو سامان سليقي سان سٿيو پيو ھو. ٻئي خاني ۾ ھن جا شخصي خط ۽ ويھارو کن شلنگ بہ پيا ھئا. ميز تي ڪيترائي ادبي ڪتاب پڻ رکيل ھئا. ميز جي مٿان ازبيلا جو فريم ٿيل فوٽو مون ڏي نھارڻ لڳو. ھيءَ اھا ساڳي ازبيلا تہ ھئي- ازبيلا، جيڪا سراپا سوپيا ۽ سونھن جو اسرار ھئي. ڪمري ۾ ھڪ وڏن شيشن واري دري بہ موجود ھئي. آءٌ دريءَ وٽ اچي بيٺس. ٻاھر سامھون، ھيٺ باغ ھو. خوشنما باغ ۾ ڪٿي ڪٿي چيريءَ جا وڻ بہ ھئا. چيريءَ جو ھر ھڪ وڻ بيشمار گلابي گلن سان جھنجھيل ھو. ھن طلسمي ۽ رنگين دنيا، ۽ تصور جي فريب، مون کي منڌي مدھوش ڪري، ڪنھن ٻيءَ دنيا ڏانھن ڏکي چڙيو.

ازبيلا منھنجي پرسان ھئي. نڪو وھم، نڪو گمان.... برسٽل شھر ۾ ھڪ چانھہ پارٽيءَ جي موقعي تي. نہ ڄاڻان ڪٿان ۽ ڪيڏيءَ مھل ھوءِ اچي منھنجي پرسان ويٺي. مون اکيون مھٽي، پاڻ کي چُھنڊڙي ھڻي، ھن کان پڇيو ھو: "يا الاھي! ھيءَ خواب آھي يا حقيقت. مئڊم، گستاخي معاف." مون ڏانھس ھٿ وڌايو، ۽ کيس ٻڌايو: "آءٌ پرديسي، پورب جو رھاڪو آھيان. توھين پنھنجو تعارف ڪرايو."

مجلسي دستور مطابق ھن بہ پنھنجو ھٿ منھنجي ھٿ سان ملايو. ھن جا ھٿ گلاب جي پنکڙين وانگر نازڪ ۽ ريشم کان وڌيڪ نرم ھئا. ھن ٻڌايو: "منھنجي ملڪ جو نالو اٽلي آھي. آءٌ مِلان شھر ۾ رھندي آھيان. ڪئمبرج ۾ پڙھندي آھيان. برسٽل گھمڻ آئي آھيان. منھنجو نالو ازبيلا آھي."

ھن جي آواز ۾ ڪنھن ازلي ساز جو سحر آلود سوز سمايل ھو. "توکي خبر آھي، ازبيلا..... ازبيلا تہ اسپين جي پريچھرہ شھزاديءَ جو نالو آھي. اي اسپين جي شھزادي، تو وري ٻيھر جنم ورتو آھي ڇا؟"

ھن شوخيءَ سان چيو، "ھن کان پوءِ ھاڻي تون پاڻ شھزادي ھئڻ جي دعوا ڪندين. پر اڄوڪي زماني ۾ شھزادا ۽ شھزاديون مري چڪا آھن. مون کي اھڙي نسبت پسند ڪانھي. ھرويرو ڪنھن کي پڏائڻ ڪو اخلاق آھي!"

"معاف ڪجو، مئڊم، مون کان غلطي ٿي. آءٌ پنهنجا چيل اکر واپس ٿو وٺان." ۽ پوءِ مون آهستي آهستي چيو، "پر هي تنهنجا چوڏهينءَ جي چانڊوڪيءَ جهڙا وار، مست ۽ معصوم اکيون، ڪشيل ڪمان وارا ڀرون، سُرخ مرجان جهڙا چپ- شهزادي نه تنهنجي در تي ٻانهي به ڪين سونهي. تون نه آسمان جي اپسرا ۽ ڪوهه قاف جي پري آهين. ڇا، تون...."

مون اجا ڪجهه وڌيڪ چوڻ ٿي چاهيو، پر هن پنهنجو هٿ وڌائي منهنجي وات تي رکيو ۽ چيائين، "بس، بس، مون کي بيوقوف ٿو بنائين. ڏاڍو چالاڪ ٿو ڏسجين. ٻڌاڪي! منهنجو نه ته پين جو، جيڪي هيترا سارا پنهنجي چوڌاري وينا آهن، تن جو خيال نه ڪر. ڀيا ٻڌندا ته ڇا سمجهندا، ڇا چوندا؟"

مون بلڪل هوريان هوريان چيو، "ڀيا ٻڌندا ته ڇا سمجهندا ۽ ڇا چوندا.... چوندا ته آهي ڪو ديوانو. مستن تي ڪهڙي ميار. ازبيلا، توکي خدا پنهنجي هٿن سان ٺاهيو آهي."

"شرير ڇوڪرا." هن ڀڻ ڀڻ ڪندي چيو: "تون هر نئين ڇوڪريءَ کي ائين ئي چوندو هوندين."

هن جون اکيون عجيب خمار سان جهرڪڻ لڳيون. مون سمجهي ڪيو ته هوءَ ظاهري طور ناراض ٿي رهي آهي. ڇانهه پارٽيءَ ۾ سوين ماڻهو هئا، پر آءٌ ۽ ازبيلا سڀني کان بي نياز، هر ڪنهن کان بيخبر، هڪٻئي سان دلين جو حال احوال اوريندا رهياسين. محفل برخواست ٿي ويئي، هرڪو تڙي پکڙي ويو، پر انهيءَ رات آءٌ هڪ بجي ازبيلا کان جدا ٿيو هوس...... آءٌ الائجي ڇا ڇا ياد ڪري رهيو هوس، ته هاسٽل-واردن جي اچڻ جو آواز ٻڌم.

تصورات جو طلسمي طوفان ماٺو ٿي ويو. منهنجي سامهون هيٺ، ڀرپرو، هڪ مروٽيل سروٽيل پَنو پيو هو. جان ڪٺي کولي ڏسان، ته مٿس ڪجهه ازبيلا جا لکيل اکر نظر آيا. اهو ساڳيو پنو هتي پهچڻ وقت منهنجي ئي هٿن ۾ هو. انهيءَ تي ازبيلا جي ائڊريس هئي. پر شايد بيخوديءَ جي عالم ۾، خبر ناهي ڇو ۽ ڪيئن پني جي اها حالت ٿي. مون اهو پنو کولي سڌو ڪري، ڪٺي ميز تي رکيو ۽ پوءِ آءٌ اڪيلو ئي اڪيلو ازبيلا جي ڪمري مان ٻاهر نڪري آيس.

•

# موکي ۽ متارا

"جا پُون پيرين مون، سا پُون مٿي سڄڻين،
ڏکَ لَـــتــبـــا ڏوڙ ۾، ايــــي ڏنـــاســــون،
ڏيھہ مڙيئي ڏون، اُٿي لوچ لطيف چئي."

(لطيف)

وائي

تان تون ويھہ سَنبھي ساٿي، ميان پانڌي، ميان
ڪاڪ هلبو ڪڏهين!
لکين لبدوٽيان مَٽي، مٿي وات ويا ٿي، ميان....
ڪاڪ هلبو ڪڏهين!

لطيف)

**راوي**

انسانن کي ازل کان وني ورثي ۾ عشق ۽ محبت کان وڌيڪ ڪا اعليٰ ۽ افضل نعمت عطا ڪانہ ٿي آهي. جيڪي بہ هڪ واريءَ انھيءَ دولت سان نوازيا سي تاقيامت تونگر. وقت ۽ حالات تبديل ٿيندا رهن ٿا، دنيا جو ذرو ذرو ۽ هرڪا شيءِ بي بقا ۽ فاني آهي، پر عشق جي انتها ڪانهي ۽ پلي صديون گذري وڃن تہ بہ انھيءَ جي ابتدا بہ جڻ هاڻي ۽ هينئر ٿي آهي. قدرت جي ڪاريگر جي هن ڪمال جي ڪهڙي اپٽار ڪجي! سندس راز ۽ رمزون جيتريون ٿيون پروڙجن اوتروئي حيرت ۽ حسرت ورايو وڃي. پنھنجا ڳجهہ پاڻ جاڻي پاڻ سنڀالي.

تقدير جي اڳيان تدبير بيوس ٿيو پوي. عقل جا حيلا وسيلا، بيڪار ۽ بي سود ٿيو وڃن. بي رنگ ڪهڙا رنگ رچائي ڇڏيا آهن! رچي جي ريٽو ٿيا سي ڪنهن نہ جهليا ۽ ڪنهن نہ پليا. اهي پنھنجي منزل ڏانھن ازخود ڇڪبا ۽ وڌندا ٿا رهن. عقل، مت، شرم، ٿيئي نيھن نھوڙيا. مجاز جي ميدان ۾ وڪ وڪ تي رڪاوٽون ۽ رنڊڪون، تہ بہ آسائتا برسر ڪندا هلندا ئي ٿا رهن. سر جو سانگو ڇا جو. بس هڪڙي تن ۾ تار. ويھڻ وهہ ٿيو پوي. نا اميدي ڇا جي، هو سوز ۽ ساز

۾ سڙندا، لڇندا وتن، پر نڪي ڪڇن نڪي پڇن. سوريءَ تي سڏ ٿئين تہ هليو وڃيو سر اڏيءَ تي ڌرين. ۽ مري پوءِ ماٺين جانب جو جمال. حسن هر ڪنهن کي هرڪائي. جنهن ڪجهہ ڏنو، تنهن کان سڀ ڪجهہ وسريو. لاڳاپا لاهيو، نڪريو پون. دنيادار کلندا رهن، ٺلي پيا جڪ مارين، پر جن مشاهدو ماڻيو سي سدائين ساوا. ماڻهو انهن کي وساريو ڇڏين پر تاريخ انهن کي سيني سان سانديندي ٿي رهي، اهائي تہ دنيا جي دولت آهي ۽ اها ئي تہ اسان جي امانت آهي. ڪير آهي، جو هن امانت ۾ خيانت ڪري: هر ڪنهن کي عقيدت سان احترام ته ڪرڻو پوي. عشق جا قائدا پنهنجا تہ ان جا نبيرا ۽ فيصلا بہ پنهنجا.

سسئي ونڊر، پب ۽ هاڙهي جي واٽ تي پير پٿون ڪري مئي: چنيسر وڇوڙي بعد ليلا سان مليو تہ دم ڏنائين: سهڻي درياهہ ۾ لڙهي ويئي، تہ مومل مينڌرو هٿ ڪري، وڃائي ۽ وري ڳولي بہ وڃي ڏاگهہ چڙهي. اڄ نہ سسئي آهي ۽ نہ ليلا، نڪي سهڻي آهي ۽ نڪي مومل، پر جيسين اسان جي سرزمين، جيسين اسان جو وطن ۽ جيسين اسان جا انسان جيئرا آهن، تيسين سسئي، سهڻي، ليلا ۽ مومل کي ڪير وساريندو؟ اهي هستيون تہ تاقيامت امر رهنديون. ۽ اُهي سندن ڳالهيون تہ هميشہ ڳائبيون رهبيون.

چون ٿا تہ ڪنهن سمي راجا نند، گجر قوم جو سردار، ميرپور ماٿيلي جو حاڪم هو. هن راجا پنهنجو خزانو هڪ ڪرامتي ڏند جي مدد سان درياهہ جي وچ ۾ ڪٿي لڪائي ڇڏيو. هڪ حرفتيءَ کي اها خبر پئجي ويئي. راجا نندُ شيل شڪار تي ٻاهر اسهيو، تہ هن پنيان محل جي دروازي تي فقيرُ ٿي اچي ٻاڪاريو. محل جون ٻانهيون دوڙي آيون، خيرات ڏنائونس تہ وني ئي نہ، چي "آءٌ" راڻيءَ سان حال اوريندس ۽ ان کان ئي دان وٺندس." ۽ وري وٺي زور زور سان صدائون ڪيائين. راڻي اچي ئي اچي تنهن کان اڳ مومل وڏي اچي فقير کان پڇيو تہ "توسان ڪهڙي ماجرا آهي!" فقير ڏند لاءِ سئن هنئي. مومل کي سجهي آيو، سو ڪرامتي ڏند ڳولي ڦولي اچي فقير جي جهوليءَ ۾ وڌائين. فقير دعائون ڪندو رمندو رهيو، ۽ راجا جو سارو خزانو ٻهاري هليو ويو.

راجا نندشڪار تان موٽيو. ڏند سارپائين، ڳوليائين، پر هجي تہ ملي! نيٺ خبر پيس، تہ مومل تي ڪاوڙجي پيو. راجا جي ڪاوڙ آڏو، توڙي جو مومل سندس ڌيءَ هئي، مومل جي حيثيت خير ڪا هئي. پر مومل جي ڀيڻ سومل وچ ۾ پَئي

قصي کي ناهيو ۽ اها ذميداري پاڻ تي کنئي ۽ پيءُ کي اِئين چئي ريجهايئين تہ اُهو خزانو اوهان مون کان لهتو!"

مومل ۽ سومل پوءِ سوچي ويچاري هڪ رٿ تيار ڪئي. هنن جيسلمير جي پرسان لڏانئي شهر ۾ رهي، ڪاڪ تي عجيب غريب طلسمي محل اڏايو. جڏهن سڄو تڪسات تيار ٿيو، تڏهن اوري پري هوڪو ڏياريائون تہ جيڪو بہ جوان محلات ۾ اچي مومل جي ديوان خاني واريءَ کٽ تي ويهندو، سو مومل ماڻيندو. مومل تہ هونءَ بہ سونهن ۽ سوبيا ڪري ملڪان ملڪ مشهور هئي، وينتر جو پڙهو ڏنو ويو تنهن هٺي وجي هنڌ ڪيو.

اها ڳالهہ هرهنڌ پکڙجي ويئي، ڪينرائي شهزور، شهزادا ۽ سوداگر ڪاڪ ڏانهن قسمت آزمائڻ نڪتا.

مومل ۽ سومل ڪي اڪيليون ڪين هيون، هنن سان گڏ شاهي محل جو سڄو اناٿلو هو- نوڪر چاڪر، نوڪرائيون ۽ ٻانهيون پڻ هيون. سڀني کان سرس تہ ٻانهي ناتر بہ هئي. ناتر نهايت چالاڪ ۽ هر فن مولا هئي، هوءَ ست پيڙهائيني ٻانهي هئي ۽ محل سراءِ جي هر ڪم ۽ ضرورت کان نہ صرف واقف پر ان ۾ پڙ هئي. هوءَ سونهن ۾ بہ سرس هئي. ڪيس پيار توڙي ٺوڪ وچان 'تيرنهن تالي' بہ سڏيندا هئا. هن جي وصفن جو ڪهڙو وسنار ڪجي. هوءَ هار سينگار ۽ روپ بهروپ پري پنهنجن کي بہ پنيلائي ويندي هئي. راڳ ۾ مجرو تہ ڪانئس ڪو سکي! محل جي عيش عشرت جو سامان، منڌ جي بني چڪائڻ، مٽ پرڻ، وٺيون وارڻ ۽ پيارڻ، ۽ پيش ڪرڻ جو ڍنگ ۽ طريقو هن جو اهڙو تہ هو، جو جنهن هيڪر چکيو سو سدائين سوالي! انهيءَ کان سواءِ محلات جون ست رڇيون طعام ۽ انهن جي تياري، نظرداري ۽ ورچ.... محلات جي اندروني آرائش ۽ زيب زينت سان گڏ نفاست نزاڪت، ذوق شوق...آداب ۽ اطوار...شهزاديون بہ هن جي سنڀال ۽ نظرداريءَ هيٺ پلبيون ۽ وڏيون ٿينديون هيون. هوءَ هر ڪنهن کي موهي پنهنجو ڪري ڇڏيندي هئي. پر پاڻ ڪنهن تي موهت ڪين ٿي. ڪيس هڪ ڏيءَ بہ هئي، ڇوڪريءَ جو نالو موکي هو.

مـومـل ڪـي مـجـاز جـون تـارن ۾ تـبـرون،
هـٿـي حـاڪـمـن ڪـي، زور پـريـون زبـرون
ڪـاڪ ڪـنـڌيءَ قـبـرون، پـسـو پـرڏيـهـين جـون. (شـاهـ)

ڪاڪ محل، مومل جي ڪري، ۽ ناتر جي حڪمت عمليءَ سبب، بي باڪ

بانڪن ۽ اڻ موٽ شهزورن جو گويا زيارت گاهه بڻجي ويو. پر ڪاڪ محل حقيقت ۾ ڪوريئڙي جي جار ڪان به چار رتيون ڪسر هو، جيڪو به ويجهو ويو، سو ڇٽو، باقي جيڪو اتفاقي بچي نڪتو سو نه دين جو رهيو نڪي دنيا جو، اهڙي ماڻهوءَ جي حالت ته وڏيڪ خراب هوندي هئي. مڇيءَ وانگر پاڻيءَ کان ٻاهر لڇي لڇي، ڦٿڪي ڦٿڪي پاڻهئي پنهنجو انت آڻي، عشق جي آزار مان آزاد ٿيندو هو. مگر تعجب آهي، جو انهيءَ هوندي به شائقن جي ڪاڪ محل تي ڪاهه هوندي هئي. پتنگن وانگر سوين حسن ۽ حرفت جي شمع تي سوختہ ٿي جلي خاڪ ٿي ويا، هزارين حيرانيءَ ۾ هوش وڃائي ويٺا، لکين سڀ ڪجهه لٽائي فقير ٿي پيا، ڪروڙين ڪونڌر ڪسجي ويا. مومل هتي ٿي قيامت ۽ محشر برپا ڪري ڇڏيو....سومل پنهنجي پيءُ ڏي دولت جا انبار موڪليندي رهي ۽ جلدي شاهي خزانو دولت سان مالا مال ٿي ويو. بادشاهه 'بس!' جو فرمان جاري ڪيو. پر ڪاڪ تي نه هڻ ۽ ڪڻ، اڻ ڪُٺ ميڙ ۽ ٻهار، وارو معاملو هو ۽ ائين....ڪافي سال گذري ويا.

هڪ ڏينهن همير سومرو، عمرڪوٽ جو بادشاهه، پنهنجي وزيرن جي چوياريءَ سميت شيل شڪار تي نڪتو. ڳچ ڏينهن کان پوءِ رستي تي ڪنهن بيحال مستاني کي "مومل....مومل" ڪندي ٻاڪاريندو ٻڌائون...همير سومري ۽ سندس وزيرن کي مومل جي سڏس نه اڳ ۾ ئي هئي، پر هُن مستاني جي عجيب آهه و زاري اميراڻي آر کي هرڪائي، ڪاڪ محل ڏانهن روانو ڪيو.

ڪاڪ محل تي پهچي، مانجهين پير تي ڏونڪو هنيو، ناتر نڪري، هنن جي مرحبا ڪئي، واري وٽيءَ تي سيني ڪوشش ڪئي. پر مومل جي ڪٽ تي فقط راڻو ميندرو ئي وڃي ويٺو. راڻي مومل ماڻي، نه همير سومري ۽ ٻين وزيرن جان جي امان پاتي. هنن جا بخت زور هئا. قدرت کي ائين منظور هو، پر قضا جو فيصلو ڪجهه ٻيو هو. راڻو ميندرو همير سومري جو باتدبير وزير هو. پر مومل جي مامري همير سومري جي دل کي حسد ۽ ايرکا جي باهه سان جري ڇڏيو. هوڏانهن مومل ۽ ميندري هڪٻئي کي پنهنجي محبت جي منڊ ۾ منڊي ڇڏيو. 'تون ۽ آءٌ' جو فرق متجي ويو. مومل ميندرو هئي ته ميندرو مومل هئي. عشق نه پڇي ذات. عشق جي واردات ئي نرالي آهي. جيڪي نوازجن سي هميشه حيات....

همير سومري بادشاهه، عمرڪوٽ وڃي ميندري ڏانهن قاصد موڪليا، ميندري کي حڪومت جي ذميداريءَ جو احساس ٿيو. هو مومل سان روز رات ملڻ

جو واعدو ڪري عمرڪوٽ موٽي آيو ۽ پنهنجي واعدي تي پورو رهيو. هميرسومري جو اندر اجان ڪين ٺريو هو. سو ڪٽي راڻي کي ٽُرم ۾ وڌائين. مومل اوسيئڙا ڪري ٿڪجي پئي، گهڻا ئي حيلا وسيلا هلايائين، راڻي ڏانهن پيغامن تي پيغام پهچايائين. هڪ رات ناتر سومل کي راڻي جو بهروپ ڪرائي مومل وٽ وني آئي. سومل پوءِ انهيءَ رات مرداني ويس ۾ ئي، مومل سان گڏ سمهي رهي. اتفاق سان راڻو بہ انهيءَ رات اچي سهڙيو. پري کان ڏاريو مرد سنل سمجهي، مومل کي ڏهاڳ ڏيئي، اتي پنهنجو لڪڻ ڇڏي، عمرڪوٽ وڃي نڪتو. صبح ٿيو تہ راڻي جو لڪڻ ڏسي، مومل ڏڪي ويئي. کيس معلوم ٿيو تہ راڻو رات رسي ويو آهي. ڪاڪ محل ۾ ماتم پئجي ويو، روج ۽ راڙو شروع ٿي ويو. نيٺ بيو ڪو چارو نہ ڏسي، مومل وڻجارڪو ويس ڪري، وڃي عمرڪوٽ نڪتي، ۽ اتي ماڙي اڏائي ويهي رهي. راڻي سان ڏيڻ ويٺ پيدا ڪري ورتائين، هڪ ڏينهن جيئن ٻئي چؤپڙ راند ڪري رهيا هئا، تہ راڻي مومل کي سڃاڻي ورتو، پر غير نہ ڪيائين ۽ مومل کي بي عزتو ڪري، گهر مان تڙي ڪيڏي ڇڏيائين. مومل لاءِ هاڻ جيئڻ جنجال هو، سو ڪانين جو آڙاهہ تيار ڪرائي، متل مچ ۾ ٽپو ڏنائين، اِتي راڻي کي خبر پئي ۽ خبر پونديئي اچي ساڳئي مچ ۾ پتنگ وانگر ڪريو. آڙاهہ جا شعلا آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ميندڙي ۽ مومل جا جسم جلي رک ٿي ويا، پر هنن جا روح....روح...هڪبئي سان ملي هڪ ٿي ويا.

"جا پُون پيرين مون، سا پون متني سجڻين؛
ڏکَ لـــتـــبـــا ڏوڙ ۾، ايـــي ڏنـــا ســـون؛
ڏيہہ مڙيئي ڏون، اتي لوچ لطيف چئي."

"ڪُل نفس ذائقة الموت... لاشڪ دنيا درگذر جو مڪان آهي...پر زندگيءَ کي قرار ڪٿي آهي. خزان کان پوءِ بهار جو وارو آهي. بهار ايندي ئي رنگ لڳيو وڃن. ٻر ٻہ بازاريون ٿيو پون. جيئڻ جو ميڙو تہ هميشہ متل هوندو آهي. جيڏانهن نظر ڦيرايو، تماشائين جو هل هنگامون ۽ ڪلهي گس لڳي پئي آهي. هرڪو پنهنجيءَ هڻ وٺ ۾ قابو آهي؛ هتي هرهڪ مصروف آهي. هتي هرڪو بيقرار آهي...بي چين آهي. هن طلسماتي دنيا جو ذرو ذرو جادونگري آهي. جادونگري بہ اهڙي جو رڳو پنڊپهڻ پيا آهن. پر هن ڪلجڳ ۾،... "اجا پي آهن ڪي ڪلجڳ ۾ ڪاپڙي." سيانا ۽ داناءَ انسان...تماشائي نہ...پر مشاهدو ماٺي...ٻين سان ونڊورچ ڪندا آهن. پر عشق ۽ ۽ عقل جو جهيڙو ڪير نبيري؟ بي انت قدرت جو

ڦورو ڪير ڦولهي؟ عقل، دانائي، سمجهہ ۽ سياڻپ...انديشا ۽ دليل...ناهي...۽ ڍاهي ...انسان عاجز ٿيو پوي. پر جن همت نہ هاري ...۽ ڪٿي، آس سان دل کي آباد رکيو، انهن لاءِ "مون سان مون پرين: پورائيءَ ۾ پال ڪيا" واري ڪار بہ ٿئي ٿي. اهي وڃيو ماڳ ماڻين ۽ منزل تي رسن.

رنگ محلن ۾ رهڻ واريءَ ناتر کي تي ڏيئرون هيون، موکي، سونگل ۽ سڦوران. موکي سيني کان وڏي هئي. هن جي سونهن ۽ سوڀيا جو ڪهڙو وسنار ڪجي. بس وڄ جو ٽڪرو هئي. جواني آيس تہ قيامت جو قهر ٿي پيئي. اٿندي ويهندي، کلندي ڳالهائيندي، ڪلور ٿي ويندا هئا. هن جي اکين جي گهور جو پور...شل نہ ڪنهن ڏانهن آر ڪري...شڪاري خود شڪار ٿي، نيم بسمل وانگر لڇي لڇي...پساهہ پورا ڪندو هو. هن جو جسم، جسم جو انگ انگ..ڪو قدرت جي ڪاريگر پاڻ ويهي هٿن سان جوڙيو هو. هوءَ سون چانديءَ، سنگ مرمر، ماڻڪ موتين، ۽ هيرن جواهرن جو مرڪب هئي، هن جو ڳالهائڻ موتئي ۽ گلاب جي ورڪا...۽...ماڪيءَ کان منو...ٻڌڻ وارو جنهن هيڪر ٻڌو سو مُنو...سدائين لاءِ سودائي. راڄ محل جي رواج موجب....موکي هروقت نُهن کان چوٽيءَ تائين سينگاريل پڪاريل رهندي هئي. شل نہ ڪٿي ڪو سڏ ٿئيس...هوءَ وڄ وانگر وراڪا ڏيندي...لچڪندي، ماٽا ڪندي، وڃي حاضر ٿيندي هئي، هن جو هلڻ، هن جو سراپا نہ جنسي ۽ هڪ ازلي ساز هو ۽ انهيءَ ساز جو آواز...قدم قدم تي...ازخود نغمہ سرائي شروع ٿي ويندي هئي... هوءَ تہ هوبهو سرڳ جي اپسرا هئي.

موکي سرڳ جي اپسرا ڪيئن نہ ٿئي...راجا نند جي راڻيءَ کيس پاليو هو نہ ناتر ان کي نپايو هو. ناتر محل ۾ نوڪرياڻي ڪانہ هئي، هوءَ تہ راجا ۽ راڻيءَ جي خاص داسي هئي. جيئن ئي هن جي ڪُک سائي ٿي، تہ راجا ۽ راڻيءَ ۾ هوڏ لڳي. راڻيءَ چيو تہ ناتر کي نياڻي ڄمندي، راجا چيو تہ نہ نہ ناتر کي نينگر ٿيندو...نيٺ اها شرط راڻيءَ کٽي. جنهن ڏينهن، ناتر جو موک ٿيو ۽ نياڻيءَ هن دنيا ۾ اکيون پٽيون تہ محل ۾ شادمانا ٿي ويا. راڻيءَ خزاني جا در کولي...پاڻ ويهي اشرفيون ورهايون... غريب غربي لاءِ عيدون ٿي ويون...امير امرائن کي انعام اڪرام مليا. ناتر سوغاتن سان سٿجي ويئي. لاشڪ هن نياڻيءَ ڄمندي ئي پهرين پهرين راڻيءَ جي سوني پينگهي ۾ سُتي ئي لاڏ ڪيا. ناتر کي ويم ۾ ڏاڍي ڪا تڪليف ٿي هئي. اهوئي سبب هو، جو راڻيءَ نينگر جو نالو "موکي" رکيو.

موکي جائي تہ ناتر جو ماڻُ ويتر وڌي ويو. راڻي ناتر ۽ موکيءَ کي پاڻ کان پلڪ بہ پري ڪين ڪندي هئي. راڻيءَ موکيءَ کي شهزادين وانگر سنڀاليو تہ ناتر موکيءَ کي نپائي پنهنجو پيڙهائتو هنر سيکاريو. اهوئي سبب آهي تہ موکي جڏهين جوان ٿي تہ ان جي حفاظت خاطر ناتر جي ننڊ حرام ٿي ويئي..... آخر تہ هوءَ هڪ جيجل ماءُ هئي. ناتر کان وڌيڪ اڻ تڻ تہ راڻيءَ کي هئي. راڻيءَ موکيءَ لاءِ سويمبر سڏايو. سوين سورهيہ ۽ شهزادا انهيءَ اهتمام تي اچي حاضر ٿيا. موکي هار کڻي مجلس ۾ آئي تہ شاهي سازندن وقت جا نغما ڇيڙيا... موکيءَ جو حسن اڄ پنهنجي انتها تي هو.... حورن ۽ پرين جو ذڪر تہ رڳو تصوراتي.... رڳو ڪاغذي هوندو آهي. موکي تہ جيئري جاڳندي حسن جي حقيقت هئي. محفل ۾ هوءَ بي باڪ، هار هٿن ۾ جهلي، مور وانگر تلندي رهي، هوءَ هر هڪ کي نهاريندي، نهاريندي، تڪيندي ۽ توريندي رهي.... هن جنهن ڏانهن بہ ٿي ڏٺو، يا جنهن بہ هن ڏانهن ٿي نهاريو...... تنهن صورت جي تاب ۽ تجليءَ کان بي تاب ٿي ازخود ٿي ڪنڌ جهڪايو. سازندن سوز سان ساز وڄايا. پر، پريءَ دربار کي جڻ ڪنهن ماهر ماريءَ منڊ ۾ منڊي ڇڏيو هو. چوڌاري چپ چپات هئي. سازن جا نغما فضا ۾ تحليل ٿيندا رهيا، سويمبر جو ٽيون چڪر پورو ٿيڻ تي هو..... تہ هن وسيع دنيا جي ڪائنات بہ جڻ فيصلي ٻڌڻ لاءِ منتظر پنهنجي گردش روڪي بيهي رهي... "خبر ناهي ڪنهن جو ٿو بخت کُلي، خبر ناهي.... موکي..... ڪنهن جو ٿي انتخاب ڪري..... خبر ناهي ڪنهن جي قسمت تي ناز ڪري...." موکي ٽيو چڪر پورو ڪري. راڻيءَ جي تخت ڏانهن وڌي ويئي... ۽ وري پريل دربار ڏانهن منهن ڪري، سڀني کي سلام ڪري، جهٽ پٽ هار کڻي راڻيءَ جي ڳچيءَ ۾ وڌائين ۽ پاڻ راڻا جي پيرن تي مورڇا ٿي ڪري پيئي... شاهي طبيب ڊوڙي آيو... عطر عنبير ڇڻڪاريا ويا. هن هيڏيءَ ساريءَ تقريب جو نقشو ۽ صورتحال ئي تبديل ٿي ويئي. سڀني کي مايوسي وڪوڙي ويئي.... ڪنهن کي بہ همت ڪانہ ٿي، جو کڻي چون چرا ڪري. سڀني جون نظرون شاهي طبيب ۾ هيون..... شاهي طبيب پنهنجا حيلا وسيلا هلايا ۽ جلدي فيصلو ڏنائين. "موکي.... خطري کان ٻاهر آهي..... ڪيس صدمو رسيو آهي.... هوءَ سُرت ۾ آهي، ڪيس آرام جي ضرورت آهي..."

انهيءَ حادثي کان پوءِ راڻيءَ موکيءَ کي مومل جي پيڻ ڪري ڇڏيو. موکي ۽ مومل گڏ رهڻ لڳيون. پر جڏهن مومل..... ڏند وڃائي.... ڪاڪ وسائي....

وڻجاري ٿي، عمرڪوٽ پهتي. ۽ نيٺ وڃي ڏاگهہ چڙهي، تہ ناتر ۽ موڪي..... اڪيليون رهجي ويون...... دنيا جو دستور ئي اهو آهي....."

سومل تہ ٿڪائيءَ ڪان ڪاڪ تان ئي ميرپور ماٿيلي ڏانهن وڃڻ جو بهانو ڪري....... الائجي ڪيڏانهن گم ٿي ويئي. مومل ڪان پوءِ.... ناتر ۽ موڪي.... سونگل ۽ سڦوران ۽ ٻيا..... ڪيڏانهن وڃن ۽ ڇا ڪن..... ڇا هو عمرڪوٽ ۾ رهي پون، يا ڪاڪ محل ڏانهن موٽن يا ميرپور ماٿيلي وڃن..... ناتر سيني ڪان وڏي هئي.... ڏن دولت جي وٽس ڪمي ڪانہ هئي.... هن ڪيترن ئي ڪي ڦريو ۽ لٽيو هو..... مومل وارو حصو بہ وٽس ئي رهيو هو..... عمرڪوٽ جتي مومل ۽ راڻو سڙي رک ٿي ويا هئا، اتي رهڻ هنن لاءِ دل آزاري هو. ڪاڪ ۽ ڪاڪ جي تہ سرزمين مان....جتي ڪيترا ڪونڌر ڪسجي ويا هئا، اتي.... اتي تہ رت جي بوءِ پئي لامارا ڏنا... ۽ ميرپور ماٿيلي، شاهي محل ۾ ڪهڙو نڪ ڪٽي بادشاهہ ۽ راڻيءَ جي سامهون ٿي ٿي سگهيا......

ناتر ۽ موڪيءَ ڪي اندر ۾ ورويڪ جا وڍ هئا ۽ هنن جا چهرا تہ ضمير جي ملامت سان داغدار هئا.... ساڳئي وقت بادشاهہ.... ۽ راڻيءَ جي دٻ ۽ خوف هنن ڪي ڏهڪائي ڇڏيو هو..... ناتر جهڙي شاطر ۽ طرحدار عورت.... دل من هٽي، عمرڪوٽ مان ڪوچ ڪري نامعلوم منزل ڏانهن ڪٽي منهن ڪيو.... هوءَ ڏينهن جو لڪندي ۽ رات جو ڇپندي وسنهہ ڪان پري پري ويرانن ۽ برپٽن ڪي اورانگهيندي پنهنجي ننهي ڏيئرن ۽ مال متاع سميت، ڏور ڏور اوپر طرف، "ڪونڪر" وٽ وڃي منزل انداز ٿي. هيءَ اها جوءِ هئي جتي هڪ پاسي تہ گهاٽو ٻيلو هو تہ ٻئي پاسي اڙانگو جبل ڳاٽ ڪنيو بيٺو هو. آدم ذات جو اتي نالو نيشان بہ ڪونہ هو. سيني ڪي اهو هنڌ پسند پيو، پوءِ تہ مڏيون ڪولي ۽ خيما ڪوڙي اتي آباد ٿيا.

محلن جا رهاڪو اڃي پٽن تي پيا، انسان...پر انسانن ڪي ڇا نٿو ڪيي. خانہ بدوش واري زندگيءَ مان هو بيزار ٿي پيا هئا. هنن مان هرهڪ هنرمند هو...تہ ساڳئي وقت شاهاڻين عادتن جا هيراڪ ٻڻ هئا. اجهي ۽ آرام جي هر ڪنهن جاندار ڪي ضرورت آهي. سو سيئي گڏجي اجهي ناهڻ ڪي لڳي ويا، گهرج آهر چڱو خاصو مڪان تيار ٿي ويو. مڪان جو تہ نالو هو. منجهس اجهي ۽ آرام لاءِ سڀ ڪجهہ موجود هو، کاڌ خوراڪ، ساز ۽ سرود، ڪلالڪي ڪوني، سرديءَ ۽ گرميءَ جي بچاءَ ڪان محفوظ ڪمرا، نرم نرم بسترا...، تہ نظاري لاءِ خوش نما

ڪئي. ناتر پاڻ تہ ڪنگال ٿي ويئي...پر قبيلي جي هرهڪ فرد کي سونو ڪري ڇڏيائين...انهيءَ رات کان پوءِ سڄو قبيلو موڪيءَ جي حڪم ۽ اشاري تي هلڻ لڳو...۽ ناتر...ناتر گوشي نشين ٿي ويهي رهي.

موڪيءَ جون هانٺي مصروفيتون وڌي ويون. هن پنهنجي ڪلالڪي ڪونيءَ کي سڌاريو سنواريو. خاص بنيون تيار ٿيون، منڌ جا مختلف مٽ ڀرجي ويا. چڪائڻ ۽ مچائڻ جا مختلف نسخا ايجاد ٿيا. سري جا سواد ۽ ذائقا ئي ڦري ويا...نوان ساز ۽ نوان نغما ايجاد ٿيا...بورچيخاني ۾ طرح طرح جا طعام تيار ٿيڻ لڳا...رقص ۽ راڳ ۾ تبديلي ٿي ويئي..گهر ۽ مڪان وارو ننڍڙو باغيچو...بُستان ۽ گلستان تي پهتو...اناجن جا گدام گڏ ٿي ويا...موڪيءَ جي مزاج...نزاڪت ۽ نفاست...ناتر جي مڪان کي...موڪيءَ جو محلات بنائي ڇڏيو... موڪي هانٺي پنهنجي محل جي سردار بہ هئي تہ ساڳئي وقت راڻيءَ جي بہ ڏک ٿي ڏنائين. ناتر، موڪيءَ جي ماءُ، پاڻ کي خوش نصيب سمجهڻ لڳي. هن پنهنجي اکين سان موڪيءَ جا سڀئي روپ ۽ رنگ ڏٺا. هوءَ دل ئي دل ۾ موڪيءَ کي دعائون ڪرڻ لڳي.

موڪي اصل کان ئي عجيب هئي، هوءَ اڪثر مردانو ويس ڪري ٻيلي ڏانهن اڪيلي شڪار ڪرڻ هلي ويندي هئي، هن جي ڪلهي تي هميشہ ڪشيل ڪمان ۽ هن جي ترڪش ۾ لاتعداد تير هوندا هئا. هوءَ پاڻ سان هڪ تيز ڀالو ۽ نيزو بہ کڻندي هئي. ۽ پوءِ جڏهن موٽندي هئي تہ هن جي گهوڙي تي هرڻ، ڦاڙهو يا ڪنهن شينهن يا چيتي جي کل يا تترن جو ڍير هن سان لٽڪيو ايندو هو. ڪنهن مهل تہ هوءَ جنسي جيئرا جانور بہ جهلي ايندي هئي، هن طرح طرح جا طوطا بہ ڦاسايا...موڪيءَ جي مڪان سان لاڳيتو چڙيا گهر بہ موجود ٿي ويو...قدرت انسان ذات کي ڪيڏيءَ نہ ذات سان نوازيو آهي...جي هرڪنهن کي آزادي هجي...جي هرڪنهن کي وجهہ ملي تہ هيءَ دنيا هوند هتي ئي جنت بنجي پوي. موڪي سچ پچ تہ پنهنجي قبيلي جي جنت ۽ جنت جي خالق هئي. قبيلي جو هر ماڻهو هن سان پيار ڪندو هو تہ هن کي عزت بہ ڏيندو هو.

موڪي هڪڙي ڏهاڙي دستور مطابق شڪار ڪارڻ ٻيلي ۾ گهڙي، اتي ڪيس هڪڙو هرڻ نظر آيو. ٻيلي ۾ اڄ اوندهہ هئي، آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا، فضا ۾ هوا جو غيرمعمولي شور هو. پر موڪيءَ، جو هرڻ کي ڏٺو، تہ ڪلهي تان ڪمان لاهي تير چاڙهي هرڻ جو نشانو ورتو، هوءَ بہ بهترين تيرانداز هئي. هن جو هرهڪ تير بي پير هوندو هو. تير وڃي هرڻ جي نڙگهٽ ۾ لڳو. نشان ڪاري هو.

هرڻ ڪرڻ تي هو تہ هرڻ تي ٻين تيرن جو وسڪارو ٿي ويو، اهي تير تہ موڪيءَ جا ڪين هئا، هن ڪي ٻاهہ وني ويئي. هوءَ سڄي ڪاوڙ وچان ڳاڙهي ٿي ويئي. هن سمجهيو تہ اڄ ٻيلي ۾ ڪو ٻيو بہ آهي. هڪ ٻيلي ۾ ٻہ شينهن ڪيئن ٿي سمائجي سگهيا! هن چوڌاري نهاري چڪاسيو پر ڪيس ڪجهہ بہ نظر نہ آيو. لاچار، بي ضبط ٿي، هن رڙ ڪئي. "اڄ هن منهنجي ٻيلي ۾ ڪنهن پير پاتو آهي. ڪنهن شڪار ٿيل هرڻ تي هلان ڪئي آهي...ڪير آهي اهو گستاخ، ڪير آهي...موڪيءَ جو گجڪار وارو آواز ٻيلي ۾ ٻُرڻ لڳو. چوڌاري خاموشي هئي، رڳو هوا وڻن ۾ سوسات ڪري رهي هئي، جڻ تہ موڪيءَ کي چيڙائي رهي هئي...ڪو هن تي چٿرون ڪري رهيو هو. موڪي غصي ۾ لالُ ٿي ويئي، تہ هن ويجهو تمام هلڪو کڙڪو ٻڌو. موڪي چيتي وانگر ٽپ ڏيئي گهوڙي تان لٿي...کُڙڪي واري پاسي نيزو سنڀاليندي، کڙڪو ڪري چيائين، "اڄئي ٿو منهنجو وار، هاڻي تون پاڻ کي بچائي نٿو سگهين." نيزو سرڙاٽ ڪري غائب ٿي ويو...تہ هڪ جوڌو جوان موڪيءَ جي سامهون نمودار ٿيو، هن جا ٻيئي هٿ مٿي هئا...هن موڪيءَ کي مرد سمجهي، چيو، "آءٌ سمون سردار آهيان...تون ڪير آهين؟..ڪير بہ هجين پر تون بيشڪ بهادر آهين...شينهن جو پٽ آهين...پر ايڏي لاابالائي ۽ الغرضائي چو...!" موڪيءَ تاڻيل ڀالو هيٺ ڪري حشمت سان چيو، "سما سردار...هن ملاقات جي مهرباني. آءٌ بہ گجر قبيلي جو سرواڻ آهيان" سمي سردار ٻانهون هيٺ ڪري ڪيڪار لاءِ ويجهو اچي هٿ ملايو. موڪيءَ سمي سردار ڏانهن نهاريو. سمي سردار جون اکيون موڪيءَ سان چار ٿيون. موڪي سردار جي اکين کي ڏسي دهلجي ويئي، هن جي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. بي خوديءَ وچان موڪيءَ جو هٿ سردار جي هٿ ڏانهن وڌيو... سمي سردار هٿ سان هٿ ملايو. موڪيءَ جي سڌ ٻڌ موڪيءَ کان موڪلائي رخصت ٿي ويئي...سمي سردار اک ڇنڀ ۾ هٿ جدا ڪري چيو، "اي گجر قبيلي جا سردار...تنهنجا هٿ تہ بخمل کان بہ وڌيڪ نرم آهن...انهن هٿن ۾ اهي ڀالا ۽ تير تہ ڪونہ ٿا سونهن!" موڪي، جنهن سالن کان، ڪنهن ڏاڙهي مرد جو، پاڇولو بہ ڪونہ ڏٺو هو، سا پنهنجي سامهون خوبرو سردار کي ڏسي، اصلي اپسرا واري روپ ۾، موٽي، قدري شرمائجي ويئي، ۽ شرمائجي بہ ائين ويئي جيئن شرم ٻوٽي ڪنهن شرير ڇوڪري جي هٿ لائڻ سان ڪومائجي ويندي آهي. حُسن ۽ حيا، موڪيءَ جي خوبصورتيءَ ۾ خبر ناهي الائي ڪيترو اضافو آندو. موڪيءَ کي جواب ڏيڻ وسري ويو. ڄڻ هوءَ ٻوڙي ۽ گُنگي هئي، هن

جي خاموشيءَ ۾ بہ ڪي هزارين حروف هئا، هوڏانهن سمون سردار بہ مانَ ۾ هو، اينتري ۾ سمي سردار جا پيا ست يار بہ اچي سهڙيا. رنگ ۾ ڀنگ پئجي ويو. موڪيءَ کي ويساهي ۽ وٺي ملي ويئي، هن پاڻ کي سنڀاليندي، سڀني کي سلام ڪيو ۽ پوءِ لغام ڇڪيندي لانگ ورائي، گهوڙي تي چڙهي، هُن سڀني مانجهين کي مهمانيءَ جي دعوت ڏني. سمون سردار ۽ ان جا ست يار...انئي جٽا، موڪيءَ جي مڪان تي پهتا. انهيءَ رات...، انهيءَ رات، موڪيءَ جي مڪان جي بات ئي ڪا اور ٿي پيئي. مهمانن جو آذرياءُ قبيلي جي هر فرد ائين ڪيو، جيئن جڻ اهي مهمان هنن جا ڪي پير مرشد هئا، هرڪنهن نمي ۽ نوڙي ڪورنش ڪئي. مهمان خاني ۾ عطر ۽ عنبير جون اگربتيون ٻاريون ويون. طعام ۽ قيام جو اهتمام ٿيو، ميخاني ۾ متن جا منهن کلي پيا، سونگل صراحين ۾ سرو اوتي، وٽيون وارڻ لڳي، انئي يار مئي پياڪ هئا. پر موڪيءَ جي ميخاني جي منڊ جو ذائقو ئي ٻيو هو. سري جون سرڪيون پيتائون...ڇڪا ڇڪيائون تہ ڪيف ۽ خمار سان ڪڪورجي ويا، هرهڪ جي هيناءَ تان حجاب جا پردا ڪجي ويا، حجاب پاسيرو ٿيو تہ حجتون ٿيڻ لڳيون. جڻ ڪي ورهين جا وچڙيل جگري دوست مليا هجن، جڻ ڪي رنل يار وري پرتا هجن، موڪيءَ جي قبيلي ۽ انن يارن جي ٽوليءَ ۾ ڪو فرق، ويڇو يا گمان ڪين بچيو. مهمانن ۾ بہ سمان، بہ سومرا، بہ چنا ۽ بہ چوهاڻ هئا. هو سڀئي سورهيہ، هو سڀئي هوڙه هئا، جيڏانهن نڪرندا هئا تہ رڻ ٻاري ڇڏيندا هئا. سمي سردار جو نالو "متارو" هو، انهيءَ ڪري سڄي ٽوليءَ کي "متارا" سڏيندا هئا. متارا جنهن پاسي منهن ڪندا هئا تہ راڄ، ڳوٺ ۽ شهر سندن ڌهڪاءُ کان خالي ٿي ويندا هئا. هو اڪثر ڦرلٽ ڪندا، ڌن دولت سميٽيندا، اچين ڪڇين هڪڙي هنڌان ٿي ٻئي پاسي وڃي نڪرندا هئا....پر اهي متارا... موڪيءَ جي مڪان ۾ گنگي گانءِ وانگر گگدام ٿيو وينا هئا...

ميخاني واري محفل متل هئي تہ موڪيءَ، سقوران جي ٽوليءَ کي ڳائڻ لاءِ اشارو ڪيو، ٽوليءَ جي راڳ، مجلس ۾ رونق پيدا ڪري ڇڏي. هرهڪ جهومڻ لڳو...راڳ ڊرو ٿيو تہ سونگل نچڻ شروع ڪيو...سونگل جي ناچ، ناچ جي آواز ۽ آواز جي سرتار تہ ساڳئي وقت سري جي وٽين جي وارو وار...سڀني ميخوارن کي مخمور ۽ مدهوش ڪري ڇڏيو. اهو سارو وقت موڪي سمي سردار کي ڏسندي رهي. موڪي سوچيندي رهي، موڪيءَ جي دل موڪيءَ کي ۽ موڪي دل کي سمجهائيندي رهي...هوڏانهن سمي سردار جي حالت بہ ساڳي هئي...

بانهيءَ ۽ نوڪرياڻيءَ جي لاوارث ڌيءُ آهين...حيف آهي تنهنجي حقيقت تي. لعنت آهي تنهنجي زندگيءُ تي...ڪوهان ڪوهہ دنيا کان پري...برپٽن ۾ مڪان ناهي...لئيءَ مان لٺ پيچي سردار ٿي آهين...لعنت آهي تنهنجي وجود تي...سمي سردار جي شادي ٿيل هجي تہ...هن جي شادي ٿيل هوندي تہ زهر کائي مري ويندس...قربان ٿي ويندس...عشق ۽ محبت ۾ اها قرباني تڇ آهي....

آڌي رات لڙي چڪي هئي، متارن جي مهمانيءَ جو ٻيو دؤر شروع ٿيو، مزمانن کي سري ۾ سوڪ ٿيل گوشت پيش ڪيو ويو...راڳ جي ٻي محفل شروع ٿي ويئي...مجلس ۾ هڪ ٻي جان بہ هئي جيڪا پريشان ۽ سرگردان هئي. اها هئي موکيءَ جي جيجل ماءُ، ناتر...ناتر بظاهر تہ شريڪ محفل هئي...ناتر جيڪا تيرنهن تالي هئي، ناتر جيڪا شاطر هئي، اها ناتر جنهن ڪاڪ ۾ ڪيس ڪيا...اها ناتر جنهن دنيا جون لاهيون چاڙهيون ڏٺيون هيون....تنهن سمي سردار کي پنهنجي جگر جي ٽڪري تي پنهنجي ئي گهر ۾ ڏاڙو هڻندي ڏٺو...ڏاڙو هڻندي کين ڏٺو پر ان کي چوريءَ ڪندي سڱ سوڌو پڪڙيو هو. قبيلي وارا موکيءَ کي نياڳي ڪري سمجهندا هئا...پر ناتر موکيءَ کي چوکي ۽ سياڳي ڪري ڪونيندي هئي. موکي نہ جمي ها تہ ناتر جو مانُ هڪ ٽڪي جو بہ نہ هجي ها. ناتر جون ست پيڙهيون محلن ۾ چاڻيندي ٻهاريندي ختم ٿيون هيون.

ناتر موکيءَ کي هڪڙي ڏاڙيل جي پنيان ڪيئن ٿي لڳائي سگهي...موکيءَ جيئن سمي سردار ڏانهن پئي نهاريو تيئن ناتر جڪ پئي کاڌا...پر ڇا ڪري...قبيلي جي رواج مطابق گهر آيل مهمان جي هوءَ ڪيئن بي عزتي ڪري، تنهن کان سواءِ هو "متارو" ڏاڙيلن جو سردار هو. ڏاڙيلن سان هٿ اٽڪائڻ ڪا اڪ جي ماکي کانہ هئي...ڏاڙيل ناتر جي آنڊن ۾ هٿ وڌا هئا. ناتر بکايل شينهڻ وانگر چنتي ٿي پيئي هئي. هن جي مرضي هئي تہ...متاري کي چيري ڦاڙي ڪچو کائي وجان. ناتر جيتوڻيڪ هن وقت پوڙهي هئي، پر موکيءَ کي، پنهنجيءَ ڌيءُ کي غلط رستي تي هلندو ڏسي، هن کي مومل ياد آئي. مومل کي ياد ڪندي ئي ناتر جا لڱ ڪانڊارجي ويا...پر موکيءَ کي مرداني لباس ۾ ڏسي هن کي وڏو آٿت آيو. ناتر پاڻ کي سمجهائڻ لڳي. "موکي، موکي تہ منهنجي ڌيءُ آهي. ناتر جي ڌيءُ پاڻ کي ڪيئن بوهي ۾ وجهندي. موکي جنهن پنهنجي ماءُ، جيڪا ناتر آهي ناتر، ناتر سان گڏجي هن بيشمار شهزورن کي شهہ ڏئي مات ڪري ڇڏيو هو، سا ڪيئن ٿي پاڻ پنهنجي پيرن تي ڪهاڙي هڻي...! نہ نہ ...مون کي يقين آهي تہ

اهي متارا موکيءَ جي وار کان پاڻ کي بچائي ڪين سگهندا...بيوقوف...جتي نوڳي هجن، اتي لوپي بک نه مرن. ڳوهه کي کتي کٽندي آهي ته شڪارين جا گهر ڳوليندي آهي.... مون کي پڪ آهي هو شڪار ٿي ويندا. متارا ٿا سڏائين پاڻ کي. موکي، تو ته پهرينءَ رات ۾ پهرينءَ ئي ملاقات ۾ متارن کان سموري دولت ڦري ورتي. وڏا آيا آهن نذرانو پيش ڪرڻ! هيءَ ته اجان پهرين تکي آهي، بي به ڏيندو الله...ناٿر دل ئي دل ۾ انسنا ڪري پاڻ کي پرڀايو...۽ پرچايو.

رات جو ٽيو پهر ختم ٿيڻ تي هو، محفل جو بيو دؤر ٿورو سرد ٿيڻ تي هو ته موکيءَ متاري ڏانهن منهن ڪري چيو، "سمان سردار، هاڻي مجلس جو ٽيون ۽ وڌيڪ دلچسپ دؤر شروع ٿيندو."

"واهه...واهه...موج ٿي ويئي. توهان جي ذوق ۽ شوق جي ڪهڙي ساراهه ڪجي، ههڙا بندوبست ته محلن ۾ ٿيندا آهن. سوچيان پيو...توهان جا هي احسان ڪيئن لاهي سگهنداسين. دل ٿي چوي ته هيءَ رات ۽ هي رنگينيون سدائين رهن...تاقيامت رهن..." متاري جون اکيون ڪلال جي ڪيف سان ڪڪورجي ويون هيون. هن جون اکيون تاندن وانگر چمڪي رهيون هيون..اوچتو موکيءَ جي ڪڪڙن دس هنيا...

سمون سردار ٽپ ڏيئي اٿيو، سردار اٿيو ته هن جا ساٿي به سنوان ٿي اٿيا، سردار چيو، "دوستو، مهرباني...هاڻي موڪلاڻي ڪانهي، اسان جي اسهڻ جو وقت ٿي ويو آهي. اجازت ڏيو ته جوڳي رمندا رهن." موکيءَ چيو "جيڪي وجان وجان ڪن سي رهي رهندا ڪيترو...پر...مهرباني ڪري هڪ به ساعت ترسو...جيڪر ويهو...ته محفل جو آخري جام آڻيون."

"اوهان جي هجت اسان لاءِ حڪم جي برابر آهي، پر ميڙو متل چڙجي...اسين هاڻي هڪ پلڪ به وڌيڪ ترسي نٿا سگهون." ائين چئي متارا ميدان خالي ڪري مکان کان ٻاهر نڪتا.

موکي اجان به مرداني لباس ۾ هئي، موکي به خاص حلقي سان متارن کي الوداع ڪرڻ لاءِ آئي...چوڻ لڳي، "سردار ٻيرو نه ٻججو. موکيءَ جي مڪان کي نه وسارجو. وري ڪڏهن ديدار ٿيندا...؟ واعدو ڪريو...وري ڪڏهن ايندا."

سردار تعجب مان وراڻيو، "سردار...موکيءَ جو مڪان وري ڪهڙي بلا آهي."

"هيءَ غريب خانو! نہ نہ هي تہ گجر سردار جو دولت خانو آهي. ڪيئن سچ آهي نہ؟ پر سردار اها موکي ڪير آهي؟"

فضا ٻنل هئي، آسمان ستارن سان جڙيل هو، موکي متاري جي سوال جو ڪهڙو جواب ڏئي. آسمان تي پوئين پهر جي اچ وڃڻ لڳي. متارن جا گهوڙا سنجيا هڻڪارون ڪري رهيا هئا، موکيءَ متاري ڏانهن نهاري ڪنڌ جهڪائي چيو "سردار...موکي اسان مان ئي آهي پر...پر وري چا...سردار چا اسان کي ايترو بہ پڇڻ جو حق ڪونهي...موکي منجهندي منجهندي جواب ڏنو. سردار...اوهان کي شايد...اوهان کي اندازو ئي ڪونهي.... توهان جو...نہ نہ معزز مُهمان جو اسان تي...ڪيڏو حق آهي." ...واقعي ....واقعي سرڪار...ائين چئي انئي يار گهوڙن تي سوار ٿيا، موکيءَ وڏي وجهي متاري واري گهوڙي جي واڳ کي جهليو ۽ پڇيو... "اي سردار، ڀلا اوهين، وري ڪڏهين منهن ڏيکاريندا ...اي... دوست... اوهين ڪٿي ٿا رهو؟

متاري لغام کي تاڻيندي ٿهڪ ڏيندي...چيو.. "معزز ميزبان...ميلو ۽ ملاقات قسمت جي اختيار آهي. مصلحت انهيءَ ۾ آهي تہ اوهين وڌيڪ اتاولا نہ ٿيو. اسين رهون ڪٿي ٿا، هينئر ۽ هن وقت تہ تنهنجي اڳيان بيٺا آهيون. اسان جي دنيا ئي نياري آهي. اسين ڪٿي بہ ڪونہ ٿا رهون، جوڳين جي ڪا جوءِ ٿيندي آهي؟ اچ هتي تہ سڀاڻي هُتي..." ائين چئي، متاري گهوڙي کي اڙي هنئي، تہ انن جوانن جي انن، گهوڙن، جي "ڪڙيٽ ڪريٽ" جو آواز يڪساهي آسمان ڏانهن بلند ٿيو...زمين دهلجي ويئي. موکيءَ سرد آهہ ڀري، اُتي ئي مٽي تان مولهاڻو لاهي زمين تي ڦٽو ڪري وٺي مڪان ڏانهن دوڙ پاتي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ دروازو بند ڪري ڦان ٿي ڪري پئي.

رات ڪٽي، باک ڦٽي، پرڀات موڪلايو ۽ صبح صادق ظاهر ٿيو...رات جي تات قبيلي جي سڀني انسانن کي ٿڪائي ڇڏيو هو، سڀئي...نشي ۽ خمار ۾ سرشار هئا. جيڪو جتي هو سو اتي ئي ڍهي...سمهي رهيو. موکيءَ جي مڪان تي چپ چپات جو قبضو هو، سورج شاخون ڪڍيون. آسپاس جي ڪائنات، ڪر موڙي سجاڳ ٿي، ڏينهن جو هڪڙو پهر چڙهيو ۽ ٻيو پهر لٿو. پر مڪان جا اوجاڳيل انسان اجان موڳا ٿيل هئا. سچ پچ تہ ننڊوري ننڊ موت جي ڀيڻ آهي. سڀني کان پهريائين ناتر سجاڳ ٿي. سجاڳ ٿيڻ سان ئي ناتر کي نامعلوم ڊپ ۽ خوف وڪوڙي ويو. هن کي اهو انديشو ٿيو تہ متان متارا، ڪٿ موکيءَ کي وري

موتي ڪٽي نه ويا هجن. ناٿر چوڪيدار وانگر مڪان جا چڪر هنيا. هر ڪا شيءِ پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي موجود هئي، سڀڪجهه ٺيڪ ٺاڪ هو. پر موڪيءَ جي ڪوٺيءَ جو دروازو بند هو. ناٿر وڏي دروازي تي زور لاتو. موڪيءَ جي ڪمري جو دروازو ڪو اندران بند هو. ناٿر دروازي جي ڪڙي ڪي پهرين هوريان ۽ پوءِ ڏاڍي کڙڪايو. هن موڪيءَ کي سڏ ڪيا، ناٿر کي ڪوبه جواب نه مليو، البت گهر جا سڀئي ڀاتي اکيون مهٽي اٿيا ۽ انهن مان ڦري گهري ڪيترائي ناٿر وٽ آيا ۽ منجهيل منجهيل ڏسي، ڪائنس سوالن تي سوال ڪرڻ لڳا. دروازي تي وري زور آزمائي ڪئي ويئي. نتيجو ڪجهه به ڪين نڪتو. نيٺ هڪڙي ڄڻي ڇت جي دريءَ مان ٽپو ڏيئي اندران وڃي دروازو کوليو.

موڪي اندر موجود هئي. پر هن جو ابتر حال هو، هوءَ بيهوش هئي، هن جا وار ڇڙوڇڙ هئا. هن جي جسم تي پيل زنانو جامون ليڙون ليڙون ٿيل هو. هنڌ بسترو ڇا جو؟ هوءَ اونڌيءَ منجهيءَ تي ابتي ليٽيل هئي، ناٿر...ديوانن وانگر "موڪي، موڪي، موڪي" ڪري روئڻ ۽ پٽڻ لڳي. هڪڙي ڄڻي موڪيءَ کي سبتو ڪري مٿس چادر وڌي، ٻئي ڪنهن هن جي هٿن پيرن جون تريون مهٽيون، قبيلي جي ڏاهي ويج، موڪيءَ جي نبض ڏني...عطر گلاب جو ڦوهڙ جلايو ويو. چميگويون شروع ٿي ويون. هرڪنهن پنهنجو خيال ظاهر ڪيو ڇي، "موڪيءَ تي پرين جو سايو پيو آهي. موڪيءَ کي ڪو صدمو رسيو آهي. موڪيءَ سان ڪنهن دوهه ڪيو آهي. نه نه هن کي حساب ٿيو آهي، منارن موڪيءَ سان ڪريب ڪيو آهي. ڏنپ ڏيوس نه هوش ۽ سرت م اچي." مطلب ته جيترا منهن اوترييون ڳالهيون... ناٿر بيزار ٿيندي، سڀني کي دڙڪا ڏيئي، ٻاهر هڪالي ڪڍيو. باقي وڃي ويج ۽ ناٿر بچيا. ناٿر ويج جي پيرن تي ڪري پئي ۽ چوڻ لڳي....مهرباني ڪري مون کي جلدي ٻڌاءِ ته منهنجي لاڏليءَ سان ڪهڙي ماجرا آهي! هن کي ڇا ٿي ويو آهي...ناٿر موڪيءَ جي وات م ماکيءَ جا قطرا وڌا ۽ پٽ تي ليٽي پيٽي دانهون ڪري دعائون گهرڻ لڳي، ته ويج ناٿر کي چيو، "ڏس ڏس، موڪيءَ اکيون کوليون آهن. خدا جو شڪر آهي، موڪياٽي مهندار زنده آهي. موڪيءَ برابر اکيون کوليون هيون. ناٿر موڪيءَ جي مٿي تي هٿ ڦيرائيندي چيو، "منهنجي منڙي توکي ڇا ٿي ويو آهي؟ توسان ههڙو ڪلور ڪنهن ڪيو آهي؟ منهنجي موڪي مون کي معاف ڪر...رات منهنجيءَ دل توکي بد دعا ڏني هئي. آءٌ پنهنجي ڪاري زبان وڍي

اچلائي ٿي چڏيان. منهنجي ٻچڙي، مون کي معاف ڪر....آءٌ تنهنجي ماءُ آهيان.
مون سان دل جو حال اور، چو ٿي وهلور وجين."

موڪيءَ اکيون تہ کولبون هيون، هوءَ هوش ۾ تہ آئي هئي، مگر پنهنجي ماءُ ڏانهن اهڙيءَ خالي خالي نگاهہ سان نهاري رهي هئي، ڄڻ هوءَ ڪجهہ ياد ڪري رهي هئي. هن جي چهري تي ڪوبہ خوشيءَ ۽ رنج جو احساس ڪونہ هو. شايد هوءَ بيمار هئي، شايد هوءَ ٿڪل هئي، شايد هن کي ڪجهہ بہ ڪين ٿيو هو...ناتر کي اطمينان ٿيو. ٿوري عرصي کان پوءِ موڪي پاسو ورائي، سامهون پٽ ڏانهن گهورڻ لڳي، ماٿس ويجهو آيس تہ کيس ڏسي، مشڪي. ڪٽي اکيون پوريائين. ناتر کي هاٿي خاطري ٿي تہ موڪي هاڻي خطري کان ٻاهر آهي. اينري ۾ موڪي اکيون پوري سمهي رهي...رات جو ناتر بہ ساڳئي ڪمري ۾ ستي.

ٻئي ڏينهن تي موڪي معمول مطابق اٿي ويئي ۽ ڪجهہ کائڻ پيئڻ لاءِ گهريائين، چئن پنجن ڏينهن کان پوءِ موڪي بلڪل تندرست ٿي ويئي، ڄڻ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ هو. هوءَ پنهنجي قبيلي جي ڪمن ڪارين ۾ مصروف رهڻ لڳي. فرق رڳو اهو ٿيو، جو شروعات ۾ هو اڳئين وانگر مردانو لباس ڍڪي ٻاهر نڪري ويندي هئي. ۽ دير سان موٽندي هئي، يا ماڳهين پنهنجو زنانو وڳو ڍڪي، اڪيلي اڪيلي ويڳاڻي ويهي ڳائيندي هئي. هن جي ڳائڻ ۾ سوز هو...هن جي اکين ۾ ڪنهن جو انتظار هو. ناتر پنهنجيءَ پر ۾ موڪيءَ کي وندرائڻ ۽ خوش رکڻ جا ڏاڍا جتن ڪيا، پر خبر ناهي موڪيءَ کي ڇا ٿي ويو هو. جلدي قبيلي جي هرڪنهن ماڻهوءَ کي خبر پئجي ويئي تہ موڪيءَ کي "مناري" جي جهوريءَ ئي جهوريو آهي، هن جي حالت ڏسي سڀني جي دلين ۾ همدردي پيدا ٿي، سڀئي منارن کي ڳولڻ لڳا. ۽ خبر ناهي هو منارن لاءِ ڪيڏو دربدر ٿيا. پر خبر ناهي منارا ڪيڏانهن هليا ويا هئا، ڪٿي ٿي رهيا، ۽ ڇا ٿي ڪيائون...هوڏانهن موڪي هر روز مناري جي اوسيئڙي ۽ انتظار ۾ وڌيڪ پريشان ۽ سرگردان رهڻ لڳي. موڪيءَ کي ناتر باربار سمجهايو ۽ سيڪاريو. پر موڪيءَ کي انهن هدايتن جي ڪهڙي ضرورت هئي! وقت گذرڻ سان زخم پرجي ويندا آهن. دنياداريءَ جا واقعا، حادثا...۽ حقيقتون پنهنجو وجود مٽائي غائب ٿي ويندا آهن. پر موڪيءَ ۽ ناتر جنهن هزارن ۽ بيشمار ماڻهن کي پڙهايو ۽ سيکاريو هو، سي اڄ پاڻ پڇائيندا رهيون ۽ ڳوليندي ٿي رهيون. هفتا، مهينا ۽ سال گذري ويا. موڪي روز رات جو...انهيءَ رات کي ياد ڪري ڳوڙها

ڳاڙيندي ۽ هنجون هاريندي هئي.

موکي مايوس ٿي، نااُميد ٿي وري بہ آسري ۽ اعتبار جي خوش فهمين ۾ مبتلا ٿي ويندي هئي. هن نئين سر وري پنهنجي مڪان کي وڏيڪ سڌاريو ۽ سنواريو. راڳ ۽ رقص جون محفلون...ميخاني جا مٽ...سوز ۽ ساز جا نغما...موکيءَ جي مڪان ۾ وڏو انقلاب آيو...پر موکيءَ جي اندر جي آنڌ مانڌ...هن جون معمولي خواهشون ۽ هن جون معصوم حسرتون...موکي محروميءَ جو اهڙو مدفن ۽ اهڙو مرڪز بنجي پيئي جنهن کي جڻ ڪنهن عابد زاهد ۽ پارسا سئو سالن جي عبادت ڪئي هجي ۽ حقيقي معبود جي پرستش جي ذوق ۾ هزارين سجدا ڏنا هجن. رضا تي راضي، صابر ۽ شاڪر.... موکيءَ جو مان وڌي ويو.

پر ناتر...هن دنيا جي ناتر، ناتر پنهنجي ڌيءَ کي ڏسي پاڻ کي هيچ ۽ ذليل سمجهڻ لڳي، هن جي ڌيءَ...هن جي نہ رهي هئي. ناتر کان اهو سڀڪجهہ ڪيئن ٿي برداشت ٿي سگهيو...پر هوءَ هڪ ماءُ ٿِي... ڪري، ڪري بہ ڇا ٿي سگهي...وقت گذرندو رهيو. ماضي بہ ناتر کي نمائي ۽ بدلائي نہ سگهيو، هوءَ ناتر...اڃا بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ سوچي ويچاري ۽ رٿي رهي هئي. ڪي سال گذري ويا...موکي زمين ڏانهن نهاريندي هئي تہ ناتر آسمان کي تڪيندي هئي. نيٺ هڪ رات، هڪ رات موکيءَ جي مڪان تي متارا اچي وارد ٿيا.

متارا ڇا آيا. موکيءَ جي مڪان جو نقشو ئي ڦري ويو، محفل جو بندوبست ٿيو، راڳ ۽ رقص جي مجلس شروع ٿي، ميخاني جا مٽ...جام ۽ صراحيون ۽ پيمانا ٽڪرجڻ لڳا....موکي پنهنجي اصلي عورت واري روپ ۾ هار سينگار ڪري اچي متاري جي اڳيان ويني، موکيءَ جي چهري تي ازلي حسن جلوي نما هو...متارو...اهو نظارو ڏسي...حيران ٿي ويو...هو خوابن جي دنيا ۾ هليو ويو، جيئن موسيٰ طور جي تجليءَ جو تاب نہ سهي سگهيو هو، تيئن...متارو بہ هوش و حواس وڃائي ويٺو، موکيءَ راز و نياز سان ڳالهيون ڪري، ڪيس سهارو ڏنو...ڪڪون جو دؤر شروع ٿيو، راڳ ۽ رقص پنهنجو رنگ ڄمايو...اڄوڪي رات، گجر قبيلي جو هرهڪ انسان بي انتها خوش هو. ۽ متارا، جيڪي موکيءَ جي نئين روپ سان متعارف ٿيا هئا...۽ سندن سردار متارو ۽ موکيءَ جو مڪان... شايد بهشت برين جو بهترين حصو زمين تي نازل ٿيو هو. ..موکيءَ ۾ اڄ ڪائنات جو سارو سحر ۽ قدرت جي سموري سونهن سوپيا، نزاڪت ۽ نفاست سمايل هئي، اڄوڪي محفل جا نغما ۽ ساز...بي خوديءَ جو جادو ۽ طلسم

هئا... موکي ۽ مناري پريءَ محفل ۾ ظاهر ظهور کي فيصلا ڪري ورتا... نگاهن نگاهن ۾ دلين جا سودا ٿيا. سري جي وٿين ۽ وٿين جي وار ڦير... عقل ۽ خرد کي رخصت ڏيئي دنيادارن ڏانهن روانو ڪيو. هرهڪ انساني جذبات کان بي نياز ٿي ويو هو. محفل جو لحظو لحظو ۽ هرهڪ ساعت... هرڪنهن کي، نئين ۽ نرالي آگاهيءَ سان روشناس ٿي ڪرايو. هرهڪ فرد... ان وقت... ازل جو رازدان هو. گمان ۽ شڪ جا انديشا... سچ ۽ حق جا پيغامبر بنجي آيا. حاضرين وجود جا فاصلا ختم ڪري عالم امڪان جي منزل تي پهتا. وقت ۽ زمانو، زماني جي رفتار ۽ دنيا جي گردش حيرت ۾ گرفتار ٿي، انسانن جو مشاهدو ڪرڻ لڳي. هستيءَ ۽ هئڻ جي حقيقت بي معنيٰ ٿي ويئي... شايد... شايد... گجر قبيلي ۽ منارن جي هيءَ گڏيل مجلس خواب و خيال هئي.

رات جو ٽيون پهر پورو ٿيڻ وارو هو. ناتر منارن وٽ... ناتر... مهمانن وٽ، هڪ بلوري صراحي ۽ شيشي جا ساغر کڻي آئي. هن پري پري، منارن کي پُر پيالا پيش ڪيا. جنهن جام تي چاڙهيو تنهن هڪڙي ڳيت تي ڏني...۽ وري ٻئي جام جي ٿي تقاضا ڪئي... جيئن جيئن منارن تي نشا چڙهيا... تيئن تيئن... هو سرور ۽ ڪيف ۾ ٿي ڪڪوريا. سازن جا نغما پوري عروج تي هئا. تہ موکيءَ ناتر کي چيو "امان هڪڙو پيالو مون کي بہ ڏي تہ پنهنجي هٿن سان مناري کي پياريان. پيالو موکي جي هٿن ۾ آيو پيالي واري منڊ چلڪي رهي هئي... تہ منارو گهبرائجي ڪري پيو. موکي پيالي واري چسڪي پاڻ چاڙهي مناري جو لڙڪيل ڪنڌ پنهنجي جوڙ تي رکي ۽ هوا هٽي هوشيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ ناتر پوئتي هٽي، وري اڳتي وڌي... مناري... جا ٻيا دوست بہ ونجي ويا... هرهڪ بولاٽي کائي جو جتي هو سو تتي وٽ ڪائيندي ڪري پيو... موکي... ناتر ڏانهن نهاريو.... ناتر سيني کي قاتل زهر پياريو هو. موکي ڏائڻ وانگر... نانگڻ وانگر... سرڪندي موکيءَ وٽ آئي... ميزبانن جو خمار ۽ ڪڪوهہ جي ڪڪور اکين اڳيان ٿيل حادثي ڪري... ڪافور ٿي ويا... خوشي ۽ شادمانو... ماتم سراءِ ٿي ويو. هر ڪنهن کي ڏندين آڱريون اچي ويون... موکيءَ بہ گهبرائجي... پيچ تاب کائيندي... مناري جي لاش کي چهٽندي، بيوسيءَ جي عالم ۾ "امان، امان.... منارا... منارا...۽ امان امان جو آخري آواز ڪڍيو....

ناتر موکيءَ جي ويجهو اچي ساڳئي قاتل زهر واري صراحي پنهنجي وات ۾ ليٽائي... موکي... منهنجي منڙي موکي... ترس تہ آءٌ توسان گڏ هلان ٿي... ناتر

# گلو باشا

گلو بادشاهه ڪو وڏو ماڻهو ڪونه هو، هو هڪ رواجي ۽ پوڙهو پٽيوالو هو. پر ٻين عام رواجي پٽيوالن کان هو بلڪل نرالو هو. هن جو اصل نالو ته گل محمد هو پر ماڻهو هن کي گلڻ، گلو، يا گلو باشا ڪري سڏيندا هئا. ڪير به سڏ ڪندو هوس ته زور سان چوندو هو "حاضر سائين، اجهو آيو." ۽ پوءِ هو ادب سان سراپا سوال بڻجي اچي سامهون بيهندو هو. ڪم رڳو ٻڌايوس، ٻڌي سمجهي ۽ پوءِ گولي ٿي ويندو هو. ٽٽائڻ، لهرائڻ يا دير ڪرڻ ته هو سکيو ئي ڪونه هو. ڪوبه ڪم نه نڪري سگهي، هو زور ڪري پاڻهي ئي پاڻهي اچي همراهي ڪندو هو. پارٽي، محفل ۽ مجلس ڪا ٿيندي هئي ته سڄو بار پنهنجي ڪلهن تي کڻندو هو. حاضر جواب ۽ چرچائي به ڏاڍو هو. هو جتي به هوندو هو اتي منڊلي مچايو ويٺو هوندو. واندڪائيءَ ۾ وٽس چار ماڻهو ويٺائي ويٺا هوندا هئا. پوءِ ڪڏهين وٽس چانهن جو دؤر ته ڪڏهن وري تاڏل جي گهوٽ گهوٽان، ته ساڳئي وقت يڪتاري ۽ دلي سان ڪن تي هٿ رکي 'الوڙي ميان' چئي بيتن، واين ۽ ڪافين جي ڏم لڳائي ڇڏيندو هو. پور پوندو هوس ته پنهنجا بيت ۽ پنهنجون ڪافيون ناهي پوءِ هر ڪنهن کي زوريءَ پيو ٻڌائيندو هو. هو ڪو سنو شاعر ته ڪونه هو ۽ نڪي وري ڪو آواز ئي منو هوس، پر هو جنهن جوش ۽ جذبي وچان ڳائي مست ٿي ويندو هو، سو جيڪو به ٻڌندو هو سو به مست ٿي ويندو هو.

ڪابه موڪل ٿيندي هئي ته گلو شهر ڇڏي ڀرارڙيءَ ڏانهن هليو ويندو هو. هو گهڻو ڪري پنهنجي ڳوٺ ڏانهن ئي ويندو هو يا ڪنهن يار دوست وٽان ٿي، موٽندو هو. هو موٽندو هو ته اتان ڪانه ڪا موسم جي شيءِ ڪٽي اچي ورهائيندو هو. ڪڏهن هو ٻير آڻيندو هو ته ڪڏهن هو مڪائيءَ جا سنگ، ڪڻڪ جا آپون، ليسوڙا، گيدوڙا، چيڙ، گدرا، چانهيون، ونگا، پيرون ۽ ڪنيون ۽ انب آڻيندو هو. مطلب ته گلو ٻاهر وڃي ۽ خالي هٿين موٽي اچي، سا ڳالهه هن لاءِ جڻ ته اڻ ٿيڻي هئي. تنهنڪري گلو جڏهن به موڪل تي ويندو هو، ته ڪيترائي هن جي موٽڻ جو انتظار ڪندا هئا.

گلوءَ جو انتظار رڳو وڏا ڪونہ ڪندا هئا، پر هو جتي جتي رهندو هو يا نلهو ويهندو هو، تہ اتي جا ننڍڙا ٻار تہ هن لاءِ جنسي چريا هوندا هئا. هن کي پري کان ڏسي خوشيءَ وچان چوندا هئا، "گلو باشا اچي پيو، گلو باشا اچي ويو." ۽ پوءِ تاڙيون وڄائي، هن جو استقبال ڪندا هئا. گلو بہ ٻارن نان اور گهور پيو ٿيندو هو. اول تہ گلوءَ وٽ جيڪي بہ ٻار ايندا هئا سي هوندا هئا غريبن جا ٻار، تنهنڪري اهي اڪثر اڌ اگهاڙا ۽ ميرا گدلا هوندا هئا. گلو پنهنجي پٽڪي جي پلاند سان هنن مان ڪن جا نڪ ۽ منهن صاف ڪندو هو. ۽ اڪثر هنن کي ڪتمنا، پکڙا يا ڪاڇا ونې ڏيندو هو، تہ ڪن کي ڪڇ تي کڻي گهمائيندو هو يا ڪلهي تي ويهاري عجيب غريب ٻوليون ڪري وندرائيندو ۽ کلائيندو هو. ڪي اهڙا بہ ٻار هوندا هئا جي گلوءَ کي 'بابا بابا' ڪري وٽس سمهي رهندا هئا ۽ پوءِ ٻارن جا مائٽ پريشان ٿي، ڳولي ڳولي، گلوءَ وٽ پهچندا هئا، تہ وري ڪي عورتون ٻارن جون مائرون بہ پنهنجي ننڍڙن جي آر ڪري گلوءَ جو آڌرڀاءُ ڪنديون هيون. قدرت جي اها بي رحمي هئي، جو گلوءَ جي زال جوانيءَ ۾ مري ويئي ۽ هن کي پنهنجو ڪوبہ اولاد ڪونہ هو ۽ نڪي وري ڪي ٻيا ويجها مٽ مائٽ هئس، پر گلوءَ ان جو ڪڏهن بہ ڪو ارمان ظاهر ڪونہ ڪيو. هو زندگيءَ جون ڏکيون ڪوسيون سهي پڪو ٿي ويو هو. گلوءَ هر هنڌ پنهنجا يار دوست اينترا تہ پيدا ڪري ڇڏيا هئا، جو هن کي اڪيلائي تہ محسوس ئي ڪانہ ٿيندي هئي.

شل نہ گلوءَ جو ڪو دوست ۽ واقفڪار، بيمار ٿئي. بيمار کان وڌيڪ سک گلوءَ جو ڦٽي پوندو هو. بيمار جي ٽهل ٽڪور دوا درمل کان ويندي ڪاڌي پيتي تائين بندوبست ڪرڻ جڻ گلوءَ جو فرض هوندو هو. راتيون جاڳي پيرن پر ويٺو هوندو هو. گلوءَ جا دوست ڪي امير ماڻهو ڪونہ هوندا هئا، اهي هن جهڙائي غريب هوندا هئا. ٻاهران ڪو سندس مهمان اچي سهي، هو ان جي پنهنجي حال سارو ڏاڍي آجيان ڪندو هو. هٿ جو بہ ڇوٽ هو. ضرورت وقت ٻين کي سؤ يا پنجاهہ اڌارا بہ ڏيئي ڇڏيندو هو. هو اڌارا تہ ڏيئي ڇڏيندو هو پر هو هيڪر ڏئي پوءِ ٻچاريندو بہ ڪين هو. ظاهر آهي تہ هن دؤر ۾ جتي گُهرجائو گهٽا آهن اتي ڪيترائي گلوءَ جا قرضي هئا. گلوءَ جا دوست چوندا هئا تہ گلوءَ جا ڪيترائي پئسا ڏسنا وائسنا ماڻهو بہ کائي ويا آهن، پر گلو پاڻ، جي اهڙي ڳالهہ نڪرندي بہ هئي، تہ چوندو هو تہ "ادا منهنجا آهن حق حلال جا پئسا ۽ مايا آهي هٿ جو مير، جيڪو ٻين جي آئيءَ ويل ۾ مدد نٿو ڪري سو سچ پچ تہ انسان ناهي. هوندي تي

هونگار آهي. جن وٽ هوندا آهن سي تہ مون کي گهر وڃي پهچائي ويندا آهن، باقي جن وٽ ڪجهہ هوندو ئي ڪونہ تن تي ڪهڙي ميار؟"

گلو ڳالهين جو ڳهير هو، تہ ساڳئي وقت ڪچهريءَ جو بہ ڪوڏيو هوندو هو. چرچي پوڳ ۾ ڳجهارتن ۾ تہ ڪنهن کي وٽ ڪونہ ڏيندو هو. جتي گلو هوندو هو، اتي محفل متل هوندي هئي. الله سائينءَ جتني هڪ غريب گلوءَ کي ايڏين خوبين سان نوازيو هو، اتي قدرت جي ستم ظريفي چئبي، جو گلوءَ ۾ هڪ وڏو عيب پڻ موجود هو. هونءَ تہ هرڪو انسان عيبن هاٿو آهي پر ساڳئي وقت تہ انسان جي قدر ۾ قيمت جو ڪاٿو بہ ڪير ڪري؟ گلو تہ سارو سون هو، منجهس جي عيب هو تہ صورت جو- جائي جم ڪان هن جو مٿيون چپ ٻن هنڌان چيريل هو. انهن چيرن مان هن جا وڏا وڏا ڏند پڌرا پيا ڏسبا هئا. هن جي شڪل هيڪر تہ ڊيڄاريندڙ پئي لڳندي هئي. بس انهيءَ عيب ڪان سواءِ هن جو ٻيو سڄو سارو جسم عام انسانن جهڙو ئي هو. سهڻا تہ توهہ بہ پيا آهن. ظاهري سهڻي صورت ۾ تہ شيطان بہ آسانيءَ سان روپ سروپ جي چادر اوڍي فرشتو ٿيو پيو هلندو آهي. اهڙي سونهن ۾ صورت ڪان گلو بنهہ وانجهيل هو. پر هو سيرت جو اهڙو ئي تونگر هو. هو هر هنڌ ماڻهن جي وچ ۾ ويهڻ وارو هو. هن جو هر هنڌ آڌر ڀاءُ ٿيندو هو. البت دنيا ۾ پنج ئي آڱريون برابر ڪينهن. ڪي ڪي نيچ ۾ بيوقوف انسان هن کي 'چپو چپو' بہ ڪري ڪوٺيندا هئا. چپو چوڻ واري کي بہ گلو ڪلي، ڪونہ ڪو نهہ پهہ جواب ڏيئي، هن جي مرلي بند ڪري ڇڏيندو هو. ڪيڏيءَ مهل ڪي گستاخ دوست گلوءَ جي قميص پنيان ناچني يا ڪانٽي سان ڪپڙي جي ريڙ اٽڪائي، پچ ٺاهي، تماشو ڪندا هئا. پر جڏهن گلوءَ کي اها خبر پوندي هئي تہ هو ڪلي ڪنهن نہ ڪنهن ڏانهن نهاري ميچ ڏيئي چوندو هو. "اک ۾ آهين اک ۾" ۾ پوءِ تہ گلوءَ جي بدران ڪو ٻيو تماشو ٿي پوندو هو.

هڪڙي دفعي جو واقعو آهي. اونهاري جي موسم هئي. رات جو ڪچهري متل هئي تہ مجلس ۾ هڪَ نام ڪنئي شيديءَ کي، ڪٽي ٿي ڪتي، جو اڇي گلوءَ سان چرچن ۾ دوبدو ٿيو. واري وٽي شروع ٿي ويئي. تئي ڪان بہ بنهہ ڪارو، نڪ منو ۾ ڊول بلاڙو ٿيندي، گلوءَ کي وٽ ئي نہ ڏي. ڪافي وقت گذري ويو. ڪلي ڪلي سيئي ڪيرا ٿي پيا. گلو بہ هرون پرون ڪو ويل ڪين هو: رکي رکي اهڙي ٿي هنيائين، جو سوناري جا سؤ ڏڪ ۾ بس لوهار جو هڪڙو ئي گنج. شيديءَ کي ڪٽي ٿي ڪتي سو ڪيائين گلوءَ جي چپن تي چرچو. انهيءَ تي گلوءَ وراڻيس، "ڏاڏا، آءٌ

تہ پنھنجي قوم ۾ رڳو ھڪڙو اتفاق سان ڪريل نڪتس پر تنھنجو تہ سڄو سارو نسل، جو ٻُوٽ سڄايو ۽ منھن تي رنگ ھنيو پيو ھلي...." پوءِ تہ ٺھڪڙن جا ھوڪرا پئجي ويا. سڀئي ڪل ۾ ونجي ويا ۽ ھو شيدي پاڻ بہ ڪل ۾ ٻڏي ويو ۽ جڏھن سامت ۾ آيو تڏھن ھٿ ٻڌي چوڻ لڳو. "گلو باشا. گلو باشا. بيشڪ تون استاد آھين."

ھڪڙي ڏينھن گلوءَ کي آفيس مان ھڪ ليٽر مليو. اھو ليٽر سول سرجن کي ڏيڪاري، گلوءَ کي فٽنيس جو سرٽيفڪيٽ ونڻو ھو. گلوءَ کي جڏھن اھا خبر پئي تڏھن چوڻ لڳو آءٌ ماڳھين نوڪري ڇڏيان. اھڙي نوڪري گھوري جا سٽڻ لھرائي. گھڻي سمجھائڻ کان پوءِ نيٺ ھمراھہ دل ٻڌي وڃي ڊاڪٽر جي اڳيان پيش پيو. ۽ ٻئي ڏينھن تي فٽنيس جو سرٽيفڪيٽ وٺي آيو. ھو سرٽيفڪيٽ تہ وٺي آيو پر گلوءَ جا دوست گلوءَ کي ورائي ويا. آخر ھن پيرائتي ڳالھہ ڪري ٻڌائي: چيائين، "ڊاڪٽر مون کي برابر چيو ھو تہ اندر ھل، مون چيو مانس سائين معاف ڪريو. مون کي اتي ئي ڏسو. پر جڏھن مون کي چيائين تہ جلدي ڪر ڪپڙا لاھہ تڏھن ھٿ ٻڌي چيو مانس سائين آءٌ غريب ڪليتري جي ڪرسي تي ڪونہ وھندس. آءٌ تہ پٽيوالو آھيان. عمر ۾ تنھنجي پيءُ جيڏو ھوندس. پيءُ جيڏي سان اھڙي جٺ توکي ڪيئن ٿي جڳائي، پوءِ تہ ڊاڪٽر کلي پيو، ۽ چيائين بيشڪ مڙس مانجھي ٿو ڏسجين!" سو گلو فٽنيس جو سرٽيفڪيٽ اعتبار ڪريو نہ ڪريو وٺي ائين آيو.

تڏو گھڙو پاڻ کي ڇانوَ ۾ رڪائيندو آھي. گلو ھونءَ ھو تہ، دودسنو جٺ، پر ھن جھڙو ايماندار ۽ فرض شناس ماڻھو ڳوليو نہ لڀندو. آفيس ۾ نائڪ جي جاءِ خالي ٿي تہ صاحب گھرايس ۽ پڇيائينس "گلو، نائڪي ڪندين؟" "جيڪا سائينءَ جن جي مرضي!" گلوءَ جواب ڏنو، پر وري اتي جو اتي چيائين، "سائين آءٌ جتي آھيان اتي نيڪ آھيان. باقي رھيو ڪم سو ھڪل ڪري ڏس." "گلو، تون ھاڻي پوڙھو ٿي ويو آھين." صاحب ھمدرديءَ وچان چيو. "ھائو سائين سڀڪا ڳالھہ وھيءَ ۽ عمر سان آھي. اڄ بہ ڪنھن سان ملھہ جي جوڙي ڪرائي ڏسو." خبر ناھي صاحب کي ڪھڙو ريچڪ آيو سو پٽ تي ٽنگيل گھڙيال ڏانھن اشارو ڪري پڇيائين، "گلو ھينئر گھڻا لڳا آھن." "سائين ھينئر تہ سيئي لڳي ويا آھن." "سو وري ڪيئن" صاحب وري پڇيس. "سائين اھو ھيئن آھي، جو آءٌ تہ رڳو سال ڳڻي سگھندو آھيان. حقيقت اھا آھي تہ وقت کي اڄ ڏينھن تائين ڪوبہ ڏسي نہ سگھيو آھي. فيشن خاطر ھرڪو ڪٽيو بانھن ۾ واچ ٻڌي. آءٌ تہ پٽيوالو آھيان. مون

ڪي وقت جي ڪھڙي ضرورت!" خبر ناهي صاحب ڪيترو وقت، گلوءَ جا گفتا ٻڌندو رهيو، پر پڇاڙيءَ ۾ صاحب ڪيس ٻڌايو تہ "گلو ايندڙ مهيني کان توکي نائڪ جو پگهار ملندو."

چئن پنجن ڏينهن کان دستور جي برعڪس گلو پريشان پريشان نظر اچڻ لڳو. پڇڻ تي گلوءَ ٿڌو شوڪارو ڀري ٻڌايو، "سائين، منهنجو هڪڙو پاڙيسري دوست بيمار آهي. بيماري سيماري تہ هر ڪنهن کي ٿئي ٿي. هن کي بہ مهينا ٿي ويا آهن. کٽ تي سمهي سمهي ڳري ڪنڊا ٿي ويو آهي. هاڻي تہ ڪاڏو بہ ڪائي نٿو سگهي. غريب جو ڪوبہ اوهي واهي ڪونهي. مزوري ڪندو هو. جيڪا ميڙي چونڊي هيس سا تہ ڪڏهوڪو خلاص ٿي وئي اٿس. بروقت تہ مون کي خبر ئي ڪانہ پئي. ۽ هاڻي تہ ڪيترن ئي ڊاڪٽرن جون دوائون پياريو اٿمانس پر ڪو فرق ئي ڪونهي. توبهہ توبهہ، خدا جا ڳجهہ خدا پاڻ ڄاڻي. ويچارو عذابن ۾ آهي. مون کان تہ هاڻي ڏنو بہ نٿو ٿئي. آءٌ تہ منجهي پيو آهيان. سائين اوهان کي ڪو سنو ڊاڪٽر سجهي؟ ثواب نيندوَ. مون تہ پنهنجي وسان گهٽايو ڪونهي...." "گلو، ڀلا فلاڻو ڊاڪٽر ٻڌو اٿئي؟" "هائو سائين، هائو، انهيءَ بہ ڏهہ ڏينهن دوا ڏني. يارنهين ڏينهن چيائين تہ "گلو هاڻي تنهنجي دوست کي دوا جي نہ پر دعا جي ضرورت آهي! سو سائينءَ جن کي ٿو ٻڌايان تہ پاڙي جي سڀني معصومن کي ڪارايو اٿم، فقيرن کي خيرات بہ ڏني اٿم. سچي ساڃَئي ڊاڪٽر ٻي صلاح بہ ڏني هئي تہ هن کي سول اسپتال ۾ داخل ڪرايان. هو بہ غريب ۽ آءٌ بہ مڙس مولائي. ڇا ڪريان. هتي گهر ۾ آهي تہ ڳالهہ سولي آهي. اسپتال ۾ ويندو تہ اڪين کان پري هليو ويندو. خير آءٌ تہ روز رات جو نماز پڙهي هن لاءِ دعا گهرندو آهيان. هو دانا بينا آهي ضرور ٻڌندو، هو ضرور ڏسندو."

اڄ جمعي جو ڏينهن هو. گلو نوان ڪپڙا پائي ٺاٺ ٿي آيو هو. اجا اڌ ڪلاڪ ئي ڪونہ گذريو هوندو، جو گلو مون کان موڪل وٺڻ آيو. مون چرچو ڪندي ڪانئس پڇيو هو، "گلو ڪنهن سان انجامي آهين ڇا؟" مرڪي ٻڌائڻ لڳو، "سائين، اُهو زمانو ۽ اهڙو دؤر تہ گذري ويو." هاڻي تہ رات جو روز ذڪر ڪندو آهيان." سائين آءٌ وڃان ٿو، او، هُن ڳوٺ واري حڪيم وٽ. لاثاني طبيب آهي. نہ رڳو ايترو پر هو نهايت پرهيزگار ۽ خداپرست پهتل درويش پڻ آهي. انهيءَ کان هن ويچاري مڙهي، پاڙيسريءَ لاءِ دوا وٺندس- سائين مهرباني ڪري موڪل ڏيو، متان

گاڏي ڇنتي نہ وڃي. سائين پري ڪونہ ٿو وڃان، تن ڇئن ڪلاڪن ۾ موٽي ايندس."

انهيءَ رات دستور موجب آءٌ پنهنجي گهر ستو پيو هوس، تہ ڪمهلو دروازي کي ڪنهن زور زور سان کڙڪايو. اکيون مهٽي اٿي دروازو کوليم. سامهون هڪ شخص زاروقطار روئي رهيو هو. هو گلوءَ جو دوست هو. آءٌ دهلجي ويس. نيٺ دل جهلي پڇيو مانس، "هيڏيءَ مهل ۾ هتي! خير تہ آهي، روئين ڇو ٿو؟" منهنجو ايترو چوڻ هو، هو وڏيون وڏيون اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو ۽ پوءِ جڏهين ڪجهہ ڍرو ٿيو تہ سڏڪا ڀريندي چيائين:.... سائين گلو باشا، گلو باشا.... ڳاڙهو گهوٽ ٿيو وينو آهي.... هلو تہ هلي هار پايونس.... توهان کي سڏي پيو..... سائين گلوءَ اسان کان موڪلايو بہ ڪونہ...... سائين گلو.... گلو مري ويو آهي...."

منهنجي پيرن هيٺان ڄڻ زمين کسڪي وئي. صبح جو تہ هو مون کان موڪلائي ڳوٺ ويو هو. جي "پاڙيسري حڪيم کان دوا آڻيندس." گلوءَ جي شڪل بار بار منهنجي اکين اڳيان ڦرڻ لڳي. مون جيئن گهران اٿي در کوليو هو، تيئن ئي هن دوست سان گلوءَ جي گهر ڏانهن ويس. غريبن جي محلي ۾ گلوءَ جي ڪوٺڙيءَ اڳيان غريبن جو انبوهہ گڏ ٿيل هو، هر ڪنهن جون اکيون آليون هيون، ننڍا وڏا، زالين مڙسين سڀئي روئي رهيا هئا. آءٌ دير سان پهتو هوس. تنهنڪري پڇاڙيءَ جو ڪانئس موڪلائي بہ ڪين سگهيس. گلو پنهنجي بيمار پاڙيسريءَ لاءِ ڳوٺ جي حڪيم کان دوا وٺڻ ويو هو. پاڙو بہ پنهنجي ڪيسي مان ڪڍيو هئائين. گلو غلطيءَ وچان ميل گاڏيءَ ۾ چڙهيو هو. اها اسٽيشن ننڍي هئي. اها ميل گاڏي اتي بيهڻي ڪانہ هئي. انهيءَ ڏينهن نيرن بہ ڪانہ ڪئي هئائين. چيو هئائين تہ "اڇهو ٿو بي گاڏيءَ ۾ موٽي اچان." خير، گلوءَ جا ڪي ڏينهن پورا ٿي آيا هئا. هو جيئن هلندڙ ميل گاڏيءَ مان ڳوٺ واريءَ اسٽيشن تي لٿو، تيئن خبر ناهي ڪيئن ان جي هيٺان اچي بلڪل قيمون ٿي ويو. اتفاق سان هن جي منهن وارو چيريل ڇپن وارو حصو بچي پيو هو، نہ تہ هوند هو سڃاڻپ بہ ڪين سگهجي ها.

•

# برٻٽ ۾ بهشت

اسين ٽيئي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي کان واپس حيدرآباد موٽي رهيا هئاسين. موٽر دوست جي هئي. هن ڊرائيور کي ڏاڍيون پارتون ڪيون. ڊرائيور مشڪندي چيو، "سائين رکو الله تي.... موٽر نئين ۽ نيڪ ناڪ آهي، ٽانڪي پريل آهي، دعا ڪجو.

دراصل وڃڻ انهيءَ ڪري ٿيو هو، جو هڪ دل گهرئي دوست دعوت ڏني هئي. هن دوست پنهنجي دستوري مهمان نوازيءَ جا حق بجا آندا. ڪاڏو پيتو. وندر، ڪچهريون، راڳ روپ.... پر اسين ٽيئي شهر جا ماڻهو، پوئتي جي چڪ ۽ دنيا داريءَ جا ڪم ڪار، لاچار ٽي راتيون مزا ڪري. چوٿين ڏينهن دوست کان موڪلائي، وري اچڻ جو واعدو ڪري، ڪيس خدا حافظ چئي، اچي موٽر ۾ ويناسين.

هو وڏي پروسي سان اچي اسٽيئرنگ تي وينو ۽ الله توهار ڪري گاڏي هلائڻ شروع ڪيائين. هو اڳيان اڪليو هو ۽ اسين ٽيئي دوست، اڪبر، اختر ۽ آءٌ پنيان هئاسين. اختر وچ ۾ هو. ۽ آءٌ ۽ اڪبر پاسن کان هئاسون. اختر تہ ڪتابن جو ڪيڙو آهي، سو ڪتاب کولي پڙهڻ لڳو. اڪبر آرٽسٽ جو ٿيو، سو درياءَ کان بهراڙيءَ جي نظام ڏسڻ ۾ غرق هو ۽ آءٌ... خالي ذهن، پاڻ کي بي چين محسوس ڪرڻ لڳس.... چيٽ جي موسم هئي. ٿوري گرم هوا، ويران ۽ جابلو علائقو....موٽر واقعي تيز هلي رهي هئي.

اڪبر پنئين پاسي واري شيشي مان پنتي نهاري رهيو هو. اختر کان رهيو نہ ٿيو. هن چيو تہ "اڪبر ڇاکي پيو تڪين."

اڪبر سڌو ٿيندي ۽ اکيون پوريندي چيو، "هن برٻٽ ۾ اهو ٻيرن وارو جهڳٽو، خيبان چانولي ۾ بَرين ٻڪرين جو ولر ۽ پريان جبلن جي قطار ۽ مٿان صاف نيرو نيرو آسمان ....

فلسفاني انداز ۾ اختر چيو، " واه واه.... قدرت ڪيڏي نہ فياض آهي، برپٽن ۾ بہ منگل لڳا پيا آهن. رڳو ڏسڻ لاءِ اکيون هجن ..." موٽر الائجي ڀيٺي

ٻڌاءِ!" "سائين الله ۾ آسرو آهي. توهين ٻيلي هلو. موٽر تيار ڪري اوهان کي اطلاع ڪندس." شام جو پويون پهر هو، سج لهڻ ۾ اجان ڪجهہ دير هئي. پر ڏينهن لڙي ٿڌو ٿي چڪو هو. پنهون اسان کي ٻنيءَ جي وچان ونيءَ پئي هليو. ٻاجهر ۽ اُبس جي هڪ وٽندڙ خوشبوءِ اسان کي وڪوڙي ويئي ۽ اڳيان پنهون چپ چاپ هلندو پئي ويو، تہ ڪي پکي ٻڙڪو کائي اڏامي ويا. اڪبر پڇيو، "پنهون، اهي ڪهڙا پکي هئا؟" پنهونءَ فقط اينتري ورندي ڏني "اهي ٻاتيپڙ آهن. ٻاجهر جو ٻور پڪو ٿيڻ تي آهي ۽ اهي اُنَ جا ويري آهن."

ٻني پوري ٿي تہ سامهون هڪ نار ۽ ان جي ڀرسان ڇاپراٽون چنو نظر آيو. ڇني جي مٿان ست گلي ۽ توريءَ جي ول جهنجهيل هئي. ڀريان هڪ ڪشادو باغ. ترتيب وارا ڇپر جا زمردي پارا. پنهونءَ سڌو ڇني ڏانهن رخ ڪيو. ويجهو پهتاسين، تہ ڪچي پٽ تي ڇٽڪار جي واس اسان جو آڌرياءُ ڪيو. اسين اتي پيل کٽن تي ويناسين مس، تہ سامهون هڪ پيرمرد ايندي نظر آيو. هو باغ واري پاسي کان نڪتو هو. ڀريان، تمام ڀريان، شايد کو ڳونڙو هو. نار ۾ ڍڳو ٻڌل هو، جيڪو اسان کان لاپرواهہ پئي ڦريو. کوهہ جي شفاف پاڻيءَ جي هلڪي ڳڙڳڙاهٽ جو ڇمڪار، ڍڳي جي ڳچيءَ جي چڙي جو منو آواز، ۽ هڪ پاسي نسريل ٻاجهري ۽ سامهون طلسمي باغن جي ٿڌي صاف ۽ پاڪيزه فضا... اسين ٿيئي ڪنهن هوش رٻا سرزمين جي طلسمي دنيا ۾ جڻ سراپجي ۽ منڊجي ويا هئاسين. سجُ دور اولهہ پاسي ٿامٽي ٿاڌڻ جو ويس ڍڪي ڪنهن فنڪار وانگر افق ۾ گلاب جي ورڪا ڪري رهيو. شفق جي سرخ لالاڻ زمين کي جڻ ميندي‌ءَ رتڙو ڪري رهي هئي. تہ هو پير مرد، پريو مڙس، السلام عليڪم چئي اسان ڏانهن ويجهو آيو. هن جي ميري ٽڪن واري ٽوپي هن جي هنن ۾ هئي. منجهس ڪا شيءِ هئي. ڀرسان اچڻ تي اسان ڏٺو تہ هن جي صحت مند چهري تي زماني ۽ وقت جا هلڪا نشان... ليڪا ۽ گهنج.... هن کي بگاڙڻ جي بدران بزرگي عطا ڪري رهيا هئا. هن جي اکين ۾ ازلي نور جي چمڪ هئي.گوڏ ٻڌل. موڪري ۽ اگهاڙي ڇاتي، مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جا وڪريل وار، اجاريل چانديءَ جي تارن وانگر چمڪي رهيا هئا- هن ٽڪن واريءَ ٽوپي مان اسان کي ٽانگر جي گلن جي مٺ مٺ ڏني، تنهن کان پوءِ جلدي وري هڪ گلاب جو گل ڏنائين. ٽانگر جي خوشبوءِ سان ڇنو واسجي ويو. گلاب جا گل تہ هر ڪنهن ڏٺا آهن. پر اهڙن رنگن جا گلاب" ڪارو، وانگڻائي ۽ رتول ڳاڙهو" .... اسين حيران ٿي وياسين. هو هيٺ منجيءَ تي ويهي پڇڻ لڳو، "جيءُ سائين، خير جون خبرون چارون ڏيو!" "جيءُ" اختر چيو. "هن رستي جي ڇيڙي تان نڪتاسين، ويا هئاسين رئيس وٽ، حيدرآباد پئي موٽياسين تہ موٽر خراب ٿي

# ايڏو عظيم.....!؟

چوندا آهن جيل جي دنيا ئي نرالي آهي. هوندي نه پوءِ ڇا؟ "ڇو ۽ ڇا" جا اکر نه انسان کي ازل کان عطا ٿيل آهن..... پر وري جيل جا سپاهي، ننڍو عملو، وڏا آفيسر، تن جي کهڙي واکاڻ ڪجي....! ضرور نرالا ئي هوندا...... هن جيل ۾ اٽڪل ٽن هزارن کان مٿي قيدي هوندا. قيدي بہ تہ انسان آهن، جيڪي جيل ۾ رهن ٿا. اهي انسان سڀئي گنهگار آهن. ضرور ڪو انڌو اٻتو ڪم ڪيو هوندائون. واقعي سڀ مجرم آهن ۽ ڏوهاري آهن. چوندا آهن "سيد سپاهي غضب الاهي" پر جيل جو سپاهي، تنهن جو اندازو رڳو هڪ قيديءَ کي ئي نصيب آهي، ٻيا اڇا اجرا انسان سڀئي انهيءَ حقيقت کان محروم آهن. آءٌ تہ سچ پچ هڪ قيدي آهيان- اهو قيدي، جو هڪ وڏي الزام هيٺ اندر آيو آهيان. وڏو گنهگار آهيان. پر هن دنيا ۾ ڪهڙو اهڙو انسان آهي، جو گنهگار نہ آهي. ڪير آهي جو پاڻ کي سَٺي جَٺي ٿو سمجهي! گناهہ ۽ ثواب تہ مسئلا آهن پرهيزگارن جا- ڇڏي ٿا ڏيون اِن ڳالهہ کي.

مون کي ڦري لٽي فقير ڪري هڪڙين خالي اندر اماڻي ڇڏيائون. پر جڏهن منهنجو ساٿي ۽ دوست ساڳيءَ تهمت ۽ ساڳئي ڏوهہ ۾ اندر آيو تہ وڏي مان شان سان اندر آيو. صوبيدار صاحب ۽ هو اڳيان اڳيان گڏ پاڻ ۾ ۽- پريان سپاهي- پهرين تہ سمجهيم تہ اهي سڀ گهمڻ آيا آهن، پر مون کي تہ اڳئي ٻڌايو ويو هو تہ يعني منهنجي دوست جا بہ وارنٽ هئا، سو اُن کي پاڻ سان ڏسي خوش بہ ٿيس. صوبيدار مرڪي چيو تہ "هاڻي تہ جوڙي ٿي. مزي سان گذرندي." واهہ واهہ! مزي سان گذرندي جيل ۾! دل ۾ چيم.

صوبيدار صاحب ڏاڍل واڻل پيئي معلوم ٿيو. هو وجهہ ملندي ئي اسان وٽ ايندو هو ۽ دلداريون ڏيندو هو. فرمائش تي بسڪوٽ، سگريٽ، ڪپڙا لٽا گهرائي پيو ڏيندو هو. شڪل جو سانورو، قد جو ڊگهو بت ۾ پريل ۽ چهرو پروقار، صوبيدار واريءَ وردي ۾ ۽ مٿان ڳالهائڻ ۾ منڙو منڙو، بس جيءَ ۾ جايون ڏجنس. اسين سندس اچڻ جو انتظار ڪندا هئاسين ۽ دل ئي دل ۾ سندس ساراهہ ڪندا هئاسين. اسين چوندا هئاسين واقعي هو صوبيدار ۽ سو بہ جيل جو صوبيدار، تہ

جيل ۾ وڏي جٺ ٿيندي آهي ٻيڙين يا سگريٽ پيئندڙن کي. ٻيڙين سگريٽن جي اجازت آهي پر ماچيس تي بندش. پوءِ شل نہ موالين جون ٻيڙيون کٽن يا ماچيس کٽي. جيل ۾ ماچيس لڪ چوريءَ ۽ رشوت تي ايندو آهي. جبڪو غريب هوندو بس تنهن جو الله واهي. هڪ ڏينهن اهو صوبيدار صبح جو سويلو آيو. آءٌ نلڪي تي وهنجي رهيو هوس. هن مون واري دوست سان پاسي تي پئي ڳالهايو نہ واردن، دروازن بند ڪرڻ وارو قيدي، مون وٽ آيو. چي "توهان جي سامان رکڻ وارو پلاسٽڪ جو ڇبو ڏيو. توهان جو سامان آيو آهي." مون خوش ٿيندي ڇبو هو، "اندر کوليءَ ۾ پيو اٿئي. سامان لاهي کٽي وڃ." آءٌ وهنجي موٽيس نہ صوبيدار صاحب وڃي چڪو هو. آءٌ ڪپڙا پائي، سگريٽ دکائي، مزي سان پسار ڪرڻ لڳس. نيٺ ٿڪجي کوليءَ اندر آيس. سامان ڪنڌ ۾ ٽڙيل پکڙيل پيو هو. ڪلاڪ اڌ گذري چڪو هو. نيٺ پنهنجي ساٿيءَ کان پڇيم، "يائو، مون وارو ٿيلهو؟- ڇا ڳالهہ آهي؟ نڪي وري ڪو نئون سامان ئي اجان پهتو آهي." هو مون وارو دوست ٿورو مرڪيو ۽ پوءِ چيائين تہ، "ادا تو وارو ٿيلهو. ٿيلهو ڪنهن صاحب کي وٽي ويو هو سو سمجهہ- تہ بس ڇٽو." منهنجي جسم تي جڻ وڄ ڪري پئي. نيٺ هوش آيم تڏهين سوچيم: 'ٿيلهي جي کهڙي راس هئي، اهو پلاسٽڪ جو ٿيلهو قيمت ڪيتري هئس، بس رڳو پندرنهن روپيا. منهنجي زال شوق ڪري لاهور مان گهرايو هو. هن هڪ ڏينهن بہ هٿ ۾ ڪين ڪنيو هو. بيوقوف ڪٿي جي، سامان وجهي موڪليو هئائين. خبر ناهي ڇا سمجهيو هئائين. شايد اهوئي سمجهيو هئائين تہ آءٌ جيل ۾ نہ پر ڪنهن سير سفر تي اسهيو هوس. آءٌ پاڻ ئي پاڻ کي پرپائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس، تہ اوچتو منهنجي پرسان هڪ وڏو ڏماڪو ٿيو. منهنجون اکيون خودبخود پورجي ويون. آهستي آهستي سامهون صوبيدار صاحب جي عظيم سراپا ڏسڻ ۾ آئي. فرق رڳو ايترو هو، جو هن جا اکيان بہ ڏند ڇپن وٽان ٻاهر سونڊ وانگر لڙڪي رهيا هئا. هن جي لونڊڙين وٽان سنگ نڪتل هئا. هن جون ٻانهون هيٺ پرسندس هٿن جي آڱرين جا وڏا وڏا ننهن زمين کي ڇهي رهيا هئا! مون چتائي ڏٺو تہ هن جي وات جي واڇن مان رت وهي رهيو هو. اتي هن بہ مون کي سڃاتو، پر ڳالهائڻ جي بدران هو ٻڌا ٻڌا ٺهڪ ڏيڻ لڳو...... ها ها.... هي هي..... هو هو..... ها ها!

•

ڪنهن جوهريءَ ڪو ٽڙڪندڙ هيرن جوهار چٽ هينان گولائيءَ ۾ پاٿاري چڙيو هو. چر- ر- چر- چين- چين جو آواز رڪي رڪي ڪوليءَ ۾ گونجڻ لڳو. سڏ ۽ پڙاڏي وارو قصو هو. خبر نہ آهي تہ هو قيدين کي خوش ڪرڻ لاءِ نعمر سرائي ڪري رهيا هئا يا ماڳهين ڪنهن تارن واري ساز کي ڪنهن معصوم اوچتو ئي اوچتو هلڪو ڏڪ هڻي لوڏي ۽ لرزش ۾ آڻي ڇڏيو هو. عجيب وايومنڊل هو. فضا دم جهلي گهتجي رهي هئي. چار ئي قيدي ابابيلن کي ڏسندا ئي رهيا.

ڪا مهل گذري ويئي. ابابيل ڪوليءَ ۾ چڪر لڳائي رهيا هئا ۽ چار ئي قيدي ڪين ڏسندا رهيا تہ پهرين قيديءَ چيو، "اي ابابيلو! ابابيلو توهان فرعون جهڙي ظالم بادشاهہ کي شڪست ڏني هئي قرآن شريف ۾ بہ توهان جو ذڪر آهي. توهين پکي ڀلي ڀار جا ساٿي رهيا آهيو. مرحبا ڀلي آيا- جيءُ آيا، اسان جي لاءِ ڪهڙو پيغام آندو اٿوَ. توهين سڀاڳا آهيو. اجهو اسان جي آزاديءَ جو پروانو ڪي پهتو. شل اسين چارئي ڇٽي وڃون...ڇٽي آزاد ٿي وڃون-آمين آمين."

ٻئي قيديءَ چيو، "نوجوان نلهو سڪٽين دعائن مان ڪجهہ ڪين ورندو توکي، توهين آزاد ائين سولائيءَ سان ٿي نہ سگهندا. آزادي دعائن سان ڪنهن بہ بني بشر کي اڄ ڏينهن تائين نڪا ملي آهي نڪا ملندي. ڏس هيءُ. اهي ابابيل سڀئي گڏ آهن. گڏ آهن هڪ آهن. بابلا ڪٿيءَ جي مجني کي ڪڏهن ڪجهہ حاصل ٿيو آهي. پهريائين سڀئي گڏجي هڪ تہ ٿيو. توهان جون ڪيتريون جماعتون آهن- چو؟ بس، رڳو عهدن، پئسن خرچڻ ۽ اخبارن ۾ نلها بيان ڇپيا ڇپايو ۽ پوءِ پاڻ ۾ ئي وڙهي هڪ ٻئي جو خانو خراب ڪيو.... آزاديءَ جا پروانہ ٿيو. پنهنجا پراوا سڃاڻو ۽ پوءِ آزاديءَ ۽ وطن ٻئي اوهان جا آهن. پوءِ دنيا جون نعمتون ازخود اوهانکي عطا ٿينديون وينديون."

"بس، بس هاڻ اهو واعظ بند ڪر." ٽئي قيديءَ چيو، "هتي نہ پبلڪ جلسو آهي نڪو وري ڪا اسٽيج آهي. موقع پرست اقتدار لاءِ رڳو پيا واجهہ وجهو. توهان مطلب پرست سياستدانن تہ عام ماڻهن کي ڏوڪو ۽ فريب ڏنو آهي. مڪار، توهان ڇا ڪيو آهي. ۲۵- ۲٦ سال گذري ويا آهن. آهي ڪا اسان جي فقط هڪڙي منظم ۽ سياسي جماعت. چو. چو. ڏنا اٿئون توهان جا سياستدان. ڪٿي کي ٽڪريور ڏيو تہ پڇ لٽڪائيندو. اڄ توهان مان ڪيترا انهيءَ ٽڪر پور ڪري ڪرسيون والاريو وينا آهن. بي شرم ۽ بي حيا-" ٽئي قيديءَ جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون هيون. انهن مان بي انتها ڪاوڙ ڪروڌ ۽ نفرت جو اظهار پئي

ٿيو. هو اتي ويهي ٻئي نمبر قيديءَ ڏانهن گهورڻ لڳو. ٻيو نمبر قيدي ماٺ ٿي ويو.

پلڪ بہ ڪين گذريو تہ قيديءَ نمبر ٽئي پاٺمرادو ڪلي ڏنو ۽ ڪلندي چوڻ لڳو، "پائو معاف ڪجانءِ. دل ۾ مٺان ڪرين. آءٌ نهايت جذباتي آهيان. مصور جو ٽيس. موڊ ئي خراب ڪري ڇڏيئہ. ڏس ڏس ڪهڙا نہ سهڻا آهن اهي ابابيل. سندن سفيد سينا ڪيئن نہ پيا جرڪن. قدرت سندن ڪهڙو نہ خوبصورت جسم ٺاهيو آهي. ۽ ٻيءَ ڪين آزاد فضا ۾ آسمان جي وسعتن ۾ آزاد اڏامڻ جي اجازت بہ ڏيئي ڇڏي آهي"... ۽ ...اِهي......"

چارئي قيدي خبر ناهي ڪڏهوڪو اتي ويهي رهيا هئا. سڀني ڳالهايو هو. پر چوٿون پيرسن قيدي خاموش سڀني کي ٻڌندو بہ رهيو تہ هرهر ڪنڌ ڪٽي هن اڏامندڙ ابابيلن کي پئي ڏٺو- هن چيو. "يارو، ڳالهيون تہ ڪافي ٿي چڪيون. ڳالهين سان ڳوٺ ڪين ٻڌبا. ڪو قياس ڪريو. هيءُ نوجوان شاگرد خون جي ڪوڙي ڪيس ۾ چار سال جيل ڪاٽي چڪو آهي. هيءُ دوست غيرمنظم سياسي پارٽيءَ جي ليڊريءَ ڪري ٽي مهينا بي دريافتو پيو آهي" ۽ اسان ٻئي وطن جا دشمن سمجهايا ويا آهيون.... پر هي جيڪي بيقصور ابابيل اڻجاڻائي ڪري هتي اچي ڪوليءَ ۾ ڦاٿا آهن. اڻجاڻائي وڏو عذاب ۽ وڏوگناهہ آهي . اٿو پاسن ڪان ٿي بيهو تہ هنن کي ڪوليءَ مان ٻاهر ڪڍون. اٿو اٿو. دروازو ڪليل آهي، پاسن ڪان ٿي بيهو."

هُش هش، هو هو، هلو هلو، وڃو وڃو، چئني قيدين هوڪرا ڪري- ٻانهون مٿي الارڻ شروع ڪيون. ويرم ڪانہ ٿي تہ ابابيل ڀڙڪو ڪائي ٻاهر نڪتا. پريشان جيڪي بروقت پوئتي رهيل هئا.پر ابابيل رهجي ويا- اهي ابابيل - جوڙو تيز تيز ڦرڻ لڳا. پر مجال آهي جو هيٺ لهن يا ٻاهر نڪرن. چارئي قيدي هوڪرا ڪري، ٻانهون الاري الاري ٿڪجي پيا. ويهي رهيا ۽ ابابيل بہ ڇت جي ڇيرن ۾ ليڪ گم ٿي ويا.

اهو ابابيلن جو جوڙو پورا ٽي ڏينهن ڪوليءَ ۾ اندار بين قيدين وانگر قيد هئا. صبح ۽ شام ابابيلن جو ولر ور ور ٻاهران ورانديءَ ۾ چڪر لڳائي لڳائي وري آزاد فضائن ۾ گم ٿي ويندو هو. ڪوليءَ وارا ابابيل بہ اڪثر ڪوليءَ جي ڇيرن مان ٻاهر نڪري اندران ئي اندران پرواز ڪندا رهئا، پر جنهن وقت بہ قيدي ڪين ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا هئا تہ ڪنبڙاٽيون هٽي هٽي ٿڪجي ڇت جي ڇيرن واري پناهہ گاهہ ۾ اچهو وڃندا هئا. قيدين نيٺ گڏجي صلاح ڪئي. گهڻي بحث مباحثي

ڪانپوءِ فيصلو اهو ٿيو تہ جنهن مهل ٻاهر وارنديءِ پيا ابابيل اچن. انهيءَ وقت ڪيئن بہ ڪري انهيءَ جوڙي کي ٻاهر ڌڪي ڪڍجي، جيئن نڪرن تہ وڃي پنهنجي وڳرن سان ملن.

فيصلي موجب چوٿين ڏينهن جيئن ٻاهر وارنديءِ ۾ ابابيلن جو ولر آيو، چئني قيدين هٿن ۾ ٽوال ۽ چادرون ويڙهي ڪنيون ۽ پوءِ هوڪرا ڪري الرون ڪري ويڙهيل ٽوال ۽ چادرون مٿي اڇلايون ۽ ائين باقي رهيل ابابيلن جوجوڙو آزاد بہ ٿيو تہ وڃي پنهنجي وڳر سان مليو.

اڄ چارئي قيدي خوش هئا. پر تعجب انهيءَ ڳالهہ جو آهي تہ انهيءَ ڏينهن ڪانپوءِ ابابيلن جو ولر، وري وري اچڻ وارو ولر جيل جي ڪوٺي ۾ يا ٻاهر وري اصل ڪين آيو. شايد هنن جي اڻڄاتائي وارو شعور سجاڳ ٿي ويو.

●

سگريٽ پٽي ڏکايو تہ سامهون ٽرڪ اچي لانگهائو ٿي. بس عزرائيل بہ ان ويل ڪا رستي تي پٽرولنگ پئي ڪئي- سيڪڙات دوست بدحواس ٿي ويو. موٽر ڪلٽيون کائيندي کائيندي، رستي کان ٻاهر وڃي کڏ ۾ ڪريو. چار ماڻهو انهيءَ حادثي ۾ مري ويا آهن. موٽر تباهہ ٿي ويو. باقي پاڻ قلتو صاحب.... معجزو ئي چئبو.... سلامت آهي! معمولي ڌڪ لڳا اٿس. البت پوليس، قلتو صاحب کي ماڻهن مارڻ جي تهمت هيٺ ڇالان ڪيو آهي. پوليس وارن جو اهو الزام پڻ آهي تہ مذڪوره موٽر چوري ٿيل آهي، باقي اهو معاملو تحقيق طلب آهي تہ قلتو صاحب وٽ پاڻ موٽر هلائڻ جو ليسن الاجي آهي بہ يا نہ؟

"سچي، قلتو صاحب توکي سلام ڏنا آهن ۽ چيو اٿس تہ تنهنجي شهر ۾ پيا آهيون. وڏيڪ مرضيءَ جا مالڪ آهيو. اوڪيءَ ويل، دوستن کي ئي سار سنڀال ڪرڻ گهرجي."

اهي ڳالهيون ٻڌي، خوش ٿيڻ جي بدران مون کي ارمان ۽ افسوس ٿيڻ لڳو. تقدير جي اڳيان انساني تدبيرون اينتريون ٻيوس ڇو ٿيون ٿين؟ هن هيڏيءَ ساريءَ دنيا ۾، اينترن انسانن جو هٺڻ ۽ سندن ڪارناما! حيرت ۽ حسرت کان سواءِ، اسان جي دنيا ۾ باقي بيو بچي بہ ڇا ٿو؟

هرهڪ ۽ هرڪو پنهنجي ڇڻ پٽ مر پورو آهي. منهنجي دل ۾ قلتو صاحب لاءِ ازغيبي همدردي پيدا ٿيڻ لڳي، پار پنا پچي وڃي وٿس نڪتس. محل نما بنگلي ۾، غاليچن کي لتاڙيندي، خوشنما پردن کي سرڪائيندي،ڪرسين ۽ ڪوچن وارن ڪمرن مان ڦرندي گهرندي، مون کي محسوس ٿيڻ لڳو تہ آءٌ ڪا وڏي غلطي ڪري رهيو آهيان. اجهو ڪي اجهو ڪو دڙڪا ڏيئي ٽڙي ڪيڊندم.

آخر مون کي اهڙي ڪمري ۾ آندو ويو، جهڙو ڪنهن وڏيءَ اسپتال جو وارڊ. دروازي تي هڪ نرس منهنجي مشڪندي مرحبا ڪئي. پريان قلتوصاحب اڪيون پوريو سڌو ٿيو ليٽيو پيو هو. آءٌ اتي ترسي وڏيس، تہ هوءَ نرس اڳتي اچي تمام آهستگيءَ سان چوڻ لڳي، "صاحب آرام مر آهي. اوهين پر واري ڪمري ۾ ويهي سگهو ٿا. هو هينئر تہ ستو آهي. ڊاڪٽر ڪيس ننڊ جي سُئي هنئي آهي.پورن پنجن ڪلاڪن کان پوءِ سجاڳ ٿيندو. اينترو انتظار نہ ڪري سگهو تہ پنهنجي ائڊريس ڏيئي وڃو. اٿڻ تي ڪيس سڀڪجهہ ٻڌايو ويندو. آءٌ ٻئي ڪمري ۾، ڪوچ تي بہ الاجي ڇو، پاڻ کي بي آرام سمجهڻ لڳس. پر نرس ڳالهائي رهي هئي.

"ڦلتو صاحب سنو مريض آهي، هتي ڪيس چار مهينا ٿي ويا آهن. علاج جاري آهي، هو هاڻي جسماني طور تہ بلڪل ٺيڪ آهي- البت ذهني طور ٿوري گڙٻڙ اٿس. ڳالهائي گهڻو ٿو ۽ ٺٺ بہ ٿوري ٿو ڪري. هزارين شعر برزبان ياد اٿس. نهايت لاثاني انسان آهي. سچ پچ مون کي فخر آهي. ڦلتو صاحب جهڙي ماڻهوءَ جي خدمت ڪرڻ جوموقعو مليو اٿم."

اجا هفتو کن مس گذريو هوندو، ٽاڪ ٻن پهرن جو وقت هو، ڪانگ جي اک ٿي نڪتي، تہ گهر واريءَ گهنٽيءَ تي موٽر جو هارنُ، خطري جي گهگهوءَ وانگر، رانڀاٽ ڪرڻ لڳو. دروازي تي نڪا ٺوڪي شروع ٿي ويئي. ڄڻ منترڪي سان ڪو دروازي تي پنهنجي طاقت آزمائيءَ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. مون ڊوڙپائي وڃي دروازو کوليو... "او! اوهين آهيو! ڦلتو صاحب! اچو، اچو، لک مهربانيون، اوهين پاڻ ۽ پنهنجي سر! پلي ڪري آيا!"

پر ڦلتو صاحب پوئتي هٽي، تڪڙو تڪڙو وڃي موٽر ۾ ويٺو. لاچار وڃي پر ورتيمانس، تہ هن موٽر اسٽارٽ ڪري ڇڏي. مون رڙ ڪندي چيو، "هيءَ ڇا آهي، ڦلتو صاحب؟" هُن کلندي ورائيو، "بس تنهنجي سِڪ لڳي هئي، سو توکي ڏٺم. هاڻي جوڳي رمتا ڀلا!" "پر....پر!" "پر... پر ڪجهہ ناهي. اڄڪلهہ هينئر ۽ هِن وقت، مون وٽ منٽ منٽ جو پروگرام آهي- وقت دنيا جي هر ڪنهن شيءِ کان مهانگو آهي- هڪ اهم ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻو اٿم- بس بس... سياڻي تنهنجو مهمان آهيان..." ۽ هُو هليو ويو.

ڪيترين 'سياڻي' گذري ويئون.... هن پنهنجو واعدو وساري ڇڏيو هو.... ڦلتو صاحب... شايد مصروف هو. پر هڪڙي ڏينهن شهر جي چؤواٽي پرسان نوجوانن جي ميڙاڪي ۾ نظر اچي ويم. هُو انهن سان ڳالهائي رهيو هو... "نوجوان ملڪ ۽ قوم جو سرمايو آهن. سڀاڳي آهي اُها سرزمين جنهن جا نوجوان سجاڳ آهن. سياسي سياڻپ جو هتي ڏيوالو نڪتل آهي. اچو اچو... نوجوانو! اسان جي خالص سياسي جماعت ۾ شامل ٿي وڃو... اسان کي، نہ ... اسان جي وطن کي ايماندار ۽ خلوص وارا سياسي ڪارڪن گهرجن. مردن ۽ عورتن کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي."

"اُها مردن ۽ عورتن واري ڳالهہ وري ڪجو، ڦلتو صاحب..."

"آ! جوان تو جاهل نہ ٿيو.... مرد ۽ عورت، قدرت جو عظيم عطيو آهن.

پراڻيون روايتون مدي خارج ٿي چڪيون آهن. آزاد يورپ ڏانهن ڏسو. اسان جي پارٽيءَ ۾ باهمّت عورتون بہ آهن... پارٽيءَ جي هر گڏجاڻيءَ ۾ بين الاقوامي سطح تي، سماجي، سياسي ۽ اقتصادي چنڊچاڻ ٿيندي آهي. انساني زندگي ڇا آهي...؟ انساني زندگيءَ جوسارو دارومدار اسان جي اقتصادي حالتن تي ئي آهي... اسان جي آفيس ان ئي پهر يعني رائونڊ دي ڪلاڪ ڪليل ٿي رهي. او.... هو... ڏسو.... سي. آءِ. ڊيءَ. جو سپاهي پيو اچي! .... اچي پيو تہ ڇا ٿيو، تڪي جو نوڪر آهي: ڇا ڪندو؟ متان ڊنا آهيو."

پر هڪڙي رڙ ڪئي، "يارو هتان ڦُتي وڃو، پاڻ کي بوهي ۾ نہ وجهو."

ٻئي نواجون چيو، "جلدي ڪريو! سپئي تڙي پکڙي وڃو! ٿي وڃو دودو يارنهن!" ۽ پوءِ سپئي نوجوان هڪٻئي ڏانهن اشارا ڪندا، ڪلندا، چڙوچڙ ٿي هليا ويا. ۽ هُو ڦلتو صاحب ڪنڌ هيٺ ڪري. پڻ پڻ ڪندو، پنهنجي پاڻ سان جهيڙيندو. ڪنهن نامعلوم منزل ڏانهن تڪڙو تڪڙو هلڻ لڳو.

عجب اتفاق آهي. ٻئي دفعي بہ ڦلتو صاحب کي رستي تي ڏسڻ جو موقعو مليو. اهڙي شل ڪنهن سان بہ نہ ٿئي. هواونڌو ٿيو پيو هو ۽ منهن گٽر ڏانهن هوس. هو هوش ۾ ڪونہ هو.شايد وري ڪو حادثو ٿيو هو. رستو تہ بلڪل ويران هو. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ٿي لنگهيو، سو بہ کيس ڏسي، ڪنڌ ڦيرائي ٿي هليو ويو. پر هڪ پوليس واري خبرناهي ڪيئن کيس ڏسي ورتو. هن پهرين کيس اٿلائي، سڌو ڪيو. پوءِ ڇاتيءَ تي هٿ رکي، ائين اٿي ڪڙو ٿيو جڻ کيس ڪنهن ٺيلهو ڏنو هو، ۽ پوءِ حقارت سان منهن تي رومال رکي، چوڻ لڳو صاحب ٿيا آهن. شراب جي بدبوءِ. آءٌ اجهو ٿو پيڻ .... جو بندوبست ڪريان.

پوليس واري پٺ ئي مس ڏني هوندي، تہ ڦلتو صاحب اٿي، ڪپڙا ڇنڊي، ڪڙو ٿيو، ۽ پوءِ هڪ چڱي ڀلي ماڻهوءَ وانگر رستو پار ڪري هليو ويو.

هن ڀيري ڦلتو صاحب شهر جي ڪورٽن وٽ ڏسڻ ۾ آيو. ماڻهن جا ڪي ميڙ هئا. پر ڦلتو صاحب ٻين کان نِڌرو هو. اڄ تہ هن کي وڪلين وارو ويس ڊڪيل هو. ڪارو ڪوٽ ۽ اڇو سوٽ. هو سچ پچ وڪيل ٿي نظر آيو. وڪيلن وانگر هن سان بہ ستِ اٺ همراهہ گڏ هئا. هو انهن سان ڳالهائي رهيو هو. "چاچا، ماما، بابا... بس کيس هلي سهي. پنهنجو ڪم اصل پڪو آهي. سرڪاري رڪارڊ کان وڌيڪ ٻيون ڪهڙيون ثابتيون ٿينديون؟ زمينون پنهنجون آهن. اسان جون آهن. متان

دنا آهيو. چاچا، تون سڀني جو وڏو آهين، پير ڪوڙي سچ چئجان." اهي زمينون اسان جي ابن ڏاڏن کان بہ آڳاٽيون آهين.

"جج وٽ روبرو ۽ دوبدو اهي سڀ ڳالهيون ٿينديون. قانون اسان جي پاسي آهي. ۽ هينيان بندوبست پڪو آهي."

ڦلتو صاحب جو بندوبست ٿيو يا نہ تنهن جي خبر ملائڪن کي، باقي انهيءَ زماني ۾ اهي افواهہ ضرور ٻڌڻ ۾ آيا هئا تہ ڦلتو صاحب جي پاٽاريدارن بنهہ کي ٻيا آڏا ابتا ڪم ڪيا آهن. پر حق جي ڳالهہ اها آهي تہ ڦلتو صاحب جيڪڏهن ڪا ابتي ڳالهہ ڪندو هو، تہ اها پاڻمرادو سُبتي ٿي پوندي هئي. هو پنهنجي حريف کان هار کائڻ يا پٺ تي هٿڻ لاءِ تہ جائو ئي ڪونہ هو. حوصلي جي بہ ڪا ڳالهہ ٿيندي آهي! ڦلتو صاحب هڪ ئي ٽپ ۾ سڀئي سرحدون اونگهي ويندو آهي.

●

# وڏو صاحب

ڪن سالن کان پوءِ:- تازو وات ويندي نثار سان ملاقات ٿي هو هڪ شاندار موٽر مان لٿو هو، ۽ آءٌ اتفاق سان هن جي آمهون سامهون هوس، هن سان گڏ ٻيا ب ڪي ماڻهو هئا، هو شايد پر واري هوٽل ڏانهن پئي ويا. پر منهنجي پرسان اچي نثار صاحب ٻيهي رهيو، مون کي خبر هئي ته هو هن وقت هڪ وڏو صاحب هو، هن مون کي سڃاتو هو پاڪر پائي، اهڙيءَ ريت مليو، جو جڻ ورهين جا وڇڙيل هجون، نهايت هجائتي نموني تي ڪيڪاري پڇڻ لڳو، "ڪهڙا حال احوال آهن؟" خوش ته آهين نه!" ...۽ آءُ...دل ئي دل ۾ هڪ دوست جي دوستيءِ ۽ پنهنجائپ واري اظهار تي محسوس ڪري، چوڻ لڳس، "حال احوال ته الاهي آهن، ۽ ساڳيءَ ملازمت ۾ آهيان، بس مڙئي ٻيا هلون، خوش آهيان، جي فرحت هجيئي ته ڪٿي نوڪلائي ۾ ويهي، ڪا روح رهاڻ ڪيون. پلا، رات جو منهنجي گهر اچي ماني کائج!"

نثار مرڪندي وراڻيو، "يار، تنهنجي دعوت اکين تي، تنهنجو گهر ته منهنجو گهر آهي، پر اڄ هتي منهنجا مختلف پروگرام آهن، آءُ مصروف هوندس، ٻه ٽي ڏينهن هتي آهيان. پاڻهي ئي اچي تنهنجو دروازو ڪڙڪائيندس ۽ حاضري ڀريندس." آءٌ اڃا پنهنجي دعوت کي پڪي ڪرڻ لاءِ وڌيڪ موزون اکر ويچاري رهيو هوس ته نثار صاحب "خدا حافظ" چئي، پنهنجن ٻين دوستن سان پر واري هوٽل ۾ هليو ويو...

هو مون کي ائين ايذيءَ حب سان ملڻ کان پوءِ ڇڏي هليو ويو، تنهنجو ارمان ۽ افسوس ته ٿيم، پر اهو احساس بلڪل لحظي لاءِ پيدا ٿيو هو....هو جنهن نموني تي مون سان مليو هو، هن جنهن طريقي تي مون سان ڳالهايو هو...هو ته ساڳيو ئي نثار. اهو نثار جيڪو منهنجو دل گهريو دوست هو ۽ ننڍي هوندي جو يار هو، ڇا ٿي پيو- اِها ته قسمت جي ڳالھ آهي، جي اڄ هو هڪ وڏو صاحب آهي، ۽ آءٌ هن جي ڀيٽ ۾ هڪ معمولي ملازم. هو واقعي مصروف هوندو، هن پاڻمرادو مون وٽ هلي اچڻ جو وعدو ڪيو آهي، هو ضرور ايندو. مون کي ناراض نه ٿيڻ گهرجي، دنياداري ۾ هر ڪنهن کي پنهنجا پنهنجا ڪم ٿيندا آهن ۽ پنهنجون

ذميواريون...نيٺ هو وڏو صاحب آهي...پر صاحب هوندو ٻين لاءِ، منهنجو تہ هو دوست آهي...۽ ائين ويچاريندي، آءٌ شهر مان ٿيندو، اچي پنهنجي گهر پهتس.

خبر ناهي ڇو اڄ آءٌ غيرمعمولي طور خوش هوس، گهر اچي، آئون پنهنجي ڪمري جي صفائي ۽ چند ڦوڪ ڪرڻ لڳس، گهر وارن سان ٻڻ نثار صاحب واريءَ ٿيل ملاقات جو ذڪر ڪيم، دراصل نثار سان منهنجا تعلقات مٿن مائٽن ڪان بہ وڌيڪ هئا، هو اسانجي گهر ۽ آءٌ هن جي گهر، ايندا ويندا هئاسين. اِهوئي سبب هيو، جو گهر جا سڀيئي ياتي هن جي استقبال ۽ آڌر ڀاءَ لاءِ تياريون ڪرڻ لڳا، سڄي گهر کي موقعي جي مناسبت سان تيار ڪيو ويو. هن کي مانيءَ جي دعوت ڏني هيم، تنهنڪري سيڏي سامان تي بہ خرچ ڪيم. نثار صاحب جڏهن بہ مون وٽ ايندو هو ۽ ماني کائيندو هو، تہ مڇيءَ يا مرغيءَ جي فرمائش ضرور ڪندو هو. اها ڳالهہ بہ ڌيان ۾ رکي ٻيئي شيون وٺي آيو هوس، هن انهيءَ بندوبست کان پوءِ واقعي جيڪڏهن ڪا ڪسر رهجي ويئي هئي تہ اها هئي خود نثار صاحب جي گڏجاڻي ۽ سندس يادگيريون.

اهو ڏينهن گذري ويو، شام آئي ۽ رات ٿي، رات جا ڏهہ بہ ٿي ويا پر نثار صاحب ڪونہ آيو. نثار صاحب تہ ڪونہ آيو پر هُن جون يادگيريون، وساريان نہ وسرڻ جهڙيون ڳالهيون، وري وري دل ۽ دماغ ۾ پيئي آيون، سالن جا سال گڏ گذريا هئاسين. ساڳيئي، اسڪول ۾ پڙهيا هئاسين، گڏجي رانديون ڪيون سين، ۽ شرارتون بہ گڏجي رٿيندا هئاسين ۽ واري وٽيءَ تي گهران پئسا چورائي بهانا ڪري، چيري ميري بہ ڪندا هئاسين، تہ فلمون بہ ڏسندا هئاسين، جڏهن اسڪول جي هاسٽل ۾ رهندا هئاسين، تہ خاص ڪري محمود کي، جيڪو اُن وقت اسان جو هم ڪلاس هو، هڻرادو جنن ڀوتن جون ڳالهيون ٻڌائي، پورو مهينو، هر روز آڌيءَ رات جو لڪي لڪي جنن جهڙا ڪرتب ڏيکاري، ڪيس ڊيڄاريو هيوسين، هن کي اهڙيءَ ريت ڊيڄاريو هيوسين، جو توبهہ، الامان! جڏهن هاسٽل جا سڀيئي شاگرد سمهي رهندا هئا، تڏهن اسان جون شرارتون شروع ٿينديون هيون، رڍن ۽ ٻڪرين جون سسيون ڳاڙهي رنگ ۾ تر ڪري، هن جي بستري تي اسان اڇلايون هيون، تہ ساڳئي وقت وڌيڪ هراس پيدا ڪرڻ لاءِ مٿل گڏهہ جا ڪن ۽ اُن جون سسيون بہ هٿ ڪري محمود جي ڪمري ۾ رکيون هيوسين. هر رات ڪانہ ڪا شرارت ضرور ڪندا هئاسين، نہ رڳو محمود جو پر سڄيءَ هاسٽل جي چوڪرن جو سُک ڦتائي ڇڏيندا هئاسين، پر جيئن چوندا آهن تہ اُٺيهہ راتيون چور جون تِهين رات ساڌ

جي، سو هڪڙي رات اسان ٻيئي جهلجي پياسين. معاملو هيڊ ماستر تائين پهتو، هن اسان کي ڏاڍي مار ڏني. پر جڏهن آءٌ ۽ نثار سزا کائي ٻاهر نڪتا هئاسين، ته ڪلي ڪلي کيرا ٿي پيا هئاسين. ڪهڙو نہ دؤر ۽ زمانو هو اهو، بي پرواهيءَ جو ۽ معصوميت جو. اهو محمود جنهن کي اسان ڊيڄاريو هو، هن وقت ڊپٽي ڪمشنر آهي ۽ مون وارو دوست نثار بہ هينئر هڪ وڏو صاحب آهي- ۽ آئون هڪ معمولي ملازم هوس، سون لاءِ حالتون اهڙيون هيون، جو ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ جي بدران ڪلارڪ جي ڪرسيءَ تي ويهڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونہ هوم.

نثار ڪاليج ۾، آءٌ نوڪريءَ ۾، تہ بہ اسان جي دوستيءَ ۾ ڪو فرق ڪونہ پيو هو، گڏجي گھمندا هئاسون، ۽ گڏجي شرارتون بہ ڪندا هئاسين، جيئن چوندا آهن 'ياري ۾ کهڙا ليکا' ، سو پئسن جي معاملي ۾ اسان پاڻ ۾، ڪڏهن بہ حساب ڪتاب يا ليکو چوکو ڪونہ ٿي ڪيو. هڪڙي ڀيري جڏهن هن جي چوري ٿي ويئي هئي، تہ مون پنهنجي پوري مهيني جي پگھار رضا سان سڄي جو سڄو هن کي ڏيئي ڇڏيو هو، اينترو ياد اٿم تہ هن کان اُهي پئسا مون ڪڏهن بہ ڪين گھريا هئا، نہ ڪي هن پاڻ ئي مون کي موٽايا هئا.

انهيءَ وچ ۾ منهنجي دوست نثار عشق بہ ڪيو هو، اُن معاملي ۾ آءٌ ئي هن جو رازدان ۽ همدرد هئس، مون پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي بہ هن جي مدد ڪئي هئي، نثار بہ مون تي ساهہ پساهہ ڇڏيندو هو- اسان جي دوستيءَ کي ٺهہ پنجٽيهہ سال ٿي ويا هوندا، پر ٻنهي جون يادگيريون ۽ ٻنهي جي زندگيءَ سان تعلق رکندڙ بيشمار ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون ۽ واقعا مون لاءِ جڻ ڪالهوڻي ڪالهہ ٿيا هئا، هو منهنجو دوست ۽ ننڍي هوندي جو يار هو، پنهنجي ياد نثار جي انتظار ۾، ٻيو ڏينهن ۽ رات بہ گذري ويئي، ٽئين ڏينهن ۽ ٽئين رات بہ هو مون ڏانهن لڙي ڪين آيو. خبر ناهي ڇو مون هن جي لاءِ پڪو پئي انتظار ڪيو، ۽ سچ پچ تہ ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين جي هر ويلي تي هن جي لاءِ مڇيءَ ۽ مرغيءَ جو بندوبست بہ ڪيو هوم.

ڇا، نثار، صاحب ٿي، واقعي وڏو ماڻهو ٿي ويو؟ ڇا، دوستيءَ جا معيار بدلجي چڪا هئا، ڇو هو مون وٽ ڪين آيو هو ۽ اهي ۽ اهڙا سوال مون بار بار پاڻ کان پئي ڪيا، پر نثار کي وساري ويهڻ منهنجي وس ۾ ڪين هو، آءٌ هن جي پڇا ڪندو رهيس، نيٺ پنجين ڏينهن خبر پيم تہ ڊاڪ بنگلي ۾ ترسيل آهي، آءٌ پنڌ ڪري وڃي اتي پهتس، ڪيس پري کان دروازي تي بيٺل ڏٺم. آءٌ خوشيءَ وچان

تڪڙو تڪڙو پڳس، ۽ جيئن ويجهو اچي دروازي تي پهتس تہ نثار صاحب کي ڪسڪندو ڏٺم ۽ اندران هڪ چاڪ چوبند وردي پيل ماڻهو تيزيءَ سان وڏي مون ڏانهن آيو. هن مون کي روڪيو ۽ چوڻ لڳو، "ڪير آهين؟ هتي ڇو آيو آهين؟ نثار صاحب نهايت مصروف آهي ۽ اندر آفيسر ويٺا آهن- هو ڪنهن سان ڪين ملندو..." پر آءٌ تہ هن جو دوست آهيان، تون هن کي اندر وڃي ٻڌاءِ تہ سهي، مون وڏي اعتماد سان چيو. (وردي پيل ماڻهو مون ڏانهن هڪ چوبدار وانگر ائين گهورڻ لڳو، ڄڻ آءٌ ڪو چور هوس). ڏسين ڇا ٿو؟ وڃي صاحب کي ٻڌاءِ! مون وري ڪِس ورجايو.

هو سڌي دروازي ڏانهن تہ ويو، پر موٽي اچي چوڻ لڳو، "نثار صاحب نهايت مصروف آهي، هو ڪنهن سان بہ ملڻ نہ ٿو چاهي، هن جو هن شهر ۾ ڪوبہ دوست ڪونهي....."

منهنجي پيرن هيٺيان زمين ڪسڪي ويئي- منهنجي دوستيءَ جو رنگ محل چڪنا چور ٿي ويو هو، مون کي سمجهہ ۾ ئي نٿي آيو ۽ نہ ڪي اهو فيصلو ڪري سگهيس تہ هاڻ مون کي اُتي ترسڻ گهرجي يا موٽي واپس وڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

*

# عورت

ڊاڪٽر موهن عينڪ صاف ڪري اکين تي چاڙهي شياما کي حيرت ۽ غور وچان ڏسڻ لڳو. هن سرڪٽي جهڪايو. شايد رڳو انهي ڪري تہ پل هو جانچي ڏسي. هوءَ بلڪل حسين هئي ۽ نوجوان... امير گهراڻي جي ڇوڪري هئي. بي.اي تاءِ تعليم حاصل ڪئي هئائين. ٿوري عرصي کان پوءِ هوءَ منهن مٿي ڪري چپ چورڻ لڳي. پنهنجي ٻانهن مان سوني چوڙي لاهي آڱر ۾ ڦيرائڻ لڳي. ڦيرائڻ کان پوءِ هوءَ چوڙي پير ۾ وجهڻ لڳي. هن جي چهري تي ٿوري حيا جي سُرخي هئي ۽ اکين ۾ ڪشش، هن چوڙيءَ کي زور ڏيئي مٿي تي چاڙهيو مگر چوڙي پير ۾ وجئي نہ. نيٺ جڏهن هن جو نازڪ لعل ۽ آڱريون ڳاڙهيون ٿي ويون، تڏهن بس ڪيائين هوا ۾ هٿ هيٺ مٿي ڪري ڊاڪٽر کي ڏسي ڪلي، ڪلندي چوڙي. ڪٿي وات ۾ وڌائين. ڏندن ۾ هڪڙو پاسو جهلي پنهنجي هٿن جا آڱونا وجهي چڪڻ لڳي: هن جي ٻنهي آڱونن ۾ وڌ پئجي ويا. چوڙي وات مان ڪڍي. بيپرواهيءَ سان در کان ٻاهر پنهنجي سموري طاقت سان اڇلايائين. هوءَ پنهنجا آڱونا چتائي ڏسڻ لڳي. وري پنهنجو پير ڏسڻ لڳي آهستي ڪنڌ ڦيرائي هن ٽُڪ اڇلائي. ڊاڪٽر موهن جنهن هن کي ڏنو ويني سو هن جي ٽُڪ ۾ رت ڏسي ميز تي پيل گهنڊيءَ جو ٻٽڻ دٻايو. ڊاڪٽر موهن جو شڪ پورو نہ ٿيو جيئن هن سمجهيو ٿي، گهنڊيءَ جي وجڻ سان هڪ پوڙهو چپڙاسي حاضر صاحب. چئي اچي ڊاڪٽر وٽ بيٺو. جوا ليڊي وارڊ کي ٻڌاءِ تہ هنن مريضن کي ١٧- نمبر واري ڪوٺيءَ ۾ رکي." پوڙهو شياما کي ڏسي (حاضر صاحب) چئي دروازي ڏانهن وڌيو.

ڊاڪٽر شياما کي ڏنو، هن جي چهري تي خوشي هئي ۽ اکين ۾ زندگي. ڊاڪٽر وري ٻٽڻ کي زور ڏنو، راجو وري موٽي آيو. "راجو چانهن ڪٽي اچ، پوءِ وارڊر ڏانهن وڃ."

"حاضر صاحب" چئي هو ويو هليو. شياما کي خوش ڏسي ڊاڪٽر وري شڪجي پيو. ٻيا بہ ونس گهٽائي مريض آيا ٿي . هن جو ڏنڏو ئي پاڳلن سان هو، مگر هن جي دل ۾ الائجي چو ويساهہ ئي نہ ٿئي، تہ شياما ڪا سچ پچ پاڳل آهي.

شياما ڪرسيءَ تان اُٿي. ڪرسيءَ جي هينان ويهڻ جي ڪوشش ڪئي، "شياما! هي ڇا ٿي ڪرين؟" هن ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو، ڪرسيءَ جي هينان ٿوري جاءِ هئڻ ڪري ويهي نہ سگهي، تنهن ڪري ڪرسي کي ڪٽي مٿي تي رکيائين.

"شياما! هيڏانهن اچ" ....ڊاڪٽر جي آواز تي جيئن لاچار شينهن پڃري مان نڪري نيئن ڪرسي لاهي شياما اتان ئي ڊاڪٽر ڏي نهارڻ لڳي. نهاري وري ڪرسي ڪٽي مٿي تي رکيائين. اينتري ۾ راجو جي اچڻ جي نڪ نڪ ٻڌڻ ۾ آئي. شياما گهبير ٿي ڪرسي کان نڪري جيسين راجو اندر اچي ئي اچي تيسين هوءَ وري اچي ڪرسيءَ تي ويني. اکيون پيرن ۾ کوڙي ڪجهہ سوچڻ لڳي، ڊاڪٽر عينڪ لاهي ڪيس نهاري چانهہ جون ٻہ پياليون ناهيون. هڪ پيالي شياما ڏانهن وڌائي چوڻ لڳو، "شياما، خبر ناهي مون کي الائجي ڇو توسان همدردي آهي...هان هي چاءِ وٺ."

"ڊاڪٽر صاحب! اوهان جي همدرديءَ جي مهرباني." هوءَ چانهہ وٺي پيئڻ لڳي، ڊاڪٽر ڪيس چنائي پئي ڏنو. ٻنهي چانهہ پي پوري ڪئي.

"شياما! ڇا تون سچ پچ پاگل آهين؟"

"نہ ڇا ارهان کي شڪ آهي؟" هنن چيو، ورائي ڪنڌ هيٺ ڪري هو مشڪڻ لڳي. ڊاڪٽر جو شڪ وڌندو ويو. هن ڪنڌ مٿي ڪري ڇت ۾ نهاريو، وري سانڍهي جو پلاند پاسيرو ڦاڙي ٻن ڇيڙن کي ڪٽي ڳنڍ ڏنائين، اُٿي اهو ڊاڪٽر جي ڳچيءَ ۾ وڌائين.

"ڪهڙو نہ سنو هار آهي، ڊاڪٽر! ڊاڪٽر سنو هار آهي نہ! ڊاڪٽر ڪلندي راجو کي اشارو ڪيو، شياما چپ چاپ راجو سان پنهنجي نئين گهر ۾ وڃي پير پانو جتي هينئر همشہ لاءِ ڪيس رهڻو هو.

ڊاڪٽر موهن روزانو شياما کي تپاسڻ لاءِ ويندو هو. هو آزمودگار ڊاڪٽر هو، خاص ڪري پاڳلن جي علاج ۾ هاڪارو هو. هو ٻين مريضن کي بہ ڏسندو هو مگر شياما سان هن جي غيرمعمولي دلچسپي ٿي. ڊاڪٽر ڪلاڪن جا ڪلاڪ شياما سان ويهي ڳالهيون ڪندو هو. هوءَ اهڙي ريت پورا، سنا ۽ وٺندڙ نموني جا جواب ڏيندي هئي، ڊاڪٽر جو شڪ وري يقين جي درجي تي پهچڻ لڳو. شياما قتل جي الزام ڪري گرفتار ٿي هئي، ڏوهہ بلڪل صفا ۽ ظاهر هو، ثابتي بہ ڪافي هئي، پر شياما جي پاڳل هئڻ ڪري ڪيس ڦاسيءَ بدران پاڳل خاني ۾ موڪليو ويو هو.

منوهر شياما جي پاڙي جو هڪ نوجوان ڇوڪر هو ۽ شياما جي شادي اُن سان سان ٿيڻي هئي، موهن شياما جي گهر ايندو ويندو هو. هڪڙي ڏينهن شياما ڪيس پستول جو نشانو ناهي ڇڏيو. دماغي خلل کان سواءِ شايد ٻي ڳالهہ ڪانہ هئي، جنهن ڪري هن اهڙو قدم کنيو هو. ڊاڪٽر موهن ڪيترائي ڀيرا انهيءَ راز کان واقف ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي مگر شياما ان بابت ڪيس ڪجهہ بہ ڪونہ ٻڌايو.

شياما جي دماغي حالت جهڙي هئي، تهڙي رهي نہ تہ هوءَ پاڳل نٿي معلوم ٿي ۽ نہ هوءَ عاقل ٿي ڏسجڻ ۾ آئي، رڳو اينترو فرق ظاهر هو تہ هوءَ روز روز ڪمزور ٿيندي پي وئي. ٽن سالن جي اندر شياما بلڪل بدلجي چڪي هئي، هن جو چهرو ڪومائيل گلاب وانگر ٿي ويو، اکيون ذرا ڏيئي اندر تي گهڙي ويون هيون. گدرايل مرمري جسم ڦري زرد هڏن جو پڃرو ٿي پيو هو. اينتري قدر جو هوا جي تيز جهٽڪي ۾ بيد وانگر لچڪي ويئي. ڊاڪٽر موهن نہ رڳو ڊاڪٽر هو پر فلسفي بہ هو. هن پنهنجي سڄي عمر ۾ شياما کان زياده ٻئي ڪنهن کي چڱي طرح ڪونہ جانچيو هو. مگر شياما جي سڄي حالت کان باخبر رهڻ هن جي لاءِ ٻي جواب معمو هو. اينترو سو شڪي هو. هن سمجهيو ٿي تہ شياما کي دل جي بيماري آهي ۽ نہ دماغ جي.

هڪ اونداهي رات جڏهن چوڌاري خاموشي ڇانيل هئي، ڊاڪٽر موهن پنهنجي لائبرري ۾ پڙهڻ ۾ مشغول هو، هو فلسفي جا ڪتاب پڙهي اونهو ويچار ڪري رهيو هو. چوڌاري خاموشي هئي، ڪيڏي ڪيڏي مهل هن جي پنن اٿلائڻ جو کڙڪو ٿي ٿيو. اوچتوئي اوچتو ٻاهر گوڙ ۽ هل ٻڌڻ ۾ آيو، هو ڪتاب بند ڪري تارچ کڻي ٻاهر نڪري آيو، شايد پاڳل خاني کي-باهہ لڳي هئي، باهہ جا الاڙڪات ڏيو مٿي ٿي ويا، هو تمام تکڙو شياما جي ڪونيءَ ڏانهن ڊوڙيو، جا جلي رهي هئي. اندر شياما کٽ تي سمهيل هئي، باهہ جون ڄڀيون کٽ کي ڳڙڪائڻ لاءِ بيرحمي سان وڌي شياما کي پهچي رهيون هيون. هن جا ڪپڙا سڙڻ لڳا، اهو ڏسي ڊاڪٽر موهن بي تاب ٿي ويو. ماڻهن چوڌاري شور ۽ واويلا مچائي ڏني هئي، مگر باهہ وسائڻ يا شياما کي بچائڻ جو الڪو ڪنهن کي ڪونہ هو. ڊاڪٽر موهن نڪا ڪئي هم نڪا تم، يڪدم ڏوڪي ويو اندر ۽ اها ڪرامت چئبي جو هو پاڻ جيئرو جاڳندو شياما کي ٻاهر آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

شياما ڪنجهي رهي هئي. هن جي نازڪ، خشڪ ۽ سڙيل چمڙي مان ڀريو ڀريو جو آواز رکي رکي پئي نڪتو، هن جي بدن جو اڳيون حصو سڙيل ڪپڙن مان

صاف ڦوڦيندن سان ڦوڪجي پيو هو. منهن سڄو سُڄي ڳاڙهو ٿي ويو هو. مٿي جي وارن جو اڳيون اڌ حصو جلي خاڪ ٿي ڏامي ويو هو ان جي جاءِ تي ڪاري چمڙي چلڪي رهي هئي، جڻ اتي قدرت ڪا گنج ناهي هئي، اکين جي پورن ۽ پنبڙڻن جو تہ ڪو نشان بہ ڪونہ هو. ڊاڪٽر ٻن ٽن نوڪرن جي مدد سان هن کي پنهنجي بنگلي جي هڪ ڪمري ۾ کڻائي آيو ۽ ڪيس ڊگهيءَ ميز تي ليٽائي يڪدم دوا درمل شروع ڪيائين، مگر شايد هوءَ لاعلاج ٿي چڪي هئي، ڊاڪٽر نهايت هوشياريءَ سان سڙيل ڪپڙا لاهي، پائوڊر ۽ پلئسٽر هڻڻ لڳو، نهايت خبرداريءَ سان باهہ جي بيرحمي کي جانچي جونچي ذري ذري کي اوزارن سان ڌسي جدا جدا دوا ٿي ڪم آندائين. پرهہ ڦٽي ٿي چڪي هئي، ڊاڪٽر موهن پورن پنجن ڪلاڪن جي محنت کان پوءِ پنهنجي دل جي پسندي ۽ خاطريءَ موجب ڪوشش ڪندي پنهنجو فرض اميد کان وڌيڪ پورو ڪيو. هن جي اکين ۾ رحم هو مگر بيرحم هٿن سان فائدي لاءِ جيڪو درد شياما محسوس ٿي ڪيو، تنهن مان ظاهر تہ ائين معلوم ٿي ٿيو تہ مريض جو اجهو ٿو دم ٽٽي. مگر سخت جان شياما کي اجا ڪو وڌيڪ ڏک سهڻو هو. هوءَ ڪنجهندي رهي، ڪيڏي مهل پريو پريو ڪري بس ٿي ڪيائين. ڊاڪٽر موهن نراڙ تان پگهر اُگهي پنهنجي آپريشن وارو ڪوٽ لاٿو. هٿ ڌوتائين، هو لڳو لڳ پنج ڪلاڪ ڪم ڪرڻ ڪري ٿڪجي پيو هو. مگر تنهن هوندي بہ هو وري سگريٽ دکائي ٽڪ ٽارڻ جي بهاني سان ڪرسي تي ٽيڪ ڏيئي وينو هو، شياما جو لهسيل چهرو ڏسي پنهنجي دل کان پڇڻ لڳو، الائجي شياما بچندي يا نہ؟ ويچاري شياما! شياما، مون تنهنجي لاءِ هرڪا ممڪن ڪوشش ڪئي، مگر تنهنجو راز...آخر راز رهجي ويندو ڇا! سچ پچ شياما پاڳل هئي ڇا؟ هن پاڻهي پاڻ کي ڇو ساڙيو؟ ٽن سالن جي عرصي اندر هن ظاهري طرح تہ پاڻ کي ڳاري سڄو جلائي ڇڏيو هو. روپ ۽ رنگ تہ اڳيئي بدلجي چڪو هوس، باقي بدن کي هن ريت جلائڻ ضروري هو ڇا؟ پاڳل ڪٿي ڪيترو بہ پاڳل هجي مگر هو ڪڏهين بہ آپ گهات جي اهڙي زبردست ڪوشش نہ ڪندو. پاڻ کي ساڙڻ جي چالاڪ ڪوشش ثابت ٿي ڪري تہ هن جو دماغ سالم هو. هن جي دل بيمار هئي، شايد هن جي دل پاڳل هئي."

شياما اتي پريو پريو چوڻ لڳي، هن جو سڄو بدن ڪپهہ ۽ پٽين سان ڍڪيو هو، هن جو مٿو، اکيون وغيره بہ پٽين سان ويڙهيل هيون، رڳو نڪ ۽ وات وٽ خال هيس، جنهن سان هوءَ ساهہ کڻي رهي هئي ۽ وات سان ڪنجهي رهي هئي "پريو پريو" جي لفظن ڊاڪٽر جي خيالن جو سلسلو ٽوڙيو.

هوءَ پريو کي ياد ڪري رهي آهي، ڊاڪٽر ٿڌو ساهہ ڀري چيو، "آخري وقت يا تڪليف ۾ هرڪوئي پريوءَ کي ياد ٿو ڪري مگر خوشي ۾ پاڻ ڪرڻ مهل ڪيس انسا وساريو ڇڏي. ڏٺي پنهنجي پاپين کي دير سا ڏيئي ٿو، مگر بدلو سو ضرور ٿو ڏيئي، تڏهن شياما بہ ڪو پاپ ڪيو هوندو! هي سڀ ان جو نتيجو آهي. نہ نہ شياما مون وٽ سچا سارا ٽي سال رهي. هوءَ بلڪل معصوم ۽ پوتر آهي. شايد هن جي ڪنهن سان دل هجي! هن جي دل بہ شايد پريم ڪري ئي پاڳل ٿي هجي. هي نتيجو شايد دنيا ۽ ان جي سماج ڪري ٿيو هجي. ڊاڪٽر فلسفي جو ماهر هو. دنيا ڏني هٿائين جهونو هو. شياما سان دلچسپيءَ هوندي بہ ٽن سالن جي ڊگهي عرصي کان وٺي ويندي هن حادثي تائين هو ڪنهن بہ فيصلي تي پهچي نہ سگهيو هو.

"پريو پريو" جا لفظ وري ڊاڪٽر جي ڪنن تي پيا، ڊاڪٽر جي دل ۾ ڪتڪو ٿيو مگر الائجي هو ڪهڙو خيال ڪري اُٿيو، صبوح صفا ٿي ويو هو. موهن لعل شياما جو ڪمرو هڪ هوشيار نرس جي حوالي ڪري هن کي هدايتون ڏيئي پنهنجي ڪمري ۾ آيو، ڪيس اڄ دل ۾ آنڊ مانڊ پئي ٿي، تڙ تڪڙ ۾ وهنجي سنهنجي ڪپڙا بدلائي نيرن ڪرڻ لڳو. ڏسڻ ۾ تہ ائين پي'آيو تہ هو نيرن ڪري رهيو هو. مگر هن جو دماغ ڪنهن لڪل ڳجهہ کي کوٽي ڪڍڻ لاءِ شياما جي پهرينءَ ڏينهن يعني پاڳل خاني ۾ داخل ٿيڻ واري ڏينهن کان آخرين نظاري تائين هڪ هڪ ڏينهن کي جانچڻ ۾ مشغول هو. ڪيڏي مهل هن جي پيشانيءَ ۾ گهنج پي پيا، هڪ گراهہ کان پوءِ ٻي گراهہ جو دامرو منٽن جي نوبت تي وڃي رسيو. شياما جي ٽن سالن جي عرصي جو هڪ هڪ ڏينهن هن جي دل جي پردي تي چنجڻ لڳو. مگر نيٺ ڏينهن خلاص ٿي ويا، پردو سفيد ٿي ويو. هن جو دماغ لوڏا کائڻ لڳو، سامهون چانهہ جي نريل ڪتليءَ کي ليٽائي پيالي ڀريائين چپن کي ويجهو آڻي ٿي چار لاڳيتا ڍڪ ڀريائين اکيون ٻوري ڪرسيءَ تي ليٽي پيو، الائجي ڪيترو وقت ائين ئي وينو رهيو، گهڙيال پورا ٻارنهن وڄايا، نرس پنهنجي ڊيوٽي تان لهي ڊاڪٽر وٽ حال احوال ٻڌائڻ آئي.

"ڊاڪٽر صاحب، اوهان جي محنت شايد سڦلي ٿئي. شياما پورا پنج ڪلاڪ ننڊ ڪئي آهي. گهڻي فرحت ۽ آرام اٿس، باقي ايترو چوي ٿي تہ پلائي ڪري منهنجون اکيون کولي ڇڏيو، اکين ۾ جلن ۽ باهہ اٿم بت تہ سچو سڙي پيو اٿم."

ڊاڪٽر جي اکين چمڪاتِ ڪاڏو خوشيءَ جي لهر ڇهري مٿان ڇانئجي ويس، دل ئي دل ۾ ڌڻي جو شڪرانو ڪري نرس کي چيائين تہ "فلاڻو پائوڊر ڪڻي پهرين پٽي لاهي، اهو اکين تي ڇڙڪايو، تنهن کان پوءِ هنن ٽن دوائن جو مڪسچر ناهي آهستي اکيون ڌوئجوس، پڇاڙي ۾ سنهڙي برش سان هيءَ بط لائجوس، مگر اهو ڪم سڄو خبرداري سان ڪج پوءِ توکي موڪل آهي." نرس تہ ويئي هلي، هو وري ڪرسي تي ڪري پيو، "هينئر هو مشڪي رهيو هو، ڪيس هينئر خاطري ٿي تہ شياما بچي ويندي هن جي هلاڪي ۽ تڪليف اجائي نہ ويندي، اهي خيال ڪندي هن جون اکيون ننڊ سان خمارجڻ لڳيون ۽ هو جلدئي سمهي رهي ٻي خيالو ۽ ڳڻتين کان سواءِ سڄي رات ننڊ ڪانہ ڪئي هئائين، تنهن ڪري جلدئي ٻي سرت ٿي ڪونگهرا هڻڻ لڳو. نرس آزمودگار هئي، ڊاڪٽر جي چوڻ موجب هن پڪي طرح ڪاريگريءَ ۽ هوشياري سان اکر اکر تي پيروي ڪئي. ٻي نرس کي وهاري پاڻ ويئي هلي، شياما اکيون کوليون، هن جون اکيون جيتوڻيڪ لهساٽيل هيون، مگر اڳي کان گهٽيون بهتر، سوڄ وغيره لهي ويئي هئي، باقي جي ڪا ڪمي هئي اها پنبڻين جي هئي جيڪي جلي ويون هيون، هن جو دماغ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ سمجهي ويئي تہ ڪيسَ اجا دنيا ۾ ڪجهہ وڌيڪ دک ڏسڻو هو. هو پنهنجا مائٽ ياد ڪرڻ لڳي. ننڍپڻ وارا ڏينهن، جواني وارا ڏينهن....مگر اوچتوئي اوچتو اهي پهر پڇائيندي هوءَ اڇي روئڻ ۾ ڇٽڪي. نرس اچي هن کي دلداري ڏني، ۽ ڪيس ٻڌايائين تہ ڊاڪٽر موهن ڪيس ڪيئن جان جوکي ۾ وجهي بچايو هو. ڊاڪٽر ننڊ ڪري اٿيو، نرس وري اچي پنهنجي ڪرسي والاري. ڊاڪٽر موهن اُتي آهستي آهستي شياما جي ڪمري ۾ داخل ٿيو، نرس کي اشارو ڪيائين جا چپ چاپ ٻاهر نڪري ويئي، شياما ڀانيو تہ هوءَ بلڪل اڪيلي هئي ٿوري دير کان پوءِ چپ تي اکيون ڪپائي چوڻ لڳي، پريو! تون ڪٿي آهين؟ منهنجو آخري وقت آهي. ڇا هينئر بہ منهن ڪونہ ڏيکاريندين...پريو!

ڊاڪٽر ڳالهہ کي سمجهي ويو هو، يڪدم موقعي کان فائدي وٺڻ لاءِ شياما وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو، شياما، تون ڪهڙي پريو کي ياد ٿي ڪرين؟ مون کان ڪجهہ نہ لڪائي.

ڊاڪٽر تو هي غضب ڪيو آهي، مون کي مرڻ ڇو نہ ڏنو اٿيئي...ڏس، ڏس تون نادان آهين، منهنجو بدن ٻاهريون جيڪو مون پاڻ هٿن سان جلايو آهي. سو تنهنجي ڪوشش سان ڪٿي چڱو ڀلو بہ ٿئي....مگر منهنجي اندر دل صاف جلي چڪي آهي."

"شياما، تون ڇا چئي رهي آهين... هوش ڪر...نا اميد نہ ٿي...تنهنجي ٿي ڪري مون پنهنجي حياتي خطري ۾ وڌي."

"مگر آءٌ هينئر جيئري رهڻ نٿي چاهيان."

"شياما تون ٿورن ڏينهن ۾ چڱي ڀلي ٿي ويندين...مون کي توسان همدردي آهي، ڏس پاڳل خاني ۾ آءٌ توکي پيار ڪريان ٿو، ڏيءُ وانگر شياما سچ ٻڌائي آخر تنهنجا هي حال ڇو ٿيا آهن؟"

شياما ڇپرن کي پوريندي لڙڪ وهايا، "ڊاڪٽر، هائو تون منهنجو همدرد آهين، پلا توکي زندگي جو راز ٻڌايان ڇا؟" ڪنجهندي هن پاسي ورائڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر ڊاڪٽر ڪيس روڪي ڇڏيو.

ٿوري عرصي کان پوءِ شياما چوڻ لڳي، "ڊاڪٽر هتان ڏکڻ پاسي ٻن ميلن تي ننڍي ڳوٺڙي ۾ هڪ غريب انسان رهي ٿو. جنهن جو نالو آهي پريو هو شهر جي ڪنهن آفيس ۾ ڪلارڪ آهي. هر روز شام جو گهر موٽي ايندو آهي. ڊاڪٽر! ڊاڪٽر! ڪيس وٺي اچ چئينس تنهنجي شياما توکي آخري وقت ياد ڪري رهي آهي." شام جو وقت هو، پکي پکڻ پنهنجي آکيرن ڏانهن موٽڻ لڳا. سج پنهنجا آخرين سنهري ڪرڻا پلٽي لکي رهيو هو. هاري پنهنجا هر ڪنيو ڏاندن سميت گهر موٽي پئي آيا. ڊاڪٽر موهن موٽر تي اچي ڳوٺڙي ۾ نڪتو، پريو جو پڇائي وچي سندس در تي موٽر بهاري هارن وڄايائين، هڪڙو سندر مگر نوجوان ڏوتيءَ قميص سان ٻاهر نڪري آيو هن جي ڪڇ تي ننڍو روئينڊز ٻار هو، جنهن کي هو پرچائي رهيو هو. موٽر ڏسي هو ڪجهہ هراسجي ويو، پر نيٺ دل جهلي ويجهو آيو.

"تنهنجو ئي نالو پريو آهي؟" ڊاڪٽر چيو:

"فرمايو....ڪهڙو ڪم آهي؟ پريو آءٌ آهيان."

"توسان ڪي ڳالهيون ڪرڻيون اٿم."

تہ چڱو اندر اچو تہ ويهي ڳالهيون ڪريون."

"هيءَ گهر تنهنجو آهي ۽ هيءَ ٻار! تنهنجي شادي ٿيل آهي؟"

"ها، هن يڪو جواب ڏنو، ڊاڪٽر ڪجهہ ويچار ڪري چيو، "مگر اهي راز جون ڳالهيون آهن، ان ڪري تنهنجي گهر ۾ ڪونہ ٿينديون- بهتر ائين آهي تہ ٻارڙي کي اندر ڇڏي اچ تہ موٽر ۾ خلاصا ٿي اڪيلا ٿينداسون."

پريوءَ کي خواب خيال بہ ڪونہ هو، تہ هيءَ شخص ڪير هو. انهيءَ ڪري عجب ۽ اچرج ۾ هن ڏانهن نهاريندي پنهنجي زال کي ٻار ڏيئي ٻاهر موٽيو، ۽

اچي موٽر ۾ وينو. ڊاڪٽر پريو ڏي نهاري چيو: "پريو، عجب ڪائڻ جو ڪو ضرور ڪونهي. مون کي تنهنجو نالو شياما ٻڌايو آهي. ڇا تون ڪيس سڃاڻين؟"

پريوءَ جي هٿن مان ڪجهہ ڪري پيو، بدحواس ٿي چوڻ لڳو "شياما! سيٺ رتن لعل جي ڇوڪري؟ ها...ها، آءٌ ڪيس سڃاڻان. منهنجي ساڻس دل هئي، ۽ هن جي مون سان پر آءٌ هڪ غريب ۽ مفلس ماڻهو آهيان ۽ هوءَ امير شاهوڪار. هن جي پيءَ هن جي شادي منوهر سان ڪرڻ ٿي چاهي." ائين چئي ڊاڪٽر کي شڪي نگاهن سان ڏسڻ لڳو.

"پريو، آءٌ پوليس آفيسر يا تنهنجو دشمن ڪونہ آهيان. مگر مون کي پنهنجو همراز ۽ همدرد ڪري ليک، آءٌ پاڳل خاني جو ڊاڪٽر آهيان، ۽ شياما منهنجي زير علاج آهي."

پريو شڪ دور ڪري چوڻ لڳو. "ڊاڪٽر، مون کي معلوم هو تہ شياما جو بہ مون سان پريم آهي. تنهن هوندي بہ هن جي ڪائي پرواهہ ڪانہ ڪئي، مون شياما کي ڪيترائي ڀيرا منع ڪئي تہ منوهر کي گهر ۾ اچڻ نہ ڏئو وڃي. مگر هوءَ ويچاري بہ مجبور هئي، هن جي پنا جي مرضيءَ موجب منوهر هر روز گهر ايندو ريندو. آخر مون کان اهو سنو نہ ٿيو منهنجي بدگمانين مون کي مجبور ڪيو تہ منوهر کي ماري پنهنجو رستو صاف ڪيان. مون شياما کي بہ ٻڌايو، مگر بي فائده. آخر هڪ ڏينهن مون پستول چورائي لڪائي آندو ۽ جيئن منوهر شياما جي گهران ٿي نڪتو تہ هن جو خاتمو ڪري ڇڏيم. شياما ويجهي باغيچي ۾ هئي، مون کي ڏسي ڊوڙندي مون وٽ پهتي ۽ چوڻ لڳي، پريو، هيءَ ڪهڙو ناحق ڪيئي...ڇڱو پستول مون کي ڏي ۽ تون ڀڄي وڃ." آءٌ بيهي رهيس مگر هن مون کي ٺيلهو ڏيئي، زبردستي ڊوڙائي ڇڏيو." پريو ٿڌو ساهہ کڻي چيو ڊاڪٽر اهو راز آهي جو رڳو ان کي معلوم آهي يا توکي اڄ ٻڌايو اٿم.

ڊاڪٽر کنڌ لوڏيندي چيو، "هائو...اهو راز آهي...ٻن دلين جو...جنهن جي معلوم ڪرڻ لاءِ مون سڄا سارا ٽي سال وڃايا. ڇڱو ٻُڌ انهيءَ ساڳي شياما توکي گهرايو آهي...توکي ياد ڪيو آهي."

"پر آءٌ ان سان ڪيئن ملي سگهان"، پريو جواب ڏنو.

"پريو، تون ڇا چئي رهيو آهين؟ جنهن تنهنجو گناهہ پنهنجي سر تي کنيو تنهنجي جان بچائي ڇا تنهنجي ڪري هوش حواس وڃائي ديواني ٿي چڪي آهي. ڇا تون ان سان نہ ملندين؟"

"هائو، آءُ ان سان ننڍو ملي سگهان."

"پر توکي پڇتائڻو پوندو پريو، هوءَ حياتيءَ جون آخري گهڙيون ڪاٽي رهي آهي."

"تڏهن ڇا، هوءَ مري رهي آهي ڇا؟"

"هائو، شايد مري چُڪي هجي."

تہ آءُ ضرور هلندس، ڊاڪٽر مون کي جلدي وٺي هل...جلدي پهچائي مون کي آءُ ڪيئن ڏسندس...ڪانئس معافي وٺندس... ائين چئي هو روئڻ لڳو.

ڊاڪٽر پريو کي وٺي شياما وٽ آيو، شياما ان جي جي انتظار ۾ اکيون کولي در ڏانهن نهاري رهي هئي، شياما ڪيس پري کان ڏسي، پريو...پريو چوڻ لڳي. پريو بدحواس شياما شياما ڪندو اچي شياما مٿان ڪريو. ڊاڪٽر منٽ ڪان پوءِ شياما جي نبض ڏٺي، مگر اها هميشہ لاءِ خاموش ٿي چڪي هئي، هن جي مرضي ٿئي تہ پريوءَ کي جدا ڪيان، مگر جڏهن ڊاڪٽر ڪيس هٿ لاتو تہ هن جو بت بہ ٿڌو ٿي ويو هو. هو بہ شياما سان گڏ هليو ويو هو.

ڊاڪٽر آهستي چيو، "عورت....پريم....قرباني..." هن ائين چئي ڪٽي، ڪنڌ هيٺ جهڪايو.

•

# طوفانِ محبت

وقت ايندو. چڪ ٿيندي. اکيون ڏسنديون. دنيا دل جي ڌڙڪن ۾ ٿي ويندي غائب. اکڙين ۾ ايندي، ساجن رڳو تنهنجي تصوير ۽ چوڌاري... چوڌاري هوندي اونداهي طوفانِ محبت جي.

تنهنجي وڃڻ کان پوءِ ساجن هيءَ منهنجي حياتي! زندگي زهر ٿي ويئي آهي. مون نٿي پيانيو تہ آءٌ بہ بين وانگر سرد آهون ڀريندو، لڙڪ ڳاڙيندو، خوامخواهہ بي چين ٿيندس. نڪو وري اهائي اميد هئي تہ آسمان تڪي تڪي، تارا ڳڻي ڳڻي، چنڊ سان ڳالهائيندي صبح ڪندس. سڄو ڏينهن سر ۾ سوداءُ..... دوستن سان دشمني.... پنهنجن کان بي رخي..... ديوانن وانگر چريو- ٽوڪون سهندس ۽ کلائيندس پاڻ تان ساري دنيا.

تنهنجي خيالن جي حسين يادگيري! دنيا! تو مون سان ڪهڙو جادو ڪيو آهي؟ ساجن اهو منو درد ڇا جو آهي؟ منهنجي دل ڪنهن لاءِ تڙپي رهي آهي؟ نااميدي هوندي بہ منهنجي آس ٽٽي نٿي. ويران رڻ پٽ ۾ بهاريءَ جو جهُونڪو. اونداهي رات ۾ تارا ڇو ٿا ٽمڪن؟

ڪالهہ باغ ۾ حسين ٻوٽي ڪنڊي جي نوڪ تي لٽڪيل ڏٺم. شايد آيو هو گلڙن تي ڦيرا ڏين. پريان سامهون اڏامي رهيون هيون هوا ۾ ٻيوس شاخون. هيٺ مٽي تي ڪري رهيون هيون، چمن جي جي لاءِ زمين ڪي. چٽندي ڏٺم منجهائن نرم نازڪ پنکڙيون گلن جون. گلشن جو اهو سادو نظارو.... اکڙين مان بي اختيار ڇلڪجي ڪريا بہ لڙڪ.

اوچتو ڪوئل جي ڪوڪو ڪنن ٻڌي. دل ڌڙڪي اٿي. خوشيءَ کان مشڪي ڏٺم. مکڙيون بہ مرڪڻ لڳيون. نچڻ شروع ڪيو تن مان نڪتل خوشبوءِ. اهو ساڳيو باغ هو جتي هڪٻئي کي ڏسي پاڻ مشڪندا هئاسين. تنهنجا خاموش اشارا لڪائي پهچائيندا هئا پيغام پريت جا. پر هاڻي....اجا بہ آءٌ انهيءَ اجڙيل باغ ۾ ڇو ٿو وڃان؟ منهنجو. اکيون ڪنهن جي ڏسڻ لاءِ آتيون آهن؟ تون تہ آهين ڪونہ! تہ پوءِ انتظار ڇا جو؟

دک دردن کي مون کلندي منهن ڏنو. رضا تي راضي. اوچتو ئي اوچتو ڦري ويئي منهنجي حالت..... قسمت.... سڀ ڪجهہ. تنهنجي وڃڻ کان پوءِ. آءٌ رندهہ

آهيان. جيئرو گهمان ڦران پيو. ٻين وانگر.... دوستن سان ظاهري طرح... ٻين کي ڪهڙي خبر! دنيا ڇا ڄاڻي؟ تون ڇا سمجهين جلي جلي جيئڻ ۽ جيئي جيئي جلڻ!

ٻين کي ڪهڙي خبر تہ دل جي ڌڙڪن سان خون جو شعلو ڦڙڪي نس نس ۾ آگ ڀڙڪائيندو. خاموش زبان فرياد ڪري پڪاريندي ۽ ڪجهہ نيڻ وهائيندا نير پردن پنيان، جن کي ڏسي ڪانہ سگهندي ڪا هڪڙي اک ڪنهن انسان جي.

ڏوکو ۽ فريب ڇا نتو ڪري!.... مون سان بہ ڪنهن فريب ڪيو آهي. ڪڙ ڪبيتي جي پرن ۾ ڇٽگون، معصوم جوان نگاهون، هرڻ جون رڄ تي ڇلانگون.... هر هڪ کي خبر آهي، پر اصلي راز ڪان ڪير واقف آهي؟ ڇٽگون ڇو ٿيون ڀڙڪن؟- نيڪ نگاهون بدنام ڇو ٿيون ڏسجن؟ رڄ پاٽيءَ مثل ڇو ٿي لهرون ڏي؟ قدرت هر هڪ کي لاچار ڪيو آهي؟.... بيوس..... منهنجو ڪهڙو ڏوهہ! آءٌ تہ مجبور آهيان توکي الزام ڪيئن ڏيان تنهنجو ڪهڙو قصور؟ شمع جا پاڻ جلي ٿي ان ۾، جي پتنگ ٽپو ڏيئي پاڻ کي خاڪ ڪري تہ شمع جو ڪهڙو گناهہ؟ پر پرواني جو شعلي ۾ ڪامي جلڻ..... شعاع کي وڏيڪ تيز ڪرڻ جو آخر مطلب ڇاهي؟

گل ۽ خوشبوءِ..... دونهون ۽ آگ..... شمع ۽ پروانو.... دل ۽ پيار.... ڪيئن جدا ٿيندا؟ ساجن! تون ۽ تنهنجي يادگيري ڪيئن وسرندي؟ انتظار جون گهڙيون! اکيون اکين ۾! دنيا جي نگاهن ڪان دور! ڏينهن ڏني.... ۽ تارن پريئي آسمان هينان. اڪثر ڪنداهئاسين... ڳالهيون پريت جون.... ڇا اهو خواب هو؟ هيءَ ساري دنيا بہ خواب آهي؟

پل خواب هجي. مون کي تہ انهيءَ خواب جي حقيقت بي قرار، بي آرام ۽ دربدر ڪيو آهي. آرزو اٿم تہ تنهنجي يادگيريءَ جو فريبي سپنو هميشہ ائين ئي ڏسندو رهان. تنهنجي من موهيندڙ تصوير، شربتي اکيون، ڪوئل جهڙو آواز، بلوري جسم، گلابي رخسار، پازيبن جي جهٽڪار، تنهنجو گهر، دريون، پردا، گهٽيون ۽ سڄو شهر.... ڦرندا رهن ٿا خيال. هُتي، اُتي، هوڏانهن، آهستي ۽ هميشہ......

تنهنجا ڏنل گل سانڍي رکيا اٿم، جيسين حياتي اٿم. انهن جو هڪڙو بہ پن گهر ۾ ضايع نہ ٿيٽو آهي. جيتوڻيڪ ڪومائجي ۽ مرجهائجي ويا آهن اهي ظاهري طرح...... مگر انهن سان گڏ تنهنجون گذريل ڳالهيون آهن، بلڪل نيون ۽ تازيون.... پرهہ جي باک ۽ ماڪ جيان!!

•

# گهر يا بنگلو؟

گهر لاءِ تہ ڪيترائي سڪندا وتن. اڄ ڪلهہ پڳڙين ۽ رشوتن کان سواءِ منٿن سان تہ، گهر نٿو ملي. پناهہ گيرن کان پڇجي ڏسو. شل نہ ڪنهن کي گهر جي گهرج پوي. سرڪاري ڪامورا بہ رلندا وتن. پر مون کي تہ نهيل نڪيل سينگاريل گهر ملي ويو هو. پلو ٽئي سيٺ رامداس جو جڻ تہ جاءِ نهرائي ئي منهنجي واسطي هئائين. پاڪستان ۽ هندستان جي لهر ۾ لڙهي، هو اها جاءِ منهنجي حوالي ڪري ويو هو. سڄيون ساريون ٽي ڪونيون رنڌڻو، وهنجڻ جي جاءِ، اوطاق، ڪرسيون، ڪمود، ڪٻٽ، پينگها، بجلي، پاڻي، وراندا، دالان، سڀ ئي منجهس موجود. تنهن کان سواءِ پاسي ٽي ۽ مٿي ماڙيءَ جي صورت ۾، تڏهين تہ يار دوست ريسون ڪندا اٿم. هو انهيءَ گهر کي بنگلو چوندا آهن. بنگلو ڇو نہ چون، بنگلي کي وري سڱ ٿيندا آهن ڇا؟ پر گهر جي سونهن آهي زال سان.، سو زال بہ اٿم ۽ ان سان ٻار بہ اٿم. پر هن ٻيگاهہ وقت منهنجو بنگلو ڏسي ڇا ڪندا. جيڪڏهن اوهان کي منهنجو گهر ڏسڻو هجي تہ ٻن ڏينهن جي نوٽيس کان پوءِ ڏيکاري سگهندس، ٻچڙيوال جو آهيان.

هينئر تہ مانيءَ جو وقت آهي. شايد ماني تيار بہ ٿي وئي هجي. ٻي ڪنهن وقت ڪٿي ڏسجو. مڇڏ ٿو ڏسجين، هن پاسي کان ڦري اچو، نہ اوهين ٻارڙن کي اوڏانهن ڪيو. باقي رهندي اوطاق اها تہ مون اڳئي ڏني آهي. ڇگو بہ چار منٽ ترسو. تہ سڏ ٿو ڪيانوَ. ڇگو هاڻي اچي سگهو ٿا، اچو هيءَ اڱڻ آهي. هو ڏائي پاسي ڪنڊ ۾ ٻيو ڪجهہ ڪينهي پر ڪچرو آهي. ڪلين مٿان گهر ٻار واري جو اهڙوئي ڪارخانو هوندو آهي. اسين تہ هري مري ويا آهيون، ڪجهہ وقت گذري ويو آهي ۽ باقي حياتي بہ ڪاٽي وجي مٿي چڙهيو. هيءَ ڪنڊ واري ڪٽ سياري اونهاري اٿي پئي هوندي آهي. ڇڇي وئي آهي تہ فڪر ناهي. ڪنهن ڏينهن ٿون ۽ آءٌ بہ ڇڇي ويندا سون. ڪير پيو اندر ٻاهر ڪريس. ان جي هيٺان اونڌي ٿيل چونٽري ڪير جي آهي. شام جي وقت اها اتان ڪڄي صفا ٿيندي ۽ پوءِ ان ۾ ڪير رکيو ويندو. هي موري جي منهن وٽ ڇا آهر. سڃاڻين ٿو. اها ڏونگري آهي. انهيءَ سان ڪپڙا ڌوئبا آهن.

پاسي کان گلن جون ڪونڊيون آهن. ڪو ڏاڍو شوقين ٿو ڏسجين. پر اهي تہ اڳيئي اتي هيون، هيءَ وچ ۾ گنل ۽ سڪل سپاٽي جو ڪارو پادر چمڙي سان گڏ پيو آهي. ۽ هيءَ نڪريون شايد ڪو دلو پڳو هوندو. هن ٿنهي جاين ۾ ڪاڪوس رنڌٹو ۽ وهنجڻ جون جايون آهن. پر جيئن تہ سڀني مان مکين جي ڦڻ ڦڻ جو آواز پيو اچي ان ڪري اندازو لڳائڻ ذرا مشڪل ٿيو پوي. جايون جو اهڙيون آهن. آخر پيو مکيون ويندون ڪٿي. باقي هيءَ ڪٽ بہ ڏسي وٺ. انهيءَ تي ڇا ڇا پيو آهي. رلڪو، ڪچو، چدي، ڍڪڻ، اڳٺ وجهڻي، سوئي، پڳل هوائي جهاز، سليٽ جا ٽڪرا، سڳيون، ڦٽي وارن سوڏي ۽ واڏڻ ۾ اڳٺ بہ پيو لڙڪي. وٽي، تارچ ۽ قئنچي وري پاڳي جي پرسان آهن. اهو پراڻو فوٽو آهي، جنهن جو فريم برخوردارَ ڏسندي ڏسندي پيچي ڇڏيو آهي. باراٽي گهر ۾ اهڙوئي سامان هوندو آهي. هاڻيءَ هتان وراندو شروع ٿو ٿئي. پاسي کان هنڌن رکن جي ڪوني آهي ڏسي ڇا ڪندين. بس ڪٿي سمجهہ تہ بسترا اڌ گول، اڌ ڪليل ڪٽ تي سٽيا پيا هوندا. چانئٹ وٽ بال بارڙن جا آهن. هن ڪنڊ مان کهڙي بانس پئي اچي. بانس وري ڇاجي. اها برنيءَ ۾ رکيل سانڌاڻي جي خوشبوءِ آهي. مانيءَ سان گڏ ڳنڌڻ ۽ ڇهر نہ هجي تہ ڪاڏي جوکهڙو مزو. پرسان هي مانين جا سڪل ٽڪرا آهن. اهي آهستي آهستي اسان جي ٻڪريءَ جو چارو ٿيندا. تيستين تائين اتي پيا سڪندا ۽ گڏ ٿيندا. ڪين ماڪوڙيون بہ پيون کائين. "اڪ ڪاج دوڪام" ثواب بہ ٿيندو. ڏاڍي پاسي کان گهڙامنجي آهي. دلا؟ دلا تہ اندر هوندا. ڪونيءَ ۾ مانيءَ مهل پاڻي تہ پرسان هئڻ گهرجي. اجا گلاس داني وسري وئي، ڏس منجهس همام دستي جو مٽيون پڙ ۽ سرمي جي ڪاني پيئي آهي. هي تہ ميرن ڪپڙن جو ڍڳ آهي ذوبيءَ کي ڏيٹا آهن. جڏهن ذوبي اچي. بنگلو بنگلو ڪري سڀئي دوست چوندا آهن. پر آءٌ تہ انهيءَ کي گهر ڪونيندو آهيان. هڪ ٻچڙيوال ۽ عيالدار جو گهر.

خير هاڻي اندر گهڙو. هن ڪونيءَ ۾ خاص سامان رکيل آهي. فرنيچر اهڙو ڪن ٿورن گهرن ۾ هوندو. باقي سچ پچ جيڪي بنگلا هوندا آهن. تن جي تہ ڳالهہ ئي ٻي آهي. انهن ۾ اسان جهڙا رواجي ماڻهو نہ رهندا هوندا. ڏس هيءَ وات قاتل ڪٻٽ، ان جو منهن سدائين کليل هوندو آهي. ڇو جو هميشہ ڪم ۾ ايندو رهندو آهي. وٽس ٻاهر ڏاڍي پاسي ڪنڊ وٽ، فرش تي شيشن صاف ڪرڻ وارو برش پيو آهي. ڪٻٽ اندران ڪپڙا، سٽٹون، گهاگهريون، چولا، پوتيون کي ويڙهيل ڪي ڪندريل خانن تان هيٺ پيا لڙڪن. ڪٻٽ جي مٿان پيتي رکي آهي. شايد نلهي

سستائي جي وقت ۾ ورتو ويو هو جو گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ مهينا هلندو، تيسين تائين اهو اتي تڙيو پکڙيو ۽ پاتاريو پينگهي جون تڏيون هوائون پيو کائيندو. هوند پئي ڪنهن هنڌ رکي ها تہ ضرور خراب ٿي وڃي ها. سمجهان ٿو تہ هاڻي هن ڪوٺيءَ جون شيون سڀ ئي اڇي پوريون ٿيون آهن. پر واريءَ ڪوٺي افسوس اٿم تہ هينئر ڏسي نہ سگهندا جو گهر جا ماڻهو ماني کائي رهيا آهن. ها هو ڏس پٽيون اهي ليڪا بارن راند ڪندي ڪڍيا آهن. پلا انهن بي پرواهہ بادشاهن کي ڪير روڪي! باقي ڪپڙن ٽنگڻ جون ڪليون رهيون. انهن ۾ سواءِ بوڙ رَڌڻ واريءَ هنڌيءَ، ۽ ڇٻيءَ کان سواءِ بيو ڪجهہ ڪينهي.

اٿو ڇو ٿا؟ اوهان کان سوال پڇٿو اٿم. ڪيئن منهنجو گهر پسند آيو؟ وڃين ٿو وڃن تنهنجا ڪپڙا. پلا سڄي ويهہ تہ ماني کٽي اڇان. تڏي تي آيو آهين. ائين ڪو ڇڏبو! مڙيئي دال روٽي هوندي. پلا تون ڪٿي ٿو غريبن جي ماني کائين. چڱو نٿو ترسين تہ نہيو. باقي جيڪو سوال پڇتو هوم. ان جو جواب تہ ڏيئي وڃو. آءٌ خود عجب ۾ آهيان، منجهيل آهيان تہ هن جاءِ کي بنگلو سڏيان يا گهر. توهان جي نظر ۾ هاڻي اوهان جڏهين هي گهر ڏسي چڪا آهيو، تڏهين هاڻي ٻڌايو تہ ان کي بنگلو سڏجي يا گهر يا ماڳهين بيو ڪجهہ! اهو وري ڪيئن؟

•

# انجام شڪني

حميد، پنهنجي ضعيف ۽ زرد آڱرين کي قبر تي ڦيرائيندي چيو... "محبت جي واسطي عام طرح هرڪو ائين چوندو آهي ته انهيءَ جي ابتدا هميشه مرد جي طرفان ٿيندي آهي. فطرت عورت کي شرم ۽ حيا جو پتلو بنايو آهي. ها آءٌ خود به انهيءَ جو قائل هوس. مگر جڏهين کان جميله جي محبت ۾ گرفتار ٿيس يا جڏهين هن جي زاهد فريب نظر جي دام ۾ ڦاٿس، منهنجي نظر هن معاملي ۾ ساري دنيا کان مختلف ٿي ويو. منهنجو يقين آهي ته دنيا ئي محبت جي شروعات جو آغاز ان جي اندروني اثر کان خالي ناهي. مرد جو ان سان ڪو تعلق ڪونهي- بي وفائي رڳو عورت کان ئي شروع ٿي ٿئي... عورت جي عادت کي سمجهڻ عقل کان ٻاهر آهي، ان جو وڏو دليل اهو آهي ته ان جو هر هڪ فعل جنهنجي درحقيقت هوءَ فاعل آهي سو ان جي طرفان ٿيندو معلوم نٿو ٿئي" ......

هو منڪيو مگر مشڪندي وري ڪنهن خيال ۾ گم ٿي ويو. سندس ڪپڙا ڦاٿل ۽ ميرا هئا- وار وڏا ٿي لڙانجي ڪنڌ تي ڪري پيا هئس. ڏاڙهي بي ڊولي، بت ۾ جڻ ته رت هوس ئي ڪونه. هو بي جان ٿي قبر تي منهن لڳائي مون ڏانهن بي معنيٰ نگاهن سان تڪڻ لڳو. نظرن ۾ عجيب ڪشش ۽ رعب هو. جهنگل، قبرستان، ديوانه ۽ آءٌ اڪيلو خوف محسوس ڪرڻ لڳس. پاڻ کي ڦٽڪار وجهڻ لڳس ته بي سبب هن کي ڇو ستايم ڇو ڳالهرايم. منهنجي حيرت جي حد نه رهي، جڏهين ڏٺم ته هو اکين مان لڙڪ ڪيرائي رهيو هو. لڙڪن جون لڙيون موتين جي داڻن وانگر حسين مجسمه مگر خاڪ ٿيل خاڪ جي پيرن ۾ پيئا ٿيڻ لاءِ گم ٿي رهيون هيون- فضا خاموش هئي، اوچتو منهنجو منو ڦرڻ لڳو، دل سست ٿيڻ لڳي. اکين اڳيان اونده ڇانئجي ويم خبرناهي ته منهنجا هوش وحواس ڪيڏانهن ويا....

آءٌ بيوس بوتي وانگر خبرناهي ته ڪيترو وقت بيجان بيهي رهيس.... اوچتو ڪنن ۾ دهڪاءُ ٿيو. اکيون کوليم، ساهه پيم... اکيون اوچتو سامهون ڪنڊل ٻيريءَ ڏانهن ڏسڻ لڳيون... ٻه اڇا ڪبوتر گهو....گهو....گهو....ڪري

ڪتيون ڳٽڻ... رات کي صبح ڪرڻ... مست الست مگن رهڻ تہ بہ تن ۾ تازي واري تنوار... ڪوئل واري ڪوڪو، پپيهي واري "پي ڪهان" جي چنگاري پئي چٽڪي ئي چٽڪي... گل... کي خار نہ هجي ها، اکين کي تير هجي ها مگر تلوار نہ هجي ها... حسن هجي ها مگر جواني نہ هجي ها... مخمور جواني... ديواني.. ۽ ديوانو... شمع ۽ پروانو... گل... اکڙيون... جواني... شمع... ۽ خار...۽ تير... ۽ دلفريبي...ء بادِصر صبر... ناڪامي کان سواءِ دنيا جنجل ٿي پوي ها...

حميد وري سن ٿي پئجي ويو. ڪنڌ هيٺ ڪري وري ڪنهن ويچار ۾ ڦاسي ويو...هو هيٺ ويهي رهيو... آهستي چپ چورڻ لڳو... مگر انهن مان آواز ڪوئي ڪونہ ٿي نڪتو... سندس چهري جو رنگ ڳاڙهاڻ ڏانهن مائل پي ٿيو، ٿوري دير کان پوءِ چپن جي چرڻ سان آواز پڻ نڪري رهيو هو... الائجي هو ڪنهن سان ڳالهائي رهيو هو... سندس ڳالهائڻ ڦٽڪار جي نموني هو، جنهن کي مون ڏيان سان غور ڏيئي ٻڌو مگر ڪنهن نتيجي تي پهچي نہ سگهيس جو آواز بلڪل ضعيف هو... سندس اکين مان سرهائي پئي بکي... چپ چريا پئي... پڻ پڻ چالو هئي. نظر پيرن ۾ هيس... آهستي آهستي آواز وڌڻ لڳو.... بيخوديءَ جي حالت ۾ ٿتل اکر ڳالهائڻ لڳو... "دوست!... جميلا!... بي وفا!.... نہ نہ!..."

چئي هو قبر کي ڳراهتڙي وجهي وري اُڇي روئڻ ۾ ڇتڪيو. منهنجي دل اهو نظارو ڏسي بيتاب ٿي ويئي،پر جلد ئي حميد روئڻ بس ڪري وري اُڇي منهنجي پرسان وينو. هينئر هو بلڪل سامت ۾ هو...

## (٢)

دوست منهنجي عمر رنگين دور مان گذري رهي هئي. آءُ ڪاليج ۾ پڙهندو هوس... ڪتابن ۾ محو... دنيا جي آزارن کان پري... عيش ...حرص و هوائن... کان بيزار... پريم... محبت... پيار کان پاسو ڪندڙ... حسن وارن ڏانهن خالي نگاهن سان ڏسندو هوس. عورت جي وجود کي پاڻيءَ جو ڦوٽو حسين... ڪڌن ڪرتوتن... نفس جي آگ اجهائڻ جو ذريعو ... سرتاپا شهوت پرست... گناهن ۾ اضافي جي لالچ ڏيندڙ. انسان جو رت چوسي موت کي ويجهو رسائڻ لاءِ سندس مشغولو دنيا جي شروع ٿيڻ کان چالو آهي. جدونگريءَ جي رهواسي....سندس

اٿڻ، ويهڻ، روئڻ، کلڻ، کنڌ هيٺ ڪرڻ ۽ مخمور نگاهن سان ڏسڻ، لبن جي لعلائي... حيا جي سرخي... زلف ڪارا... گل رخسار... خط وخال... جوانيءَ ... سينو اپريل... نيم برهنه... نقاب پوش... چلولي البيلي... مستاني... ديواني... جادو نگريءَ جي رهواسي! ناڪام روپ ديوداسي! راهزن... دل جي ڌاڪو... مطلبي... مڪاري سان ڀرپور... انسانن کي انڌو ڪرڻ... دربدر... بي دل... مجنون ديوانو...پروانو... بي عقل ڪرڻ سندس اداني ڪرشمون آهي.

مرد مجبور چار م قاتل... پکيئڙي وانگر... صياد جي دام... " ڦڙڪي ڦڙڪي... نفس پرستيءَ کي ... عورت جي خود غرضيءَ کي لڪائڻ لاءِ عشق، پيار، محبت، پريت، پريم... پريتم... پيارا...دل ...من... زال... مڙس... عاشق معشوق جي گندن الفاظن ۾ شيطاني کي پردو ڏيئي... سندس حيوانيت لڪائڻ لاءِ جادو زده حيوان ٿيو پوي... عام طرح ائين چيو ويندو آهي ته عورت جي عصمت دري بي رحمي سان توڙڻ وارو... پرهيزگاريءَ ۽ پوترتائي جو املهه موتي وڃائڻ وارو مرد آهي... عورت جيڪڏهين شرم و حيا... چاڪ ۽ صاف ۽ هجي ها ته هيءَ ڦشڪ وارو ڏنڌو وڏيءَ ڪونه ها... نه هي دنيا هجي ها... نه هيءَ آبادي ...هجي ها... نه نون هجين ها... ۽ نه آءٌ...

دوست ... جيڪڏهن مرد عورت جي عصمت ٿو وڃائي ته ان ۾ عورت جي رضامندي جو ضروري ثبوت ٿو ملي، مگر مرد جي پرهيزگاري توڙڻ وارو ڪير... آهي؟...ڇا مرد جي پرهيزگاري ۽ عورت جي عصمت م ڪو تفاوت آهي؟... اصل نه... نه... نه ته خود غرضي جي شروعات ... گناهه جي دعوت... نفساني لذت... جي مرتڪب عورت ئي آهي... لالچائڻ واري به عورت ئي آهي. مرد هرگز نه ... لوهه مقناطيس ڏي ڇڪجي ٿو وڃي ته لوهه جو ڪهڙو ڏوهه؟ خود گل شاخ تان توڙيو ٿو وڃي ته ٽاريءَ جو ڪهڙو ڏوهه؟ شمع جلي ٿي پروانو سڙي ٿو! شمع جو ڪهڙو قصور؟ صياد پکي ڦاسائي ته دام جو ڪهڙو قصور؟ انهيءَ ڪري عورت ڏانهن قصد ڪري ڪڏهين ڪين ڏسندو هوس. جيڪڏهين ڪا به ڇوڪري بي حيا ٿي منهنجي سامهون ايندي ته آءٌ اکيون پوري ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪندو هوس، اجان به جيڪڏهن ڪا وڌيڪ جرئت ڪندي ڀڻي ته زبان مان هڪ اکر به ڪين ڪڇندو هوس، بي معنيٰ نفرت جي نگاهن سان نهاري، پنهنجي من کي قابو ۾ رکي، پنهنجي ئي ڌُنَ ۾ هوندو هوس- ڪاليج ۾ هوشيار هئڻ ڪري، منهنجا حريف ۽ حَريص گهٽائي پيدا ٿيا . ان سان گڏ ڇوڪرين جو خاص مرڪز هئس، مگر سندن

شمار ڪيو وڃان ها. هڪ ڦوهه جواني واري دور مان گذري رهي هئي. اکين ۾ معصوميت ۽ شرارت هئي ته چپن تي هڪ هلڪي مسڪراهٽ هئي. مون هن ڏانهن نهاريو، مگر خالي نگاهن سان مون اجان ڪنڌ مٿي ڪنيو ئي ڪين ته هوءَ ڊوڙ پائي ڪمري مان نڪري ويئي. "حميد، جميله اجان ٻي سمجهه آهي." هائو چاچي، مون ڪنڌ هيٺ ڪري جواب ڏنو. ان رات آءٌ ٿڪل هوس جنهن ڪري جلدئي ننڊ ڪٽي ويم. آڌيءَ رات جو سڄاڳي ٿيم، جان ڪٽي ڏسان ته سڀ منيءَ ننڊ ۾ ڪونگهرا هڻي رهيا هئا. چنڊ چمڪي رهيو هو. هوا پُرمست ۽ نشي واري هئي. آءٌ پاسو ورائي سمهڻ تي هئس ته هڪ ڪٽ تي ڪنهن جي چرڻ جو آواز ٻڌم. جان چتائي ڏٺم ته هوءَ جميله هئي. آءٌ يڪدم پاسو ورائي ليٽي پيس. رڳو انهيءَ خيال ڪان ته متان هن ڪي شڪ پوي. اجان سيڪنڊ ئي ڪونه گذريو ته وري آواز ٻڌم مطلب ته ڪو عرصو اهو آواز بدستور چالو رهيو. دماغ ۾ طرح طرح جا خيال اٿڻ لڳا.

"ڀلا هوءَ مون کي ڏسي ڀڄي چو ويئي؟ هيئنر ذر ذر چو پاسا اٿلائي رهي آهي. ڇا هوءَ مون کي شڪار ڪرڻ تي گهري ڇا؟ دل ئي دل ۾ پنهنجي اهڙن چريائي وارن خيالن تي لعنت وجهي. ڪيس تاٽي دت ڪري ڪونگهرا هڻڻ لڳس. مگر ننڊ چوي ته آءٌ اڄ اجان چو ٿي. رات گذري ئي نه. ڪِيس ڪري گرميءَ به اچي ورايو، نيٺ ڪڪ تي ڪيس لاهڻ تي هوس ته ڪنهن جي پيرن جو آواز ڪٽ ڏانهن ايندو ٻڌم. آواز ويجهو پوندو ويو ۽ اچي منهنجي کٽ جي پرسان بس ٿيو. ڪونگهرا هڻڻ بند ڪري ڇڏيم. بدن کي سيٽي سڪ جهلي. آهسته آهسته ساهه کڻڻ لڳس. خبرناهي ته انهيءَ ۾ ڪيترو وقت وڃايم مگر آخر ڪڪ تي پيس. بدن تڪجي پيو، گرميءَ ۽ ٻوسات اچي گهٽيو، نيٺ لاچار ٿي ڪيس منهن تان لاٿم. اکيون بند هوم. پيراندي کان وري کڙڪو ٻڌم. هيڏيءَ مهل ڪير جو ائين گهمي رهيو هو. دل ۾ سمجهيم ته اهو وهم آهي. هن بيگاهه وقت ڪنهن کي ڪتيءَ ڪنيو هو جو گهمندو وتي. وري ٻيو خيال آيم ته متان ڪو چور هجي. انهيءَ خيال ايندئي اکيون کٽي کوليم.

منهنجي حيرت جي حد نه رهي، جڏهين منهنجون اکيون وڃي جميله ۾ ڪنيون. مون کي جاڳندو ڏسي هوءَ ڪسڪڻ لڳي ۽ وڃي پنهنجي هنڌ تي ليٽي. ياالاهي هيءَ ڪهڙو معاملو آهي. هن جي رات جو هيئن ڦرڻ مان ڪهڙو مطلب آهي! صبح جو مون کي ڏسي هوءَ چو ڊوڙي ڀڄي ويئي. هوءَ مون کي لالچائي رهي هئي. جي ها ته پوءِ مون کي جاڳندو ڏسي چو وئي هلي. آءٌ ٻلبل آهيان. هوءَ اتفاقي

اتي هوندي. شايد هوءَ مون وانگر مردن کي ڏڪاري ٿي، تڏهين وئي هلي وغيره وغيره.

اهي خيال ڪندي آءٌ سمهي رهيس. صبح جو ڪنهن اچي مون کي لوڏيو. اکيون کٽي ڀتيم تہ جميلہ اکيون هيٺ ڪري حيا ۾ ڳاڙهي ٿي ويئي. مون وري کٽي اکيون بند ڪيون، اتي جميلہ چوڻ لڳي تہ ماڻهن کي ڪيتري نہ ننڊ آهي؟ اٿو اٿو ڏهہ لڳي ويا آهن. نيرن تيار ٿي رکي آهي. سڀئي توهان لاءِ سيڙهيا وينا آهن. مون کي لاچار اٿڻو پيو. پر اکيون اجان بند هوم. اتي پيرن ۾ چپل پائڻ لاءِ اکيون کوليم تہ ڇم ڇم ڪري جميلہ اکين کان غائب ٿي ويئي. سامهون وراندي ۾ ٻيا کلي رهيا هئا. شايد منهنجي سستيءَ تان. مگر دوست تون تہ اوباسيون ڏيئي رهيو آهين، شايد منهجي بڪواس ٻڌي ٿڪجي پيو آهين. نہ نہ حميد تنهنجو داستان عجيب ٿو ڏسجي." پوءِ ڇا ٿيو. چڱو دوست آءٌ ڪوشش ڪري توکي ٿوري ۾ سڀ ٿو ٻڌايان. ائين چئي هُنَ اکيون کٽي مون ۾ کپايون. شايد هو انهيءَ لاءِ خاطري ڪري رهيو هو تہ ڪٿي آءٌ ٿڪجي نہ پيو هجان. حميد تون ڇا ٿو ڏسين؟ شڪ اٿئي ڇا! جنهن تي بہ هو ڪجهہ ڪونہ ڪڇيو. آخر مون چيو دوست اڳتي ڳالهہ ٻڌائڻ کان ڪترائين ٿو ڇا؟ هاها هن مشڪندي جواب ڏنو مگر جواب سان گڏ هن جو منهن هيڊو ٿيندو ويو. هو مون ۾ ڪتيون اکيون وجهي ڏسڻ لڳو. جلد ئي اکيون پاڻيءَ سان پرجي آيس، سندس نيڻ ٽمٽار ٿي ٽمڻ لڳا. هو وري قبر تي ڪري پيو. سندس قميص جو اڳيون حصو پسيل هو. اتي يادگيري آيم تہ هن اهو روئي پسايو آهي. مون وڌي سندس دل تي هٿ رکيو. هن جي دل جان ٻنان مڇيءَ وانگر ڦٿڪي رهي هئي. اها جاءِ اهڙي تہ گرم هئي جو مون سمجهيو تہ ڪنهن اتي تاندا رکي ڇڏيا هئا. آءٌ هن جي پيرن جو تريون مهٽڻ لڳس. ٿورئي وقت کان پوءِ هو سامت ۾ آيو. هن اکيون کوليون. هو آسمان ڏانهن نهاري رهيو هو. آخر اٿي وينو. اتي مون چيو دوست اٿ تہ هلون هاڻي ڪافي دير ٿي چڪي آهي. رات پئجي وئي آهي. چنڊ پڻ اڀري آيو آهي. حميد هڪ ٿڌو شوڪارو ڀريو ۽ چيائين دوست منهنجو گهر تہ هتي ئي آهي. هنان آءٌ ڪيڏانهن وڃان. ڪنهن وٽ وڃان. ڪنهن کي حال ٻڌايان." "حميد افسوس آهي تون بلڪل نااميد ٿو ڏسجين. مون تي اعتبار ڪر، آءٌ تنهنجي هر ڪا مدد ڪندس. ٻيو نہ تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي دل جوراز مون کي ٻڌائي هلڪائي ڪرين.

دوست هلڪائي تہ مون کي گهرجي ڪانہ. آزادي قرب جي قيدي کي ملندي

تہ پيار ڪري ڪونہ سگھندو- محبت جو نالو آهي غلامي، عاشق جو خزانو آهي تصور ۽ درد- دک کان سوا انسان ڪھڙو؟ اها حياتي ڪھڙي مزي جي آهي جنھن ۾ سک ۽ سنھنج لڳا پيا هجن؟ اهو راز جنھن ڪي مون اينترو وقت سيني ۾ لڪائي هھڙا حال ڪيا آهن. تنھنجو حاصل مطلب هيءُ آهي تہ عورت ذات تي اعتبار ڪرڻ نہ گھرجي. تون منھنجو ننڍي هوندي جو سنگتي آهين. متان تون بہ ڪٿي ڦاسي پوين. ها منھنجي مدد جيڪا تون ڪري سگھندين سا مون کي خبر آهي. منھنجي نصيحت مان عبرت حاصل ڪري ان موجب پيروي ڪيئي تہ وري مون جھڙا مثال ڪري شايد ٿورا ٿين ها. پوءِ ان ڏينھن کو خاص واقعو ڪونہ ٿيو، اڳئين رات جي اوجاڳي ڪري آءُ جلد ئي سمهي رهيس. ٻي ڏينھن ٻن پهرن جو ماني کائڻ مهل، اسين سڀ گھر جا ڀاتي ماني کائي اٿياسين تہ نوڪر هٿ ڌئارڻ لاءِ اڳتي وڌيو. جميلہ اتي نوڪر کان پاڻي ورتو ۽ سيني جا هٿ ڌئارڻ لڳي. منھنجو وارو بہ آيو. منھنجي دل ڌڪي رهي هئي. الائجي ڇو، هٿ ڌئاريندي هن منھنجي قميص جون ٻانهون پسائي ڇڏيون، لاچار آءُ پنتي هٽيس زبان تي اکر اچي خبرناهي تہ ڇو رڪجي ويا. نظر مٿي ڪري ڪيس ڪاوڙ سان ڏسڻ لڳس مگر منھنجي ڪاوڙ ڪافور ٿي وئي. هوءَ مشڪي رهي هئي. ڪيس نھن کان وٺي چوٽيءَ تائين اچا ڪپڙا پيل هئا. آءُ ڪيس پرستارن جي پري سمجھڻ لڳس. اتي پاڻ تي افسوس ڪاڏم ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري گھر کان ٻاهر نڪري ويس. خبرناهي تہ ڪيترو پنڌ ڪري ويس. ٻاهر هوا صاف هئي. جينوٽيڪ ٻن پهرن جو وقت هو تہ بہ سج جي تپش هئي ڪانہ. ٻنين جي ساوڪ تي جھرڪين جا ولر لامارا ڏيئي رهيا هئا. هاري ناري سڀ پنھنجي گھرن ڏانھن هئا. نيٺ آءُ وڃي هڪ وڻن جي جھڳٽي هيٺان وينس.

منھنجا خيال نامعلوم ڪشش ڪري وري جميلہ ڏانھن واپس وڃڻ لڳا. اڄ هن نوڪر کان پاڻي وٺي سيني جا هٿ ڇو ڌئاريا؟ ڇا رڳو منھنجي ڪري؟ ڀلا ڪالهہ رات هن ڇو ننڊ ڪانہ ڪئي؟ هوءَ منھنجي ڪٽ جي ويجھو ڇو آئي هئي؟مون ڪي هٿ ڌئاريندي ڇو پسايائين؟ ڇا هوءَ مون کي پيار ٿي ڪري؟ جميلہ ڪھڙي نہ حسين هئي. پاڪ. نہ نہ هوءَ معصوم آهي اتفاق سان پاڻي اوتجي آيو هوندو. اجان اهي ئي خيال پچائي رهيو هوس تہ جميلہ اچي سامھون بيٺم. هوءَ اڪيلي هئي. ڪيس ڏسي آءُ شرمائجي ويس. پر هوءَ اچي منھنجي پرسان ويھي رهي. ڪيس هلڪي نيري رنگ جي ساڙهي پيل هئي. ٻانهون اگھاڙيون، اڌ ڍڪيل سينو ۽ وار

منهنجو ڳوٺ پڇي اچڻ جو خاص مطلب اهو هو تہ متان ڦاسي پوان ۽ انهيءَ ڳالهہ مان پاڻ کي ڌار نہ ڪري سگهان. دوريءَ ۽ جدائي سبب ڪيس وساري سگهان. آءٌ ڪو ڪيس دل ڏيئي ڪونہ چڪو هوس، نڪا ڪا منهنجي مرضيءَ هئي تہ هن کي آءٌ پنهنجو ڪريان. منهنجي اڳيان مکيہ مقصد ۽ آدرش اهو هو تہ ڪنهن بہ عورت تي مست ٿي بس حيوانن واري زندگي کان پري رهان. انهيءَ ڪري پري تہ پڇي آيو هوس. اڳي جو سڄو ڏينهن گهر ۾ ڪتابن جي اٿل پٿل ڪندي گهاري ڇڏيندو هوس، اهو هينئر ناممڪن ٿي پيو. گهر ڪاڻ ٿي آيو. ڪتاب خاڪ جي ڍيرن وانگر گند سان ڀرپور بي معنيٰ پئي لڳا. هرويرو زور ڪري دل وندرائڻ ڪري جي ڪٿي ڪو ڪتاب کوليندو هوس تہ ان جا پنا يا تہ صاف اڇا نظر ايندا هئم يا صفا ڪارا. الائجي ڇو؟ مون کي ڇا ٿي ويو هو؟ ان بيچيني جي حالت ۾ بلڪل ئي جميلہ کي ويجهو سمجهڻ لڳس. ڏسي سمجهي رهيو هوس تہ منهنجي حالت ۾ يڪايڪ ايترو ڦيرو ڇو ٿي آيو. اهو سڄو جادو جميلہ جو هو. هن جي ڪشش ۾ غضب جو زور هو. مون تہ ڪانئس پاڻ کي ڌار ڪري ڇڏيو هو. بلڪل پري ۽ دور هئس. مگر هوءَ مون کي اڳي کان ويجهي پوندي ويئي. بلڪل نزديڪ، آءٌ ڪشمش ۾ مبتلا هوس. آخر موڪل وارو عرصو پورو ٿي ويو. آءٌ ڪاليج ويس ۽ دستور موجب پڙهڻ کي لڳي، جميلہ کي وساري ڇڏڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. پوري مهيني کان پوءِ مون کي خط مليو جو هن ريت هو.

پيارا حميد!

تو تہ مون کي وساري ڇڏيو، بلڪل مگر مون کي تون ياد آهين. بي حيا ٿي هي چند سٽون لکي رهي آهيان، مجبور آهيان. منهنجي زندگيءَ جو دارو مدار تون ئي آهين. بس وڌيڪ ڇا لکان، تون پاڻ سمجهو آهين.

تنهنجي جميلہ!

هي خط تہ مختصر هو، مگر منهنجي حالت اڳي کان بہ خراب ٿي چڪي. آءٌ وري اچي اوڙاهہ ۾ ڪريس. ڏينهن رات جميلہ جي تصور ۾ گهارڻ لڳس. انهيءَ تصور ۾ اهڙو تہ ڪو جادو هو. جو آءٌ انهيءَ فريب ۾ وڌيڪ ڦاسندو ويس. دل ۾ ناسور تہ اڳئي هو مگر هينئر انهيءَ ۾ منو منو درد ۽ سور اپامي انيو، ڪاليج ۾ وڃڻ تي مرضي ٿئي ئي نہ. نڪو وري پيو ڪو ڪم ڪار سجهيو ٿي. الائجي ڇو؟ خبرناهي ڇا جي ڪري؟ منهنجي انهيءَ حالت ڪري نتيجو اهو نڪتو جو آءٌ بي. اي. جي آخري سال ۾ ناپاس ٿي پيس. ناپاس جو نالو مون هن کان اڳ

هاڻي باقي رستو اهو وڃي رهيو آهي تہ تون هتان هينئر ئي نڪري وڃ ٻيو چارو ڪونهي. گهر تي وڃ. انهيءَ عرصي ۾ آءٌ بہ پنهنجن مائٽن کي راضي ڪري وٺندس." منهنجي دل ۾ وري ڏڪار پيدا ٿي ويئي جميلہ لاءِ ۽ منهنجي ٿيڻ واري زال لاءِ. انهيءَ ڪري جميلہ واري رٿ پسند اچي ويم. اهو خيال ڪري مون جميلہ کي چيو تہ چڱو، منهنجي هاڻي موڪلائي آهي... جي جيئرا هونداسين تہ اچي گڏباسين. هوءَ اڳتي وڌي آئي ۽ پنهنجي منڊي لاهي منهنجي آڱر ۾ وڌائين ۽ منهنجي منڊي لاهي پاڻ ڪنيائين.

هڪ ٻيرو وري عورت جي چنبي کان آزاد ٿي نڪري آيس. ڪڏهن ڪڏهن جميلہ کي ياد بہ ڪندو هوس. سندس منڊيءَ کي ڏسي غلطان ٿي ويندو هوس. هڪڙي ڏينهن مون اها منڊي بہ لاهي درياءَ ۾ اڇلي ڇڏي تہ من ڪيس وساري ڇڏيان.

پورن پنجن سالن کان پوءِ پرديس ۾ مون رات جو خواب ڏٺو. "ڏسان ٿو تہ جميلہ جا حال برا آهن. ڪپڙا ڦاٽل اٿس. پرسان هڪ ننڍڙو ٻار اٿس. پاڻ بيمار آهي تہ بہ سندس زبان مان حميد! حميد!! جو آواز اچي رهيو آهي." صبح جو اٿندي ئي مون کي ڇڪ ٿي، نامعلوم ڪشش ۽ دل ۾ بيچيني، نيٺ لاچار ٿي ڳوٺ ڏانهن سنڀريس. سڌو جميلہ جن جي گهر ويس. ڏسان تہ جميلہ خوش خورم هئي. سندس مائٽن شادي ڪري ڇڏي هئي. ڪيس هڪڙو پٽ بہ هو. دوست اهو معلوم ڪري آءٌ ديوانو ٿي ويس. مجنون- مون کي الائجي ڇا ٿي ويو. آءٌ شهر جي گهٽين ۾ رڙيون ڪري ڊوڙڻ لڳس. ڪپڙا سڀ ڦاڙي ڇڏيم. ماڻهن کان مون کي ڪوبہ شرم يا حيا ڪونہ ٿيندو هو.

منهنجا ماءُ ۽ پيءُ نااميد ٿي آسرو لاهي مون کي چريو سمجهي ڇڏي ڏنو. مگر دوست منهنجي دل خوب ڄاڻو ٿي تہ آءٌ چريو هوس يا سنئون. ۽ جميلہ کي بہ خبر هئي تہ آءٌ ڪنهن جو ديوانو هوس. منهنجي آهہ هٿي وڃي هنڌ ڪيو. دوست ٿورن ڏينهن ۾ منهنجي اميدن جو آسرو. زندگي جو دارومدار، دل ۽ دماغ تي حڪم ڪرڻ واري سنگدل جميلہ بيمار ٿي هميشه لاءِ موڪلائي ويئي. هيءَ سندس قبر آهي... دوست.... "دوست" چئي هو ڪري پيو.

●

# بهار

آءٌ گھمندي رهيس..... ڦرندي رهيس..... جتي.... شبنم جي موتين جو فرش آهي....... ۽ آءٌ انهيءَ ملڪ جي طرح اچي رهي آهيان..... جنهن جي پيرن ۾ شبنمي هيرا ۽ جواهر لڳل آهن......

آءٌ گھمندي رهيس..... ڦرندي رهيس........ جتي....... سرخ گلاب ۽ سوسن اپرن تا...... ۽ آءٌ انهيءَ حسين نازنين وانگر اچي رهي آهيان.... جنهن جي سنهري وارن ۾ گل ٿي گل هجن.....

آءٌ گھمندي رهيس..... ڦرندي رهيس...... جتي..... ڀونئرا گلن جو رس ٿا چوسين....... ۽ آءٌ ان ڀونئور وانگر اچي رهي آهيان..... جنهن جي چپن تي گلن کي چمندي چمندي...... چمين جا داغ پئجي ويا هجن.....

آءٌ گھمندي رهيس..... ڦرندي رهيس...... جتي..... ساوا چهچ ميدان، جبل ۽ ماٿريون آهن....... ۽ آءٌ ان پکيئڙي وانگر اچي رهي آهيان..... جو سڄو ڏينهن ٻاهر گذاري، شام جو پنهنجي آکيري ڏانهن موٽي.......

**هُوءَ ۽ آءٌ**

هوا چوڻ لڳي...... "اي نازنين! ٻاهر اچ تہ گڏجي راند ڪيون"

چنڊ چيو...... "اي حسينہ! هيڏانهن تہ اچ، آءٌ تنهنجي ڪري آيو آهيان"

تارن چيو...... "اسين تنهنجي ضرورت محسوس ٿا ڪريون"

مون چيو...... "اي محبوب! اچ، آءٌ تنهنجو ڪڏهين کان منتظر آهيان"

* * *

هوا وري چوڻ لڳي..... "اي جادوگرڻ! آءٌ تنهنجي ئي ڪري..... خاموش ۽ صبر سان..... نهايت خاموشيءَ سان سرد آهون ٿي ڀريان"

چنڊ وري چيو..... "اي حسن جي ديوي! مون تنهنجي ئي واسطي چهرو زرد ڪيو آهي"

تارن وري چيو..... "اسين سڀ تنهنجي لاءِ منتظر آهيون"

مون وري چيو..... "اي محبوبہ! اچ، مون وٽ اچ....؟ آءٌ تنهنجو ڪڏهوڪو

منتظر آهيان.“

* * *

هوا..... ساري رات سرد آهون ڀريندي رهي.......

چنڊ..... زرد چهري سان هيٺ مٿي... تمام مٿي..... صبح تائين انتظار ڪندو رهيو...... تارن جون منتظر اکڙيون ٽمڪڻ ۽ پورجڻ لڳيون.......

مگر.....هوءَ ۽ آءٌ...... ٻئي اجا تائين..... ڳالهائي رهيا هئاسين..... آهستي... آهستي.....

•

# چوٿون خط

سوشيلا ڏانهن

سوشيلا!

ڪراچيءَ لوٽڻ کان پوءِ پريم پلٽو ڪاڏو. ان کي جيئري رکڻ لاءِ سڀ ڪجھہ موجود ٿي ويو. راتيون اوندهيون ٿي ويون. ڏينهن لوچ پوچ ۾ گذرڻ لڳا. انهيءَ اٿل پٿل دل ۽ دماغ کي پاگل پڻ جي درجي تي پهچايو. آءٌ سواءِ ڪنهن خيال جي سارو وقت تنهنجي ئي يادگيريءَ ۾ گهارڻ لڳس. مون کي پروڙ بہ هئي تہ تون هرگز منهنجي ٿي نٿي سگهين. مگر دل کي ڪيئن سمجهايان پريت جي ريت نرالي آهي. تنهنجي رسيلن نيڻن جي اشارن مون کي منجهائي ڇڏيو. تنهن کان پوءِ ڇا ٿيو.

مون لاءِ رات ڏينهن ننڊ حرام ٿي وئي- سيني ۾ هلڪو هلڪو درد، دل ۾ منو منو سور جاڳي اٿيو. انهيءَ ڏينهن کان منهنجي حالت بي ٿي پئي. سوشيلا اهو هڪڙو داستان آهي، منهنجي مرضي ناهي تہ آءٌ توکي ٻڌايان. آرزو ٿم تہ شل منهنجي دل جي حالت جو تون اندازو لڳائي سگهين. جيڪڏهن تنهنجي دل ۾ منهنجي لاءِ پريت جي ڪٿي آهي. جيڪڏهن تنهنجي دل پٿر جي ناهي تہ ڪٿي ٻاهران نہ ٿي سهي پر اندروني طرح محسوس ڪري سگهنديءَ تہ سچ پچ ڪو سنايل آهي. جنهن جي زبان بند آهي..... خاموش آهي، مگر ان جي خاموشيءَ ۾ ضرور ڪو نہ ڪو سوال آهي. سوشيلا ڪنهن چيو آهي.

چمن ۾ آهہ ماتم بي نصيب غنچي جو،
جو رات هڪڙي بہ شاخ تي نہ رهيو.

ها چمن ۾ ماتم هوندو. هن جي شاخ تي نہ رهڻ جو! مگر آه.....! هتي تہ هڪڙي گهڙي بہ اهڙي ڪانهي جنهن کان پوءِ آرام نصيب ٿئي. تہ پوءِ رات ڏينهن ۾ تفاوت ڪهڙو! شاخ تي رهڻ ۽ نہ رهڻ جو غم ڪهڙو! مون کان سواءِ ماتم ڪرڻ وارو ڪهڙو! اڪيلائي آهي جا مددگار آهي ۽ دل کي تسلي آهي تہ هيءَ آهي:

جڏهين پيو ڪوئي ڪونهي،
شايد وسين ٿو تون مون وٽ.

هي خط لکندي آن جريت کان گهرو وٺي رهيو آهيان. پر انهيءَ همت جي صدقي جنهن مون کي توسان ٻن چئن ڏينهن گهارڻ جو موقعو ڏنو؛ اميد اٿم تہ مون کي جواب لاءِ وڌيڪ منتظر نہ ڪنديءَ. آسرو اٿم تہ هيءَ خط توکي عجب ۾ نہ وجهندو. جيستوڻيڪ منهنجي زبان پريم جي اپٽار کان خالي رهي آهي تہ بہ منهنجي ڪمزور اکڙين توکي سنيهو ضرور پهچايو هوندو. توکي معلوم آهي. پاڻ گڏ هئاسين..... پوءِ جڏهن سامهون حشر ٿئي پر پا

ڪريان اظهار تمنا ڪيئن؟

شروعات مون ڪئي آهي..... باقي تنهنجي جواب جو انتظار اٿم....

تنهنجو رميش

* * *

رميش!

خط پهتو. لکان تہ ڇا لکان. تنهنجي درديلي خط منهنجي دل تي اونهو اثر ڪيو آهي. آءٌ سمجهان ٿي تہ تون ضرور دکي آهين، تنهنجي خط جو هڪڙو هڪڙو لفظ منهنجي دل تي نشتر ٿي چيڪيو آهي.

مگر جڏهين مرد جي بيوفائي ڏانهن نظر ٿي ڪيان تہ دل ڏڪيو وڃي. شروعات ڪي ڇڏي انجام ڪي ٿي سنڀاليان تہ آهہ! هن مٽي جي پتلي، بيوفائي جي بوتي جي ڪشش ڪهڙي نہ رنگين آهي، پر ان جي پڇاڙي ڪهڙي نہ خوفناڪ. سچ آهي نہ رميش! اهوئي خيال مون کي بيهوش ڪيو ڇڏي. دماغ چڪر کايو وڃي. اف! مرد ڪيترو نہ فريبيءَ چالاڪ آهي. پٿر وانگر سخت پر ميڻ وانگر نرم. مطلبي، ڏوڪيباز ڪنهن جي ڳڻن ڳائڻ تي اچي تہ زمين آسمان ڏڪايو ڇڏي. رميش! ڇا تون ٿي ٻڌائي تہ عورت اهڙي سهڻي آهي جو سڄي دنيا جو حسن منجهس اچي واسو ڪري! نديءَ جي وهندڙ پاڻيءَ ۾ ان جي جهلڪ هجي. شفاف چشمي ۾ ان جي تصوير چلڪي. صبح جو مٺڙي هير ئي رڳو انجائي رسيلا گيت ٿي ڳائي. ڇا دنيا جو ذرو ذرو عورت جي ڪري ئي وجود ۾ آيو آهي؟ ڪهڙا نہ فريب ڏيندڙ آهن اهي اکر. عورت کي بيوقوف بنائڻ لاءِ! ڪهڙا نہ وٺندڙ پردا عياري لڪائڻ لاءِ! مون لاءِ تہ پريم جي هيءَ قيمت آهي تہ پريم پاگل پڻو آهي. چريائي آهي، جا ٿيو پوي. لهيو وڃي تہ سڀ ڪجهہ ڪافور ٿيو اڏاميو وڃي. ها آءٌ چوان ٿي تہ پريم جي ريت مرد لاءِ اها آهي تہ جيسين کو پريم ڪندو رهي تہ پريم آهي ۽ پوءِ...... بس......

پريم بہ وري کھڙو تہ بيو سندس غلام ۽ نوڪرياڻي ٿي رهي. زباني وعدن جي ڪمي ڪانهي پريم هي آهي پريت هيءَ آهي ريت هوءَ آهي. پريت دنيا جي بندشن کان آزاد آهي وغيره وغيره.

رميش! اهي بيقراريون، آه و زاريون، اونداهيون راتيون....آءٌ نٿي سمجهان، ڇا جي لاءِ آهن. ڇا تون انهن مر شاديءَ جي تصوير ٿو ڏسڻ چاهين ڇا خط بہ انهيءَ ڪري لکيو اٿئي تہ آءٌ پنهنجي آئينده تنهنجي ٿي رهان؟ هائو تنهنجو اهوتي خيال هوندو.... پر افسوس آءٌ اهڙي خيال تي همراهہ ٿي نٿي سگهان. پريم جي دعويٰ ڪرڻ ۽ ان تي شاديءَ جو پوش چاڙهڻ جهڙو دفتريءَ تي بخمل چاڙهڻ آهي. پريت اها هئڻ گهرجي جا معصوم هجي زبان سان نہ پر دل سان هجي.

زياده ڇا لکان. مون کي اهو ڪجهہ سمجهہ جو تون آهين. تو رباب کي ڇيڙيو تہ تارون وڄڻ مگر فرق سو اهو آهي. تنهنجي تمنا آهي تہ منزل تي جلد پهچين، منهنجي مرضي آهي تہ پريم جو رستو اڃان اڙانگو ٿئي. تنهنجو پريم پوڄا جي لائق آهي مگر تنهنجي طبيعت نہ...... آخر تون بہ تہ انهن مان آهين جن کي آءٌ ڌڪاريان ٿي. ان ڪري تون مون کي ياد ڪندو رهہ ۽ آءٌ توکي ياد ڪندي رهنديس.

تنهنجي سوشيلا-

•

مگر حقيقت تہ اها آهي، جو اِهو سيڪجهہ جذباتي فريب هو، جنهن جي پنيان نفساني خود غرضيءَ جي لڪل تصوير هئي. ماڻهو جڏهن اخلاق، مذهب ۽ سماج جي قانون کي ٽوڙي، هُن جي دلنواز خلوت ڌانهن ايندا هئا، تہ هوءَ چڱيءَ طرح سمجهي ويندي هئي تہ اُهي بکايل بگهڙ آهن، جو سندس جوانيءَ جو رت پيئڻ لاءِ سون چانديءَ جا پيالا کڻي آيا آهن...اِنهيءَ لاءِ اُن اهڙي تعليم حاصل ڪئي، جو هُن جو جسم اندلٺ وانگر ور کائي تہ ناچ ۽ شاعري جاڳي اٿن. هن جي چپن جو آب حيات چُرن سان شراب چُلڪجي وجي. هن اهو بہ سکيو هو تہ اُنهن بگهڙن کي ڪيئن پاليو وجي. ساهہ جي تيزي ۽ سستي، عضون جي گولائي... اکڙين جا اشارا...اُنهن سڀني ۾ ماهر هئي. هُن جو شڪار هُن وٽ قاتل هو.

هن کي اهو معلوم هو تہ اُهو پوجا ۽ پريم جو طوفان جو اُن جي اشاري تي هلي رهيو هو، ٿوريءَ ٿي غفلت کان ڪيس باغ دنيا جي شاخ تان مکڙيءَ وانگر ٽوڙي اڇلائي ڇڏيندو.

جڏهن شام جو هوءَ پنهنجي خوبصورت بالاخاني جي آغوش ۾ پنهنجي ساري جوانيءَ ۽ تمام رنگينيءَ کي سينگاري ويهندي هئي تہ رات پوڻ سان سڄي دنيا هن وٽ چڪجي ايندي هئي...هن کي خبر هئي تہ اُها سڄي ڪشش هڪ ڏينهن پاڻيهي اُن جي قسمت سان ٽڪربي...جڏهن هوءَ هزارين فتنا کڻي، مشڪندي، باغن مان رستن تي ٽلندي ٿي هلي، تہ پياسي نظرن ۽ گرم ۽ ٿڌي ساهن دل جي تيز ڌڙڪن جا ولر ان جي چئني طرفن کان ٿي اُٿاريا...۽ ڪيس ائين محسوس ٿي ٿيو تہ هوءَ هڪ آتش...آگ...باهہ جو برندڙ جزو آهي...جو جيڏانهن وجي ٿو...جو جني ڦري ٿو تہ رڳو جلائي ٿو...ساڙي ٿو...ٻس...اِنهيءَ هوندي بہ هن هر صبح جو پنهنجي ٿڪل بلوري بدن کي بستري جي مرجهايل گلن تان اٿاري، وهاڻي جي زور تي ٿي ويهاريو...پنهنجي ننڊاکڙين نظرن سان ائين سمجهڻ ٿي لڳي تہ جڻ هوءَ ڪاريءَ اونداهيءَ، ويران ۽ سنسان دنيا ۾ اڪيلي هئي، بلڪل اڪيلي هئي...جتي سون چانديءَ جي ننڍڙن ڪڙڪڻن کان سواءِ ڪجهہ ڪونهي...هرهڪ رات هن پنهنجي حسن ۽ جوانيءَ جي لذتن کي نئين نموني سان ٿي ناهيو. ڪڏهن اينروئي ڪافي ٿي سمجهيائين تہ شرم ۽ حجاب جو جادو هجي...هوءَ دامن ڇڏائي...۽ ماڻهو گهلبا اچن...هوءَ ادائن جي لهرن ۾ ترندي وجي....تڙڳندي...۽ ماڻهو جذبات جي نشيبي و فراز کان نہ ڪرون ڪائي ڪائي، ٻڏندا گهوٽا ڪائيندا...ٻوڙندا اچن...ڪڏهن هن شوخيءَ ۽ وڏائيءَ کان پنهنجو بيحد

حسين جسم نمايان ٿي ڪيو تہ ماڻهن جي جسم ۾ بجلي ٿي ڊوڙي...اها بجلي جا رڳو گنهگارن ۾ ئي ٿي پيدا ٿئي... ڪڏهن هوءَ ڇنيءَ نانگڻ وانگر ور ڪائي ڏنگ هڻندي هئي تہ ماڻهو انهي زهر کي امرت سمجهي خشڪ ۽ ڏڪندڙ چپن سان جهٽ پي ٿي ويا.... ڪڏهن هوءَ موت وانگر چپ چاپ دل دماغ تي ٿي ڇائين، ۽ ماڻهو ان کي زندگي سمجهي ڪلندا رهيا...مگر انهن سڀني ناز نخرن کان زياده هوش ربا نخرو اهو هو، جو هوءَ پنهنجي اکين ۾ پاٿي آٿي چوندي هئي "آءٌ توکي پيار ٿي ڪريان!" جوانيءَ ۽ گناهہ جي مست راتين ۾ جداجدا ماڻهن جا خيال ڪندي، هن پاڻ ۾ ايترا تہ جذبا پيدا ڪيا هئا، جو هن لاءِ اهڙي ڳالهہ ڪابہ ڪانہ باقي بچي جو ڪٿي سگهي. گهڻا ماڻهو خوفناڪ مڇرن وانگر پون پون ڪري هن جي نرم نازڪ جسم مان خون چوسي اڏامي ويندا هئا. هوءَ انهن کي زياده مهربان سمجهندي هئي، ڇو جو هو ڪنهن حد اندر هوندا هئا. ڪيترا ماڻهو اهڙا بہ هئا، جي دنيا مان ناڪام ٿي، هن جي فريب ڪده ۾ ڄاڻي واڻي ڏوڪو ڪائڻ ايندا هئا، جن کي هوءَ شراب جي هڪڙي پيالي سان.... گناهہ سان...راڳ سان.... خاموش ڪندي هئي. ڪيس تڪليف يا ڏکيائي انهن ماڻهن سان ٿي ٿِي، جن ان جي جسم جي لذتن کان سواءِ هن جي دل ۽ روح کي ٿي پڪڙيو. انهن -ان ڪن جي مرضي اها هئي تہ هن جي حسين زندگي...هن جي رنگين جواني صرف انهن جي ئي اڄ اڄهائي ۽ ٻين غريب پياسي انسانن کي ڪجهہ بہ نصيب نہ ٿئي. ڪن جو اهو حڪم هو تہ هوءَ ساڻن ئي محبت ڪري...اها محبت جا ڪئي نٿي وڃي، پر ٿي ويندي آهي...اهي وٽس نہ هجن تہ ڪيس آرام نہ اچي....آهون ڀري...دل ۾ ياد ڪري ۽ رات جي ننڊ کي لڙڪن ۾ وهائيندي رهي، ۽ جڏهن اهي مشڪندا ڪلندا اچي ساڻس ملن تہ هڪ اهڙي شيءِ بڻجي وڃي، جو ڪنهن ٻئي مرد جي سامهون ڪڏهن نہ ٿي هجي...انهن مان ڪي اهڙا بہ هئا، جو ڪيس جهنم جي آزاديءَ جي بدران بهشت جي غلاميءَ جي آڇ ڪندا هئا ۽ ڪيس مجبور ڪندا هئا تہ هوءَ پنهنجي مزي واريءَ دنيا کي ڇڏي، هنن جي غليظ گهرن ۾ هڪ فقيراڻي ٿي رهي....ڪهڙا نہ اونڌا...ابتا سوال هئا! پر جڏهن ان انهن سڀني پيالن ۾ خودغرضيءَ ۽ لذت جو شراب وجهي پياريو تہ خبر نہ آهي تہ الاجي ڇو سڀئي خاموش ٿي ٿي ويا. خوش قسمتيءَ سان ڪنهن رات جڏهن هوءَ پنهنجي بستري تي اڪيلي هوندي هئي تہ هو خيال ڪندي هئي...خبر نہ آهي ڪهڙا ڪهڙا! ڳائيندي...مشڪندي...ڪلندي...۽ پاڻيهي روئي پوندي هئي...اهڙيون راتيون هن کي زياده پياريون هيون...زياده

وري اوچتو منهنجو خيال انهي آخري خط ڏانهن ويو.... "ڇا هيترن سالن کان پوءِ هوءَ پنهنجي خط جو جواب وٺڻ آئي هئي؟....ڇري تہ ڪانہ تي آهي؟.... جوانيءَ جي وسريل گناهہ کي ياد ڏياري، ڇا هوءَ مون کي پاڳل بنائيندي؟....تہ پلا ڇو مون وٽ سنئين سڌي نہ آئي؟....توبهہ توبهہ.... ڪيس هتي اچڻ نہ گهرجي....هوءَ منهنجي واسطي خطرو آهي.... اسين ٻئي ويهہ سال اڳي مري چڪا سين. هاڻي هوءَ هوءَ آهي ۽ آءٌ آءٌ آهيان،....اهي ٻئي گڏجي اسين ٿي نٿا سگهون. آءٌ خبر ناهي ڪيترو وقت انهن خيالي فيصلن ۾ مشغول هوس. سمنڊ جون بہ زبردست لهرون اٿي هڪٻئي سان ٽڪرجي رهيون هيون، انهن جي وچ ۾ آءٌ هڪڙو ڪک وهي رهيو هوس....ڪڏهن ڪيڏانهن....ڪڏهن ڪيڏانهن. ان کان پوءِ خبر نہ آهي تہ مون کي ڇا ٿيو! مون کي ايترو ياد آهي تہ منهنجي بت مان چٽگون پئي نڪتيون ۽ آءٌ پيرين اگهاڙو آهستي آهستي گهر کان ٻاهر نڪري رهيو هوس. اونداهيءَ ۾ ويهن سالن واري رات مون کي هٿ کان ڇڪي ڪيڏانهن وٺي وڃي رهي هئي. ٿوري وقت کان پوءِ آءٌ هن جي دروازي تي پهتس. دروازو اڌ کليل هو....آءٌ ڏاڪڻ تي مٿي چڙهڻ لڳس، مٿي دروازو بند هو، شيشن مان روشني پئي آئي. آءٌ پنهنجي ساهہ کي روڪڻ لاءِ ترسيس ۽ ڏڪندڙ دل کي هٿن سان ٻيهاريم....۽ پوءِ.... پوءِ مون شيشي مان نظر وڌي....نظارو ڏسي بت بڻجي پيس. اندر ڪمري جي وچ ۾ غاليچن تي هوءَ نچي رهي هئي....بلڪل اڪيلي. هار سينگار هوندي بہ هوءَ ساڳي اها نہ هئي، جنهن کي مون هڪ رات جي واسطي خريد ڪيو هو. هوءَ جوانيءَ جو عرصو ڇڏي آئي هئي، پر جوانيءَ جي نانگڻ پنهنجي پنيان نشان ڇڏي ويئي هئي. هن جي ڳلن تي....ڳچيءَ تي ۽ پرن جي وچ ۾ گهنج هئا....پر هن جون اکيون.... آه....هن جون اکيون ٻجليون هيون، اڳي کان گرم ....هن جو جسم هن جا حيرت انگيز عضوا ساڳيا ئي ساڳيا هئا.... نُهن کان چوٽيءَ تائين هوءَ قيامت هئي، هن جوانيءَ کي واپس آڻڻ لاءِ حيرتناڪ ڪوشش ڪئي هئي. مون کي وسري ويو تہ مون کو ڪيس ويهن سالن کان پوءِ ڏٺو آهي....آءٌ ڪيس ڏسي رهيو هوس.... ۽ هوءَ اڪيلي جوش سان نچي رهي هئي. اوچتو منهنجي دل کي جهٽڪو آيو.... آءٌ اکيون ڦاڙي ڏسي رهيس.... اُف! خوف ڇانئجي ويو.... هن کي اهي ساڳيائي ڪپڙا هئا، جي هن ويهہ سال اڳ اُنهيءَ رات ڪيا هئا!

هتي ڪنهن کي خبر ڪانهي، آءٌ ڪير آهيان. تنهن کان سواءِ انگريزي پڙهڻ وارن انگريزن کان سواءِ اسان جي فوج ۾ ڪوئي ڪونهي... چڱو موڪلائي....هيئنر کان ئي جواب جو انتظار شروع ڪيو اٿم. 'تنهنجو فريد.

آءٌ ڪنذ جهڪائي ڪيس خط جو جواب سمجهائي رهيو هوس، پڇاڙيءَ جو ڪنذ کڻي، مٿي ڏسان تہ هوءَ روئي رهي هئي. مون محسوس ڪيو تہ منهنجو ڪمرو خوفناڪ رفتار سان ڦري رهيو هو. خاموشي هيبتناڪ هئي. ڳالهائڻ جي بهاني سان مون چيو.... فريد کي تہ آءٌ سڃاڻان. هو بہ سال منهنجي ڪاليج ۾ شاگرد رهي چڪو آهي. پر....فريد....تنهنجو! ...."هائو" هن روئڻ بند ڪري چيو ۽ وري ترسي چوڻ لڳي، "تڪليف نہ ٿئي تہ هن خط جو جواب انگريزي ۾ لکي ڏيو" مون لکڻ شروع ڪيو هو لکائيندي رهي.... پنهنجي پٽ جي ياد ....ماءُ جي محبت....ملڻ جو شوق....انهن چند ڳالهين کي هوءَ وري وري ڦيرائيندي لکائيندي رهي، مون سمجهيو تہ هن جي مامتا بلڪل زبردست هئي، هڪ رنڊي هوندي بہ هوءَ گهري ۽ پاڪ محبت ۾ غرق هئي، جا شايد فرشتن ۾ بہ نہ هجي. هن ڳالهہ منهنجي زندگيءَ ۾ انقلاب پيدا ڪيو ۽ اهڙو حيرت انگريز انقلاب، جهڙوڪ آءٌ گناهنگار نوجوان کان ڦري اخلاق جو صاحب پروفيسر ٿي ويو هوس. هر آچر تي هوءَ مون کان پنهنجي پٽ جو هڪ خط پڙهائڻ ۽ لکائڻ ايندي هئي، آچر جي ڏينهن صبح کان انتظار ڪرڻ لڳندو هوس ويندي بہ پهرن تائين. وري ڪيترائي ڀيرا ان جي ماڙيءَ جي دروازي کي ڏسي اٿي اٿي وري اچي ويهندو هوس، هزار ڀيرا ارادو ڪيم تہ هن کان سيڪجهہ پڇان.... ان رات جي انهيءَ حيرت ناڪ ناچ جو سبب پڇان وغيره. انهن اسرارن کي بي نقاب ڪرڻ جي واسطي هن جي غيرحاضريءَ ۾ ڏاڍو منتظر رهندو هوس. پر جڏهن هوءَ ايندي هئي تڏهن شرم ۽ حياءَ جي پٽ وچ ۾ اچي ويندي هئي. گهٽ ۾ گهٽ مون کي يقين ٿي ويو هو تہ هن کي مون سان محبت ڪانہ هئي ۽ نڪا ڪا هوءَ پاڳل عورت هئي. پر انهيءَ جي باوجود منهنجي دل نامعلوم بار جي هيٺيان دٻجي پئي وئي. ڪيتري ۽ ڪهڙي نہ عجيب هئي هن جي هستي!.... هوءَ جنهن محبت ۽ گناهہ جي رانديڪن سان راند ڪري ڪري پنهنجي جواني ۽ حسن جا پاڪيزه جرا ڪچلي ڇڏيا هئا. اها اڄ پنهنجي پٽ واسطي هڪ لاطمع فقير جي حياتي گذاري رهي هئي... اُهو پٽ، جو هن جي گناهہ جو يادگار هو. جنهن جي هستي هن جي واسطي دائمي شرم ۽ ذلت کان گهٽ نہ هئي....!

ڇا ، هُن جي عادت جي ههڙي پاڪيزگي اِن جي لائق نہ هئي تہ ساريءَ دنيا جو اخلاق ۽ پرهيزگاري هن جي قدمن تي قربان ڪجي؟ ڇا ، سماج جي "پاڪ ۽ معزز عورت" ماءُ ٿي، اِن ڪان زياده ڪجهہ ڪري ڏيکاري سگهي ٿي؟.... پر انهيءَ انڌن اصولن تي جيئڻ واري سماج وٽ اکيون آهن ئي ڪٿي، جو گناهن جي اونداهيءَ ڪان پري اُڏامندڙ ڇٽنگ کي ڏسي سگهي.

مون کي ڇوڻ ۾ ذرو بہ شڪ ڪونهي تہ هن سان هاڻ مون کي همدردي ٿي ويئي هئي. جنهن جو مطلب مون کي خود معلوم نہ ٿي ٿيو. هن جا مون ڪيترا خط پڙهيا ، ۽ جواب بہ لکيم . ظاهري طرح بيو ڪجهہ نہ هجڻ جي بہ هوءَ خط ٻڌي روئي پوندي هئي. منهنجي دل ڏکي اٿندي هئي. جوابن لکڻ ۾ بہ هن جي خيالن کان سواءِ آءٌ پنهنجو اظهار ڪندو هوس. ڇا "هوءَ" ۽ "آءٌ" ٻئي گڏجي "هڪ" ٿي رهيا هئاسون؟ هن جي سادگي ڏسي آءٌ ديوانو ٿي ويندو هوس، ۽ دل چوندي هئي تہ هوءَ ڪجهہ چوي ۽ ڪجهہ آءٌ ڪيس ٻڌايان..... اهڙيءَ طرح گڏجي هڪ اهڙي ڪهاڻي ٻين کي ٻڌايون، جا دنيا جي سماج کي نڪرائي ڇڏي. پر اُف..... هن جي بي نيازي ۽ خاموشي!..... منهنجا لفظ چپن تي اچي اچي رڪجي ٿي ويا ۽ هوءَ منهنجي واسطي اهڙي هئي جهڙو هڪ پٿر. ڇا ، هوءَ مون کان بدلو وٺي رهي هئي؟... ڇا اهو بدلو آهي، جو هو ڇوويهہ سال اڳ جو ڪيس مون سمجهيو ٿي سو ڪوڙ هو....... اهي خيال ڪري دل چوندي هئي تہ ڊوڙي هُن جي پيرن ۾ وڃي ڪران ۽ پنهنجي لڙڪن جي طوفان سان ويهن سالن وارا پردا ٽوڙي ڇڏيان. ها پر هن جي بي نيازي، خودداري ۽ اڻ ڄاڻائي زياده ٿيندي ويئي. هن منهنجي سامهون روئڻ بہ ڇڏي ڏنو.... خط تمام ننڍا لکائڻ لڳي. اهڙا ننڍا، جو اسان جون هفتيوار ملاقاتون بلڪل مختصر ٿينديون هيون. هيءَ اها نشتر هئي جا مون کي بيقرار ڪري رهي هئي. هوءَ جيترو دور ٿيندي ويئي آءٌ اوترو دربدر ٿيندو ويس. دنيا ۽ دنيا وارن کان بي خوف ٿي، آءٌ هُن کي پوڄڻ لڳس. رڳو انهيءَ خوف کان تہ متان ڪٿي هوءَ پري ٿيندي ٿيندي گم ٿي ويئي تہ منهنجا سجدا هن منافق دنيا ۾ ڪهڙي ڪم جا ٿيندا! پر جڏهن آءٌ هن تبديليءَ ڪري ديوانو ٿي چڪو هوس، تہ هن منهنجا هٿ اڇلائي، پنهنجو دامن ڇڏائي، ڇڏيو! بہ هفتا ٿي ويا تہ هوءَ خط لکائڻ نہ آئي. ڪيترا ڀيرا آءٌ هُن جي در تي وڃي، موٽي آيس. هن جو ڪمرو خالي ۽ بند هو..... ڪمري جو سارو سامان ائين جو ائين رکيو هو. شيشن مان مون جهاتي پائي ڏٺو تہ اهو غاليچو بہ اتي پيو هو. جتي هُن کي مون هڪ رات نچندي ڏٺو. پر هوءَ اتي نہ

هئي ۽ اندر وجڻ جو بہ کو رستو ڪونہ هو.... هاء.... منهنجي بيتابي!....
اوهين شايد سمجهي نہ سگهو..... نازڪ ريشمي ڪپڙي کي ڪنڊن تي وجهي
ڇڏيو وجي.... اهڙوئي حال هو منهنجي دل جو. جذبات ۽ خيالن منهنجي زندگيءَ
۾ طوفان مچائي ڏنو ۽ آءٌ بيمار ٿي خبر ناهي ڪيترا ڏينهن بستري تي پيو رهيس.

۽ پوءِ اهو صبح!..... اُف..... منهنجو موت بہ ان کي وساري نہ سگهندو!
هي ٽيون هفتو بيماريءَ جي ڪمزوريءَ کان پوءِ مون پهريون دفعو اکيون کوليون.
منهنجي نظر وهاڻي جي ويجهو رکيل لفافي تي وڃي پيئي.... اهوئي نيري رنگ
جو لفافو.... اهوئي لفافي جو نفيس ڪاغذ!..... مون ان کي کوليو ۽ جو
پڙهيم.... ان کي اوهين بہ پڙهي ڏسو.... "پروفيسر!...... تنهنجي نالي جي
اڳيان سنو لفظ لکڻ چاهيم ٿي مگر لکي نہ سگهيس. سچ تہ مون وٽ اهڙو نئون
لفظ باقي رهيو ئي ڪونهي. مون پنهنجا خوبصورت لفظ انهيءَ رات تنهنجي
واسطي استعمال ڪري ڇڏيا هئا. جڏهن پاڻ ٻنهي جاڳندي هڪڙو سهڻو خواب
ڏٺو هو، اهو خواب گناهن سان ڀرپور هو پر ان جو تعبير ڪهڙو نہ پاڪ هو. پر تو
ڇا سمجهيو ان کي!.... ان 'تعبير' مون کي دين دنيا جون اهي نعمتون ڏنيون،
جي توکي ٻڌايان تہ ٻڌائي نہ سگهان ۽ جي ٻڌايان تہ شايد توکي ان تي اعتبار بہ نہ
اچي...... سمجهين ٿو تہ آءٌ ڇا ڇئي رهي آهيان؟ ٻڌ! تو مون کي عورت مان
'ماءُ' بنايو ۽ هنن منهنجي پٽ جهڙي بي بها معصوم هستي قوم جي گنهگار
هٿن ۾ سونپي!..... آه تنهنجو احسان غير فاني آهي!.... تنهنجي عنايت سان
منهنجو روح قيامت تائين رنو رهندو..... ۽ تنهنجي اها مهرباني، جو هڪڙيءَ
نڪرايل ڇوڪريءَ کي پنهنجي علم جو فيض ڏنو... ها مون وٽ اهڙو ڪوبہ لفظ
ڪونهي، جو تنهنجي نالي جي اڳيان لکي، پنهنجي احسانمنديءَ جو اظهار
ڪريان..... ڪاش آءٌ ان جي قابل ٿيان ها تہ تون مون کي احسان فراموش نہ
سمجهين ها! توکي خبر ناهي تہ آءٌ انهيءَ يادگار کي پاڻ وٽ رکي نہ
سگهيس...... اهو زردي داستان آهي!.... آءٌ توکي نہ ٻڌايان تہ ڇا ڪريان....
ها توکي خبر ناهي تہ منهنجو پٽ آخر ڇو مون کان رسي ويو. تنهن فلسفي اخلاق
۽ مذهب..... تنهنجي سماج جو بي رحم اصول هو.... تنهنجي دنيا کي تباهہ
ڪندڙ پاڪيزگي يا پرهيزگاري.... انهن سيني ملي منهنجي پٽ کي رنجائي
ڇڏيو...... هو اهو سهي نہ سگهيو تہ دنيا هُن کي گناهہ جو يادگار سمجهي
نفرت جي نگاهن سان ڏسي. هن کان اهو برداشت نہ ٿي سگهيو، حتي هر ڪو

ڪيس 'رنڊيءَ جو پٽ' ڪري سڏي. سماج جا طعنا تُنڪا، حقارت، هن جي معصوم دل لاچاري کان ٻڌندي رهي، ڏسندي رهي، پر ڪيستائين؟...... هڪ ڏينهن هو پنهنجي ذليل ماءُ کي اڪيلو ڇڏي دنيا ۾ گم ٿي ويو ۽ پنهنجي پويان هڪ چٺي ڇڏي ويو ته 'امي! آءٌ وڃي رهيو آهيان اُتي جتي ڪنهن کي خبر ڪانه پوندي ته آءٌ هڪ گناهه جو زنده نقش آهيان.' ان ڏينهن کان اڄ ڏينهن تائين...... زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين...... مون پنهنجي لال کي نه ڏٺو..... موت کان وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ زمانو جهڙيءَ طرح مون گذاريو ان جي ڀلا ٻين کي ڪهڙي خبر؟..... مصيبتون ۽ غم پهاڙ وانگر منهنجي روح تي ٽُٽي پيا ۽ آءٌ مجبور سهڪندي رهيس، رڳو انهيءَ اميد ۾ ته من منهنجو ٻچو پنهنجي دکايل ماءُ کي ڳوليندو، پلجي اچي نڪري!..... مون سڄيءَ دنيا جي خاڪ ڇاڻي ڇڏي، زمين جي ذري ذري تي پنهنجي گهايل مامتا سان ڪيس ڳوليم پر.... ناڪام!..... پر اميد وڃي ٿي نه شايد.... متان.... اچي نڪري!...... انهيءَ آسري مون کي جيئڻ سيکاريو ۽ جيئڻ جي ضرورت خود فريبيون سيکاريون.... نه ته ڀلا بنا آسري ڪو جي سگهي ٿو؟ تون مون کي پاگل سمجهندين، جو آءٌ سچي ڪريان ته اهي سڀ خط جي مون توکان لکايا پڙهايا سي هئڙادو هئا. پاڻ کي ڏوکي ڏيڻ سان هڪ غمزده کي ڪجهه آرام ملي ٿو. اهو ته تون به سمجهي سگهندين. هڪڙي ٻئي ماڻهوءَ کان پنهنجي پٽ جي طرفان پنهنجي نالي تي خط لکائي وري ڪٺي توکان اچي پڙهائيندي هيس ۽ جواب لکائيندي هيس. شروعات ۾ ته آءٌ پاڻ کي ديوانو سمجهڻ لڳيس پر نيٺ هن خود فريبيءَ جي مزي ۾ اينرو ته ڦاسي ويس، جو مون کي جيئڻ لاچار ٿي پيو ۽ سچ پچ آءٌ ائين سمجهڻ لڳيس ته اها هڪڙي حقيقت هئي..... تون مشڪي رهيو آهين؟..... ٻڌ..... جڏهن رات ٿئي ٿي ته آءٌ پاڳل بنجي بي اختيار هار سينگار ڪري اڪيلو ئي اڪيلو نچندي هيس. ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ ياد ۾ سڄي رات به ختم ٿي ويندي هئي، ٻڌ ته سهي ته مون پنهنجي پاڳل پڻي ۾ ڇا ڇا نه ڪيو.... ها انهيءَ ناچ وقت آءٌ اهوئي لباس پائيندي هيس، جو ان رات منهنجي بت تي هو، جڏهن تو مون کي منهنجو پٽ ڏنو هو..... خبر آهي توکي ته مون کي منهنجي چريائپ مان ڪهڙي نه فرحت ٿي آئي... دل هلڪي ڪرڻ لاءِ شاعر شعر چوندو آهي... ڳويو ڳائيندو آهي... جي آءٌ ائين نه ڪريان ها ته آءٌ سچ به چري ٿي پوان ها، آخر دل جو دک ڪنهن کي ٻڌايان. هڪ رنڊيءَ جو حال ڪير ٻڌڻ لاءِ تيار ٿئي ها.... آءٌ ڪهڙيءَ ريت دنيا وارن کي سمجهائي سگهان

ھا تہ رنڍي بہ 'عورت' ئي آھي، جنھن جي سيني ۾ ھڪ زناني دل آھي، جا گھٽ ۾ گھٽ پنھنجي ٻچي جي واسطي تڙپي سگھي ٿي. آءٌ ڪجھہ چوان ھا تہ ھو ڪلي چون ھا 'ڏسو ذليل' مڪار.... شريف ماءُ ٿيڻ ٿي چاھي!' پوءِ پلا آءٌ ڪيئن ٻڌايان ھا تہ ھڪ رنڍي بہ 'ماءُ' ٿي مري ۽ جي سگھي ٿي..... انھيءَ صورت ۾ ڪنھن اڳيان آءٌ روئي روئي پنھنجي دل ھلڪي ڪريان ھا، ۽ جي آءٌ ڪجھہ بہ نہ ڪريان ھا تہ ڇا پنھنجي ھٿن سان پاڻ ئي پنھنجي پٽڙي کي نہ وڃايان ھا؟.... پر آھہ پروفيسر...... منھنجو ھي سارو فريب مون کي زندھہ رکي نہ سگھيو. تنھنجي محبت بہ مون کي زندگي ڏيئي نہ سگھي.... مون اڄ ڏينھن تائين توکي ھڪ لفظ بہ نہ چيو، رڳو ائين سمجھي تہ ھيءُ غم منھنجو غم ھو ۽ انھيءَ غم کي مون کي اڪيلو ئي سھڻ کپي. تنھنجا احسان ڇا ٿورا ھئا، جو توکي اجايو پنھنجي سور کان واقف ڪري، توکي سور ڏيان ھا، پر اڄ جڏھن قدرت مون تي ترس کائڻ لاءِ مجبور ٿي آھي ۽ نمونيا جي خوفناڪ بيماري منھنجي زندگيءَ کي ختم ڪرڻ واري آھي.. ٻڌ توکي ھڪڙي ڳالھہ ٻڌائيندس.... ياد رکجان ۽ ٻڌ.... آءٌ وڃي رھي آھيان.....جتي خدا جو راڄ آھي... سماج جي غلامي ڪانھي...... ھتي تون ۽ آءٌ ھڪ ھوندي بہ بہ رھياسين ۽ منھنجو پٽڙو ٻنھي جي وچ ۾ گم ٿي ويو..... پر اتي پنھنجي 'چنڊ' جي ويجھو پاڻ ٻن تارن وانگر گڏوگڏ چمڪنداسين..... پاڻ ٻئي ھميشہ لاءِ....خدا حافظ.... غم نصيب....."

بجليءَ جي جھٽڪي وانگر آءٌ پنھنجي ڪمزور ٽنگن تي اٿي بيٺس. گھلبو، ان جي گھر ويس پر آد اتي ڪجھہ بہ ڪونہ ھو..... بہ ڏينھن ٿي ويا ھئا، جو ماٺھو ڪيس دفن ڪري چڪا ھئا. آءٌ موٽي آيس، منھنجي اکين اڳيان اونداھي ڇانئجي ويئي. مون نوڪر کان پڇپو جيئن ڪو ننڊ ۾ ڳالھائيندو آھي.... "ھيءُ خط ڪڏھن آيو ھو؟" "ٽيون ڏينھن." نوڪر جو آواز آيو، ڄڻ تہ ڪو ٻيءَ دنيا کان ڳالھائي رھيو ھو.

•

# رڪشا وارو

رڪشا وارن سان ٻہ چار ڳالهيون.

لطيف آباد نمبر ٢ ماڇي ڳوٺ ڪا ڪتنا لوگے ؟

صاب صرف ١٥ روپيا. دوست مجھے شهر ڪي دوسرے ڇيڙي پہ تو نهين جانا، يقين ڪرو مجھے ماڇي گوٺھ هي جانا هے.

هان صاب پيٽرول پمپ، گدو حسين آباد، والے ڪا چڪر ڪتنا هوگا؟ ٻيائي صاحب آءُ هتي واس گارڊن، پير الاهي بخش گارڊن نہ نہ هاٿي راٽي باغ وٽ ڪان پيو توڪان پڇان. آئون تہ هميشہ پنج روپيا دينا تها پر هاڻي ست روپيا پاڻ خودبخود دينا هون،

چلنا هے تو چلو. نهين صاب ميرا وقت ضايع نہ ڪرو مين جاتا هون. پندرنهن روپيا سے ڪم نهي لونگا. تيل پيٽرول مهنگا هوگيا هے. آپ ڪو ڪبر نهين. ميرا وقت برباد نہ ڪرو.

۽ هو رڪشا وارو وڏيڪ سوال جواب ڪرڻ ڪان سواءِ مون ڪي لاجواب ڪري پنهنجي رڪشا ڪي ڪاهي هليو ويو........!

•

# اها رات

رات هئي ۽ اونداهي رات..... اوٽنيهينءَ رات جي ڪارڻ پنهنجي پوريءَ پهچ سارو، ذري ذري کي اونداهو ڪيو هو. دنيا ننڊ جي آغوش ۾ بي پرواهه آرامي هئي. آسمان ڪڪرن سان ڇانيل هو. آءٌ ڪنهن جي وسريل يادگيريءَ کي سيني ۾ دل وانگر لڪايو....... اڪيلو شهر کان ٻاهر..... پري چشمي جي ڪنڌيءَ تي بيخبر ڪنهن جي خيالي پوڄا ۾ محو هوس. آبشارن جو آواز منهنجي دل کي بيچين ڪري رهيو هو.

جبل جي چوٽيءَ تان ڪو سريلي سر سان ڳائي رهيو هو. جنهن جو مطلب ڪجهه هن ريت هو....... اي محبت جي شروعات!..... تنهنجي آرزو...... ڪيتري نه حسين ۽ دلڪش هئي..... مگر افسوس! ان جي پڇاڙي به جيتوڻيڪ خوشرُو هئي...... پر موت جو سياهه نقاب...... پهري.....

هيءُ محبت جو پيغام بلڪل معمولي پر پُرسوز هو. منهنجي ناسور تي نشتر لڳي وئي. دم گهٽجڻ لڳو...... آهستي سڏڪا لڙڪن ۾ ۽ لڙڪ خيالن ۾ ڦرڻ لڳا. گذريل ۽ وسريل زمانو محبت جو....... لحظي لحظي جي تصويرن سان دل جي پردي تي چِٽجڻ لڳو!....... جنهن مان هڪ رات..... ها دل خوش ڪندڙ رات...... اها رات...... جنهن جي يادگيري منهنجي حياتيءَ جو قيمتي خزانو هو..... ياد آئي....... سامهون آبشار جي ڪناري تي ويهي...... ڪنهن سان گڏ...... چانڊوڪيءَ رات...... ۾ اڪيلا!...... پريت جي ريت ٻڌائڻ لاءِ....... منتظر..... بس نه ڪندا هئاسين..... چنڊ چمڪي چمڪي ڪائنات کي سونو ڪري ڇڏيندو هو....... پريتم جا وار...... سونا.... زمين به سوني... آبشار به سونو...... پاڻي سونو.... وڻ ٽڻ به سونا..... هوا ۾ مستي ۽ خوشبوءِ..... آبشار جي آواز سان......! اسان جون دليون..... گڏ..... هڪ ئي وقت تڙپيون ٿي...... مکڙيون اسان جي محبت ڏسي مشڪيون ٿي. چنڊ شرمائجي گم ٿي ٿي ويو..... تارا اکيون پوري پٽي ۽ شڪي ٿيڻ لڳا..... سچ بيتاب ٿي ليو پاتو...... پکئيڙن چهه چهه لائي ڏني..... ٿي.

مگر افسوس! هينئر بہ ساڳيون راتيون هيون.... اهي ئي قدرت جا رنگين. نظارا....... مکڙيون....... گل ۽ آبشار....پر دنيا بدلجي چڪي هئي..... منهنجي لاءِ...... بلڪل بدلجي چڪي هئي..... بي مزي..... بي روح ۽ بي خيال ٹُلکي رهيو هوس..... دنيا ۾........ آءٌ..... زندگيءَ مان بيزار هوس.... آهہ! آخر ڇو! هيڏيءَ وڏيءَ ۽ ويڪري دنيا ۾ هن جي لاءِ رهڻ گناهہ سمجهيو ٿي ويو. ها گناهہ سمجهيو ٿي ويو. بددل انسانن..... حريصن..... انهيءَ کي گناهہ ٿي چيو... پاپ....... مها پاپ....... ڇو جو هوءَ منهنجي دل ۾ گهر ڪري چڪي هئي.... منهنجي ٿي چڪي هئي........ ۽ آءٌ ان جو.........

آءٌ ماضيءَ جي هلڪين مگر ڦٽل تصويرن جي نقشن تي...... گذشتہ حالاتن تي غور ڪري رهيو هوس. اوچتو بادل ڦاٽو..... ۽ هڪڙو چمڪندڙ تارو مشڪندو مون ڏانهن وڌڻ لڳو........ ڇا هو منهنجي بي ڪسيءَ تي کلي رهيو هو.... نہ....... پر هيءَ اهڙي مسڪراهٽ هئي جڻ هڪڙي وڇڙيل ساجن جي يادگيريءَ کان ڪنهن جي چپن تي آئي هجي.....

ويران دنيا ۾ آسمان جي ڪنوار تجليءَ جي سنهڙي نقاب ۾ منهن ڇپايو..... اهي ئي نگاهون هن رنگين ستاري جي مٿان نچڻ لڳيون..... تارو آهستي...... مون ڏانهن وڌي رهيو هو...... هاڻي تمام ويجهو.... بلڪل ويجهو هو... ايسين تائين جو منهنجي رڳ رڳ جمال جي تابش جي زير اثر ٿيڻ لڳي.... مون ان کي غور سان ڏٺو........ آءٌ! اها ساڳي..... هو بهو...... تصوير..... نہ نہ.... منهنجو ساجن هو...... سچ پچ....... آءٌ تہ ڪيس خيال جي گود ۾ تصوير ناهي وينو هوس......

سائين اينتري ننڊ...... نوڪر بڙ بڙ ڪري رهيو هو..... مون زور ڪري اکيون کوليون....... ڪڏهين کان صبح ٿي چڪو هو ۽ سج پڻ نڪري آيو هو....

•

# نون وساري ڇڏ

ڪماري!

آءُ توکي ڪيئن وساريان..... وسارڻ جو خيال ئي منهنجي دل کي لوڏيو ڇڏي... آءُ ڏکيو وڃان. ياس و حسرت گهيرو ڪيو وڃن. منهنجا حواس گم ٿيو وڃن.

منهنجو روح تڙپيو اٿي. مون کي ائين معلوم ٿو ٿئي ته منهنجي درد جو داستان..... الفت جو....جو دنيا جي ٽڪري ٽڪري تي ڇانيل آهي. وري اهي خاموش اشارا..... پوشيده ملاقاتون..... راز و نياز جون ڳالهيون...... ياد اچي اچي گذريل زماني جون يادگيريون وري تازيون ڪن ٿيون ۽ آءُ "تنهنجي وسارڻ" کي وساري ٿو ڇڏيان.......

آءُ تنهنجي وسارڻ جي ڪوشش به ڪيان ٿو. دام محبت کي توڙيان ٿو. ليڪن ٽٽل ٽڪرا زنجير وانگر دل کي ڇهتيو وڃن. منهنجي دل وري انهيءَ ٽٽل دام جي ٽڪرن ۾ اٽڪيو منجهيو ٻيهو رهي..... ڪماري! تون ئي ٻڌاءِ ته هيءُ سڀڪجهه ڇو آهي؟

تو ته چئي ڏنو "وساري ڇڏ". مگر ڪماري......! ذرا سوچ ته سهي، هن نادان دل کي ڪيئن سمجهايان؟ ڪهڙي نموني..... هن اندروني آزار کي ڪيئن لڪايان؟... نيم بسمل کي تڙپڻ کان ڪيئن جهليان.... ڪماري!...... آءُ اهو سوچي سوچي پاگل ٿي ويو آهيان.

مون هر ڪا ممڪن ڪوشش ڪئي.... تنهنجي وسارڻ واسطي چنڊ ۽ تارن سان آسمان تي اڪيون اتڪائي ڳالهيون ڪيم..... مون شراب پيئڻ شروع ڪيو.... هڪڙو پيالو خالي ڪري.... ٻيو ڀري چپن تائين آندم.... شراب ۾ تنهنجي تصوير چلڪڻ لڳي...... صاف...... ها تنهنجي تصوير.... توکي ياد آهي.... هڪ ڀيري تو منهنجي هٿن مان پيالو ڦري اڇلائي ڇڏيو هو. منهنجي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي مون کان انجام ورتو هو ته آءُ ان کي وري هٿ به نه

لائيندس..... آءٌ وري اچي اونهي اوڙاهه ۾ ڪريس...... منهنجي هٿ مان پيالو ڪري پيو..... ۽ پڄي پرزا پرزا ٿي ويو....... ۽ ان سان گڏ منهنجي دل به.....

وري دل جو ساز وڄو...... سوز سَتون ڏنيون.. لڙڪن جا موتي اکين جي رستي ڪان ڪرڻ لڳا..... خبر ناهي مون اهڙا ڪيترا موتي..... ناياب گوهر تنهنجي خيالي قدمن تي قربان ڪيا آهن.....

نه! نه! ڪماري....... آءٌ توکي وساري نٿو سگهان..... تون وساري ڇڏ..... مون کي ياد ڪرڻ ڏي...... منهنجو خزانو..... تنهنجي ياد کان سواءِ پيو ڪجهه ڪونهي...... آءٌ ان کي نٿو وڃائي سگهان.... نٿو لٽائي سگهان.... اڻ کٽ خزانو..... اهوئي منهنجو سڀڪجهه آهي.... زندگي ۽ آشا....

●

# لاش

آڪاش جي گود ۾ چنڊ جا ڦڪا ڪرڻا ويڙهجي اونداهي پڪيڙي رهيا هئا.... زمين خوفناڪ اونداهيءَ جي خزاني سان ڀرپور هئي.... ۽ سامهون ڪنهن جو لاش جلي رهيو هو.....

ڪيڏيءَ ڪيڏيءَ مهل بجليءَ جي چمڪات سان ساريءَ دنيا دل ڪولي ٿهڪ ٿي ڏنا.... نديءَ ۾ غضب جو پاڻي هو..... طوفان هو.... هُنَ پارِ ميلن تائين پاڻيءَ پالوتجي ڇَرون ناهيون هيون..... ۽ ننڍيون ننڍيون لهرون ڪنارن سان ٽڪرجي ٻارن وانگر روئي رهيون هيون.

ڏينهن ڏني جو اُهوئي موهن جنهن هيڏانهن ڪڏهن به رخ ڪونه رکيو، اڄ نديءَ ڪناري وينو هو..... ۽ پرسان پپر جو وڻ خاموش بيٺل آهي، جنهن جي ٻاري ۾ هُن ڳوٺ جي ماڻهن ڪان عجيب غريب ڳالهيون ٻڌيون هيون..... مگر اڄ جڻ ته ڪيس ڪجهه هوش ڪونهي......

رات جا ٻارنهن لڳي چڪا هئا..... گهر جا ڀاتي روئي پٽي، سمهي، ڪونگهرا هٽي، ڪنهن ڪنهن مهل پاسو ورائي رهيا هئا..... ڪاڏو ته ڪيس ڪاٿٽو ڪونه هو....... چپ چاپ بستري تي ڊگهو ٿيو..... پر ننڊ نه آيس......

سڄو سارو گهر اجاڙُ، سون سون ڪري رهيو هو.... هي ڀتيون، دريون دروازا....... ڪيس ڪائڻ ٿي آيا..... الاجي ڇو گهبرائجي هن لالٽين ڪٽي گل ڪيو.....

ڪوبه ڏينهن اهڙو نه گذريو، جو هن کي ڪاڏي لاءِ مجبور نه ٿي ڪيو ويو..... روٽي تيار ٿيندي ئي نوڪر اچي چوندو هو، "ڪنوار پَئي سڏيوَ." اتفاق سان ڪي ٻه چار ڇڪون ٿي آيس، ته هڪدم ڊاڪٽر کي گهرائيندي هئي.... ڪپڙا ميرا ٿي ويندا هئس، ته ڌوٻيءَ کي ڏيڻ جي يادگيري هُن کي ئي ايندي هئي. ڪتابن تان دز به برابر هوءَ ڇنڊيندي هئي......

چمپا جي خدمت ڪان موهن پريشان هو.....

مگر اڄ چمپا جي ٿڪن جا ڇنڪارا هن جي ڪمري ۾ ڪونه هئا......

موهن پنهنجي ڪوشش جي هوندي بہ چمپا کي چگو پلو نہ ڪري سگهيو. ڪيس اها پڪ نہ هئي تہ ايترو جلد اهو ڏينهن ايندو...... مگر انسان جو خيال اڪثر پورو نٿو ٿئي..... جيڪي هو نٿو ويچاري سو ڪڏهن ڪڏهن سچ ٿيو پوي.....

هڪ ڏهاڙي چمپا سچ پچ هلي ويئي.... انهيءَ وقت موهن جون اکيون کليون..... هن حيرانيءَ سان ڏٺو چمپا مشڪي رهي هئي..... ها... ها! آءٌ ٿي آهيان.... تون هتي آهين؟ اڙي اٺ تہ سهي.... مون هڪ نئون گهر وسايو آهي.... چا تون اهو نہ ڏسندين؟ هل تہ......."

موهن گهبرائجي اٿيو. ڪمري ۾ ڪنهن جي پيرن جو آواز هو.... ڊوڙي دروازو کوليائين..... ٻاهر جڻ تہ ڪنهن ڪيس اشاري ۾ چيو "هيڏانهن اچو.... ڊچو ڇو ٿا؟....... ايترو جلد وساري وينا؟ مون کي سڃاڻو نٿا؟.... ها.... آءٌ چمپا آهيان."

ڏڪندڙ پاڇولي وانگر هو اڳتي وڌيو...... ۽ موهن تير وانگر ان جي پٺيان لڳو. "تون ڇا ٿو سمجهين؟..... چمپا مري ويئي؟..... نہ نہ.... اهو خيال دل مان ڪڍي ڇڏ." مساڻ جي پيپر جا پن کڙ کڙ ڪري رهيا هئا..... ۽ اهو پاڇولو بہ ڪيڏانهن گم ٿي ويو.

بات اونداهي ۽ خاموشي! وڻ تي سامهون چپرو بولي رهيو هو.... اف! موهن اتي ئي ويهي رهيو. ڊوڙي ڊوڙي هو ٿڪجي پيو هو. سهڪي رهيو هو. ڳوٺ کان ٻاهر ميل ڪن نڪري آيو هو.... آڌيءَ رات ۾ اڪيلو.....

آگ اجا جلي رهي هئي..... ڪانيون سڙي هيڏانهن هوڏانهن تڙي پکڙجي ويون هيون..... هوا جا جهٽڪا آگ سان ڪيڏي رهيا هئا....

ڏيڏرن جي جهونگار اونداهيءَ رات کي چيري رهي هئي.... آسمان بادلن سان پرجڻ لڳو..... پري انبن جي باغ ۾ ڪا جهنگلي جهرڪي چون چون ڪري اٿي.. وري ٽُپ مان ٿي ويئي...... البت ڪيڏي ڪيڏيءَ مهل ڏيڏر جڏهن پاڻيءَ ۾ ٽي ڪريا تہ آواز ٿي ٿيو "چُپ، چُپ."

هن دفعي موهن ڏٺو..... جلندڙ ڪانين کي پري ڪري ڪو ٻاهر نڪري رهيو هو. وار ڇڙيل.... نيري رنگ جي ساڙهي... فيروزي جَمپَرُ.... سينڌ ۾ سِنڌُرُ! موهن ڪيس غور سان ڏسڻ لڳو.... هوءَ.... اها تصوير آهستي هلي وٽس ويجهي آئي.... موهن پٿر جي مورتيءَ مثل ويهي رهيو.....

"اج آءٌ وڃي رهي آهيان."

"ڪٿي؟"

"بلڪل پري..... دور.... پنهنجي پريتم وٽ"

"آءٌ تنهنجو پريتم ناهيان."

"ڇو نہ.....؟..... مگر....."

"پر ٻڌائڻ ۾ ڪو نقصان آهي ڇا؟"

"جسم تي تنهنجو قبضو هو.... مگر دل تي هُن جو...."

"آءٌ ڪونہ سمجهيس."

"نہ ائين سمجهہ تنهنجو جسم..... قبضو..... هاڻي جلي خاڪ ٿي ويو آهي.... مگر هن جي دل جي حڪومت اڃان موجود آهي."

"اها ڪهڙي پرولي آهي."

"ڪهڙي بہ هجي..... سماج منهنجي قسمت کي تنهنجي چرنن ۾ جڪڙي ڇڏيو..... مگر پريم تہ مون کي هن سان....."

موهن کان اهو راز لڪل ڪونہ هو. هن کي معلوم هو تہ چمپا جي دل پرتاب سان آهي. پرتاب جو بہ هن سان پيار هو. موهن ڄاڻي واڻي غلطي ڪئي. چمپا حسين هئي. جوانيءَ جي دور ۾ مخمور..... اکين مان شراب ٿي نڪتس..... دل مان جوانيءَ جا انيڪ ارادا ٿي اُٿيا.... باغَ جوانيءَ جي وڻ جي نازڪ شاخ تي هڪ حسين مکڙي ٽڙي...... گل ٻَڻي هئي. ان کي ٽوڙڻ لاءِ موهن اکيون بند ڪري هٿ وڌايو هو..... کيس اهو معلوم نہ هو تہ ڪو گل جي دامن ۾ ڪنڊو اسريل هو. اهو ڪنڊو.... اهو حسين ڪنڊو پرتاب هو. مگر چمپا جون حسين ۽ زرين آرزوئون هن جي پيءَ جي بي رحم نوڪرن کان پاڻيءَ جي ڦوٽي وانگر ٽٽي پيون.... پرتاب کي شڪست ملي چڪي هئي.... موهن فاتح هو.... بادشاهہ رعيت تي حڪومت ڪري ٿو.... رعيت جي دلين تي نہ.... چمپا جي جسم جو مالڪ، موهن هو..... مگر دل جيڪا هڪ وار پيتا ڏجي ٿي اها واپس ڪير ٿو وٺي؟

تنهن هوندي بہ موهن سمجهيو.... آءٌ سکي آهيان ۽ چمپا بہ سکي آهي. موهن جو اهو خيال نيڪ هو، ڇو جو چمپا جي منهن مان ڪڏهن بہ ڏک يا غم جو ڪو نشان ڏسڻ ۾ نٿي آيو، جنهن مان موهن کي ڪجهہ شڪ ٿئي. هن جي چهري مان ڪل ۽ خوشي نڪرندي هئي.... هوءَ هميشہ خوش هئي ۽ پنهنجي

پتيءَ کي بہ خوش رکڻ لاءِ هر ڪا ڪوشش ڪندي هئي. مگر.... دل....چمپا جي وَسَ کان ٻاهر هئي... هن مشڪندي، ڪلندي ۽ ڳالهائيندي خوش ٿي گذاريو.....

ساهيڙين سان ملي ٿي..... مگر اها نفرت جي آگ جا هن جي دل ۾ جهيڻي ٻري رهي هئي..... انهيءَ کي ڪهڙيءَ ريت ٿي وسائي سگهي.....

نيٺ اهو ڏينهن بہ آيو جڏهن ڪل خوشيءَ غم جو روپ ورتو.... مسڪراهٽ ۾ زهر گڏجي پيو..... ۽ محبت ۾ نفرت جي ڪوڙاڻ شامل ٿي پَئي..... چمپا ڪوشش ڪئي تہ موهن کي خبر نہ پوي پر زهر ڪائي هضم ڪرڻ ڏکيو آهي.... آخر هن کي لاچار ڪٽ تي ڌهڻو پيو ۽ پوءِ.....!

هيءَ، جو لاش سامهون جلي رهيو هو، ڪنهن جو هو؟ ڇا، تون انهيءَ خيال ۾ آهين تہ اهو اڄ ٿي جليو آهي؟ پاڳل! اهو جسم ٻن سالن کان اڳ جو جلندو رهيو آهي.... اڄ تہ اهو جلي خاڪ ٿي ويو آهي.... جنهن کي تون ڏسي رهيو آهين... جهنگل جون سڪل ڪاٺيون آهن..... انهن کي تو آگ لڳائي ۽....هن کي بہ.... تو ئي آگ لڳائي...... پر انهيءَ لاش جي جلڻ واري جسم جو روح ڪٿي آهي؟ دل ڪٿي آهي؟ اڄ تو مردي جي هڏين کي بہ چباڙي ڇڏيو. هن جو ماس تو چڪي چڪي پتيو. ڏس هن جي اکين جا لڙڪ تنهنجي سامهون ڇٽنگون ٿي، طوفان مچائي رهيون آهن...... پر انهيءَ ڏينهن کي ياد ڪر...... جڏهن هڪ ارمان ڀريل دل ۾ طرح طرح جون تمنائون ۽ آرزوئون هيون.... تو انهن کي پيڪنڊڙ ٻاهہ ۾ جهوڪي نہ ڇڏيو....؟ ڇا، تو جوانيءَ جي نئين ٽڙيل گل کي پيرن هيٺان نہ لتاڙيو؟.... ان ڏينهن توکي رحم نہ آيو..... قياس نہ آيو.... اڄ تنهنجي دل ڇو ميڻ ٿي پئي آهي...؟ ڪيئن، ائين برابر آهي يا نہ؟..... اهو سچ آهي تہ هن طرح ڪنهن جو لاش..... ڪنهن جو جسم.... جليو ئي ڪونهي..... ڪنهن جو روح نہ تڙپيو.... دل ڪانہ لُڇي..... مگر اها پريت..... ريت.... ان جون اميدون ۽ اهي جوانيءَ جا رنگين امنگَ..... زندگيءَ جي پياس.....!

موهن جو خيال پورو هو..... جيڪڏهن هن جي مرضي هجي ها تہ.... هو پنهنجي شادي روڪي سگهي ها.... دنيا ۾ حسين ڇوڪرين جي ڪمي ڪانهي... جي چمپا جي شادي پرتاب سان ٿئي ها تہ ڇا هو؟ چمپا جي پيءُ کي صاف جواب ڏيان ها تہ ٻيو ڪو لائق ماڻهو ڳوليو.... آءٌ هيئنر شاديءَ واسطي تيار ناهيان.....! پرتاب کي اميد هئي تہ چمپا جو ساٿس پريم هو.....

هو هميشہ اهو ئي خيال ڪندو هو، "نيٺ آءٌ بہ تہ انسان آهيان..... چمپا

جي مرضي ٿئي، تہ ڇا مون کي پيار نہ ڪري سگھندي؟"

"مگر هن جي مرضِ ٿئي ڇو؟".... پرتاب جو رايو نيڪ هو..... هو مايوسيءَ ۾ چوندو هو "آءٌ گنهگار آهيان..... مون کي معاف ڪر چمپا"......

لاش مان جڻ ڪنهن جو وڏو ٽهڪ گونجي اٿيو. ڪجهہ ڦڙ ڦڙ شروع ٿي ويئي...... جهنگل ۾ گدڙن جي ولر اوناڙيون ڪري ڀيانڪ شور مچائڻ شروع ڪيو....!

"تو ايترا ڏينهن ڇو انهيءَ راز کي لڪايو؟"

"ڇا، توکي اهو معلوم ڪونہ هو؟"

"هائو! پر انهيءَ روپ ۾ ڪونہ هو"

"تہ اهو ڪهڙو روپ هو؟"

"اهوئي تہ تون اڃان بہ پرتاب کي انهيءَ نظر سان ڏسين ٿي، جن سان شاديءَ کان اڳ ڏسندي هئينءَ."

"پر اها ڳالهہ آءٌ توکي ڪيئن ٻڌايان ها؟"

"آءٌ توکي ان جي آزادي ڏيان ها."

"ڪوڙ آهي.... صفا ڪوڙ......"

"ڪيئن؟"

"آءٌ ٻڌايان.... دل ۾ تہ نہ ڪندين؟"

"نہ"

"تون پنهنجي دوستن سان خط و ڪتابت ڪرين ٿو نہ؟"

"هائو ضرور"

"منهنجا بہ دوست آهن..... آءٌ جي انهن کي خط لکان تہ توکي ناراض تہ نہ ٿيڻ گهرجي"

"پر انهيءَ ۾ ناراضگيءَ جي ڳالهہ تہ آهي ئي ڪانہ"

"مگر هڪ دفعي تو مون کي منع ڪئي هئي تہ پرتاب کي خط نہ لکندي ڪر... مون توسان اهڙو وعدو بہ ڪيو."

"هائو"

"تہ ٻڌ! هڪ ڏينهن هن پنهنجي اها مرضي بہ ظاهر ڪئي هئي تہ آءٌ چمپا سان ملڻ ٿو گهران. تو منهنجي راءِ پڇي. مون چيو هو...."جا اوهان جي مرضي" ءِ تو ان جو اچڻ روڪي ڇڏيو. مون ڪوبہ اعتراض ڪونہ ورتو. ڪيئن ياد آهي نہ؟"

"هائو ياد آهي...... پر"

"آءٌ سڀڪجهہ سمجهان ٿي..... تنهنجي دل ۾ جيڪي وهي واپري ٿو، سڄاڻان ٿي. اهو بہ ڪن لائي ٻڌ..... مون کي تون پاڻ سان گڏ لکنو وٺي هليو هئين. اتي هڪ هوٽل ۾ هلي رهيا هئاسين. رات جو تنهنجي غير حاضريءَ ۾ منهنجي پرتاب سان ملاقات ٿي. گهڻن ڏينهن کان پوءِ مليا هئاسين. آءٌ پاڻ کي روڪي نہ سگهيس. گهڻي ڪوشش ڪيم تہ ڪمري ۾ پاڻ کي بند ڪري ڇڏيان. ڇت تان ٽپو ڏيان. پر منهنجي دل مون کي مجبور ئي نہ. هن سئنيما تي هلڻ لاءِ چيو. آءٌ هن جي خواهش کي ٺڪرائي نہ سگهيس. تنهنجي اجازت کان سواءِ چپ چاپ سئنيما تي هلي ويس. واپس اچي توسان ڪوڙ ڳالهايم. مون کي ائين سمجهڻ ۾ ٿي آيو تہ ان جي اوهان کي خبر پئي هوندي. تون ان باري ۾ ڪجهہ ڪونہ ڪڇئين. اُن رات مون کي ننڊ اصل ڪانہ آئي. طرح طرح جا خيال ستائيندا رهيا. صبح بت ڳورو ٿي پيم. اڪيون سڄي پيون هُيُم. پرتاب انهيءَ ڏينهن ويو هليو ۽ پاڻ بہ ڏينهن ٻن کان پوءِ موٽي آياسين."

"تو سئنيما بابت مون کي ڪونہ ٻڌايو هو پر مون کي معلوم هو."

"توکي ڪيئن معلوم ٿيو"

"مون کي پنهنجي هڪڙي دوست ٻڌايو. هن پرتاب کي سڃاتو ٿي. پرتاب سان گڏ هن توکي بہ ڏٺو هو. توکي سڃاتائين ڪونہ ٿي. پهريائين هن خيال ڪيو تون پرتاب جي پتني آهين. مگر ڳالهائيندي پرتاب کيس ٻڌايو تہ هوءَ ان جي گهري دوست جي زال هئي. مون کي معلوم ڪندي دير ڪانہ لڳي. ڇو جو مون کان وڌيڪ هن جو ڪو ٻيو گهرو دوست ڪونہ آهي."

"اف!.... تو مون کي ان وقت ڇو نہ ڦاسيءَ تي لٽڪايو."

"اهڙي ڳالهہ نہ ڪر چمپا! ڇا، مون کي توسان پريم ڪونهي؟ آءٌ تنهنجو پتي ڪونہ آهيان؟ پريتم نہ ئي سهي مگر جيون ساٿي تہ ضرور آهيان. ساٿي ضرورت جي وقت ڪنهن کي روڪي نٿو سگهي. نفرت يا قتڪار ڪرڻ جو ان کي ڪو حق ڪونهي."

"نہ نہ..... تو غلطي ڪئي."

"ها اها غلطي هئي. انهيءَ لاءِ نہ تہ توکي ڪونہ روڪيم. پر مون ڪوشش ڪئي تہ تنهنجي دل ۾ پنهنجي پريم جي جوت جاڳايان."

"مگر اهو رستو بہ غلط هو."

"ڪٽي هجي بہ.... سچ تہ اهو مون کي هينئر معلوم ٿيو آهي."

"اي ايشور! سوامي آءٌ بلڪل گنهگار آهيان."

"آءٌ گنهگار آهيان موهن!" ٽارچ جي تيز روشنائي ۾ موهن جون اکيون انڌيون ٿي ويون. هو ڪجهہ سوچي رهيو هو تہ ڪنهن اچي ڪلهي تي هٿ رکي چيس...... "آءٌ آيو آهيان."

"ڪير...... پرتاب؟" موهن عجب ۾ چيو "هن وقت ڇو؟"

"چمپا جو خط مليو هو.... اڄ جو نہ.... لکيل هو تہ آءٌ ڪانہ بچنديس.... فقط هڪ دفعو منهن ڏيکار.... ٻڌاءِ هوءَ ڪيئن آهي؟"

"هوءَ...... ها، ڏس سامهون.... ٻاهہ جا الا انهن ۾" موهن اشارو ڪيو.

"وڃ، ملاقات ڪري وٺ"

"نهيو"...... هڪ ٿڌو ساهہ ڪڍي پرتاب چيو. "آءٌ واپس هليو ويندس.

"تون دير سان ڇو آئين؟"

"هن ڪان سويل اچي بہ ڪونہ سگهان ها. پر تون هتي ڇا وينو ڪرين."

"ڪجهہ بہ ڪين.... ائين ئي وينو آهيان"

"خبر اٿئي.... هيءُ مساڻ آهي."

"ءِ هو لاش بہ جلي رهيو آهي."

"توکي خوف ڪونہ ٿو ٿئي."

"نہ"

"ڪيس وساري نٿو سگهين."

"ڪيئن وساريان پرتاب" (پرتاب خاموش ٿي ويو.......)

"چڱو ٿيو، جو تون آئين."

"موهن! هيءَ دنيا ئي مساڻ آهي. هتي ڏينهن رات، زندهہ لاشا جلندا ٿا رهن ۽ اسين ان جي شعائن ۾ لهسجون ٿا."

"پريم هڪ مهانگو سودو آهي، موهن!"

"هوندو....... پر تون ڪير آهين، جو هيءُ بي سرو راڳ هينئر ٿو ٻڌائين."

"ڇا منهنجو حصو انهيءَ ۾ ڪونہ هو؟"

"هائو، برابر هو....." موهن انڪار نہ ڪري سگهيو.... دنيا هن کي ڏوکو ڏنو هو.... پر هوچو ڪنهن کي ڏوکو ڏئي.... ڏيو جاءِ کي روشن ڪري

سگهي ٿو... اهو ساڳيو ڏيو باهہ بہ لڳائي سگهي ٿو. چور کي پٽ ۾ ڪاٽ هٽڻو پوندو آهي. مگر دل جي چور جو پتو لڳائڻ ذرا مشڪل آهي.

"تہ ڇا هاڻي مون کي زندگيءَ ۾ آرام ڪونہ ملندو؟"

"ملندو ڇو نہ..... اهو تہ آءٌ بہ توکي ٻڌائڻ وارو هوس. آرام تہ هر هنڌ آهي."

"مگر..... چمپا.....!"

"انهيءَ کي وساري ڇڏ.... صبح جو درياهہ جي ڪناري تي ڏس ڪيترين نہ پري چهره ڪلن مشڪن ٿيون. ڇا انهن مان توکي ڪا ڪانہ ٿي وڻي؟"

موهن جڻ تہ اها ڳالهہ ٻڌي ڪانہ.

"اٿ تہ هاڻي گهر هلون."

"منهنجي تڙي صفا خشڪ ٿي ويئي آهي.... هلان ٿو... ٿورو ترس."

"سگريٽ پيئندين."

"هائو."

پرتاب سگريٽ ڪيس ڪڍي موهن جي هٿ ۾ ڏنو... "پاڳل نہ ٿي."

"مگر ماچيس."

پرتاب ڪيسن ۾ هٿ وڌا مگر ماچيس ڪونہ مليس.

"بيهہ! آءٌ ٽاندو ڪٿي ٿو اچان."

"پرتاب ويو..... پر لاشي جي آگ ٺڏي ٿي چڪي هئي. هن مٺ ۾ رک ڪٺي ورتي.

موهن ڪلي ڇيو..... "هلو تہ گهر هلون..... هن اونداهيءَ رات ۾ تون پنٽي موٽي ڪونہ سگهندين، پرتاب!" مگر پرتاب موهن جي نظرن کان بلڪل پري وڃي چڪو هو...... مسان جي خاموشيءَ کي چيريندي هڪ خوفناڪ آواز اٿيو.... "چُپ"..... "پرتاب.......!" پر جواب ڪٿان بہ ڪونہ آيو.

موهن اڻ ڌڪيل سگريٽ اڇلايو.......

هوا زور سان لڳڻ شروع ٿي. برسات وسڻ لڳي.... پاڻي پلٽجي رهيو هو... پپر جا پن کڙ کڙ ڪرڻ لڳا...... موهن اتي ئي خاموش..... بلڪل اڪيلو... بيٺي رهيو.......

•

# قرباني پيٽا

منهنجي جيوَت جا آڌار.... جيوَن جا آسرا.... اکيون نہ کول..... فقط هڪ دفعو ڳالهاءِ...... نہ سهي.... تنهنجي داسي تنهنجي پيرن تي ڪڏهن کان سر جهڪايو پَئي آهي...... ڇا، اجان بہ ڪجهہ کونہ ڪچندين..... مون کي معاف ڪر..... ڪميا...... ڪر..... او پريو! بہ ڏينهن گذري ويا آهن.... اکر بہ کونہ ڪچيو اٿن...... دين ديالو..... مون تي ديا ڪر..... منهنجي آشا جي ڏيئي کي زهريلي هوا کان بچاءِ..... ڀڳوان! ڀڳوان! ڇا تنهنجي هردي ۾ ديا جو ذرو بہ ناهي.... آخر ايترو ڪنور ڇو ٿيو آهين...... ڀڳوان!

سيتاپور ڳوٺڙي جي هڪ ڇيڙي تي هڪ ننڍي جهوپڙي پراڻي.... پنهنجي بيکسي ظاهر ڪري رهي هئي. سُري ڪاڌل ونئوڻانيون..... ڪاريون...... سڙيل ٻڌائي رهيون هيون...... صاف..... پنهنجي بيوسي. جهوپڙيءَ جي چوڌاري ڪمند جي پوک هئي. ائين معلوم ٿي ٿيو تہ ان ۾ ڪمند جو رکوالو ٿي رهيو. جهوپڙيءَ جي هڪ پاسي هڪ ننڍڙو ڏيو ٽمڪ ٽمڪ ڪري غربت جا آنسو ڪيرائي رهيو هو. پوري وچ ۾ ٽٽل واڻ جي کٽ تي هڪ نوجوان ڳنڌڙي ٿيو پيو هو. هيٺ پٽ تي کٽ جي اِيس تي مٿو رکيو هڪ عورت روئي رهي هئي. ان جي لفظن مان درد جو آواز تير مثل ٿي نڪتو. هوءَ ڦاٽل پراڻي ساڙهيءَ سان بار بار نوجوان جي چهري کي صاف ڪري رهي هئي. محبت پيار جي معصوم نگاهن سان ڪڏهن هن آسپاس ٿي ڏٺو تہ ڪڏهن هن نوجوان ڪي ٿي ڏٺو. جهوپڙيءَ ۾ بلڪل خاموشي هئي. اوچتو ئي اوچتو ڪارا ڪکر ڪڙڪات ڪرڻ لڳا. برسات جا آثار شروع ٿي ويا. بجليءَ جي چمڪات، بادلن جي گجگوڙ ۽ طوفان جي گهمسان خوفناڪ نظارو پيش ٿي ڪيو. نوجوان زال دپ کان اٿي تاڪائون در بند ڪيو. ڏيو وسامي ويو. جهوپڙيءَ اونداهيءَ جو ڀيانڪ روپ ڀيريو..... ٿوري وقت کان پوءِ زال جي جسم ۾ زندگيءَ جي لهر لوڏو ڏنو.... هوءَ چوڻ لڳي "هرديشور! هرديشور!!.... مون کان ڇو ناراض ٿيو آهين...... ناٿ...... تو منهنجي نيا کي پار اڪارڻ لاءِ پرن ڪيو هو..... هينئر ڇو منهن موڙين ٿو...... آءٌ دجان ٿي..... مون کي بچاءِ...

پِرانَ ناٿ...... آءٌ نراش ٿيندي ٿي وڃان...... منهنجي آشائن کي ٽوڙي تون ڪيڏانهن ويندين سوامي..... مون کي هن سنسار ۾ ڇا لاءِ ٿو ڇڏي وڃين... منهنجي جيوت جا آڌار..... سهارا.... مون کي بہ پاڻ سان گڏ وني هل..... آءٌ تنهنجي شيوا ڪنديس......" ائين چوندي چوندي، زال جي اکين مان نديءَ جي ڌارا وهڻ لڳي ۽ هوءَ نوجوان جي سيني تي بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڪري پئي. پورا ٽي ڏينهن گذري ويا هئا، تہ هن اک بہ نہ پوري هئي..... نوجوان جا هٿ پير ٿڌا ٿي رهيا هئا...... هن جون اکيون بي نور هيون.... آخر هن پاسو ورايو.... عورت چرڪ پري اٿي.... هن جي زرد چهري تي اميد جو هلڪو شعاع جهلڪڻ لڳو.... نوجوان پاڻي گهريو..... زال يڪدم پاڻي ڏنو..... جو هو يڪدم پي ويو ۽ چوڻ لڳو، "ڪملا پران ناٿ...... آءٌ توکي ڪوبہ سک نہ پهچائي سگهيس. ڪملا...!"

"هرديشور! پِران ناٿ! ائين نہ چئو.... آءٌ ڏاڍي سکي آهيان" ..... "مون کي معاف ڪر ديوي! ...... منهنجي هڪ مرضي پوري ڪندينءَ ڪملا؟" ..... "چو نہ..... سوامي چئو......" هن جي چهري تي خوشيءَ ڪان لالاڻ ظاهر ٿي.....

"نہ نہ! آءٌ ڪجهہ ڪونہ ٿو چوان.... آهہ! آءٌ ڪهڙو نہ مورک آهيان!" چئو "چَو، چَو ناٿ..... اوهان کي ڇا گهرجي...... منهنجو...... هيءَ سر حاضر آهي." "پياري، آءٌ توکي تڪليف ڏيڻ نٿو چاهيان."

"منهنجي قتيل هردي تي وڏيڪ لوڻ نہ برڪ.... آءٌ تنهنجي شيوا واسطي آهيان.... تنهنجي داسي...... ديوتا!....."

"مون کي هڪڙو ڏاڍهون ڪيپي..... ڪملا! اندر ۾ آگ ٻري رهي آهي..... ٻڌو اٿم ڏاڙهون ٿدو ٿو ٿئي...... منهنجو من جلي رهيو آهي.... آهہ! ڪملا...." ڪملا جي چهري تي فڪر جي لهر دوڙي ويئي، مگر هن پنهنجي پريشانيءَ کي لڪائيندي چيو...... "حاضر آءٌ وني ٿي اچان"

بارش ختم ٿي چڪي هئي مگر بادل اڃان گجي رهيا هئا........ رات جي اونداهي بادلن جي ڪارانڻ ۾ لڪل هئي... ٿڌي هوا سوساٽ ڪري رهي هئي... آسپاس برسات جو پاڻي پلتيل هو..... هوءَ اهو نظارو ڏسي... ڪنهن خيال ۾ گم ٿي ويئي.... زال ذات ٿي ڪري، قدرت جي بيرحميءَ سبب هراسجي ويئي. هن جون اکيون، جن ۾..... معصوميت..... هئي... تن سان هرديشور کي

ڏنائين.... هو اکيون پوري ڪنجهي رهيو هو.... هفتو گذري ويو هو. هن اَن چکيو ڪونه هو.... بيماريءَ کي پورو مهينو گذري چڪو.... دوا به نصيب ڪانه ٿي ٿي..... مفلسي... ۽ غربت.... موتُ هن جي چهري تي راند ڪري رهيو هو.. جيئن ٻلي ڪوئي سان ڪري. هن جو چهرو ڏسي، هوءَ ديوانه وار اٿي. اٿي چادر ڍڪي ٻاهر نڪتي....... هاري ناري پنهنجي ٻنين کي برسات سان ذوتل ڏسي خوشيءَ کان گيت ڳائي رهيا هئا..... ٻنا لپا هٿي ناهي رهيا هئا.....

ڪملا وڏيون وکون وجهندي.... شهر ڏانهن وڃي رهي هئي. هن جي رفتار تيز ٿيڻ لڳي.... هن جي چهري مان.... ڏپ..... فڪر.... ڳڻتيون.... ۽ ناڪامي بکي رهي هئي......... هن جون ٽنگون بيپرواهه تکيون هلڻ لڳيون..... هوءَ پنهنجي ننڍپڻ واري ساٿيءَ..... رميش..... کي ياد ڪري رهي هئي..... هو هڪ شاهوڪار زميندار جو ڇوڪرو هو.... ڪملا جي ڪنن ۾ رميش جا لفظ گونجي رهيا هئا....... "پيئڻ ڪملا..... مون کي نه وسارج..... ڪو ڪم پوئي ته بي حجاب مون وٽ اچجئين......"

ٿوري ئي عرصي ۾ هن چئن ميلن جو ڏگهو رستو پورو ڪيو........ هينئر هوءَ اچي هڪ وڏي بنگلي جي دروازي وٽ پهتي..... شرم ۽ حيا کان دامن سنڀالي.. چادر کي چڳيءَ طرح ويڙهي رهي هئي....... رميش سان گڏ مون رانديون ڪيون هيون...... ننڍي هوندي هو منهنجي هر ڪا مرضي رکندو هو.... چاهنا ۽ خواهش پوري ڪندو هو..... ٻڌو اٿم ته هاڻي هو ڪري پيو آهي..... شراب پيئندو آهي...... گهڻا سال گذري ويا آهن..... الاجي هو مون کي سڃاڻي يا نه...... ڇا هو مون کي ڏسڻ پسند ڪندو.... منهنجو عرض مڃيندو يا نه.... شرابيءَ وٽ ڪيئن وڃان...... آءٌ هينئر نوجوان آهيان....، ائين خيال ڪري، هوءَ در تي ڏڪڪجي بيهي رهي..... ڪافي وقت گذري چڪو هو.... هوءَ انهيءَ اڻ تڻ ۾ هئي...... ته پلا.... هوءَ ڪيڏانهن وڃي..... هن جو ڪو ٻيو واقف ڪونه هو... مت مائٽ ڪڏهوڪا.... وڃي ڏٺيءَ کي پهتا هئا.... هوءَ وري هرديشور کي ياد ڪرڻ لڳي... "حاضر! ناٿ..... آءٌ اڄهو تي اچان" پنهنجي پتيءَ جي چاهنا پوري ڪرڻ لاءِ...... ڏڪجي.... هيترو پنڌ ڪري، وعدو ڏيئي، آئي هئي..... نيٺ محبت کيس مجبور ڪيو. هن دروازي جو ڪڙو کڙڪايو. اندران هڪ پوڙهو نوڪر تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪتو....... هوءَ چوڻ لڳي "ڀائو رميش آهي؟"

"هائو، بابوجي آهي!" پوڙهي هن کي چڳيءَ طرح چتائي ڏسڻ کان پوءِ جواب ڏنو.

"بابو، رميش کي موڪل، منهنجو منجهس ضروري ڪم آهي" ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪ سهڻو نوجوان ٻاهر آيو ۽ هن کي ڏسندي چيائين، "او-هو: ڪملا وتي؟"

"هائو، رميش!"

"چئو، ڪيئن اچڻ ٿيو آهي. ڪيترا سال ٿي چڪا آهن تنهنجو درشن نصيب ٿيو آهي..... آءٌ نہ تو لاءِ سڪي رهيو هوس..... ڪملا خوش تہ آهين"

هائو ڀائو خوش آهيان..... پرماتما جي ديا آهي."

"ڪملاوتي! مون کي ڀائو ٿي سڏين...."

"آءٌ ڇا ڪيان ڀائو، پرماتما جي وس آهي. انسان پنهنجي اختيار ۾ ناهي. آءٌ هينئر شادي ڪيل آهيان.... مون کي ڀيڻ وانگر سمجهہ......"

"اچ اندر اچ..... ڪملا..... تو منهنجي زندگي سورڳ بنائي آهي. آءٌ تنهنجي شيوا ڪندس. ديوي..... اندر... اچ.... هلو تہ اندر هلون...."

"آءٌ آرام ڪرڻ ڪونہ آئي آهيان رميش! منهنجو تو ۾ ضروري ڪم آهي..... ڇا، تون هن آئيءَ ويل منهنجي سهائتا ڪندين؟"

"ڪملا، ايترو ڇو ٿي گهبرائين..... ٻڌاءِ تہ سهي.... آءٌ هر طرح حاضر آهيان.. توکي ياد ناهي.... مون توسان ڪهڙو واعدو ڪيو هو...... اچ تہ منهنجي قسمت جو ستارو چمڪيو آهي، جو تون پاڻ آئي آهين...... ۽ مون کان شيوا حاصل ڪرڻ ٿي چاهين..... تنهنجو رڳو نياپو..... اچي ها، تہ بہ آءٌ يقين ڪر تہ پنهنجو سر پنهنجي هٿن سان پورو ڪيان ها..... چئو.... جلدي ٻڌاءِ، آءٌ تنهنجي ڪهڙي شيوا ڪيان....."

رميش جي ڳالهائڻ مان ڪملا شڪجي پئي. هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري پنهنجي چادر جي ڪوني کي وِڙهي اکولڻ لڳي.... رميش جون اکيون نشي سان ڳاڙهيون هيون... للچايل نگاهن سان هو ڪملا جي هر هڪ عضوي کي مزي مزي سان تڪڻ لڳو..... ڪملا ڪيس..... ساڳيو نہ ڏسي.... چيو، "رميش! چڱو.... آءٌ ٻلبل هئس..... جو تو وٽ آيس..... هاڻي آءٌ وڃان ٿي." ائين چئي، هوءَ هلڻ لڳي.... رميش ڦري سامهون آيس.....

"ڪملا..... آءٌ ائين ڪين ڇڏيندوساءِ... حال احوال...... ٻڌائڻ کان سواءِ..... ڪيئن ويندينءَ..... هرديشور ڪيئن آهي؟... مون ٻڌو هو تہ ڪيس بخار آهي." هر ديشور جو نالو ٻڌي، هن جي دل موم ٿي پئي. پيرن ۾ ڏانوڻ

پنجي ويس........ هوءَ بيهي رهي.... لاچار ۽ مجبور......

"رميش مهينو ٿي چڪو آهي، هرديشور بيمار آهي..... سخت بيمار..... شايد ڪن گهڙين جو مهمان...... مسافرُ....... ان لاءِ هڪ ڏاڙهونءَ جي ضرورت آهي.... مون بدنصيب وٽ هڪ پائي بہ ڪانهي جو ڪٿي خريد ڪريان." .......

"بس بس ڪملا.... اينتري ڳالهہ...... هلي آءُ اندر ويهہ تہ اجهو هينئر ئي هينئر گهرائي تو ڏيانءِ.......

رميش ڪملا کي هٿ کان جهلي..... هڪڙي ڪمري ۾ وٺي ويو ۽ چوڻ لڳو، "ڪملا... تون روڳي دائم المريض سان پنهنجي جيون جو ناس ڪري رهي آهين... هيڏانهن........ مون ڏانهن..... ڏس..... آءٌ تنهنجو..... پوڄاري آهيان.... ديوي..... مون کي پنهنجي شيوا ڪرڻ جو وجهہ ڏي....."

"تون ڇا چئي رهيو آهين..... رميش..... ڇا چئي رهيو آهين..... انهيءَ کي جنهن توکي پاڻ سڏيو آهي... افسوس! هائي آءٌ وڃان ٿي.... مون کي تنهنجي شيوا جي ڪا ضرورت ڪانهي...... هرديشور!.... منهنجو خبر ناهي!... ڪهڙيءَ حالت ۾ هوندو...... آه پريو... دنيا ۾ ڏکن لاءِ..... رڳو اسان کي پيدا ڪيو اٿيئي ڇا.....؟"

"ڪملا، اها تنهنجي ڀي سمجهي آهي...... دنيا ۾ جو دم جيئري آهين غنيمت ڄاڻ...... پنهنجي هٿن سان ڪندا پوڪي گلن جا خواب اجايا لهٿا آهن.... مون وٽ رهي پئو..... مزا ماڻ.... خوشيون ڪر....."

"رميش...... گلن ۾ بہ ڪندا آهن..... پرٿويءَ ۾ سونهري سيج هميشہ ڪانہ هوندي..... تنهنجا هي محل ماڙيون..... بي بقا آهن..... مون وٽ هڪڙي دل هئي جا هرديشور جي آهي...... آءٌ هن جي آهيان...... چڱو.... رميش پرنام!" ڪملا ائين چوندي بہ لڙڪ پنهنجي مرگهہ نيڻن مان زمين تي ڪيرايا..... چادر جي پلاند سان اکيون اگهندي هوءَ ٻاهر وڃڻ لڳي.....

رميش ڊوڙي وڃي ڪيس جهليو...... جيئن ٻڪايل ٻگهڙ..... ڪنهن ڇيلڙي کي جهلي. "ڪملا، تون ڇا ٿي سمجهين. گهر آيل لڇميءَ کي ڪيئن ڇڏي ڏيان...... پياسي هوندي پاڻي نہ پيان......" رميش پنهنجي شڪار کي بيرحم هٿن سان گهلي وري اندر وٺي آيو. هو ٽڪڙو ٽڪڙو ساهہ کڻي رهيو هو..... ڪملا جون ٻانهون هٿ ڪس ڪري ڳاڙهيون ٿي ويون هيون..... هو قيد ٿيل شينهڻ وانگر رَتيپي رهي هئي..... اکين مان جڻ رت ٿي ٽميس.... هن ڏڪندڙ

مگر دل چيرندڙ لهجي ۾ چيو، "رميش! رميش! تون هي ڇا ڪري رهيو آهين..... تنهنجي دل ۾ ديا آهي ئي ڪانہ.... پاپي.....! هي پرپو!" ائين چئي، هن ٻنهي هٿن ۾ ڪتي منهن لڪايو ۽ سڏڪا ڀرڻ لڳي. رميش جي دل تي اهڙو اثر ٿيو جهڙو پاڻيءَ تي ليڪو... هن اٽي سگريٽ دکايو. تيلي هوا ۾ اڇلائي.. بڪايل بگهڙ وانگر لُرون ڏيڻ لڳو..... سوٽا پري پري دونهين جا ڪڪر ڪيڏي.... ڪيڏي ڪيڏي مهل ڪملا ڏي نهاري مشڪڻ لڳو..... ڪملا جي نوننين وٽان نير نيساري وانگر وهڻ لڳو..... هيٺ ڇگا موچارا بہ ڌُبا..... ٿي ويا..... هئا..... هوءَ آهستي سڏڪا پريندي مانُ ۾ آئي...... قيمتي هيرن جي برسات وسائي..... دل جي دولت لٽائي، اکيون....سڄيل اکيون، ساڙهيءَ سان سڪائي...... پنهنجي پريتم ڏي پکيئڙي وانگر پر ڪري اڏامڻ لاءِ سعيو ڪري. هيڏانهن هوڏانهن نهاري وجهہ ڳولڻ لڳي.

رميش ڪيس تاڻي....... وٽس ويجهو آيو، ڪيس موهہ ڀريل نگاه سان نهاري دل ڪي ناري چوڻ لڳو، "ڪملا...... بيوقوف عورت..... تون هينئر مون وٽ قابو آهين.... قيد آهين.... هتان ڀڄي وڃڻ جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏ." ڪملا نماڻان نيڻ ڪٽي..... ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي..... ڪيس نيزاريءَ سان ڏسڻ لڳي.... . هن جو چهرو پيلو ٿي ويو..... هو.......


"رميش...... پاپي، مون تي ترس کاءُ..... چنڊال.... مون کي ڇڏي ڏي.... رحم ڪر..... قياس ڪر..... اوه!..... پاپي.....!!! هو خزان ديدهہ ڀن وانگر... ٿتي...... طاقتور انسان جي ڪوريئڙي واري ڄار ۾..... ضعيف جيت وانگر ڪري پئي..... لاچار...... ٿوري عرصي کان پوءِ هن جي عصمت جو چلڪندڙ شيشو داغدار ٿي چڪناچور ٿي ويو.......

ڪملا جي هٿن ۾ ڏاڙهون هو... اهو عيوضو هو..... هن جي..... مفلسيءَ جو...... بي ڪسيءَ جو..... ناداريءَ جو....... هوءَ تيزيءَ سان جهوپڙيءَ ڏانهن وڃڻ لڳي..... آڌي رات ٿي چڪي هئي...... چنڊ لهي ويو، آسمان ڪارن ڪڪرن سان ڇانئجي ويو.... بجلي چمڪي چمڪي ڪيس رستو ڏيکاري رهي هئي...... هن جي چهري تي رنج هو..... ڏک هو... مگر هن جي دل خوش هئي..... هوءَ سمجهي رهي هئي..... تہ شايد اهو ممڪن ٿي پوي، جو...... هو پنهنجي عصمت جي پيتا سان پتي ديو جي حياتي بچائي سگهي...... اهي خيال ڪري هوءَ وڌيڪ تکڙو هلڻ لڳي. اوچتو آسمان ۾ اتر کان ڪارو طوفان ظاهر

ٿيو. اونداهي ڇانئجي ويئي. ڪملا اکيون ڦاڙي اندهيري کي چيريندي، ڊوڙڻ لڳي..... بلڪل تکي. سندس پاسن کان وڻ ڪرڻ لڳا...... مگر هوءَ ديواني پتنگ وانگر پنهنجي شمع ڏانهن اڏامڻ لڳي..... سهڪندي سهڪندي........ هن جو دم ڇڙهڻ لڳو...... مگر هوءَ بي پرواهہ.... ڊوڙندي اچي جهوپڙيءَ ۾ پهتي. هن جي ساڙهي چيهون چيهون ٿي ويئي هئي. پيرن ۾ چلڻا پاٽيءَ سان پرجي آيا هئس. هوءَ ڪٽ تي پهچڻ شرط بي هوش ٿي ڪري پئي....

آسمان ٻن دلين تي قهر ٿيندو ڏسي جوش ۾ آيو..... طوفان جو تکو ڌڌڪو ٿيو...... جهوپڙي لڏي ڪري پئي....... صبح جو ڳوٺ وارن ٻن لاشن کي هڪ ٻئي ۾ ڇهتيل ڏٺو.... ڪملا جي هٿ ۾ ڏاڙهون هو. هُو.......

•



ع۔ ق۔ شیخ

ولادت:

۸ - مارچ ۱۹۱۴ء

وفات:

۱۵ - آگست ۱۹۹۱ء